GLIMPSES OF CHETI CHAND - ANNUAL CHARITY SHOW 13th April 2019

BAHRANA & JHULELAL POOJA BY ORGANISERS & GUESTS, FELICITATION OF ORGANISERS & PATRONS




*With Best Wishes for Cheti Chand*

## MOTI (MIKE) & BEENA RAMCHANDANI

GEORGIA, USA.

# سنڌو - 2020

( 1983 کان لڳاتار شايع ٿيندڙ ساليانو اَدبي رسالو )

✧

سمپادڪ

✧ نند ڇڳاڻي ✧

✧

سال : 2020


## سنڌو يوٿ سرڪل

(رجسٽرڊ پبلڪ ٽرسٽ)

سيڪشن-22، اُلهاسنگر - 3

PIN : 421 002

Tel. 00-91-251-2734916

هيءَ مخزن شري سندر ڏنگواڻي - جنرل سيڪريٽري سنڌو يوٿ سرڪل - سيڪشن-۲۲، سنڌونگر-۳، ۴۲۱ ۰۰۲، پاران سُڌا آفسيٽ پرنٽرس، پرنس مارڪيٽ، سنڌونگر-۳، ۴۲۱ ۰۰۲، وٽان ڇپائي پڌري ڪئي.


**اِظهار جي آزادي برقرار رکي ويئي آهي.**

اُن مان اِئين نہ سمجهڻ کپي تہ سمپادڪ، ڇپائيندڙ ۽ ڇپيندڙ، ڇپيل مواد ۾ هڪ بئي سان سهمت آهن. اِئين سمجهڻ غلط ٿي ٿيندو.

شري مورج منگهناڻي

شري هرِيش ميرچنداڻي

شري رام چيٺملاڻي

نالي

جِن نشڪام سيوا معرفت

سنڌيت جو

شاندار مثال قائم ڪيو.

# ✽ فهرست ✽


| نمبر | سرو | ليکڪ / ترجمان | صفحو |
|---|---|---|---|
| 1 | سمپادڪيه | نند ڇڳاڻي | viii |
| 2 | ملڪيت (ڪهاڻي) | ايشور چندر | 1 |
| 3 | مانُ-اَپمان (ڪهاڻي) | سريچند ڪيسواڻي | 6 |
| 4 | سِچ لهڻ بعد (ڪهاڻي) | ديوي ناگراڻي | 10 |
| 5 | بشير جي ڳولها (ڪهاڻي) | لکمي کِلاڻي | 18 |
| 6 | پٽوري (ڪهاڻي) | ڪلاڌر مُتوا | 24 |
| 7 | اينا ماريه ۽ ٽي خوبصورت ڏيا (يورپي ڪهاڻي) | سوده پٽو | 28 |
| 8 | صاحب بجاڻي : سيني جو دوست - پنهنجو دشمن | نامديو تاراچنداڻي | 30 |
| 9 | ساهه سِيباڻو گوورڌن پارتي | هري همٿاڻي | 34 |
| 10 | پدم شري جيوٽلال جئرامداس | شيام سچاننداڻي | 38 |
| 11 | شادي : اِستريءَ جي آتم ترپتي، پرش جو آتم سمرپڻ | ستيش روهڙا | 42 |
| 12 | سنڌ سان عشق جو سزاوار سيد! | محمد اِبراهيم جويو | 45 |
| 13 | ڀڳت جو تاجِي پيٽو | جينو لالواڻي | 52 |
| 14 | سنڌي ڪهاڻين جي روح ۽ جسم جو ميلاپ | شوڪت حسين شورو | 65 |
| 15 | سنسڪار ۽ سنسڪرتي (سوچ جون صورتون) | اَرجن چاولا | 68 |
| 16 | ڪاٺو کهڙي پاسي ويندو؟ | ڪليم ٻٽ | 70 |
| 17 | بزم روح رهاڻ مان موڪلاڻي | رڪيل مورائي | 72 |
| 18 | حميد سنڌي - سنڌ جو اَدبي هيرو | آزاد اَنور ڪانڌڙو | 75 |
| 19 | مارچ آف آرينس (ڪتابي سمالوچنا) | رام جينملاڻي / نند ڇڳاڻي | 80 |
| 20 | اِندر پوجواڻي ڪل ڪلام (سمپادڪ : ڊاڪٽر روشن گولاڻي) | ايم. وِي. پِيماڻي (گرنٿ بابت ويچار) | 83 |
| 21 | سپنا پوکيندي-موهن گيهاڻي (تاثراتي تذڪرو) | موهن همٿاڻي | 86 |
| 22 | ڪيئن وِساريان ...! | صاحب بجاڻي | 90 |
| 23 | ماڻهو ڇا چوندا! | ٻلديو تاراچند گاجرا | 91 |
| 24 | ڪتابن سان دشمني | شوڪت شورو | 94 |
| 25 | موهن جي دڙي جي نالي بابت نهراءُ | عوامي آواز (٢٠٢٠-١-١٠) | 97 |
| 26 | وقت | شريمتي پريا ستپال | 99 |

نمبر سرو | ليک / ترجمان | صفحو


27. .... چا يارت ۾ يورپين ۽ خاص ڪري اَنگريزن ..... سريچند گرناڻي .......................... 101
جو اَڇڻ ضروري هئو؟
28. .... ڪوڙهہ (ديوناگري) ......................... پرمانند ميوارام ......................... 104
29. .... مُحقق - ڊاڪٽر روشن گولاڻي ......................... ڊاڪٽر سنڌيا چندر ڪندناڻي ........... 106
30. .... **شاعري / نظم**
اَرجن حاسد / 112؛ واسديو موهي / 112؛ پريم پرڪاش / 113؛ ايم. ڪمل / 115؛ ڍولڻ راهي / 115؛
گوپ ڪمل / 115 ؛ ڊاڪٽر ديال آشا / 116 ؛ سريچند ڪيسواڻي / 117 ؛ ڊاڪٽر روشن گولاڻي / 117 ؛
موهن همٿاڻي / 118 ؛ اَرجن چاولا / 118 ؛ اِندر يوچواڻي / 119 ؛ هينا اَگناڻي ’هير‘ / 9 ؛
پڳوان ’نردوش‘ / 9 ؛ راجيش آسوُداڻي ’رقيب‘ / 17 ؛ پريم پٽافي / 29 ؛ اسحاق سميجو / 29 ؛
پرسرام ضيا / 33 ؛ گرِيش پوپٽ ’گمان‘ / 33 ؛ نموش تلريجا / 41 ؛ ويڙهاڻي ياڳچند ’ياڳل‘ / 44 ؛
ٻلديو ٻڌراڻي ’ديپ‘ / 71 ؛ ناديا مسند / 74 ؛ يوچراج اين. ڪيماڻي / 79 ؛ ڪنعيو شيواڻي / 82 ؛
وجيا گوبند ٽيڪسنگهاڻي / 82 ؛ پڳوان اٽلاڻي / 89 ؛ موتيرام هيرانانداڻي ’موتي‘ / 89 ؛
ڊاڪٽر سنڌيا چندر ڪندناڻي / 100 ؛ مرزا قليچ بيگ / 142
**سنڌو يوٿ سرڪل جي سنڌو اَدبي ڪلاس جا اَديب ............... 120-140**
روچل ناگواڻي / 120؛ واشو برجواڻي / 121؛ نيتا لالواڻي / 121 ؛ چندر تلريجا ’سڄڻ‘ / 122 ؛
هرداس پوهوجا ’داس‘ / 122 ؛ مينا هريش سياڳاڻي ’شمع‘ / 122 ؛ جيون واڌواڻي / 123 ؛
اِندرا وِي. هِرداڻي / 123 ؛ واشديو ٽِي. واڌواڻي / 124 ؛ اَئڊووڪيٽ موهن روهڙا / 125 ؛
ساڌوُ مٽائي / 125 ؛ خوشي مٽائي / 125 ؛ ڪشن آڏواڻي ’من فقيرو‘ / 125 ؛ هري چوئٿاڻي / 126
31. .... پنچتنتر جون آکاڻيون ......................... رميش موٽواڻي (چوند) .................. 127
32. .... اَتياچار جي خلاف جَٽايوُ وانگر ساهسي - ....... نانڪرام منگلاڻي ’سنڌو سپوت) .......... 131
همٿ وارا ٻڻجو!
33. .... سنڌو يوٿ سرڪل جو اِتهاس ......................... سُندر ڊنگواڻي ......................... 133
34. .... سنڌيت جو سرسوتي محل - ......................... جٿرام روپاڻي ......................... 140
سنڌو يوٿ سرڪل
35. .... جواب (ڪهاڻي)......................... موهن ڪلپنا ......................... 141
36. .... منوهر نهالاڻي ......................... هري دلگير ......................... 142
37. .... نوٽ بڪ / ڊائريءَ منجهان (ڪهاڻي) .......... ماڻڪ ......................... 143
38. .... (۱) نالندا جو وشووديالير (۲) والميڪيءَ جي ... ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي ..... 144
وارتا (۳) اَمير عبدالرحمان جو اِنصاف
39. .... ساميءَ جا سلوڪ (بيِ.ايچ. ناگراڻي) - مهاڳ .. لالسنگهہ اَجواڻي ......................... 150

# سمپادڪيہ ...

**(پُٽي - پوني ۾ اَچڻ سان جهجهو ٽائيم مليو پوي. هِت پڇ پڄاڻ واري روز مره جي لائيف ڪونہ آهي. آرام سان ويهي سنڌوءَ جو گولڊن جبلي اَنڪ پئي اُٿلايم تہ سرڳواسي ڪمل پارواڻي جي ليک تي اَکہ اَٽڪي پيئي. شايد ڪمل پاروڻيءَ جو اهو سنڌوءَ ۾ پڇاڙيءَ وارو ليک آهي. جو هو صاحب 26.03.2014 تي سنساري سفر پورو ڪري سرڳڌام پڌاريو. ڪمل اَسانجو ننڍي هوندي کان دوست هو. ڳالهائڻ - اُٿڻ وِهڻ جو فضيلت ڀريو وهنوار هلندو هو. سرڪل جي گولڊن جبلي وقت هوءُ اَئسوسئيٽ پريزيڊنٽ چاٽايل آهي. سندس ليک پڙهي مان سُن ۾ رهجي ويس. هونءَ بہ ڪمل - ستيہ سائين بابا - باپو ۽ ساڌو واسواڻي ٽرسٽ وارن جو دل گُهريو ميمبر هو. هر سال فقط وڏي گيارس تي شمشان ڀوميءَ ۾ ستسنگ ٿيندو آهي، جنهن ۾ زالن کي بہ ڀاڳ وٺڻ جو موقعو ملندو آهي. اُتي ڪمل ڪيترا سال ستسنگ ڪيو هوندو ۽ واه واه ماڻي هوندي. پرلوڪ پڌارجڻ ڪانپوءِ اُلهاسنگر ميونسپل ڪارپوريشن وارن شهر جي شاهي گول مئدان چوڌاري روڊ سندس نالي ڪيو. باقي رهندو نالو. هاڻ مونکي ليک چڻ موڪلاڻيءَ وارو محسوس ٿيو. ان جي ياد ۾ اهو ليک ۽ ان سال جو سمپادڪيہ ورائي ڏيئي رهيو آهيان. سمپادڪ.)**

*اَڄ اِهو محسوس ٿئي ٿو تہ ورهاڱي وقت لڏي آيل ماڻهو سنڌ، پنهنجي ملڪ کي چو ٿا سارين. پنهنجو شهر - پنهنجو ملڪ - پنهنجو ديش - پنهنجو وطن - پنهنجو ...*

*۽ اِها پنهنجائپ ڌرتيءَ جي ڪڻ ڪڻ سان ملي هڪ ٿي وڃي ٿي. رت جو رشتو اِئين جُڙي ٿو. اُتان جي بستي - ماڻهو - روڊ رستا - دڪان - سڪول - ڪاليج - وڻ ٽڻ مطلب هر ساهواري ۽ بيجان ۾ پنهنجائپ ڳالهائي ٿي. اِنڪري ئي شاه صاحب چيو تہ پنهنجو ديش - وطن ڪنهن اَڌاسي کان وسرندو. اُلهاسنگر مان اُتي جيڪي ممبئي ۽ ٻئي پاسي ٿاڻيڪو تي وينا آهن اُهي بہ اُلهاسنگر کي وساريو ڪونہ وينا آهن. موقعي ۽ مهل سارو هڪ نہ ٻئي بهاني ڦيرو ضرور پائڻ اَچن، پيرو ڪونہ ڇڏين. فرق اِهو آهي تہ هِت اَچڻ لاءِ ڪين پوري آزادي آهي. ويزا جا وڪڙ ڪين ڪونہ مُنجهائين ۽ نہ وري گهمڻ گهتڻ لاءِ ڪين کي بنڌن آهن. ڪين پنهنجائپ وارو ماحول چوڌاري ملي ٿو. ڪنهن ڌارئي ملڪ ۾ آهيون اَهڙو خوف ۽ خطرو سندن دل ۾ نٿو رهي. سنڌ سان اهو لاڳو ڪونہ آهي. ماڻهن ۾ سڪ-محبت-آدر ڀاءُ سڀ قائم آهي پر پوءِ بہ ڦيريون پائڻ مهل سرڪاري بنڌن ور ور دل ۽ دماغ کي ڏک هڻن ٿا تہ ڪنهن ڌارئي ملڪ جي زمين تي بيٺل آهيون. جلد هتان نڪرڻو آهي. پير ڪوڙڻ جو تہ سوال ئي ڪونہ ٿو اُٿي - پير مٿاڇرو رکڻ باوجود، ٿپي پوَن ٿا.*

*پهرئين وڏڙن جي دل ۾ اِها آس رهندي آئي تہ جلد پنهنجي سنڌ واپس وَربو. هاڻي پيڙهيءَ جي وٿي ڪري اها آس اُفق جي دوريءَ تائين پهتي آهي. چوڌاري ماحول ان آس کي اُسرڻ بہ ڪونہ ٿو ڏئي ۽ نہ وري موجوده سياسي فضا ۾ اَهڙا خيال اُپجي سگهن ٿا. ها - ڪڏهن ڪڏهن ماروئڙن وٽان آيل ماڻهون ڏسي ڪجھہ وقت لاءِ خوشيءَ وچان منهن ٻهڪي پوي ٿو. اَڙي شوڪت آيو آهي - ها - ساڻس گڏ قمر شهباز بہ آهي. نواب منظور حسين ۽ بشير خان بہ آهن - تہ اَياز گل - تاج جويو، اَدي گلشن - ماهتاب محبوب بہ آيون آهن - مدهوش بہ اَٿوَ ...، اَمر جليل کي گيت وي*

آف انڊيا ڪان ڪالا گهوڙا ڏانهن پنڌ ڪندي ڪجهه به ڏاريو ڪونه لڳو. ڪيس روڊ رستا - بلڊنگس سڀ ته ڄڻ اڳ ڏٺل لڳا. پر اِهو سڀ عارضي آهي. اها پڪ اٿئون - جيڪو هِت ڄائو پليو-نپنو، هن ديش جي مٽيءَ ۾ هن ليٽڙيون پاتيون آهن - انهن جو هڳاءُ هن جي رت ۾ ملي وڃي ٿو. ها - پنهنجن اَبن-ڏاڏن جي ٻولي هوءُ اَڃ سوڌو ٻولي ٿو. ڪيس اها ڄاڻ آهي ته هو سنڌ ديش جا رهاڪو هئا. اُتان جا هوءُ ڏڪاڻيل ڏٺي آهن ... هاڻ هو نارايڻ شيام جون سٽون ساپيا پيو ڏسي - پڙهي ته 'هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي' ... ۽ اها سنڌ ڏسڻ لاءِ به هن کي ڪيترا سرڪاري لڪ لنگهائڻا پوندا ...

پنجاه سال لڳاتار اُلهاسنگر-سنڌونگر ۾ گذاريا آهن. سرڪل لاءِ هڪ جهوپڙي ٺاهي ويٺا هئاسين. اَڄ بلڊنگ آهي. سڀ دوست ساڳيا آهيون ... پر هاڻ سڀ وڏي عمر تي پهتل آهيون. پنهنجن هٿن سان هي ٽڪسات ڪڙو ڪيل آهي، اِنڪري ان سان لڳاءُ آهي. اَڄ جي نئين ٽهيءَ ۾ اهو ضرور ڇڏبو ٿيندو ويندو پر هاڻ انهن ۾ ٺهيل ٺڪيل - ريڊيميڊ بلڊنگ خريد ڪرڻ جي سگهه آهي ... پر اَدل اهو جذبو ڪٿان اَچي؟ اَسان ته مينهن واچوڙي ۾ سِر سِر گڏ ڪري اَڏاوت اَڏي آهي. ان لاءِ نه ته ڪو اهو اَسانجي ٻڍاپي جو سهارو ٿيندو پر اُن لاءِ ته سنڌيت قائم رکڻ جي ڪوشش ڪبي. ان ڪيل ڪوشش جي دؤران پاڻ ۾ وڙهيا جهڙيا به آهيون پر پوءِ به گڏ آهيون. وڏي عمر ۾ جي سمجهه گهٽجي ٿي ته زندگيءَ جو آزمودو گڏ رهڻ جو سبق سيکاري ٿو. سمجهه ۽ آزمودي جو گراف هڪ ڪرو بينو آهي. هر ميمبر جي محنت جي ڇاپ لڳل آهي. سِرون-چن-گارو-مٽي-سيمينٽ انهن سيني کي گڏي اهي ڪاريگر به آهن جن اُنهن سان اَڏاوت اَڏي آهي. ڪن اُن کي سونهن بخشي آهي. مضبوط پاڙ ڪٽڻ ۾ جي محنت ميمبرن جي آهي ته اُن لاءِ ناڻو ۽ همت افزائي سنڌ ورڪين جي آهي. ان ۾ به دبئي جي دلدار سڄڻن جو اهم حصو آهي. اَڄ به اُهي ٻاجهه پريا هٿڙا آسيس ڪيو بيٺا آهن.

هاڻ بلڊنگ ۾ جمخانه آهي - شادي مرادي - سوشل پنگتي ڪارج لاءِ هال آهي. سنڌي ڪتابن جي شاهي لئبرري آهي. شاگردن لاءِ ٻُڪ بئنڪ ڄڻ هڪ وردان آهي. سنگيت وندر لاءِ ڏڪڙ-باجو-مائيڪ هڪي حاضر. وڏڙن-شاعرن لاءِ شاعري ٻڌڻ ٻڌائڻ لاءِ اَدبي ڪلاس ڄڻ سينئر سٽيزنس جو ميلاپ ميڙ - ننڊي ٿهي اَدب - شاعريءَ ڏانهن توج ڪونه ڏئي ۽ نه ئي وري اَسان اُنهن جو ڌيان ڇڪائي سگهيا آهيون - ها، باقي سنڌي ناٽڪن-ڊرامن ۾ ننڍي ٿهي پارٽ وٺي ٿي. پر اُنهن جي ٻوليءَ جو اُچار-لهجو ڦِري ويو آهي. اُنهن جي دل ۽ دماغ ۾ باليووڊ ۽ هاليووڊ جا نظارا آهن. سنڌي ناٽڪ اَڃان سگهاري صحت ۾ آهي. ماحول اَڃان خوشگوار آهي. اها ڳالهه هِت نه پر سڄي هندستان سان لاڳو آهي. هاڻ جي سنڌي سڪول ئي ڪونه آهن ته شاگرد ڪٿان ايندا؟ هاڻ سڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سنڌي فقط هڪ سبجيڪٽ طور زنده رکڻ واري ڳالهه زور پڪڙيو آهي. NCPSL - راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد - دهلي وارن به سنڌي سيکارڻ جا خاص اُپاوَ ورتا آهن. اُتي به لپيءَ جو لڦڙو اَڇيو منهن ڪڍي. ڏڦيڙ وجهڻ وارن جي ڪٿي به ڪوت ڪونه آهه. هاڻ هلي-چلي قائم رکون - اهو ننڍن تي ڇڏيون ته هوءُ پاڻ ڪهڙيءَ لپيءَ لاءِ تيار آهن. تيستائين اَڪادميون وغيره ٻنهي لپين وارو سرشتو جاري رکن. سرڳواسي ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻي ديوناگريءَ جو حمايتي هو. ان صاف اَکرن ۾ اهو ظاهر ڪيو ته جيستائين ديوناگري-عربي لپيءَ جي جاءِ وٺي اوستائين مان عربيءَ ۾ به لکندو رهندس. سنڌي ساهتيه جو اکٽ خزانو جنهن لپيءَ

۾ آهي اُهو پڙهڻ لاءِ اُن جو گيان ضروري آهي. تڏهن ته اَدلا بدلي ٿي سگهندي. انڪري سنڌي سيڪارڻ جو صرف ليکو نه ڪٿيون. ان لاءِ ٻاونجاه اَکري ٻوڏ به ضروري آهي. ها - ڳالهه سرڪل جي - هاڻ اُتي گيسٽ هائوس به آهي - يوگ - جوڙو ڪراٽي جا ڪلاس آهن. هر سال سرڪل پاران ’سنڌو‘ اَدبي رسالو ظاهر ٿئي، جنهن هند سنڌ ۾ چڱي مڃتا ماڻي آهي. هاڻ اَسانجو فرض آهي ته سرڪل ۽ اهو اڪٽ خزانو سنڀالي رکون. باقي اَڳتي وارا ڇا ٿا ڪن اُهو اُنهن جو ڪرم ڌرم.

سرڪل جا در سڀني لاءِ کُليل آهن. سڀني کي هڪ مهل - ساڳئي نموني نينڊ ڏني ويندي آهي. جيئن گهر جي ٻاهران، بد نظر کان بچڻ لاءِ ڪيترا ليمون-مرچ-ڪوئلو-پادر-گهوڙي جو نال وغيره وغيره ٽنگي ڇڏيندا آهن تيئن سرڪل به ڪاڙو ڪبڙن کان بچڻ لاءِ اَهڙين شخصيتن کي اَڳيان پيش ڪندي آهي جن جو منهن آرسي وانگر اوجل آهي. جيئن بد ۽ بيحال ماڻهون اُنهن ۾ پنهنجو صحيح اولڙو ڏسي پسي سگهن.

سرڪل جدا جدا ڏڻ ملهائيندي آهي. هولي-ڏوڙيو-ڏياري-دسهڙو-چيٽي چنڊ وغيره - هرڪو ميمبر پنهنجي پسندگيءَ تي تڪو لائو ياڳ وٺي - جي ڪنهن کي ڏڪڙ باجو نه وٽندو ته نه ايندو - جي هوليءَ جو گلال ڪنهن کي پاءِ نٿو پوي ته گيهر ڪائي رمندو رهندو. مطلب پنهنجي موڄ - ٻئي کي ڪجهه ڪونه چئبو. باقي ڪئميرا جو ڪمال ته هرڪنهن هنڌ آهي. ڦوٽو ڪڍائڻو آهي ته پوءِ پروٽوڪول ڇا جو؟ جي ڪنهن کي شاعري نه ٻڌڻي آهي ته اُن جو نڪ موڙو ڪئميرا ۾ قيد نه ڪبو ... لئبرريءَ ۾ ڪتاب ايندا ته ڪو ڊيڪ ڇڏيندو ته اِجهو مئلن جا مساڻ اَچي ويا ... پر پوءِ اُهو ئي شخص ٻئي ڏينهن ڪبٽن جو بندوبست ڪندو ته بابا هي سنڀالي رکو. اَهڙا ٻاهر به ٻوڪ ٻڌبا آهن ته سائين ڊڳ ڪتابن جا پيا آهن ... بندوبست ڪٿي؟ اهو ڪونه سوچيندا آهن ته هي ڪو پگهاردار ڪونه آهي، سڀ ڪم ڪرڻ وارا نشڪام آهن. پريل پين وارا اها ڳالهه ڪٿان سمجهندا؟ اهي ته پيٽ ڪي به دهل سمجهي ڊنڊورو پٽيندا وتندا آهن. پر جي ڪم ڪرڻو آهي ته ڪن لاٿار ته ڪرڻي آهي. پر ڪيترن سچاڻ ميمبرن جي اَڪ واري سگهه اَڃان قائم آهي، جنهن مان وڏو بچاءُ ملي پوندو آهي.

وڏي خوشيءَ جي ڳالهه اها آهي ته اَڄ سرڪل جا ميمبر پنهنجن پيرن تي بيٺل آهن. گهڻو ڪري هرڪو مڇي ماني وارو آهي. ٻيو سڀني جي چال چلگت - ڪئرڪيٽر - لڇڻ بي داغ آهي. پنجاه سالن ۾ ڪنهن ڏانهن اَڄ سوڏو آڱر ڪونه کڃي آهي. رٽائرمينٽ ڪانپوءِ شخصي زندگيءَ ۾ ڪو ٽي.وي. تي پروگرام پيش ڪندو آهي ته ڪو وري ٻڍا منڊلي - سينئر سٽيزنس جي شيوا ۾ مشغول آهي. ڪو بلڊنگ ڪانٽرئڪٽر آهي ته ڪو ڪو-آپريٽو بئنڪ ۾ ڊئريڪٽر آهي. ڪو پيشي طور اِنجنيئري قائم رکي وينو آهي. گهڻن ميمبرن کي رٽائرمينٽ ڪانپوءِ به آفيسن وغيره مان ڪم ڪار لاءِ سڏ ڏيندا آهن جتان کين چڱو اپراسو پيو ٿئي. ڊاڪٽر - اِنجنيئر - وڪيلن جي هونءَ به چاندي آهي - ڪٽ ڪچڻ تائين ڪم پيا ڪندا آهن. پر سرڪل ۾ اُنهن جو يوگدان قائم آهي. ننڍ وڏائي جي عزت به قائم آهي. ننڍي ٿهي - نوَن ۾ نشڪام ڀاءُ ڪونه ٿو ڏسڻ ۾ اَچي. سڏو يا اَڻسڏو تڪڙو معاوضو کين ڪپي. ڪڏهن پرساد طور ته ڪڏهن فوٽوءَ ۾. ڪڏهن اِسٽيج تي ڪرسي ته ڪڏهن شاباسي به گُهري وٺندا. سندن چوڻ آهي ته پنهنجي مڙسي پاڻ ڪونه ڪنداسين ته ٻيو ڪير ڪندو؟ پنهنجو دهل پاڻ وڄائڻو آهي. پل وڃائين، اَسان ڪير ٿيندا آهيون کين روڪڻ وارا ... اها مان-مان جو مرض وچي ٿو وبا وانگر پکڙجندو.

سرڪل ڪنهن بہ هڪ شخص جي پرسنل پراپرٽي ڪونہ آهي. سرڪار وٽ رجسٽرڊ ٽرسٽ آهي. نہ وري ڪنهن جي ميري اَک ملڪيت تي آهي. ڪين خبر آهي هِت اَڪيون ڪيڏي وارا بہ ڪوڙ تہ ٻاجهہ ڀريا هٿڙا بہ ڪوڙ. پنجاه سالن جو سفر اَڄان گهڻو ڪجهہ لهڻي. پر سرڪل جي تواريخ - هِسٽري لکڻ جو نيڪو ٻئي وٽ آهي، هِت ٿوري ۾ ٽيلر پيش ڪيو اَٿم.

**- نند ڇڳاڻي**

18 مارچ 2020، سنڌونگر.

## پٽ پڇاڙيءَ جي منهنجي سائين رکجانءِ

**✍ ڪمل پارواڻي (اَئسوسئيٽ پريزيڊنٽ)**

هن سنسار ۾ اَسان سڀ ڪٺ پتليون آهيون. پرماتما اَسان کان ڪجهہ ڪرائڻ چاهي ٿو، اُهو پارٽ ڏئي ٿو. هن رنگ منچ تي اَسان پنهنجو پنهنجو پارٽ ڪيون ٿا. ڏور هن جي هٿ ۾ آهي. پيو ٿو نچائي. زندگيءَ جي هن لمبي سفر ۾ ڪيترا اَنيڪ مليا آهن - ڪي ڪتا ڪي منا - اَنيڪ سسٿائون - اَنيڪ اُنهن جا ميمبر - اَنيڪ دوست ... هڪ جنون سماج شيوا جو - ڏينهن رات ڏک ڏُکان - ڌنڌو ڪاروبار ڏک ڏُکان - راڄنيتي ڪيتر ڏک ڏُکان - ڌارمڪ سنسٿائون ڏک ڏُکان - ڏک ڏُکان - ڏک ڏُکان. زندگيءَ جا سڀ رنگ - ڍنگ ڏسي ڏُکي ڏُکي آخر وڏيءَ عمر ۾ ڪي ٿڪجن ٿا، ڪي اَڄان ڏُکن ٿا.

هر اِنسان من جي شانتي ۽ آنند پائڻ لاءِ ڏُکي ٿو ۽ آخر ۾ گهڻو ڪري سنساري ڏک ڏُکان ۾ ڪيس اَشانتي پراپت ٿئي ٿي. جيتوڻيڪ هرڪنهن جو اَنيو ٻيو پيي ٿي سگهي ٿو. سنسٿائن ۾ اِئين چوندا آهن تہ ماڻهون نالي جي ڪري ڏُکي ٿو پر پرماتما جي پاسي ڊڪڻ سان سچو ستگرو ٻڌائي ٿو تہ مان وارو ناتو ڀُڙي هئہ زهر ڪيِ - ان کان پري رهندا تہ اَلوڪڪ آنند اَندر ۾ - چت ۾ چئن، من ۾ مؤج تِڪڻ واري قائم رهندي.

سڀ شاستر - گيتا - اَنيڪ پوتر پستڪ اهو سمجهائن ٿا تہ اُن يار - رب کي ريجهاءِ، پوءِ ڀلي سماج جا، سنسار جا ڪم ڪر - چت ڊانوا ڊول نہ ٿيندو. سچ آهي - آد سچ - جڳاد سچ - هئہ ڀي سچ - نانڪ هو سي ڀي سچ.

اهو ٿورو اَنيو مليو آهي - وڏيءَ عمر ۾ ڊڪ ڊوڙ ڪرڻ ڏکي ڳالهہ آهي - پر ملي ٿو سچو سک هي رام تنهنجي چرنن ۾، هي شام تنهنجي چرنن ۾. ان لاءِ اَڄ ستسنگن ۾ لکين ماڻهون ڪنا ٿين ٿا.

منهنجي ڀي سائينءَ کي اها ئي التجا آهي تہ پٽ پڇاڙيءَ جي منهنجي سائين رکجانءِ. عرضي اَسانجي، مرضي اُن يار جيِ.

## Chander Manghnani



پريزيڊنٽ شري چندر منگھناڻي
جا ٻه اکر.....

***President's Message....***

19th March 2020

Dear Sunder,

Cheti Chand joon Waadhayoon.

It is over six decades that we laid the foundation of our Sindhu Youth Circle. We have covered a long distance and achieved much towards our goal of promotion of Sindhiat. We have a well stocked book-bank, Lekhraj Aziz Library with impressive thirty-three thousand books, Murij Gymkhana, a well-connected Women's Wing, an auditorium where we organise inter-collegiate drama competitions and music classes, Adabi Baithaks, Yoga classes... and so on. All this of course sounds impressive but much ground has to be covered as yet...

I personally feel quite optimistic for the future and I know our Circle has done remarkable work so far if we look back since its inception. But now I think it is not so much a question of funds and resources as that of need for a mass participation of the community, especially the youth, in our vision. One way of doing that is to invite, attract and involve as many people, especially youngsters so that creativity and innovation can be made possible. Fast changing realities need fresh approach and new out-of-the-box ideas. If the old face of Sindhiat is less appealing to the youth we must replace it with something new and agreeable.

We must absorb and appoint young Sindhis into our organisation by giving them responsibilities, this way they will have a commitment and bonding with us.

Youth has always been a society's nectar of hope !

Wishing you the best year ahead.

Your partner in progress,
**Chander Manghnani**

# SINDHU YOUTH CIRCLE LIFE TIME ACHIEVEMENT AWARDEE 2020

**BIO-DATA**



**Dr. AJEET MOTIRAM MANYAL**

"Out House" Vivek Mangal Varsha CHS. Ltd.,

120-West Avenue, T.P.S. IV, Santacruz (West),

Mumbai 400054

Tel. Nos.: (R) **2648 66 09, (O) 2644 10 94 / 2655 57 75, 9820064891/ 9321222000**

Email: **ajeetmanyal@gmail.com**

| | | |
|---|---|---|
| Date of Birth | : | **25th May, 1953** |
| Place of Birth | : | **Jaipur (Raj)** |
| Profession | : | **Businessmen** |
| Mission | : | **Serve Man Serve God through politics & Social awakening** |
| Vision & Passion | : | **Clean / Green / Eco friendly Mumbai** |
| Language known | : | **English / Hindi / Marathi / Sindhi / Gujarati / Punjabi** |
| Education | : | **BSc** |

**OBJECTIVE:**

To make India Clean /Green & Corruption free

**POLITICAL INTEREST :**

Very Active Member of JanSangh now BJP for a very long time. Held responsibility's from ward level to Mumbai office bearer, made constant and sustained efforts to carry the party's philosophy of Ekatma Manvwad, Cultural Nationalism, national Unity, Democracy and Serva Dharma Sambhav, the eternal values of BJP to wide cross-section of society.

**ACHIEVEMENT**

**SINDHU DARASHAN ABHIYAN, LEH-LADAKH** (J.K.) Convenor-Maharashtra (7yrs),
Motivated more than 100 tourist & took along to **LEH-LADHAK.** Every year.
**INTERNATIONAL INDUS EXPEDITION** – Ladhak – Jammu Kashmir - Vice Captain - (Twice)
Organized **SINDH YATRA (PAKISTAN)** with 150 Participants (2010)
Organises all religion prayer get together since last 20th years
Attended more than **INTERNATIONAL CONFERENCES** in different conference & presentation part of the world on various subjects.
For social / political causes went to custody(Jail) more than 30times.
Acting in many stage dramas

**POSITIONS HELD**

- Third Year Trained : Rashtriya Swayamsevak Sangh
- Founder Trustee / President : Hindu Sewa Samaj
- All India President : Vishwa Sindhi Seva Sangam ( 250 Chapters)
- President : Bandra Hindu Association
- Secretary : Global Sindhi Council
- Secretary : Bhartiya Janata Party – Mumbai
- Secretary : The Khar Bandra Residents Welfare Association.
- Executive Member : Bhartiya Janata Party - Maharashtra
- Convenor : Sindhi Cell - Bhartiya Janata Party – Maharashtra
- Executive Member : Vivekanand Kendra, Kanya Kumari
- Ex- Executive Member : National Promotion of Sindhi Language

- Member : Federation of H/West ward Citizens Association (Ex)
- Member : Janakalyan Sahakari Bank Ltd.
- Member : The Mumbai Diamond Merchant Association
- Member : Bharat Diamond Bourse, Bandra Kurla Complex
- Ex. Special Executive Magistrate (S.E.O.), Govt of India.
- Ex. Department Advisory Committee Member MTNL, Govt. of India.

**SUMMARY OF QUALIFICATIONS:**

Excellent collective leadership skills.
Dynamic, confident and having strong administration, organizational and planning skills.
Good written and verbal communication skills.
Ability to organize activities and mass events
Positive Attitude and the ability to manage challenging situations.

**JOB DESCRIPTION :**

Formed and participated in all community based youth leadership group.
Planned and leaded professional / educational activities and lessons.
Assisted in fundraising activities.
Organizes snacks and meals for needy
Incorporates & program liaison parents and guardians into educational events.
Recruits youth into the motivational program.
Serves as advocates for the program and all issues.
Preforms other duties as assigned.
Organises games, contests, public awareness rallies, blood Donation, symposia, Medical camps, seminars, workshop and social activities. Donated blood 77times.
Supervise and positively interacts with children, youth & senior citizens
Provides first aid treatment as necessary.
Prepares complete and accurate daily records and report.
Implements behaviour modification techniques as instructed.
Attends staff meetings and training as required.
Maintains the order, safety, cleanliness all around.
Participates in the quality improvement process.

**ASSOCIATES ORGANISATION :**

Ganga Kaveri Sangam
Mahavir Medical Hospital – 14th Road – Khar
Ramkrishna Mission – 12th Road – Khar
Dayawanti Hall – Khar
Vedant Mission – Mumbai
Daughter of St. Paul – Waterfield Road – Bandra
Ram Pyari Trust Mataji Darbar – 5th Road
Suvidha Foundation
Bhartiya Sindhu Sabha
Chhatlok Poonam Foundation
Bhartiya Senior Citizen's Association
Brahmin Yuvak Mandal
Sindhu Foundation
Lion's Club of Bandra East
Guru Gangeshwar Dham – 6th Road,
Parmanand Bhandar – Khar Pali Road
Prem Prakash Aashram – 19th Road, Khar
NIJ THAWN – Khar

Friends of International Sindhis
Arya Samaj, Linking Road, Santacruz
Bahenji Darbar – Linking Road, Khar
Vivekanand Club – Bandra
Khatwari Darbar – Linking Road, Khar
The Linking Road Commercial Association
Sahyog Foundation
Sindhi Social Samaj
Rotary Club of Bombay Bandra
Lion's Club of Linking Road, Khar
Bandra Sindhi Hindu Panchayat
Lion's Club of Mumbai – North Metropolitan
Gobind Dham,3rd Road, Khar
Lokhit Kutir – 16th Road, Khar
Radha Swami Satsang
Senior Citizens Association of Greater Bombay
SindhiRishtey.com
Bharat Vikas Parishad

**( 24/7 – 365 days accessible )**

# SINDHU YOUTH CIRCLE LIFE TIME ACHIEVEMENT AWARDEE 2020

## BIODATA



**Name** : **Mohandas Ranjhan Valecha**

**DOB** : 4th February, 1945

**Place of Birth** : Gadihasi. (Sindh) Undivided India

### Early life:

Shree Mohandas Valecha was born as a grandson in the well known business family of Seth Motiram Meharchand. Father Kavi Master Ranjhan was a renowned Sindhi poet, song composer and lyricist. In his early age, during partition the entire family had to leave everything behind after which they settled in Ulhasnagar. There they started again from scratch.

Being the eldest child of the family Mr.Mohan a self-made man started sharing his family's responsibilities along with his father at a very young age. He started working in different small industries where he learnt the working of lathe machine and the art of mould making for unique products and there began the dream of entrepreneurship.

### Professional aspects:

As it is said, " A dream doesn't become reality through magic; it takes sweat, determination and hard work." "
With his hard work and determination in 1969, he started his small factory with one small machine and started the production and supply of water treatment components to some famous water treatment industries like ION Exchange (I) limited.

Expanding day by day with aptitude and mastery in his field, in 1980 Shree Mohandas ji started with 2 more factories one in Ulhasnagar and other in Mulund to serve companies like Rallies, Crompton, etc.. Further in 1999 flying the wings in South India and opening a new unit in Hosur, Tamil Nadu. serving and diversifying his expertise in Automobile industry such as Ashok Leyland.
"Difficult roads often leads to beautiful destinations." This holds so true for Valecha ji.
Further the journey continues.... as "Success is not a point to be reached. It's a continuous journey of conquering your dreams." Factories in Bangalore equipped with ultra modern and automatic machinery, ISO & IATF certified and amongst the one of the largest Auto Industry supplier for Maruti Suzuki, Ford, TVS Motors, Hyundai, Kia Motors and many more..... They were selected by ET NOW News Channel for the India's Top 5 for Leaders of Tomorrow' & several other recognitions.

### Social Involvements:

Since the very beginning Shree Mohandas Ji had the motto of helping others and contributing to the betterment of people around him. Apart from this he passionately promotes Sindhi culture through gatherings and celebrates its essence of it. In 2015, in loving memory of his beloved father Kavi Ranjhan, he set-up a community hall - Master Ranjhan Sindhu Bhavan with the sole aim of celebrating and promoting Sindhyat.
A Sindhi Musical Dhamaka is held every 3rd Sunday of the month and singers all over India are invited to showcase their talent. Several other gatherings such as skit, bhagat, folk dance performances,fancy dress,101 Bahrana, 101 sukhmani, food festival, organising film shows at theature, celebration of festivals all in our mother language Sindhi are held at MRSB. Even social & cultural activities like health check up camps, daily free yoga & free summer/training camps for the youth are held from time to time.
Apart from this he made Documentary Film 'Sindhi Sangeet Samraat' on Kavi Master Ranjhan, published books 'Raag Saa Rejhaai' and 'Ranjhan Ju Rahaniun', video song album 'Raag Saa Rejhaai' in his voice.
He has been felicitated by various organizations for Promoting Sindhi Culture & Traditions.

Today he lives his dream and continues this special journey by contributing back to the society and expanding his business through his undying efforts and intelligent approaches.
With him as an inspiration we put a message to the generations ahead -
"We don't grow when things are easy.
We grow when we face challenges."

## SINDHU YOUTH CIRCLE STAR AWARDEE 2020

### PROFILE



Mr. Nilesh Virumal Vazirani born on 13th September 1983. His Father Mr. Virumal K. Vazirani was an Indian Navy Officer and Mother Mrs. Sunita V. Vazirani was Joint Chief Controller in Import-Export Textile. He is happily married with Disha Nilesh Vazirani and blessed with sweet little angel Thrisha Nilesh Vazirani. After completing his education Mr. Nilesh Vazirani joined his brother's business Mahalaxmi Motors which is oldest used car showroom in Ulhasnagar from last 25 years. Also he is the chairman of Sai Baba Urban Co- operative Credit Society Ltd. He joined Rotrary in 2008 and soon became president in 2016-17 and was honoured as Youngest President in District in the age of 33 years. As a President in his tenure he made a record of doing 51 projects and was honoured by Gold Award from the hands of the District Governor. This great achievement as Youngest President was covered by media for 125 days constantly that is the public service given by him was appreciated so much that media covered it for more than 125 days and was thus again solely honoured with best Public Image Award with hands of District Governor which is in its own the greatest achievement of life and was declared as the Best President of the Rotrary Club of Vithalwadi, He worked with right from UMC Comissioner to District Collector. During the period of demonitization of 8th november 2016 he arranged the biggest Cashless Seminar in the district under his Presidentship and was appreciated by the District Collector DI Mahindra Kalyankar. In the very same year of 2016-17 he became a Vice Chairman of College Of Club Leaders which was again a record of Youngest Vice Chairman in College Of Club Of Leaders Many-a times he winned best Rotrarian Award in his 12 years Rotrary Journey. Currently he is giving his service as a Youth Chairman in District 3142. He has been now declared as an Assistant Governor Of The District 3142 for the upcoming year 2021. Apart from his Social and Professional Carrier now coming to his Personal life. In his Personal life he has a great passion of Cricket and right from his Childhood he is still playing professional Cricket and has winned many Trophies in his life. He has played cricket for the Ordinance Factory for the 2 consecutive years. He has also played 1 year for the Bank Of Maharashtra. From the last 14 years he is the Captain of Ulhasnagar Taluka Cricket Association. He has win more than 100 times man of the match Award. and he has winned the Best Player Of the Year for more than 14-15 times in his 20 years of Cricket. One of the Biggest Award The best Player of the year was given to him by Ramakant Achrekar sir who is the coach of Sachin Tendulkar in 2005-06. The another greatest Award he received from the City Press Club of Ulhasnagar was the "Navratna Award" in 2014 for his contributions in professional cricket. In the year 2017-18 he winned The Best Bowler of the Tournament Award in the District 3142 by taking 15 Wickets in the 5 Matches & his team won the finals. In RPL Challengers cup November 2019 he won best bowler of the tournament not only this but he also won the final Platinum cup in Haryana. currently he is the captain of Rotary club of Dombivli Midtown City. Now coming to the organisations with whom he is associated 1) he is the Patron Member of the "Sindhu Youth Circle" which is the 50 year old organisation working for the Welfare of the Sindhi community (2) He is the Founder of the UFC group which is the biggest group of the Ulhasnagar. Celebrating Lord Ganesha Utsava since 25 years. 3) He is the president of Ulhasnagar Taluka Cricket Association (4) And now he is been Selected and Represented as a Mentor of ROTARACT Club of MIM College for the upcoming 2 years through his club. In this way he is associated with many organisations and NGO's which are working for the well being of the Sindhi Community.

Thanks,

Jai Jhulelal.

## SINDHU YOUTH CIRCLE STAR AWARDEE 2020

**Bio-Data**



Name : **Vinod K. Bhurani**
Entrepreneur

Address : 104, Shree plaza, Opp. Maheshwari Hosp., Kailash Colony, Ulhasnagar-5

Mobile : +91 9822065844

DOB : 13/02/1970

Education : B.com (University of Mumbai)

Business : Oscar Advertising, rishto.com

Social Field :

1. President : Rotary Club of Ulhasnagar Midtown in the year of 2016-17.
2. Project chairman: Rotary Sindhi Marriage Bureau from last 20 years.
3. Project Chairman: Ann-Daan project where more than 150 families are given ration every 3rd Sunday of the month, from last 10 years.
4. Youth Incharge of Sathya Sai Seva Samiti, Ulhasnagar for 3 years from 2015 to 2018.
5. Hospital incharge of Satya Sai Health Centre, Ulhasnagar 5 from 2019.

## SINDHU YOUTH CIRCLE STAR AWARDEE 2020



**Mohit Karira** a Sindhi Artist working in Sindhi Movies, Stage Plays, Episodes etc. Directed more than 10 Short Films for YouTube. Organiser of Sindhi Stage Shows at a Grand Level and Founder, President of SINDHI YUVA RANGMANCH. Winner of MAHARASHTRA SINDHI TALENT HUNT 2nd Runner Up of NATIONAL LEVEL SINDHI CONTEST ACROSS INDIA in ANCHORING. 3rd Prize Winner of KHILAN MANA AAHE - A SINDHI STAND UP COMEDY COMPETITION ACROSS INDIA.

## SINDHU YOUTH CIRCLE STAR AWARDEE 2020



**Karan Suresh Khemani**
Young Sindhi Singer.
Sindhi Ideal 2nd position winner with lot of potential.

کھاڻي:

# ملڪيت

**✍ ايشور چندر**

دروازو کولڻ سان، اَوَل تہ مان ڏانهس نهاريندو ئي رهيس. پر پوءِ، مان اَڃان سوال پڇڻ لاءِ پنهنجا چپ کوليان ئي کوليان، ان کان اَڳ ئي، هن شخص نهايت اَدب وچان پڇيو، ”اَسين اَندر اَچي سگهون ٿا؟“

”ها ... ها ... ڇو نہ ... ڇو نہ ... اَچو ... اَچو!“ ايترو چوندي ئي منهنجي نگاهہ ان عورت ڏانهن کڄي ويئي، جا ان شخص سان گڏ آئي هئي ۽ دروازي کان ڪجهہ پريرو، چپ چاپ بيٺي هئي.

مون ان عورت ڏانهن نهاريو، تہ سندس هڪ هٿ نهايت نزاڪت وچان ٿورو مٿتي کڄي آيو ۽ پوءِ سندس چپن هلڪي آواز ۾ ”آداب“ چوڻ جي اَنداز ۾ ڪجهہ پڙڪيو. مونکي لڳو تہ پڪ ئي پڪ، هوُ ڪنهن سني ۽ سپيہ ڪٽنب سان تعلق رکندڙ آهن.

مون بہ اَکيون جهڪائي سندس ”آداب“ کي عزت ڏني.

اَندر اَچي مون کين صوفا تي ويهڻ جو اِشارو ڪيو ۽ پوءِ، سوالي نگاهن سان مان ڏانهن نهارڻ لڳس.

منهنجين نگاهن ۾ لڪل سوال کي، ان شخص شايد پاڻپي ورتو، ان ڪري ٿورو مرڪي چيائين، ”توهان سان شايد هيءَ پهرين ملاقات آهي ...!“

مون صرف ”هاڪار“ وچان ڪنڌ لوڏيو ڇڻ چوندو هجان، ”ها، شايد ...!“

ان تي، ان شخص، وري بہ چپن تي ساڳي مرڪ آڻي چيو، ”اَسين شايد اَڃان هڪ ٻئي لاءِ اَجنبي ئي آهيون ... نہ؟ ... ۽ مان سمجهان ٿو، تہ ملاقات يا سُڃاڻپ وغيره کان اَڳ، سڀ اِنسان هڪ ٻئي لاءِ اَجنبي ئي هوندا آهن ...“

مون بہ ٿورو مرڪي، وري پنهنجا ساڳيا بہ لفظ دهرايا، ”ها ... شايد ...!“ اِن تي، هن يڪدم پنهنجو تعارف ڏنو، ”خاڪسار کي محمد اَمين چوندا آهن ... ۽ هيءَ ... جيڪا مون سان گڏ آهي، منهنجي گهر واري آهي، فاطما!“ کن ترسي هن وري مون کان سوال ڪيو، ”توهانجو اِسم شريف ...؟“

مون کيس پنهنجو نالو ٻڌايو، تہ هن وري پنهنجي ڳالهہ کي اَڳتي وڌايو، ”اَسين سرحد جي هن پار کان آيا آهيون ... ورهاڱي کان اَڳ اَسين هتي ئي رهندا هئاسين ... صرف رهندا ئي ڇا ڄاوا-نپنا ئي هتي آهيون ... ان ڪري دل تہ گهڻن سالن کان هئي، تہ هڪ دفعو ان گهر، انهن گهٽين مان گهمي اَچون، جتي جي مٽيءَ ۾ يارن سان رانديون - رهاڻيون ڪيو هيونسين ... پر اَدا! سرحدون بند هيون ... انڪري دل پليو وينا هئاسين ... هاڻي جڏهن ٻنهي ملڪن وچ ۾ سٺائو

واءُ لڳو آهي، تڏهن وچي ٻنهي پاسن جا ماڻهو، هڪ ٻئي سان مڪاميلو ڪرڻ لائق بڻيا آهيون ...!‘‘

مونکي بيحد خوشي ٿي، تہ مان ان شخص سان گڏجي رهيو هوس جو منهنجي ملڪ مان آيو هئو ۽ جنهن ملڪ جي مٽيءَ جو هڳاءُ اڄ بہ جڻ منهنجين نسن ۾ گُهمي رهيو آهي. مون ان شخص کي ٻڌايو، تہ مان بہ سرحد جي هن پار جائو هوس ... ۽ لڏپڻ ۾ اَسين بہ پنهنجو ملڪ ڇڏي آيا هئاسين.

تنهن تي هن چيو، ’’مون کي خبر آهي ... توهان جو در کڙڪائڻ کان اڳ، توهانجي پاڙي جي ٿي ڇوڪري کان، مون توهان بابت ٿوري ڄاڻ حاصل ڪري ورتي هئي ... تڏهن تہ ايندي ئي مون توهان سا هتي جي مڪاني ٻوليءَ ۾ ڪونہ ڳالهايو ...! اَسين بہ هاڻي اُتي توهانجي ٻولي ڳالهائڻ سکي ويا آهيون.‘‘

اِن وچ ۾، منهنجو ڌيان اُن شخص جي زال ڏانهن هليو ويو، جيڪا چپ چاپ اَسان ٻنهي جون ڳالهيون ٻُڌي رهي هئي. هوءَ ويچاري ٻور نہ ٿئي، انڪري، ٻئي ڪمري مان مون پنهنجي زال کي سڏ ڪيو. هوءَ آئي، تہ مون ڪيس ٻڌايو، تہ هيءُ ٻيئي سرحد جي هن پار کان آيا آهن.

منهنجي زال بہ ڏاڍي خوش ٿي ۽ محمد جي زال جي ڀر ۾ ويهي، ڪيس ڪيڪاريائين. پوءِ هوُ ٻيئي بہ پاڻ ۾ ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ ويهي رهيون. سندن ڳالهين مان خبر پيئي تہ من جي ڪا مراد پوري ٿيڻ لاءِ هنن سکا ڪئي هئي، تہ جي اَللھ تعليٰ سندن مراد پوري ڪئي، تہ هو ٻيئي، هڪ ڏينهن خواجہ صاحب جي درگاهہ تي چادر چاڙهڻ ضروري ويندا.

۽ شايد اُن ئي مقدس ڪم سان هوُ ٻيئي هتي آيا هئا.

اَسان اَڃان ڳالهيون ئي ڪري رهيا هئاسين، جو اِن وچ ۾ منهنجي ڌيءَ، مهمانن لاءِ ڪجهہ چانهہ-ناشتو کڻي آئي.

هوُ ٻيئي چانهہ پيئندا رهيا ۽ وچ وچ ۾ اَسان جي ڪمري ۽ آڱنڊ وغيره کي ڌيان سان ڏسندا رهيا. هوُ شخص رکي رکي ڪڏهن پنهنجن اَکين وارن تي هٿ ڦيري رهيو هئو، تہ ڪڏهن وري اَکيون بند ڪري جڻ ڪجهہ سوچڻ پئي لڳو.

جڏهن ٻنهي جڻن چانهہ پي لاٿي، تہ مون ان شخص کان پڇيو، ’’ناچيز لائق ڪا خدمت هجي تہ حڪم ڪريو ...!‘‘

مونکي لڳو، تہ ٿوريءَ دير لاءِ هو شخص جڻ ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾ وڃي پهتو هئو. منهنجي سوال تي هن جڻ ٿورو چرڪ ڀري چيو، ’’نہ ... نہ ... خدمت وغيره ڪابہ ڪانهي ... اَسين تہ بس، اِئين ئي توهان کي ٿوري تڪليف ڏيڻ هلي آياسين ...!‘‘

مان سمجهي نہ سگهيس تہ هو آخر چوڻ ڇا ٿو چاهي؟ ... يا وري، جي آيو آهي تہ ڪهڙي ڪم سان؟ ... هن شايد منهنجي من جي حالت ڄاڻي ورتي. چيائين، ’’اَسين توهانجو مڪان ڏسڻ آيا آهيون ...!‘‘

مان وائڙو ٿي ويس تہ منهنجي مڪان ۾ اَهڙي ڪهڙي خاص ڳالهہ آهي، جو هي اُن کي

ڏسڻ ٿا چاهين.

هن شخص وري ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”حقيقت ۾ لڏپلاڻ کان اڳ، اسين هن مڪان ۾ ئي رهندا هئاسين ... اسانجي عمر جو هڪ لنبو عرصو، هنن ديوارن ۾ ئي گذريو آهي ... اَلائي ڇو، سالن کان مونکي اها آنڌ مانڌ ستائي رهي هئي، تہ وڃي ان اڱڻ جي مٽيءَ کي هڪ دفعو پنهنجن هٿن سان ڇُهان، جنهن تي، شام جو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي، اسين گهر وارا خواه دوست - دڙا رهاڻيون ڪندا هئاسين.“ ايترو چئي، هو شخص صوفا تان اُٿي، ٻاهر اڱڻ ۾ ٿهلڻ لڳو. پنيان پنيان سندس گهر واري بہ اُٿي آئي. رڪي رڪي هو شخص اسان جي گهر جي پٽين کي اِئين ڇُهي رهيو هئو، جيئن ڪو ڏاڏو، سالن ڪانپوءِ پرڏيهہ مان موٽي آيل پنهنجي پوٽي کي ڇُهندو هجي. سندس زال بہ حسرت ڀريل نگاهن سان، مڪان جي چوطرف نهاريندي رهي.

ڪجهہ دير بعد، ان شخص وري ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”سچ پڇو! ... اسان تہ اُتي اِئين سمجهي ويٺا هئاسين، تہ اسانجو مڪان ڪنهن ڍهرائي پٽ ڪيو هوندو ... ۽ پوءِ، اُتي پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪو بنگلو وغيره ٺهرايو هوندائين ... حقيقت ۾ اسانجو مڪان ڏاڍو پراڻو هئو ...!“

مون بہ سندس ڳالهہ جي پٺڀرائي ڪندي چيو، ”ها، اسان جڏهن هيءُ مڪان ورتو هئو، تڏهن سچ پچ ڪافي پراڻو پئي لڳو، پر پوءِ هڙان بہ پئسا لڳائي، اسان هن جي مرامت ڪرائي ... اَدل! ملڪ ڪهڙي ۾ بہ رهجي، اَجهو تہ سڀ ڪي ڪپي ...!“

هن جي اکين ۾ هلڪا لڙڪ اُڀري آيا. ڀريل آواز ۾ چيائين، ”مونکي اِئين پيو لڳي، ڄڻ منهنجي اُکهاڙي مڪان کي توهان ڪپڙا پهرائي ڇڏيا آهن.“ هن ممتا وچان وري گهر جي پٽين تي هٿ ڦيرڻ شروع ڪيا. پوءِ مون کان پڇيائين، ”توهان اُتي ڪٿي رهندا هئا؟“

مون کيس پنهنجي ڳوٺ جو نالو ٻڌايو، تہ هن وري ٻيو سوال ڪيو، ”اُتي توهان وٽ پنهنجو مڪان وغيره بہ هوندو؟“

پنهنجو پاڻ هڪ ٿڌو شوڪارو منهنجي وات مان نڪري ويو. چيم، ”ها، هئو!“ ۽ پوءِ، مون کيس ٻڌايو تہ ڪيئن اسين پنهنجي گهر کي سينگاري رکي آيا هئاسين، تہ واپس تہ اچڻو ئي آهي ... سوچيو هئوسين، تہ هيءَ لڏپلاڻ تہ سڀ عارضي آهي.“

ان ڳالهہ جو هوُ ڪهڙو جواب ڏئي، اهو سوچي هو ڄڻ مُنجهي ويهي رهيو. کيس بہ شايد ساڳيو ئي احساس ٿيو تہ تڏهن پلا ڪنهن تي ڄاتو، تہ سرحدن جا ليڪا اَچا بہ گهرا ڪيا ويندا ۽ سرحدن جي، ڪنڊن واريون تارون، اِئين اِنسانن کي پنهنجي مٽيءَ کان وڇوڙي ڇڏينديون.

هن جي نظر پوءِ اڱڻ ۾ لڳل نم جي وڻ ڏانهن کڄي ويئي. ٿورو مرڪي چيائين، ”نم جي هن وڻ مان روز تازيون تاريون پٽي، اسين ڏندڻ ڪندا هئاسين.“ ايترو چئي، هڪ ننڍڙي ٽاري پٽي، ان جا پن الڳ ڪري، هن ٽاريءَ کي چباڙڻ شروع ڪيو. پوءِ وري ٿورو جذباتي ٿيندي چيائين، ”سواد ۾ ڪو فرق ڪونهي ... اتي جي نم جو بہ ساڳيو ئي سواد آهي جهڙو هن نم جو

آهي ...!“ ڪن ترسي، هن وري هلڪو ڪلي ڇوڻ شروع ڪيو، ”توهانکي هڪ مزيدار ڳالهه ٻڌايان ... اَسان جي گاڏي جڏهن سرحد تي پهتي، تڏهن منهنجي نگاهه، اَلائجي ڇو، آسمان ڏانهن کڄي ويئي. اُن وقت مان سوچڻ لڳس، تہ سرحدن جا هيءُ ليڪا آسمان ۾ ڇو ناهن؟ پڪي - پکڻ هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ ڏانهن اُڏامي رهيا هئا. انهن لاءِ بہ سرحدن جا ليڪا ڪونهن. پوءِ ڀلا، اَسان اِنسانن جي وچ ۾ اِهي ليڪا ڪنهن پيدا ڪيا آهن؟“

ڪوبہ جواب نہ ڏيئي، مون صرف ٿورو مرڪي ڏنو.

تڏهن وري، ڳالهه جو رخ بدلائڻ جي خيال کان، مون کين چيو، ”ٻڌو! هڪ عرض آهي. اُميد تہ توهان انڪار نہ ڪندا.“

هن يڪدم ڦڙتيءَ وچان جواب ڏنو، ”نہ ... نہ ... توهان حڪم ڪريو ...!“

تڏهن مون وري وينتيءَ ڀرئي لهجي ۾ کين چيو، ”منهنجي ملڪ مان آيا آهيو ... مهمان تہ آهيو، پر گڏوگڏ ڄڻ اَسانجا پنهنجا بہ آهيو ... آيا آهيو تہ هڪ ويلو اَسان وٽ ماني کائي وڃو ...!“

هن ٿوري لچاري لهجي ۾ چيو، ”نہ! توهان هرويرو اها تڪليف ڇو ٿا ڪريو؟“

مون چيو، ”اِن ۾ تڪليف جي ڪا ڳالهه ڪانهي ... اَلائجي ڇو، مونکي خوشي ٿي رهي آهي ... ڏسو نہ! روٽي تيار ٿئي پيئي ... توهان لاءِ ڪا خاص تہ رڌائي ڪانہ اَٿم ...!“

منهنجي زال بہ، فاطما تي روٽي کائڻ لاءِ زوربار آٽڻ لڳي. تڏهن هنن بہ وري ڪو انڪاري ضد نہ ڪيو.

اَندر ڪمري ۾ ايندي، هن هڪ دفعو رنڌٽي ڏانهن ليئو پاتو ۽ پوءِ رنڌٽي جي دريءَ ڏانهن يڪ ٽڪ نهاريندو رهيو. ڪجهہ ترسي هن مون کان پڇيو، ”رنڌٽي کي توهان ڀڃي نهرايو آهي يا بس صرف مٿان ئي مرامت ڪرائِي اَٿوَ؟“

مون چيو، ”صرف مٿان ئي مرامت ڪرائي اَٿئون.“

هو ان ڳالهه تي بس ٿورو مرڪيو ۽ پوءِ سڀ اَندر ڪمري ۾ هليا آياسين.

جيسين رسوئي تيار ٿئي، تيسين اَسين پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا رهياسين. هنن جي ڳالهين مان لڳو تہ ٻئي ڏينهن هوُ هتان روانا ٿي ويندا ۽ پوءِ ٻيا ڪجهہ شهر گهمندا گهمندا، پنهنجي ماڳ موٽي ويندا.

روٽي کائڻ وقت، ٻيئي ڄڻا خاموش رهيا، مونکي لڳو، محمد ڄڻ ڪنهن گهرِي ٽٻيءَ ۾ پئجي ويو هئو.

روٽي-پاڻي کائي، هنن اَسان کان موڪلائڻ چاهيو. ان ننڍڙي ملاقات ۾، اَسان ٻنهي ڪٽنبن جي وچ ۾ ايتري تہ پنهنجائپ پيدا ٿي ويئي هئي، جو ويندي ويندي هو اَسان کي بہ نينڊ ڏيندا ويا، تہ ڪڏهن اَسان جي ملڪ اَچو ... توهانجي تہ پنهنجي مٽي آهي.

جواب ۾، مون بس کين ايترو ئي چيو، ”جيئڻ اَن-جل جي اختيار، اَدا!“

ٿورو ترسي ۽ ڪجهہ هڇڪندي، هن وري چيو، ”اَدا! توهانجي نم جون ڪجهہ ٽاريون مون کي ٽوڙڻ ڏيندا؟ ... مان بطور يادگار جي، اهي پاڻ سان کڻي وڃڻ ٿو چاهيان.“

مون چيو، ”ها ... ها ... چو نہ! پلي ڪٺي وجو ...“

هن اُٺي نم جون ڪجھ ٽاريون ٽوڙيون ۽ اِئين سنڀالي هٿن ۾ ڪنيائين، ڄڻ ڪو ڪچرو ٻار هٿن ۾ کنيو هجيس.

ان بعد هو وڃڻ لڳا.

اَسين ٻيئي زال مڙس، پوءِ ڪين ٻاهرئين دروازي جي چائنٺ تائين اُڀرائڻ وياسين. منهنجي ڌيءَ بہ ٻاهر نڪري آئي.

هنن ٻنهي، هڪ دفعو سڄي مڪان ڪي وري غور سان ڏٺو. ڪجھ دير اِئين ئي مڪان کي ڏسندا رهيا.

پوءِ وري جڻ ڪنهن ننڊ مان سجاڳ ٿيندي، محمد چيو، ”ڏسو! توهان اَسانکي ڪيڏو نہ مانُ ڏنو ... اَسانجي ڪيڏي نہ مهماننوازي ڪئي ... سچ پڇو، مان سڄو وقت اهو ئي سوچيندو رهيس، تہ پاڻ ۾ تہ ڪو نفاق آهي ئي ڪونہ ... پوءِ هيءُ سڀ ويڇا ڪنهن وِڌا آهن اَسان ۾؟ ... ڪنهن وِڌا آهن؟“

هو بيحد جذبات ۾ اَچي ويو هئو، انڪري مون چپ رهڻ ئي واجب سمجهيو.

تڏهن وري هن منهنجي ڌيءَ کي پاڻ ڏانهن سڏ ڪري، سندس ڪُلهي تي هٿ رکي، مون ڏانهن مخاطب ٿي چيو، ”اَدل! هي توهانجي ئي نہ، اَسانجي بہ نياڻي آهي ... ويندي ويندي هڪ نذرانو ٿو ڏيانوَ ... موٽائجو نہ!“ ڪجھ دير ترسي هن وري چيو، ”توهانجي رنڌڻي جي دريءَ هيٺان جيڪو ٽاڪ آهي، اُن کي پٽجائجو ... لڏپڏاڻ وقت، ويندي ويندي، اَسان اُتي ڪجھ ملڪيت لڪائي، پٽ کي لنبائي ويا هئاسين ... توهانجي بي-اِنتها سڪ ۽ توهانجو قرب ڏسي، سوچيم ...!“

هو اَچا وڌيڪ ڪجھ چوي ئي چوي، ان کان اَڳ مون ڪيس چئي ڏنو، ”نہ، اَدا! توهانجي ملڪيت آهي، توهان کڻي وڃو ... اَسانکي ٻئي جو نہ کپي ...!“

پر هن يڪدم منهنجي ڌيءَ کي ڀاڪر ۾ ڀري چيو، ”توهانکي خدا جو قسم آ ... منهنجو عرض قبول ڪريو، اَدل ڌيءَ جي شاديءَ تي، اهو سڀ ڪجھ، اَسانجي طرفان توهان جي نياڻيءَ کي ڏنو ...!“

ايترو چوندي ئي، لڙڪ ٽپ ٽپ ڪري، هن جي اَکين مان وهڻ لڳا. فاطما جي اَکين مان بہ لڙڪ لڙي آيا ...

۽ پوءِ ... ٻنهي يڪدم منهن ڦيري تکڙا تکڙا قدم پرڻ شروع ڪيا.

اَسين ڏسندا ئي رهجي وياسين.

جڏهن هوُ اَکين کان اوجهل ٿيا، تہ ڏٺم، زمين تي هنن جي لڙڪن جي آلاڻ اَڃان بہ موجود هئي.

مونکي لڳو، ڄڻ پنهنجن لڙڪن جي ملڪيت هو منهنجي چائنٺ ٻاهران هاري ويا هئا.

ꙮꙮꙮ

## اَصلوڪي ڪهاڻي: مان - اَپمان

✍ **سريچند ڪيسواڻي**

(24.10.1947-???)

اَمر ۽ سنڌيا ايئرپورٽ سرڪل کان، لنبي رستي کي لتاڙي دف نالا کان هيٺ رِوَر فرنٽ - ندي ڪناري جي هوا کائيندي پنڌ ئي پنڌ ڪافي اَڳتي نڪري آيا هئا. ٿڪجي پيا هئا. رِوَر فرنٽ جي هڪ شانت ماحول ۾ پيڙ کان پري ويهي رهيا.

ڳالهائيندي ڳالهائيندي سنڌيا جو گلو خشڪ ٿي ويو. پاڻي پيئڻ لاءِ پائوچ واري ڇوڪري کي سڏ ڪري پائوچ ورتي، ڍيري ڍيري پيئڻ لڳي.

توکي ياد آهي اَمر، ڪنهن وقت تو چيو هو : ”سنڌيا، توسان گڏجڻ ڏسجڻ سان من ۾ ايڪاگرتا، وشواس ۽ اَنوکي سنتوش جو اَحساس محسوس ڪندي مانسڪ سطح تي سُڪوُن محسوس ڪندو آهيان ... اَهڙو تو وٽ آخر ڇا آهي؟“ مون تنهنجي پنيرائي ڪندي چيو هو : ”سچ پُڇين نڄاڻ ڇو - ڇو مون کي پڻ اِئين ئي اَهڙو اَحساس ٿيندو آهي. اَشانت زندگيءَ جي هن ڀڄاريندڙ واتاورڻ ۾ تنهنجو وشواس، سهڪار - ساٿ ماڻي سک جو اَحساس من ۾ اُمڙڪا پريندو آهي. توکي ياد آهي اُن وقت مان ڪافي جذباتي ٿي ويئي هيس. جواب ڏني تو ڪافي ديرينائي ۽ مڌرتا سان محض مسڪرايو هو. ڪڏهن ڪڏهن منهنجي اَهڙي اِظهاريل خيالن کان متاثر ٿي خوب ٿڪڙو مڇائي منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ دٻائي منهنجي مانسڪ اِسٿرتا جي تصديق ڪندو آهين. تڏهن تون مونکي ڪافي وڻندو آهين - تسڪين ملندي آهي.

..... ..... .....

نيرجا آئي هئي. اَمر ٻاهر ويل هو. سنڌيا سان گڏجي خوب خيالن جي ڏي-وٺ ڪئي هوندي. سهمتي - اَسهمتيءَ جي ذهن ۾ قاتل نيرجا وٽ پنهنجو پاڻ تي وشواس جي ڪمي آهي. نجي آزمودن جي تنگ ڪاريدارن ۾ وِرهائي رکيل ويچارن، پنهنجي آزمودن - سوچ جي سطحي گنڀيرتا طرف وڌيڪ سجاڳ آهي. نيرجا ٻڌايو هو، پنجاه ورهين جي ڄمار ۾ هن ٻه شاديون ڪيون. ٻئي پرش هن جي ڄمار جا ڪانڌي هئا. شادي - سنسڪارن جي بنيادي ضرورتن - روايتن وغيره جهڙو ڪجهه ٻه نه ڄاڻندا هئا. اِستري اُپڀوڳ جا ماهر - تونگري تاثير ڪٺي جيئندڙ شهزادا هئا.

نيرجا غلط نه هئي. پنهنجي ليکي نخالص هئي. سونهن سوپيا، آچار ويچار وهنوار، جسماني بيهڪ گهڙت جو ڪلاتمڪ اِظهار ڏيندڙ هئي. هوءَ سنسڪارن جي ذهن ۾ نه اپٽريلي اونڇاين تي ڪجهه حاصل ڪرڻ واري، وهنوارڪ سوچ هن جو جمع پاسو آهي. هن ڪڏهن ٻه اُنهن تونگرن وٽان ڌن، زر، زيور، سوکڙين چاکڙين جي طلب نه ڪئي.

نرمل ٿي هن جي اَهڙي سوچ جو طرفدار، سهايڪ، هڪ ٻيو تونگر - اِندسٽريلسٽ آهي. شاديءَ واري ڏيکاوَ، ريت رسم جي اُدائگيءَ تي توج نه ڏيئي رشتن کي علحدي وهنواري مفهوم بخشڻ وارو آهي.

نيرجا، سنڌيا سان راءِ شامل نه هئڻ باوجود ايترو ته قبول ڪيو آهي ته بدليل دؤر ۾ پرش ۽ اِستريءَ جي مانسڪ ۽ جسماني سندرتا، سُبولتا ڪافي عارضي ۽ نقليت ڀري آهي. بدلاوَن جي آڙ ۾ اِستري پرش جي همشريڪ جيون سنگني يا آَزادنگني نه رهي آهي. محض پنهنجن حقن ۽ سرڪاري قاعدن جي آڙ ۾ مفادپرست طلبگار بڻي آهي. اَڄ جي نئين ٿهيءَ جون ڇوڪريون رشتن جو اَپمان ڪرڻ، طوهين ڪرڻ ۾ اَڳري ۽ ڇڙواڳ آهي. پنهنجن فرضن، اؤلاد طرف ممتا سنيهه ڀريو وزتن پاسيرو ڪري ڪٽنب مٿان حاوي ٿيڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري ٿي سڦلتا جو غروز - اَهنڪار ميڙي ٿي.

سنڌيا وري دهرائي ٿي. ڪيس پنهنجي ڏيءَ ارونا ڏانهن اِشارو ڪندي چوي ٿي : اُپڪار جڏهن اَڌڪار جي جڳهه وٺي ٿو تڏهن قانون کي اَکيون ملن ٿيون. پاونائن جي ڏيڻ ۾ قاتل رشتا ناتا نستا ۽ ڪمزور ٿي وڃن ٿا. جڏهن جڏهن رشتن جو اَپمان ٿئي ٿو تڏهن رشتا ٽٽن ٿا، سماج ٽٽي ٿي. وڏڙن جي بي حرمتي ٿئي ٿي. سندن ٻڍاپو پيڙادائڪ بڻجي ٿو.

اَڄا وار ڪارا ڪرڻ سوَلا آهن پر ڪارا وارا اَڄا ڪرڻ سوَلا نه آهن. ڪشمڪش جي اَڏين آهن، ڪافي ڏکيو آهي.

نيرجا سوال ڪري ٿي : ڇا بدلاءَ اَٽتر ۽ ضروري نه آهن؟ اِتي اَمر ڪافي جهنجهلائي ٿو. ششدر ٿي بي چئنيءَ وچان اُٿي بيهي سمجهائي ٿو. اِن لاءِ جيون بسر ڪرڻ هر وقت سماج سان، بدلجندڙ سوچ سان، سنگهرش ڪرڻو پوندو آهي. مئدم!

اَڄ تائين اَرونا، نيرجا جي وڏور ڪنيا / اِستري اَهنڪاري سوچ ڪارڻ سڦلتا جو تاج پنهنجي ڇڙواڳ ماءُ جي مٿي تي رکڻ جي ازحد ڪوشش ڪندي رهي ٿي. ماءُ جي نقش قدمن تي هلڻ تي واحد سڦلتا طرف وڌڻ جو ذريعو سمجهي ٿي.

نيرجا ڇِڪ ڇرڪ ڀري گهري نند مان جاڳي هئي. ڪيس شدت سان اَحساس ٿيڻ لڳو ته اَنيل ۽ اَرونا وچ۾ من مٽاءَ ۽ ٽڪرائپ جو ڪارڻ سندن ڪچي سمجهه ۽ ذهنيت هئي. اَهنڪار ٻنهي کي جدا ڪيو آهي. نيرجا کي وهم آهي ته هن ڪا وڏي فتح حاصل ڪئي آهي. اَڄ ڪيس سچائيءَ سان ساکياتڪار ٿيو آهي. ڪوڪلائپ ۽ اَستيه ڪارڻ مانسڪ پيڙا ڀوڳي رهي آهي.

اهو به نڇاڻ کهڙو دؤر هيو : پتيءَ جي اوچتي موَت جو هن مٿان ڪوبه نفي اَثر خير ڪو ڏسڻ ۾ آيو. ڪمزور اُناوگير سوچ ڪارڻ ورتل غلط فيصلا ڪين آڏو آيا. هاڻ ڪيس سمجهه ۾ آيو آهي ته هر رشتو هر ڪنهن لاءِ جوابدارين جي ڳنڍڙي ناهي ٻڌي ڪٽي

ايندو آهي. پتيءَ جي ديهانت بعد هن جي وِدروهه، نجي سوارٿي سوچ ڪارڻ گهر کي ٽوڙڻ ۾ سڦل رهي هئي. هوءَ پنهنجي هوڏ تي هئي. رشتن جي مان اَپمان بابت هن ڪڏهن ڪونه سوچيو.

اَرونا اُن وقت اَجان پنجن ورهين جي هئي. اَرونا جي پرورش بهاني ڀُپل ملڪيت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب رهي. ليڪن اَڄ اُنهن نتيجن جي بون کي ڀوڳي رهي آهي. جسماني سُکن ۽ جياپي جي ذريعن ماٽڻ لاءِ هوءَ هميشه پئسو ئي جوابدار سمجهندي آئي آهي. آزمودي بنا عقل اَڪيلو پئجي ويندو آهي.

هن اَمر کي اِئين چوندي ضرور ٻڌو آهي ته ڪنهن ڪتا جي اَڳيان جمع ٽيل پيڙ جي منووگيان کي نه سمجهي گيان گرهڻ ڪرڻ جو ڍونگ ڪيو آهي نيرجا.

..... ..... .....

عرصي بعد اَمر کي چاڻ ملي ته نيرجا آئي هئي. سنڌيا سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ روح رهاڻ ڪري حال اَحوال ورتو هو. اَمر جي دير سان اَچڻ ڪري ملاقات ٿي نه سگهي. ڪافي غبار هو هن جي من تي. اَمر سمجهي سگهيو هن جي من جي ڪيفيت کي ليڪن هن شانت رهڻ پسند ڪيو. درگذر ڪرڻ ۾ ئي من جي شانتي آهي. نيرجا ۽ سندس لاڏليءَ جي سوچ ۽ عمل ۾ ڪافي تضاد نظر ئي نٿو اَچي. نجي اپمان، اهنڪاري سوچ جي بدؤلت ارونا نيرجا کي اَسڦل ماءُ بڻائي ڇڏيو آهي. پهرين جيترو اُن تي هاڻ ناز بلڪل نه رهيو آهي. پشيماني لڪائي نٿي سگهي. اَڄڪلهه پتي پتنيءَ وچ ۾ طلاق جي نوٻت چو ٿي اَچي. جڏهن حالتون حد ٽپي وڃن ٿيون تڏهن اِستريءَ لاءِ ڏهاڳ جهڙي ذلت ڀوڳائيندڙ اِسٿتي سامهون اَچي ٿي.

نيرجا سمرتي کي ڏيان سان ٻڌندي رهي ٿي. من ئي من ۾ منٿن-ويچارن جي ولوڙ جاري رکي اَڳ جيڪو هن کي بي مطلب لڳو هو سو اَڄ جو سچ آهي. سمجهه‌کپي. نيرجا ۽ اَرونا بلڪل اَڪيليون ٿي پيون آهن. اَرونا کي ناهڻ نپڻ لاءِ اَڪيلو ڇڏڻ نٿي چاهي!

اَرونا جو جنم ڏينهن آهي. هن کي ياد آهي ۱۴ فيبروري ويلينٽائين ڊي آهي. ٺيڪ اُن ڏينهن اِن موقعي تي نرمل ڪيس ڳاڙهي گلاب جو ڪومايل گل ڏنو هو. اَڪيلائپ ۾ اَرونا کي محسوس ٿيڻ لڳو زندگي اُن گلاب جي گل جيان ڪومائجي رهي آهي. هن کي نرمل سان رِليشن ۾ هجڻ جو پڇتاءُ ستائڻ لڳو. پاڻ کي ڏوهي مڃڻ لاءِ تيار نه آهي.

نيرجا سمجهي سگهي هئي اِستري ۽ پرش وچ ۾ عارضي سهمتي / غرض ۽ لڳاءُ قدرتي Instinct جي زير اَثر ڪارڻ اُڇاتري ڪشش باوجود جسماني سنبنڌ هڪ ئي چت هيٺ گهڻا غلط نتيجا سامهون آڻيندا آهن. عارضي سک - تسڪين ماڻڻ بعد هير، حالتن جي ساڻائي ۽ آخر ۾ غلط کي سامهون آڻي پشيماني جو باعث.

هن کي سنڌيا سان ايرشا آهي. ڪڏهن نيرجا اَڳيان اَمر جي شفي رليشن لاءِ اُتساهه، ريس هئي، چوندي آهي / چوندي هئي، اِستري روپن - همشريڪ، ساٿي، دوست جي گنڀيرتا ۽ پوترتا کي ماڻيو آهي. سمجهيو آهي. هن کي سڀ ڪجهه حاصل ٿي سگهيو آهي. پنهنجي سوڪيم هستيءَ جو وجود اَمر ۾ مليو آهي. سنتوش ڪارڻ ڪٿي به ڪهڙي به موڙ تي ڀلجڻ واري نه آهي.

آخرت ۾ ديه واس ڇڏڻ بعد ئي ڪهڙي نه ڪهڙي طرح بار بار جنم وٺڻ جو وشواس آهي هن وٽ.

سنڌيا سپني ۽ ساڀيا ۾ هر وقت همدرد - سنسڪارن ۽ سنسڪرتي جو علمبردار مڃيو آهي.

رشتن جو اپمان هن کي جهٽڪو ڏيندو آهي. هر نئين جهوني رشتي کي گهربل مان سنمان ڏيندڙ سنڌيا، نيرجا ۽ اَرونا لاءِ هڪ مثال.

## گيت

**✍ هِينا اَگناڻي ’هير‘**

ڪمزور نه شل وِشواس ٿئي،
شڪتي من جي ٿي ايڏي ڪپي!

١ - خئر سچي جڳه جو ٿا چاهيون،
پر ڀهرين جئه پنهنجي منايون.
جيون ۾ نئون ڪرم ڪريون،
سچي خوشيءَ ڏي قدم ڪريون،
وقت اَڇوڪو ٿو اِئين چئي،
ڪمزور نه شل وشواس ٿئي،
شڪتي من جي ٿي ايڏي ڪپي!

٢ - قوم سان به وفادار رهون،
نابود صفا غدار ڪريون،
ڪوڙ ڪپٽ کي تڙي ڪڍون،
پيار وفا کي ئي ساڻ ڪريون،
ڀارت پنهنجو آباد رهي،
ڪمزور نه شل، وشواس ٿئي،
شڪتي من جي ٿي ايڏي ڪپي!

## غزل

**✍ ڀڳوان ’نردوش‘**

گُلَ مِثل ڪيڏو نه پيو سُهڻو لڳين!
گهوٽَ جي سر تي رکيل سهرو آهين!

هونئن سيتل چنڊ آهين، يار تون -
جي، ڪرين غصو ته سج جو گولو آهين!

پيار برسائي تون ويندو آن جڏهن
پو، ڪڪر جان مون کي ٿو پيارو لڳين!

تڪڙو تنهنجو اَچڻ، توڙي وڃڻ،
تون ته هاڪارو هوا جهڙو لڳين!

خوشبوُ وانگر گُلَ ۾ تنهنجي هستي آ
راز دل جو پڻ تون گهِرو لڳين!

تون ڪرين اِئن، جئن چون توکي ٻيا -
راند ۾ شطرنج جو مُهرو آهين!

نِنڊَ ۾ **’نردوش‘** هوندو آ جڏهن -
عشق جو سچ، سونو ٿو سپنو لڳين!

کهاڻي:

# سِـاج لهڻ بعد

✍ **ديوي ناگراڻي**

هوءَ سڄي رات سُمهي نہ سگهي!

ننڊ ۾ پريل اَکين سان هوءَ ڪمري ۾ پيل پلنگ تي ٻي آراميءَ سان پاسا ورائيندي رهي. اَڱڻ ۾ اُسريل پراڻي وڻ جو سُڪل پنُ اَگر چرمر چرمر ڪري ڪِرندو هئو تہ هوءَ ڇرڪُ پري اَکيون کوليندي هئي. هر آهٽ تي سُڄاڳہ ٿيندي رهي جڻ هن کي ڪنهن جو اِنتظار هئو. دريءَ کان ٻاهر ڏسڻ جي ڪوشش ڪندي هئي، پر اُهو ئي ڏسڻ ۾ نہ ايندو هئو جنهن جو هن کي اِنتظار هئو!

گذريل ٻن مهنن کان اِها بيقراري هُن جي جيون جو اَنگ ٿي پيئي. سمورو ڏينهن گهر جي ڪم-ڪار ۾ رُڌل رهڻ، شام جو من کي بهلائيندي جمال جو اِنتظار ڪرڻ، جنهن جي اَچڻ جو ڪوبہ وقت طئہ نہ هئو. سِڄ لٿي ويندو تہ هو، پر ڪٿي خبر نہ هئي. ڇو ٿو وڃي خبر نہ هئي؟ ڪنهن بہ سوال جو ڪو جواب نہ هئو. ڪنهن سان ونڊي، ڪنهن کان پُڇي پنهنجي اُلجهيل زندگيءَ جا مُنجهيل سوال. جڳهہ اَڻڄاڻ، بستي اَڻڄاڻ، اوسي پاسي جا ماڻهو بہ اَڻڄاڻ. بستيءَ ۾ نالي ماتر ڪي گهر، جتي ماڻهن جو جڻ هڪ ٻئي سان ڪو لاڳاپو ئي نہ هئو. گهرن جي اَندر گُهٽ ۽ گهرن کان ٻاهر مايوسي ڦهليل هئي.

هاڻ هوءَ هِن سُنسان ماحول کان ڪوُ ڪائڻ لڳي هئي. ٿڪجي پيئي هئي. اِنتظار جي لٽڪيل گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ ساڻ هن جي شام، رات جي پهر مان گذري صبوح جو اِنتظار ڪندي هئي.

..... ..... ..... .....

هتي بہ هوءَ پنهنجي مرضيءَ سان ڪٿي آئي هئي. هوءَ تہ پنهنجي ڳوٺ جي ڄاتل سُڃاتل مست فِضائن ۾ آزاد هِرڻيءَ وانگر گهمندي-ڦرندي، رستي تان ايندڙ-ويندڙ وڏن-بزرگن کي سلام ڪندي، ٻالپڻ جي هم-عمر ساهيڙين کي وڻ جي هيٺان جمع ڪري، چوپال ڄمائيندي ۽ اُتي ئي اُنهن جي شام گذرندي هئي، ڳالهيون ٻولهيون ڪندي، ڪجهہ ٻُڌندي، ڪجهہ ٻُڌائيندي. اَهڙي-جهڙي ڳالهہ تي سڀ سکيون جيءُ کولي کِل-کِل ۾ اَچي ڇُٽنديون هيون. جڻ بن ۾ جهرڪيون چه-چهہ ڪري رهيون هجن ۽ اِهو آواز جڏهن نئين پرديسيءَ جي ڪنن تي پيو تہ هوُ ڇڪجندو وڻ جي اوٽ ۾ ٻيهي ڪري اُنهن ڳالهين جو ذائقو وٺندي آنند ماڻڻ لڳو.

جڏهن جيون جي دِشا مٽجندي آهي تہ وقت پنهنجو وهڪرو مٽي ڇڏيندو آهي. ڪهڙي دِشا ۾ ڪنهن کي وٺڻ ڪپي، اِهو بہ شايد نِيَتِي طئہ ڪندي آهي. هوُ پرديسي بہ نئون هو. بس ڪجهہ دير اَڳہ ئي هِن ڳوٺ ۾ آيو هو ۽ هن کِلمُکہ ٽوليءَ جي کِل ٻُڌندي ٻُڌندي ڪٿي نہ ڪٿي ڀاونائن جي وهڪري ۾ ضرور وهندو رهيو، ڪٿي گهايل بہ ٿيو. هُن کي رمِيا جون ڳالهيون، کليل آسمان ۾

آزاد پکيئڙي وانگر هُن جي اُڏام جو اَنداز، جيون جي ڪليل ٻانهن جي آغوش ۾ پيري جيئڻ جو حؤصلو هن کي گهڻو متاثر ڪندو ويو ... زندگيءَ جي ويرانيءَ کي پري ڪرڻ جا سڀ گُڻ هئا هُن ۾ ... جمال سوچيندو رهيو. هن کان اَڳ ڪڏهن اِئين ٿيو نه هئو.

سُهڻو ٺاهوڪو بدن، تکا روش، مدهوش ڪندڙ نيڻن وارو هي نوجوان جمال پوليس چؤڪيءَ ۾ ڪوٽوال جي نؤڪريءَ تي هئو. اَمان ۽ هوُ پاڻ، گهر جا ٻئي ڀاتي هئا. ڳوٺ ۾ ئي هن کي ٻن ڪمرن جو گهر هئو، پر حياتيءَ ۾ گهر جي اَهميت ڇا ٿيندي آهي، نه ڪڏهن ڄاتي، نه مڃي. اَمان سالن جا سال اِهو چوندي پرلوڪ پڌاري ويئي - ''اَڪيلو پٽر به ڪيسين تائين تنهائي برداشت ڪندو. ٻن سان ته تپش ايندي آهي، شولا نکرندا آهن، نئون سنسار وسندو آهي.'' پر جمال ڪڏهن به ٻه پل رُڪجي ڪري پنهنجي زندگيءَ جي باري ۾ نه سوچيو هو، نه سمجهيو هو.

هاڻ سوچڻ لڳو - ''ڪيستائين هيئن اَڪيلو جيون گذاربو؟ اَمان نيڪ ئي چوندي هئي، هاڻ هن کي شادي ڪرڻ کپي. شاديءَ جي عمر به ته ٿي آهي. ٣٢ سالن جو ٿي ويو آهيان. نؤڪري آهي، گهر آهي، بس ضرورت آهي ته هڪ ....!'' هن پنهنجيءَ سوچ کي وِرام ڏنو. هوُ سُپاڻ جي سپنن جي سنسار مان پنهنجي اَڄ ۾ موٽي آيو.

هن ڳوٺ ۾ هوُ پهرين ٻه ٻه دفعا قانوني ڪارروائيءَ جي سلسلي ۾ پنهنجي صوبيدار صاحب منگل سنگهه سان گڏ آيو آهي. پر اَڄ جي ڳالهه ئي ڪا ٻِي هئي. اَڄ هوُ ڊيوٽيءَ تي نه هئو، نه وردي پاتي هئي، نه ڪنهن جي ڏاک سندس مٿان هئي. بس هوُ اَچي ويو. اَچي ويو يا قدرت جي طرفان آندو ويو. پر جو به ٿيو، سنو ٿيو. هُن فيصلو ڪري ورتو ته هاڻ هوُ دل جي ڳالهه دل ۾ نه رکندو. مونجهاري مان رستو ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندو.

''منگلو ڪاڪا جو گهر ڪٿي آهي؟'' هن وڻ جي اوٽ مان ٻاهر ايندي ڪنهن وات ويندڙ کان پُڇيو.

''هن وڻ جي پُٺيان چوٿون نمبر گهر اُنهيءَ جو آهي، ڪير به ٻڌائيندءِ.'' آڱر سان اِشارو ڪندي پانڌيئڙو اَڳيان وڌي ويو.

وڻ وٽ ٿيندڙ چؤپال جي سرگوشين کان هوُ واقف هئو، پر اِهو نه ڄاڻائين ته هن جي منزل جو رستو به اُتان ئي گذرڻو آهي.

ڪجهه ڇوڪرين جي نظر اُن تي پيئي ۽ پوءِ سڀ ڪجهه رُڪجي ويو. کِل، مذاق، مُرڪ، اُهو سڀ ڪجهه، جو ڪجهه پل اَڳ ڳوٺ جي هوائن سان ٽڪرائيندو هڪ مڌر سنگيت پيدا ڪري رهيو هئو. ڇوڪريون پنهنجي مريادا جي سيما ڄاڻنديون هيون، سو اُٿي هلڻ لڳيون، پر هڪ آواز ٻُڌي بيهي رهيون.

''منگلو ڪاڪا جو گهر ڪٿي آهي؟'' جمال پُڇيو.

سڀ ڇوڪريون چُپ رهيون، پر اُنهن جون اَکيون 'رَمِيا' ڏانهن ويون. منگلو رمِيا جو پيءُ هو. نوجوان پُڇي رهيو هو. ڇوڪريون مانٺ ۾ هيون. ڪير ڇئي، ڇا ڇئي، اِن اُلجهن ۾ سڀ رمِيا سان

گڏ ڀِي رهيون.

”ڇا مونکي ڪوئي منگلو ڪاڪا جو گهر ڏيکاريندو؟“

”اَچو مون سان گڏ!“ اوچتو اِن آواز هن کي پاڻ ڏانهن ڇِڪيو. رمِيا جي شخصيت ۾ هڪ شاندار وهنوار جي خوشبوُ هئي جا هن جي هلت چلت مان جهلڪي رهي هئي.

هاڻ هوُ رمِيا جي پُٺيان پُٺيان هلڻ لڳو. چوٿين گهر جي سامهون بيهي ڪري هن بند در کي هلڪي ڌِڪي سان کوليو. اَندر قدم رکندي اَڪ جي اِشاري سان اَجنبيءَ کي اَندر اَچڻ جو مانيٽو نيوتو ڏنو. نوجوان جي قدم اَندر رکندي ئي رميا در جا طاق ٻيڪڙيا. سامهون کٽ تي ويٺل هڪ پيرسن جي سامهون اَچي چيائين، ”بابا، هِي توهان سان ملڻ آيا آهن!“

”ڪير؟“ لرزش واري آواز ۾ منگلوءَ پُڇيو.

”جِي مان جمال، جمال حسن، ڳوٺ جي ٿاڻي جي صوبيدار سان گڏ آيو هوس. توهان جي گهر جي ڪارروائيءَ جي سلسلي ۾ ... ياد آيوَ ...؟“

”ها، ها، ياد آيو، اَچو ... وِهو!“ چوندي منگلو ڪاڪا اُنهيءَ کٽ تي سُرِي ڪري هُن لاءِ جڳهه ٺاهِي.

”جِي هِن هفتي ٿاڻي ۾ توهان جي شنوائي آهي. توهان کي حاضرص رهڻو آهي، اِهو ئي ٻُڌائڻ آيو آهيان!“ جمال کٽ تي وِهندي چيو.

”اَڙي سُنو ڪيوَ، توهان جي ڪري اَڃان تائين منهنجا پير هتي ٽڪيل آهن، ورنہ زميندار تہ منهنجا پير هتان اُکاڙي ڇڏڻ جي چال هلي رهيو هئو. پئسو پاڻيءَ وانگر وهائي پوليس وارن جي خاطرداري ڪندو آهي. مونکي هتان ڪڍي هن جاءِ کي ضبط ٿو ڪرڻ چاهي. مالڪ، هاڻ توهان ئي ٻُڌايو، ڪير ڪمبخت پنهنجي پاڙن کان پٽجڻ چاهيندو؟ اَڪيلو هجان تہ ٻِي ڳالهه آهي، هِنَ جوان ڇوڪريءَ کي وٺي ڪٿي وڃان، ڪٿي پڪان. اَبن-ڏاڏن جي هيءَ هڪ ئي نشاني بچي آهي. سڀ ساٿ ڇڏي ويا. زال گذاري ويئي. ڇوڪرو شادي ڪري شهر ۾ وڃي وسيو. بس رمِيا آهي جا ساٿ نڀائي رهي آهي. مان تہ اِن ڇنتا ۾ پيو ڳرندو آهيان ۽ مٿان وري بيگهر ٿيڻ جي هيءَ ڇِپ ...!“

”بابا ... ڇڏيو گذريل ڳالهين کي ...!“ رمِيا ڳالهين جو سلسلو ٽوڙيندي چيو. منگلو ڪاڪا هاڻ چپ ٿي ويو.

”توهان گهڻو نہ سوچيو، خدا چاهيو تہ توهان جو گهر سلامت رهندو. صاحب اِن معاملي جي پوري طرح جاچ-پڙتال ڪري ڇڏي آهي ۽ ايندڙ هفتي زميندار ۽ توهان جي گڏجاڻي ڪبي. ٿاڻي ۾ هر ڪنهن جو فيصلو ٿيندو. ڪير جو ڪير، پاڻيءَ جو پاڻي ٿي ويندو.“

”اَڙي صاحب، توهان جي منهن ۾ گيهه شڪر ...!“ چوندي منگلو ڪاڪا، پنهنجي ٻُڍين اَکين سان رمِيا ڏي نِهاريندي چيو، ”پُٽ، صاحب کي چانهه تہ پيئار!“

”جِي بابا!“ چوندي رَمِيا اڱڻ جي پٺ سان لڳل ڇبوتري تي ٺهيل چُلهہ تي چانهہ چاڙهِي.

”توهان تڪليف نہ ڪريو، رهڻ ڏيو.“ چوندي جمال اُٿڻ جي ڪوشش ڪئي.

”وينا هجو، توهان چانهہ پيئڻ ڪانسواءِ نٿا وڃي سگهو.“ رمِيا سڌيل آواز ۾ چيو جڻ تہ ڪو آديش هئو. ڪير اُن کي ٽاري ٿي سگهيو؟ دل تہ پهرين ئي گهايل ٿي چڪي هئي، هاڻ دعوت ڇا قيامت برپا ڪندي، خدا ڄاڻي!

اِهو سوچي جمال وري ويهي رهيو. ڪن پل ۾ رمِيا ٻن پيالين ۾ چانهہ ڪٽي آئي. گهر جي حالت چڱي نہ هئي، هر شيءِ جي ڪمي، ديوارن ۾ جيئڻ وارا ماڻهو هٿ پير هلائي ٽُنگن واري ڪشتيءَ کي پار لنگهائڻ جي ڪوشش ۾ جيئندا رهندا آهن، پر پنهنجو سواڀيمان سنڀالي رکندا آهن.

پياليءَ وارو هٿ اَڳيان وڌائيندي چيائين - ”هان وٺو ...!“ چوندي رميا هُن جي سامهون اَچي بيٺي. پياليءَ کي پڪڙڻ لاءِ جمال جو هٿ وڌيو. اُنهيءَ جي دلي تمنا اِها هئي تہ پياليءَ واريءَ جو هٿ جهلي وٺي. پر قانوني ڪارروائيءَ جو پيغام آڻڻ واري جي بہ هڪ جوابداري هوندي آهي تہ هوُ مريادا جو پالن ڪري.

”مهرباني“ چوندي وٺڻ واري هٿ ڏيڻ واري هٿ جي مالڪڻ جو ڌنيواد عطا ڪيو.

مهمان نوازيءَ جي رسم پوري ٿي، هاڻ هُن کي اُٿڻو پيو. من جي مرضيءَ جي خلاف! اُٿندي جمال سموري ڄاڻ ۽ هدايتون وري دُهرائي در ڏانهن مُڙي ويو. منگلو ڪاڪا اُتي ئي وينو رهيو، پر رمِيا در تائين آئي ۽ پُڇي ويئي، ”ايندڙ ٻڌر ٽاٽي اَچڻو آهي. اَسان جو هِتي ٻيو ڪوئي نہ آهي. بابا ڪمزور آهي ۽ ٻُڍو بہ. ڇا مان اُنهن سان گڏ اُتي موجود رهي سگهان ٿي؟“

”ها ... ها ... ڇو نہ! توهان ايندا تہ هنن کي بہ ٻل ملندو ۽ ٻِي ڳالهہ اِها آهي تہ توهان خود بہ ڪارروائيءَ جي ڳالهہ صاف صاف سمجهي وٺندا.“ پنهنجي من جي خوشيءَ کي نہ روڪيندي جمال چيو.

”ڀڳوان ڪري ...!“

رمِيا جي چوڻ کي اَڌ ۾ روڪي جمال چيو - ”ڀڳوان ڪري فيصلو توهان جي حق ۾ ٿئي، مونکي خوشي ٿيندي.“

هوُ در جي ٻاهران اَچي بنا پُٺ ورائڻ جي اَڳيان وڌندو رهيو، جڻ تہ نئون جيون ٻانهون پساري هن جو سواگت ڪري رهيو هو.

..... ..... ..... .....

ٻُڌر جو ڏينهن، ٽاٽي ۾ صوبيدار منگل سنگهہ جي ڪمري ۾ هڪ پاسي ڳوٺ جو ڄاتل سُڃاتل زميندار ۽ هُن جا ڪي رعبدار ساٿي ڏاڪ جمائي وينا هئا ۽ ٻئي پاسي قرضدار منگلو ڪاڪا ۽ هُن جي پر ۾ ويني هئي رمِيا. رمِيا هن وقت سوٽي گلابي رنگ جي سلوار ۽ اُن جي مٿان نيري رنگ جو ڪُڙتو جنهن تي گُلابي گُل اِئين سونهي رهيا هئا، جڻ ڪو گلشن ڪمري ۾ گهڙي آيو هجي. مٿان وري ڏاريدار نيري رنگ جي پوتي، سادگيءَ ۾ سونهن اِئين مهڪي رهي هئي جڻ ريگستان

۾ ڪو لال اُسري آيو هو.

منگل سنگهہ پنهنجي جاچ-پڙتال جي آڌار تي اِهو فيصلو ڪيو تہ زميندار وٽ منگلوءَ جي اَبن ڏاڏن جو وراثتي مڪان گِروي رکيل هئو، جنهن تي گذريل ٢٠ سالن ۾ وياج جي وصولي ڪئي ويئي هئي، پر گذريل ڇهن سالن کان، اُها پرپائي نہ ٿي سگهي. صوبيدار منگل سنگهہ نئين قانون جو حوالو ڏيندي ٢٠ سالن جي وصوليءَ بعد منگلو ڪاڪا کي اُنهيءَ کان مُڪت ٿيڻ جو فيصلو ٻُڌايو.

”ويهہ سال پري، هي پويان چار سال نہ پرڻ جي باوجود بہ گهر جو مالڪ منگلو ڪاڪا کي ٿو ٺهرايو وڃي. نئين قانون مطابق ٢٠ سالن جي وصوليءَ کان پوءِ وٺڻ وارو پنهنجا حق وڃائي ٿو ڇڏي. نتيجو اِهو ٿو نڪري تہ هاڻي منگلو ڪاڪا نہ وياج ڀريندو ۽ نہ ئي گهر کان بيگهر ٿيندو. اِهو فيصلو آهي ۽ مان ڪنهن جو بہ دخل اِن بابت نہ چاهيندس.“

ٻُڌندي منگلو ڪاڪا خوشيءَ سان رمِيا کي گلي لڳائيندي، وري هٿ ٻڌي صوبيدار صاحب جا شڪرانا عطا ڪيا. ”مائي باپ، توهان تہ اَسان کي جيئڻ جو موقعو ڏيئي ڇڏيو آهي، مان سدائين توهان جو ٿورائتو رهندس.“

رمِيا جي نظرن بہ ساڳي رسم اَدا ڪئي. لِڪ ڇپ ۾ جال جي نظر سان نظر مِلائي چپ ماٺ ۾ هئا، پر جمال بي زبان جي زبان پڙهڻ جي توفيق رکندو هئو. هن جي من ۾ تہ ڄڻ مور نچي رهيو هو. هوُ سپنن جي آڪاش ۾ اُڏامڻ لڳو.

زميندار غصي ۾ زور-شور سان ٻاهر نڪتو ۽ پوءِ آهستي آهستي سڀ پنهنجي پنهنجي واٽ وٺي هلندا رهيا.

..... ..... ..... .....

اوچتو در کُلڻ جي چرمر ڪندڙ آواز سان رمِيا سُجاڳ ٿي. اُٿي ۽ سهارو ڏيئي ٿابرجندڙ جمال کي کٽ تائين وٺي آئي. وِهندي ئي هوُ ليٽيو ۽ ننڊ جي آغوش ۾ گم ٿي ويو.

ڇا فقط اِن لاءِ رات جو اوجاڳو ٿيندو آهي. هر رات، رات بہ ڪٽي، پهرئين پهر کان پوءِ، ڪڏهن ٻئي پهر بعد تہ ڪڏهن سج اُڀرڻ کان اَڳ هن جو گهر اَچڻ ٿيندو آهي.

هي اُهو ئي جمال هُيو جو سات جيئڻ-مرڻ جا واعدا ڪندي هٿ جوڙي منگلو ڪاڪا کان رمِيا جو هٿ گهرندو رهيو جيسين تائين هن ’ها‘ نہ ڪئي. ٻنهي جو نڪاح ٿيو ۽ ٻئي پنهنجي سُکي سنسار جا سپنا ڏسندا رهيا.

ٻہ سال گذريا، منگلو ڪاڪا جهان کان موڪلائي هليو. هاڻ رمِيا جي دنيا جمال سان شروع ٿي اُنهيءَ تي اَچي ختم ٿيندي هئي. هوُ اُٿي تہ ڏينهن، هوُ سمهي تہ رمِيا جي رات.

ڇهہ مهنا گذريا مس تہ اوچتو رميا جي جيون جي ٻيڙي ڏگمگائڻ لڳي. لهرن ۾ لوڏا کائڻ لڳي. هن جي خوشين کي گرهڻ لڳڻ لڳو. ڪم تان وقت تي گهر اَچڻ وارو جمال هاڻ ايندو هئو، پر وچڻ جي لاءِ. نہ ڄاڻ ڪٿان هن کي هيءَ علت لڳي. روز جيئن ئي ڪم ختم ٿيندو هئو ۽

منحوس شام ايندي هئي، هوُ ڊيوٽيءَ وارو يونيفارم لاهي، سادو ڪُڙتو پاجامو پائي، سڄ لٿي هن گندي ڳِهٽيءَ ڏانهن وِک وڌائيندو هئو، جتي شگفتا نالي هڪ نئين ناچڻي پنهنجي حسن ۽ اَدائن سان مردن جي شام کي رنگين بڻائيندي هئي.

اَڄ بہ هوُ جڏهن کٽ تي ليٽيو تہ ور-ور اُنهيءَ جو نالو کڻندو رهيو. پنهنجي وجود تي لڳل گرهڻ کان مُڪتي پائڻ لاءِ رمِيا ڪري تہ ڇا ڪري؟ اِهو ئي سوچيندي رهي. پنهنجو جيون برباد ٿيڻ کان بچائي تہ ڪيئن؟ جمال کي اُن واٽ تان واپس آڻي تہ ڪيئن؟ بس اِنهيءَ سوچ ۾ هن جي اَک لڳي ويئي.

صبوح جو جمال اُٿيو، ڇانهہ ٺاهيائين پنهنجي لاءِ ۽ رمِيا لاءِ بہ. اِهو ئي نيم هئو جو هوُ شاديءَ کان پوءِ اَڄ تائين نِڀائي رهيو هئو. اِشنان ڪيائين، وردي پاتائين، ڪجهہ کائي-پِي ڊيوٽيءَ تي هلڻ لڳو تہ رمِيا چوڻ لڳي، ”ڇا هاڻ اَهڙو وقت آيو آهي جو توهان کابہ شام مون ساڻ گذارڻ گوارا نٿا ڪريو. مان توهان جي محبوبا ناهيان، توهان جي زال آهيان، منهنجون بہ ڪي گهرجون آهن، جن کي پورو ڪرڻ توهان جو فرض آهي!“ ۽ هوءَ اُڃايل اَکين سان جمال ڏانهن نهارڻ لڳي.

جمال جواب تہ ڪجهہ نہ ڏنو، پر هن جو مُهاندو ٻنهي هٿن ۾ کڻي چُميائين. رمِيا کي لڳو ڄڻ ساوڻ جي پهرين بارش جي بوندا بوندي ٿي رهي هجي، ڄڻ تہ جيون ۾ سُرهاڻ آئي هجي، زندگي موٽي آئي هجي. پر شام جا آثار تنهن کي ڏنڌلو ڪري ڇڏيندا اِهو سوچيندي ئي هن کي هيءَ خوشي خزان وانگر سُڃي لڳڻ لڳي.

اُنهيءَ ڏينهن جمال شام جو گهر ئي نہ موٽيو. پهرين ڪڏهن اِئين نہ ٿيو هو. هوُ گهر ايندو هو، ڪڏهن کاڌو کائي، ڪڏهن بنا کائڻ ٻاهر نڪري ويندو هئو. اِئين ڄڻ اِهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ هن جي جيون جو نيم هئو. پر اَڄ تہ هوائن ۾ ڄڻ سنسني ڦهليل هئي جو رميا جو من موڳو ٿيندو رهيو. هن جي من ۾ ويچارن جو طوفان ولوڙ پيدا ڪندو رهيو. ساحل ڪٿي بہ نظر نہ آيو، ڪري تہ ڇا ڪري، وڃي تہ ڪيڏانهن وڃي؟

سڄ لهڻ بعد هن جي سوچ مان هڪ رستو نڪتو تہ هن کي ڇا ڪرڻو آهي، ڪيڏانهن وڃڻو آهي، رستو منزل جو اِشارو ڪري رهيو هئو.

هوءَ اُٿي، تن کي ملي ملي خوشبودار صابڻ سان ڌوتائين، شاديءَ وارو ستارن سا جڙيل جوڙو پاتائين، هار سينگار ڪري هلي اُن عيش محل ڏانهن جنهن جي روشنيءَ جمال تي جادو ڪري ڇڏيو هئو.

سنَن گهرن جون سنسڪاري ڇوڪريون اَهڙين جڳهين تي نہ وينديون آهن جتي زالون پراوَن مردن کي پنهنجو ڪرڻ جا گهڻا ئي وسيلا هلائينديون آهن. پنهنجي ضمير کي وڪڻي ٻين جا گهر ڦٽائي پنهنجا وسائي وهنديون آهن.

هڪ پڪي عمارت جي سامهون پهچي، هوءَ ڪن-پل لاءِ بيني. اُپو ساهہ کڻي پنهنجي ساهہ جي رفتار گهٽ ڪيائين. پوءِ هن حويليءَ جي در جي ڪُنڊي کڙڪائي.

در ڪُليو ۽ سامهون هئي هار-سينگار سان سجيل هڪ ڀرپور جوانيءَ جي ملڪا شگفتا، جا پنهنجي نظرن جي تيرن کي گهايل ڪرڻ جو وسيلو ناهي ويني هئي. اِهو ئي تہ نالو هئو جو ڪئين ڀيرا جمال جي منهن مان بيهوشيءَ جي حالت ۾ هن ٻڌو هو.

”ڇا مان شگفتا سان ملي ٿي سگهان؟“ رمِيا مڌر آواز ۾ حسينا جي اَکين ۾ نهاريندي سوال سامهون رکيو.

”جي ڇئو، مان ئي شگفتا آهيان!“ ۽ هن در کان پرتي ٿي ڪري هن کي ماٺ ۾ اَندر اَچڻ جي دعوت ڏني.

”مان پنهنجي گهوٽ جمال کي وٺڻ آئي آهيان.“

”اوهہ، تہ هوُ توهان جو گهوٽ آهي جو ٿاٺي ۾ ڪم ڪندو آهي. اَڄ تہ هوُ ورديءَ ۾ ئي اَچي ويو آهي. هونءَ هتي اَچڻ وارو ڪوبہ مرد ڪنهن جو گهوٽ نہ هوندو آهي. هوُ فقط هڪ مرد هوندو آهي، جنهن جي دِلي مُراد هتي رهڻ واري ڪابہ 'وئشيا' پوري ڪندي آهي ۽ وئشيا ڪنهن هڪ جي نہ هوندي آهي ... هن جو ناتو تہ بس ... توهان ڄاڻُو آهيو ... ڇا چوان ...!“

”توهان مونکي منهنجو گهوٽ موٽائي ڏيو، مان شڪرگذار رهنديس.“ چوندي هن آس جي اَکين سان شگفتا ڏانهن نهاريو.

”اَڇو!“ چوندي شگفتا هُن کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي آئي، جتي رمِيا ڌيمي روشنيءَ ۾ جمال کي است-ويست حالت ۾ پاتو.

”وٺي وڃو هُن کي، هوُ توهان جا ٿيا. هاڻ منهنجي دل جا ۽ هن ڪوٺيءَ جا دروازا هن لاءِ هميشهہ بند رهندا پيڻ!“ ڀريل آواز ۾ چوندي شگفتا جمال ڏانهن نهاريندي چيو، ”توهان جي زال آئي آهي!“

رضائيءَ مان منهن ڪڍندي جمال اَڪ ڪولي ۽ رمِيا کي اُتي ڏسي هن جون اَکيون کُلڻ ڪانپوءِ بند نہ ٿي سگهيون. هن کي ڄڻ سؤ وِڇُن هڪ ئي وقت تي ڏنگ پاتو هو. ٽپ ڏيئي اُٿيو، ڇپائين، ڪجهہ بہ نہ، بس هن کي ٻانهن کان پڪڙي جو اُتان هليو تہ سِڌو پنهنجي گهر اَچي ساهہ پٽيائين.

”هيءَ ڪهڙي حماقت هئي، اُتي اچڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟“ جمال رڙ ڪئي.

”آيس، ڇاڪاڻ جو شام کان پوءِ هن گهر ۾ منهنجو دم گُهٽجندو آهي. سوچيم مان بہ اِن رنگين ماحول کي ڏسي اَچان، جتي هر شام توهان جي رنگين ٿيندي آهي. ڏسڻ ٿي چاهيم تہ هتي اَهڙو ڇا آهي، جو هن گهر ۾ نہ آهي ...!“ رمِيا ڄڻ ڀاڻيءَ جي وهڪري وانگر پنهنجون ڀاوناٺون ظاهر ڪندي رهي.

”ڇا ڏٺئہ اُتي؟“ جمال جي آواز ۾ ٿوري نرمي آئي.

”بس، ڏٺم تہ فقط شگفتا کي، ۽ توهان کي اُن حال ۾ ...“

”تنهن مان ڇا حاصل ٿيو؟“ هاڻ جمال پنهنجي اَندر جي چور کان ڏکي ويو. ڪٿي نہ ڪٿي

هوُ پاڻ کي گنگهار محسوس ڪرڻ لڳو.

”مونکي ھُتي وڃڻ سا ڇا حاصل ٿيو، ڇئي نٽي سگهان ... مان ... مان ... مان ...!“ رِميا ھڪ ڏگهو اُپو ساھ کنيو ۽ دريءَ کان ٻاھر سُڃ ۾ نهارڻ لڳي.

”مان ... ڇا ....؟“ ڪيڏانهن گُم ٿي ويئي آھين، رَمِيا؟“ جمال گهبراھٽ واري لهجي ۾ چيو.

پر جمال جي ڳالھ جو رِميا تي ڪوبه اَثر نه ٿيو. ھوءَ جڻ پنهنجي اَندر ھڪ ٻي دنيا وسائي ويٺي ھئي - اُنهيءَ ۾ ئي گُم ... ڪڏھن اونهاين ۾ ٻُڏندي، ڪڏھن ترندي ... بيخوديءَ جي عالم ۾ بڙبڙائيندي رھي ... ’مان، مان شگفتا ٿيڻ ٿي چاھيان، ھن گهر جي ماحول کي بدلي ڇڏيندس، پاڻ کي به بدلائي ڇڏيندس ۽ ھڪ اَھڙي دنيا وسائيندس، جهڙي شگفتا وسائي رکي آھي ۽ مون وٽ جيڪو به ايندو، اُھو ڪنهن جو گهوٽ نه ھوندو، اُھو فقط جمال ھوندو ... منهنجو جمال! مان پنهنجي جمال کي وِڃائڻ نٿي چاھيان ... شگفتا بڻجي ھن کي حاصل ڪنديس ....!“ ۽ ٻي خياليءَ ۾ ھُن جا لُڙڪ اَکين جا بند ٽوڙي پاڻ کي آزاد ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيندا رھيا.

رميا جو ھي نئون روپ پهرين ڪان وڌيڪ نکريل ھئو. سڄ لهڻ ڪانپوءِ جو شفاف صبوح سامهون روشني ڦهلائي رھيو ھو.

ଔଔଔ

## ”جيڪر“ (شاعري) (غزل ۽ ڪوتائون)

شاعر : **راجيش آسوُداڻي ’رقيب‘**

ڊيمي سائيز، صفحه 160 = 78 + 82، عربي ۽ ديوناگريءَ ۾ گڏيل مجموعو، قيمت 250 رپيه، سال 2020، ڇپائيندڙ شاعر پاڻ - F-43، آر. بي. آءِ. آفيسر ڪواٽرس - جٽرامجي ٽائون، ناگپور - 440013 - موبائيل : 9420397185، اِي-ميل: rajeshasudani@rbi.org.in

راجيش - رِزرو بئنڪ آف اِنڊيا ۾ اَسسٽنٽ جنرل مئنيجر آھي. ايم.اي.، ايل.ايل.بي.، ايم.ايس.سي. ۽ بئنڪ جو اِمتحان پاس ڪيل اٿس. يونيورسٽيءَ مان اَچ تائين 19 گولڊ ميڊل عطا ٿيل اَٿس. نابين آھي.

سنڌيءَ ۾ ھيءُ سندس پهريون مجموعو آھي.
(ڪوڙ ساريون شپ ڪامنائون - سمپادڪ)

## اُس

✍ **راجيش آسوُداڻي ’رقيب‘**

پيار اُس جيان ٿيندو آھي
نرم - گرم
ننهه - سوسڙو
صحت - بخش
حيات - بخش
صحت - بخش
وٽندڙ
وڌيڪ دير تائين ويهجي
ته
اُس ڪاڻڻ لڳندي آھي
۽ لڳي به ويندي آھي
ڪي ڪي ماڻهو وري فوڪل لينس ڪٽي گُهمندا آھن
جي رَسيون ئي جلائي ڇڏين.

ଔଔଔ

# بشير جي ڳولها

✍ لکمي ڪِلاڻي

هوائي جهاز بمبئيءَ کان ڪراچيءَ لاءِ اُڏاڻو آهي. دل ۾ اُڻ تُڻ آهي، آنند مانڊ آهي. پنجاه سالن بعد مان پنهنجو وطن وري اَکين سان ڏسندس. اُن ڌرتيءَ جي پوتر پٽي مٽي تي لڳائيندس جنهنجي گود ۾ مان ڄائو هوس، پلجي نپجي وڏو ٿيو هوس. ٻالپڻ جون ڪيئي يادگيريون، ڪيئي عڪس ذهن ۾ چنبڙيل آهن. مان انهن کي وري جيئڻ چاهيان ٿو. انهن ذريعي پاڻ کي پائڻ چاهيان ٿو.

اَکيون ٻوٽي جهاز جي ڪرسيءَ تي ليٽيو پيو آهيان. ايئر هوسٽيس مون لاءِ ڪاڏو پرچي ڪٽي آئي آهي، پر مونکي بک ڪانهي. ڪراچي ايئر پورٽ تي مونکي وٺڻ لاءِ ڪير ايندو؟ اُتي آهي ڪير، جيڪو مونکي سُڃاڻي سگهي؟ سڀ مِٽ مائٽ، دوست عزيز ته ديس جي ورهاڱي وقت اَسان سان گڏ ڀارت لڏي آيا هئا. ها، پنيان رهجي ويو هو هڪ بشير، منهنجو ننڍپڻ جو سنگتي. هو اَسانجي پاڙي ۾ پاسي واري گهر ۾ رهندو هو. اسڪول ۾ مون سان گڏ ساڳئي ڪلاس ۾ پڙهندو هو. اَسين اسڪول گسائي، سڄو ڏينهن شهر جون گهٽيون بازارون ڪڇيندا هئاسين. هينئر بشير اَلاجي ڪٿي هوندو؟

ڪراچي ايئر پورٽ تي لهي، مان سکر ڏانهن ويندڙ ٻهريون جهاز پڪڙيان ٿو. سڀ کان اَول پنهنجو گهر ڏسڻ چاهيان ٿو، جتي منهنجو جنم ٿيو. اُهو پاڙو ڏسڻ چاهيان ٿو، جتي مون جيڏن سرتن سان رانديون رونديون ڪيون. بشير کي ڳولهي پاڻ سان گڏ وٺي، بندر، ٽڪر، سنڌو درياه ساڌ ٻيلو، ڀائي سيروءَ جو چوُنڪ، ٽلهو، گهنٽا گهر، شهر جا سڀ هنڌ ڏسڻ، ماڻڻ چاهيان ٿو، جيڪي اَڄ به منهنجي وجود جو اَٽوٽ حصو آهن.

سکر ايئرپورٽ کان ٻاهر اَچي مان واڻڙن جيان هيڏانهن هوڏانهن نهاريان ٿو. من کو هڪ اَڌ سُڃاتل چهرو نظر اَچي وڃي. هو مون ڏانهن وڌي اَچي، ڪلي ڪيڪاري ۽ پنهنجي ڪُشادي ڀاڪر ۾ ڀري ڇڏي. مان پاڻ کي هِت ڪيترو نه اوپرو محسوس ڪري رهيو آهيان. هن ڀونءِ سان جيڪا پنجاهه سال اَڳ منهنجي پنهنجي هئي، مان وري نئين سر ناتو ڳنڍڻ آيو آهيان.

هڪ سنڌي ٽئڪسيءَ وارو مون ڏانهن وڌي ٿو اَچي 'پوتار! ڪيڏانهن هلندا؟ اَچو سني هوٽل ۾ ٿو وٺي هلانوَ. محنت ڏسي، ڀاڙو ڏجو. بي واجبي نه وٺندوسانوَ.' منهنجي ڪجهه ڪُڇڻ کان اَڳ ئي هو منهنجي بئگ هٿ مان کسي ٽئڪسيءَ ۾ ٿو رکي. ٻيءَ کن هن جي ولايتي گاڏي هوا سان ڳالهيون ٿي ڪرڻ لڳي.

'تنهنجو نالو؟' سندس چهري ڏانهن چتائي نهاريندي پڇيم.

'خير محمد سائين!'

منهنجي ڪنن ٻڌو 'بشير محمد!' نه نه، هيءُ بشير ته ٿي نٿو سگهي. ها بشير جو

پٽ تي سگهي ٿو.

’ڪهڙي هوٽل ۾ هلندا سائين! نيو رايل، مهراڻ يا جوبلي؟‘

’پهرين تون گهنٽا گهر ڪان والس گنج، سپريءَ ڪان ٿيندو فرئير روڊ طرف هل. اُتي نيمجي چاڙهيءَ وٽ اَول مان پنهنجو گهر ڏسڻ چاهيان ٿو.‘

’توهان اِنڊيا ڪان آيا آهيو، ديوان! لڳي ٿو پنهنجي مٽن مائٽن کي توهان پنهنجو اَچڻ جو اطلاع ڪونہ ڏنو آهي.‘ خير محمد مون ڏانهن نهاري مشڪي چوي ٿو.

’اَسانجو هاڻي هت ڪوبہ مٽ مائٽ ڪونهي.‘ مان ڪيس رُڪائيءَ مان چوان ٿو.

’اِئين نہ چئو، ديوان! اَسين آهيون نہ، توهان کي گهمائينداسين گهتائينداسين، هر طرح اَوهان جي خدمت ڪنداسين. توهان پنهنجن ۾ آهيو. هت توهان کي ڏاريو محسوس ٿيڻ نہ ڏينداسين!‘ مون رُئل کي هو گويا پرچائيندي چوي ٿو.

ٽئڪسيءَ جي دريءَ مان ٻاهر نِهاريان ٿو. هيءُ شهر ڪيترو نہ بدلجي ويو آهي. ماڻهو بدلجي ويا آهن. سندس پوشاڪون بدلجي ويون آهن. سندن ٻولي بدلجي ويئي آهي. اونچيون اونچيون عمارتون اَڏجي ويون آهن. ٽانگن جي جڳهہ تي ٽئڪسيون ڊوڙي رهيون آهن. روڊ رستا سُڃاڻڻ ۾ ئي نٿا اَچن.

پنهنجي گهٽيءَ جي مهڙ وٽ خير محمد کي ٽئڪسي بيهارڻ لاءِ چئي، مان پيدل ئي پنهنجو گهر ڳولهڻ لاءِ نڪري ٿو پوان. وڏي رستي تي پوهوءَ جو برف ۽ سوڊا لمليٽ جو دڪان هوندو هو. ٻئي طرف نيٽو ميوي واري جو. هن طرف ڊولڻ درزيءَ جو، ان جي پرسان ئي خميسي جي سئلون. هيئنر سڀ دڪان مهاجرن جا آهن، جتي گپاگيهہ لڳي پيئي آهي. گهٽيءَ ۾ گهڙڻ شرط، ڪابي پاسي وارو گهر مئنا ماءُ جو، هيءُ اڪيءَ ماءُ جو، اَڳتي هلي گهٽيءَ جي چيڙي وٽ ڏاڪٽين جي پرسان، ساڄي پاسي وارو هيءُ گهر اَسانجو اَڃا سالم بيٺو آهي. جيئن جو تيئن، چئن ماڙين وارو، شاهي حويلي نما مڪان. مان هن جي اَندر گهڙي، هيٺ مٿي ان جو هڪ هڪ ڪمرو ڏسڻ چاهيان ٿو. گويا لڪ چپ راند ڪندڙ ڇهن ستن سالن جو ٻالڪ، اَڃا ڪنهن هنڌن واري ڪونيءَ ۾ اَندر ڪٿي چپ ماري ويٺو آهي. مان هن کي پڪڙڻ چاهيان ٿو.

پر اَندر گهڙڻ محال آهي. سڄو مڪان مهاجر ڪٽنبن سان ڪچ ڪچ پريل آهي. بشير منهنجي مدد ڪري سگهي ٿو. پسارڪي دڪان تان هن بابت دريافت ڪريان ٿو. پر ناڪاري جواب ٿو ملي. اَسان هندن جا خالي ڪيل سڀ گهر مهاجرن والاريا آهن. سنڌي مسلمان بہ هاڻي هتان لڏي ويا آهن.

اَسانجي گهر جي سامهون ميدان ۾ اَڏيل درگاهہ جيئن جو تيئن مؤجود آهي. اَشورن جا تابوت اَڄ بہ اُتي رکيل آهن. اَشورن تي ڪاري لباس ۾ ملبوس مست ملنگ فقير ’يا حسين - يا حسين‘ چلائي، زنجيرن سان پاڻ کي سٽي رتورت ڪري ڇڏيندا هئا. بشير ۽ مان بہ سندن تاجين جي سرگس ۾ شامل ٿي پنهنجي ڇاتي ڪٽيندا هئاسين.

بشير کي ڳولهي، مان پنهنجي گهر جي هرڪا ڪند نوسڻ چاهيان ٿو. هيٺ سمهڻ وارو ڪمرو جنهن ۾ وڏو شاهي پينگهو پيو هوندو هو. امڙ اسان سيني ٻارن کي پاڻ سان گڏ ليٽائي لولي ڏيندي هئي. پهرين ماڙي تي ڏاڏي جي اوطاق. شهر جا ڪانگريسي خواهه مها سيائي ليڊر سندس پنيرائي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي پڳ لاهي، سندس پيرن تي رکندا هئا. چوٿين ماڙي تي ڪُڏ، جتي اونهاري جي راتين ۾، ٻاهر کُلي هوا ۾ سمهندا هئاسين. شام جو لغڙ اُڏائيندا هئاسين. ٽماڙ تي اُهو چوڏاري ڪليل ڪمرو جنهن کي بنگلو سڏيندا هئاسين. اسين پاڙي جا سڀ ٻار اُتي تاس، ڊبو، لوڊو، نانگڻ رانديون کيڏندا هئاسين. ۽ فوني تي ڪنور ۽ چندر جا رڪارڊ ٻڌندا هئاسين. اسانجي ٻارن جي ٽوليءَ ۾ سامهون واري گهر ۾ رهندڙ پدما به شامل هوندي هئي. کيس خوب ماريندو هوس پوءِ به هوءَ منهنجي پچر نه ڇڏيندي هئي. پنيان اچي ڊڊيءَ تي سوار ٿي ويندي هئي.

ڪا دير پنهنجي گهر جي سامهون بيهي، گهٽيءَ ۾ ايندڙ ويندڙ ماڻهن جي پيهه طرف نهاريان ٿو. اهي سڀ مون لاءِ اجنبي آهن. هو به اَک ٽيٽ سان مون مٿان هڪ شڪي نگاهه اُڇلائي اَڳتي وڌي ٿا وڃن. اُن زماني ۾ اسانجي هن نويڪلي گهٽيءَ مان ورلي ڪو گهوراڙو پڱڙن مگيرن جا ڇبا کُلهي تي کنيو، يا ٽين جي پيتيءَ ۾ ٻاڙهي پشم جا گولا کنيو، هوڪا ڏيندو هتان لنگهي ويندو هو. اسين ٻار گهٽيءَ کي راندين جو ميدان بڻائي ڇڏي راند، اِتي ڏکر، يا ست کلي بال سان هڪ ٻئي جي ست ڪُٽ ۾ مشغول هوندا هئاسين. بشير هر راند ۾ منهنجو ٻانهن ٻيلي هوندو هو. مجال جو ڪنهن وڏي ڇوڪري کي مون سان ڪا مستي ڪرڻ جي جريت ٿئي. بشير جو هڪ ئي ڏک کيس سڌو ڪرڻ لاءِ ڪافي هو. هاڻي مان بشير کي ڪٿي ڳولهيان؟

نراس ٿي ٽئڪسيءَ طرف موٽي ٿو اچان.

’خير محمد!‘

’جي سائين!‘

’شهر جي بهترين هوٽل ڪهڙي آهي؟‘

’شهناز، جوبلي به سني آهي.‘

’ٺيڪ آهي. اَڄ رات شهناز ۾ رهنداسين. پر هوٽل ۾ هلڻ کان اَڳ مان هن شهر جي پرڪرما ڏيڻ ٿو چاهيان. هن سان پنهنجي نئين سر سُڃاڻپ ڳنڍڻ ٿو چاهيان. پوءِ ٽڪر تي ليوڪس پارڪ ۽ معصوم شاهه جو منارو!‘

’جئن حڪم سائين!‘

ٽئڪسي ٿلهي وٽان لنگهي، نِمن جي چونڪ طرف رخ ڪري ٿي. ٿلهي وٽ اَڳي قطار ۾ بگيون بيٺيون هونديون هيون. مامو چانگومل مونکي ۽ بشير کي وٺي ٻئراج تائين بگيءَ ۾ گهمائي ايندو هو. ڪن تي هٿ رکي سر ۾ ڪو ڏوهيڙو به ڳائيندو هو. هُيو ته وڏي خانداني زميندار ڪٽنب جو، پر عشق مجازيءَ جي المستيءَ کيس

گهر ڇڏرائي آٽي ٽانگي تي وِهاريو هو. هڪ گهوڙو ٽڪجي نه پوي، ان ڪري هن وٽ صبوح شام لاءِ به گهوڙا هوندا هئا. ڪير جهڙي اَڇن اُجڙين گدين سان گڏ، هن گهوڙي کي به قيمتي سنجن سان سينگاريو هو. سکر جي اڙٻنگ نوجوانن کي اَهڙا طرح طرح جا ڪيئي شونق هوندا هئا. ڪي رئوپڙو پائي، چوراهي چوراهي تي گهنڊ وڄائي، سياسي، سماجي سڏارن لاءِ پيا ليڪچر ڏيندا هئا. ڪي پنهنجا ٻتيلا درياهه ۾ وجهي، فوني تي پڇن يا عشقي راڳ پيا وڄائيندا هئا. سکر جا شودا به مشهور هوندا هئا. پر اَجايو ري گناهه ڪنهن سان ڪوئِس ڪونه ڪندا هئا. ملهه، ڪٻٽي، والي بال راندين ۾ به حصو وٺي، شهر جو نالو مٿي ڪندا هئا ۽ زال ذات جي عزت ڪندا هئا.

ٿلهي پنيان سندر شيوڪ سڀا جي لائبرري هوندي هئي. ڏهن ٻارهن سالن جي عمر ۾ مون بلئڪ جاسوس، آرسين لوپن ۽ چندر ڪانتا جا معياري قصا پڙهي پورا ڪيا هئا. ان بعد وارو آيو هو شرت چندر، پريمچند ۽ ٽئگور کي پڙهڻ جو، ’گل ڦل‘، ’گلستان‘ بعد ’سنڌو‘ رسالن جو.

هن بندر روڊ تي تڏهن ڇا ته رؤنق لڳي پئي هوندي هئي. چؤماسي ۾ سانوڻ جو ميلو، راس ليلائون، ملهه ۽ ڪشتيون. اَڃ هِت پڙپانگ لڳي پيئي آهي. سنڌو درياهه به جوانيءَ جو جوش ۽ اُمنگ وڃائي، اَڃ ٻڊو ٿي ويو آهي. هي مير بحر ٻتڻ تي پئسو پئسو وٺي، ساڌ ٻيلي وٺي ويندا هئا. اُتي ڊوڊي، ڇنڊي ۽ ڪڻاهه جو ڍءُ ڪري موٽندا هئاسين. اَسانکي ڪا جهل پل ڪانه هوندي هئي. اَڄ ساڌ ٻيلو ويڳاڻو ويڳاڻو ٿو لڳي. ڪو بني بشر نظر نٿو اَچي؛ نه ئي باغ ۾ وڻن جي ٽارين تي وينل ڪي مور ئي چِلائي چِلائي سڏ ڪن ٿا.

ڪئنچيءَ واري لئنسڊائون پل اَڳيان هڪ نئين پل جوڙي اَٿن. بشير ۽ مان پيدل ئي اها پل لتاڙي فوٽ بال مئچون ڏسڻ لاءِ روهڙيءَ ويندا هئاسين. بنگال کان موهن بگان جي ٽيم، ايران ۽ افغانستان مان به رانديگرن جون ٽوليون حصو وٺڻ اينديون هيون، ڇا ته ڇتاپيتي لڳندي هئي! ڪراچيءَ جو مڪراني رانديگر مشهور هوندو هو. جيڪب آباد جي ٽيم ڇڳو پاڻ ملهائيندي هئي. هڪ ڀيري ته سکر جي گول ڪيپر وليءَ به پينلٽي جي فِري ڪِڪ کي والي بال جيان مُڪ هڻي شهر جو شان مٿي ڪيو هو.

پاور هائوس وارو رستو وٺي خير محمد ڪُئينس روڊ تي اَچي ٿو. هِت ئي اَسانجو نيو ماڊل هاءِ اِسڪول هوندو هو. ماستر اَرجنداس هارمونيم تي اَسانکي اَنگريزي راڳ ڳائي ٻڌائيندو هو. بولاڪاٽي اسڪائوٽ ماستر ۽ ڊرائينگ ٽيچر رانجهي مل جون شڪليون اَڄ به ذهن تي تري اَچن ٿيون.

هيءُ آهي ليوڪس پارڪ جنهن جي وڻن تي چڙهي بشير ليسوڙا پٽي، مون ڏانهن هيٺ اُڇلائيندو هو. هتان هڪ رستو وڃي ٿو ميونسپالٽيءَ طرف، ٻيو مٿي سِوِل اسپتال ۽ اَلله بخش ٽاور طرف. وچ ۾ وڏو شاهي ڪرڪيٽ ميدان. نهروءَ آزاديءَ کان اَڳ هتي ئي حشام ماڻهن اَڳيان تقرير ڪندي چيو هو ته ملڪ جو ورهاڱو اَسانجي لاشن مٿان ٿيندو.

آزاد هند فوج جي ڪئپٽن ڊلن جي شاهي سرڪس به هن ئي ميدان مان نڪتي

هئي. هيءَ وڏي پوسٽ آفيس آهي. سامهون پي.پي. گرلس هاءِ اِسڪول. هن فوٽ پاٿ تي بيهي چند جهڙي خوبصورت هڪ نينگر جي جهلڪ پسڻ لاءِ ڪا دير بيٺو هوندو هوس. پيار ٻيار ڇا ٿيندو آهي، ان جي ٻيٽ ڪٿي هئي؟

هن طرف سکر جيمخانا طرف ويندڙ رستو. جتي سال به سال ڪارنوال لڳندي هئي. 'موٽ جي کوهه' ۾ چوڪريون موٽر سائيڪليون هلائينديون هيون ته ٻيا جانباز پاڻ کي ٻاھ لڳائي سؤ فوٽ اونچي ڏاڪڻ تان هيٺ تلاوَ ۾ ٽپو ڏيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن هِت بندوبست ڪيل ميلن ۾ روپين جي بادشاھ هاسانند جادوگر جا به کيل ڏسبا هئا.

هيءُ تلڪ هاءِ اِسڪول، ان جي لڳولڳ اَسانجو مين اِسڪول. ماسٽر نصار محمد بشير ۽ مون کي اَڏومل پساريءَ وٽان چٽسالي ڪيل چيني پيالي ۾ گلقند اَٽڻ لاءِ موڪلي ڏيندو هو. اَسين به ٽي ڪلاڪ سائيڪل ڪٽي گھنٽا گھر کان ويندي چڪلي تائين چڪر ڪاٽي ايندا هئاسين. چڪلو ڇا ٿيندو آهي، تڏهن اَسان کي ڪا خبر ڪانه هوندي هئي.

سامهون هيءُ آهي معصوم شاھ جو منارو. ڪيترا پيرا ڏاڪڻ چڙهي، مٿان سونهاري سکر جو ديدار ڪيو هوندوسين. هيءَ لاهي گھنٽا گھر طرف، هيءَ ڏاڪڻ اسپتال کي اورانگھي سپري طرف. سپريءَ پنيان پوليس ٿاڻو. ۴۲ جي هلچل ۾ اَسين اسڪولي ٻار به هٿ ۾ جهنڊ ڪٽي 'اِنقلاب زنده آباد' 'اَنگريزو، ڀارت ڇڏيو!' جا نعرا هڻندا، انهيءَ قلعي کي فتح ڪرڻ لاءِ ڪاهي پيا هئاسين.

پائي سيروءَ جو چونڪ - فلودو، شربت، مٺائيءَ جا دڪان. وچ ۾ پاڻيءَ جا مٽ ۽ ڪبوترن جو چبوترو. ڏرمون ڊاڪٽر زخمي ٿيل ڪبوترن جي ملم پٽي پيو ڪندو هو. اهي سڀ نظارا هوا ۾ ڇوُ منتر ٿي ويا. گويا هڪ سپنو هئا.

گھنٽا گھر جي سامهون امپيريل ٽاڪيز. 'رتن' فلم هٿ سال کان به مٿي هلي هئي. اُن جي سامهون واري ٽاڪيز ۾ 'اَنمول گھڙي'. انهن جا گانا 'اَکيان مِلا ڪي' هر منچلي ساڪروءَ جي زبان تي هئا. ناديا ۽ جانڪاوس جون ڪيئي فلمون مون ۽ بشير گھر مان چار چار آنا چورائي هن سنيما هال ۾ ڏٺيون هيون ۽ پيءُ جي مار به کاڌي هئي. منهنجي شخص جا سوين هزارين ٽڪرا هن شهر جي چپي چپي تي وکريا پيا آهن. جن کي مان ميڙي، سهيڙي پاڻ کي سالم ڪرڻ گھران ٿو.

گھنٽا گھر وٽ هڪ شاهي جلوس وڃي رهيو آهي. خير محمد ٽئڪسي رستي جي هڪ پاسي بيهاري ڇڏي آهي. ڪنهن جو جنازو ڪٽي وڃي رهيا آهن؟ سوين هزارين ماڻهو جنازي جي پنيان خاموش آهستي آهستي هلي رهيا آهن. سيني جي مٿي تي رومال ٻڌل آهن. ضرور ڪنهن وڏي ماڻهوءَ کي دفنائڻ وڃي رهيا آهن، اهو هن ڪٺي ٿيل هجوم مان صاف ظاهر آهي. مان خير محمد کان دريافت ڪندي پڇان ٿو.

'سائين، ڪالهه پوليس جي گوليبازيءَ ۾ شهر جو هڪ وڏو اَڳوان شهيد ٿي ويو. پوسٽ مارٽم بعد، هن جو لاش اسپتال مان وٺي هينئر ان کي قبرستان ۾ دفنائڻ لاءِ وڃي رهيا آهن.'

ها، سکر جلوسن جو شهر آهي. هن شهر ۾ ئي شهيد ٽيل ڀڳت ڪنوررام جو شاهي جلوس نڪتو هو. انگريزن هيمون ڪالاڻيءَ کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو. تڏهن به وڏو جلوس هت ئي نڪتو هو. من جي هڪ عجيب اُڇل هيٺ اچي، مان به ٽئڪسي ڇڏي هن جلوس ۾ شامل ٿي ٿو وڃان. سڀني شخصن جا چهرا، شانت گنڀير آهن، سندن چهرن تي لوهي ارادن جون لڪيرون ڪينچيل آهن. هي سڀ منهنجا ڄاتل سڃاتل چهرا آهن. هنن جي وچ ۾ مان پاڻ کي ڏاريو نٿو محسوس ڪريان. مونکي لڳي ٿو منهنجو ئي ڪو سڳو سنٻنڌي مارجي ويو آهي.

قبرستان پهچي، کوٽيل قبر ۾ هن جي رتورت جسم کي هيٺ لاٿو پيو وڃي. سندس اُگهاڙجي ويل چهري کي ڏسي، منهنجي ڳلي مان دٻيل ڇيخ ٿي نڪري.

’بشير!‘

ها، هيءُ بشير ئي آهي. مان هن کي جهٽ سڃاڻي ٿو وٺان. گويا آرسيءَ ۾ پنهنجي شڪل ڏسندو هجان. قبر ۾ هوُ نه، مان ليٽيو پيو آهيان.

مونکي محسوس ٿئي ٿو ته مونکي ڏسي، هن جي چپن تي مرڪ تري آئي آهي. بشير گويا مونکي چئي رهيو هجي.

’مان هيترا ڏينهن تو لاءِ ئي ترسيل هوس. مونکي پڪ هئي ته هڪ ڏينهن تون ضرور پنهنجي گهر واپس موٽي ايندين. اَڄ منهنجو اِنتظار پورو ٿيو.‘

هو نهايت ئي مطمعني انداز ۾ اکيون پوري ٿو ڇڏي. مان ڇِلايان ٿو.

’بشير!‘

’بشير!!‘

’بشير!!!‘

منهنجون اَکيون پٽجي ويون آهن. بدن پگهر ۾ شل آهي. نِڙي سُڪي وئي آهي. ڏڪي سبب منهن مان اَکر نٿو اُڪلي.‘

(لکمي کِلاڻيءَ جون چونڊ ڪهاڻيون، ۲۰۱۴)

❦❦❦

## پهاڪا

- جنهنکي ويني سُڌِ نه پيئي، تنهنکي بيِني ڇا پوندي!
- عالمن جا اَبا! تون جي ٽنگون ٽيڙيون ته بندا ڪيئن ڪندا!
- اَمُلهه ماڻڪ هجي پيٽ ۾، ته ٻَکي مُنهن مان!
- اَميريءَ ۽ غريبيءَ جي ڏَپ ستن پيڙهين تائين نه ويندي آهي!
- محنت جيِ ڪمائيِ اُن جي پُڇ جهڙي ٿئي ٿي، نٽيِ وڏي!

کھاڻي:

# پٺوري

✍ **ڪلاڌر مُتوا**

هن پٺوري جي ڪنڌ ۾ ٻڌل تعويز چوڙي، صندوق ۾ صبوح جو ئي رکي ڇڏيو هو. پر پوءِ به سندس دل اَلائي ڇو مڃڻ لاءِ تيار نه هئي، ته هُن کو پٺوريءَ کي ڪنهن دلال جي هٿان وڪڻي ڇڏيو آهي. رات به خاصي گذري ويئي هئي، پر هن جي اَکين ۾ ننڊ جو نالو به نه هو. هو دل کي ڏتاريندي سڄي رات پاسا ورائيندو رهيو.

ڪاڪو ڪمون علائقي جو مشهور پاڳيو هو. جنهن جي مينهن جي ولر کي ڏسي، سڄڻ دشمن سيڪو پيو خوش ٿيندو هو. هو صبوح جو سويل، تقريبن ڇئين بجي جي آسپاس اُٺي ڪڙو ٿي ويندو هو، پوءِ پل چاليهو سيارو ڇو نه هجي. لڳ ڪانداريندڙ سيءَ ۾ به سويل اُٺي پهرين مينهن جي ڪاڻ گڏي توبرا تيار ڪري رکي ڇڏيندو هو. پوءِ پرهه ٻانگ ٿيڻ بعد وضو ٺاهي، اَلله جي گهر ۾ وڃي نماز پڙهي مينهون ڌُهڻ واري ڪم کي لڳي ويندو هو.

پٺوري ... پٺوري ... اَمان هلي ... ماءِ هلي ... ائين اَجان چوندو مس هو، ته ان نالي واري مينهن ٻڪندي ولر مان نڪري ايندي هئي. هو نيم سان پهرين پٺوريءَ کي ڌُهندو هو، ۽ پوءِ ڏيٽس بصران کي جاڳائي چانهه ٺاهڻ لاءِ چوندو هو. بصران به ڪڏهن ته پاڻيهي اُٿي ويندي هئي ۽ وڃي ڪانين-ٻڪا ميڙي چُلهه ۾ وجهي، پِٽس ايندو هو تيستائين ٽانڊو ٻاري پاڻي چاڙهي رکي ڇڏيندي هئي.

”پٽ بصران وٽ، هي کير،“ چوندو هو، ته بصران به ”جي بابا“ ... چئي کير وارو لوٽو پِٽس وٺان جهلي رکندي هئي، ۽ پوءِ کير ۾ چانهه ٺاهي ڏيندي هئي. ڪاڪو ڪمون پهرين چانهه پِي نشو ٺاٺ ڪري، پوءِ ٻيون مينهون ڌُهندو هو.

سندس مينهون سڄي ڳوٺ ۾ پهريون نمبر هيون. ڪاريون ڪنڍيون، خوبصورت سِڱن واريون. مينهن جا سِڱ اَهڙا ته ڪنڍا هئا، جو ڪڏهن ڪڏهن ته مڙي ور ڪائي، مينهن جي مٿي ۾ کُپي ويندا هئا، جنهن جي ڪري ڪڏهن ڪنهن مينهن جا سڱ ڪارائي سان ٿورا ٿورا ڪٽڻا به پوندا هئا.

”يار مُڙس ٿي بيهجو، ڪٿي پڇي نه وڃي،“ پنهنجي شلوار ڪنجيندي، ڪارائي ڪٽندي ڪاڪي ڪمون نوجوانن کي چيو.

”ڪاڪا، فڪر نه ڪريو، هيڏا سارا مڙس آهيون، ڏسجو نه، ڪيئن ٿا قابو ڪريونس ....“ هڪ نوجوان مينهن جي سڱن ۾ هٿ وجهندي چيو.

تيسين ٻين به اَچي هٿ وڌا ۽ اِئين مينهن جا سڱ ٿورا ٿورا ڪٽيا ويا.

ڪاڪو ڪمون ٽر مان چار مينهون وني، ٽيڙ ٽاڙي ٻڌي ٻنيءَ لاءِ نڪتو. سوچيائين، مولا اَگر مهر ڪندو، برڪت وجهندو، ته ڇئن مان چاليهه ٿي پونديون. هلندي هلندي

جڏهن لاڪڙا ٻيٽ وٽ اَچي پهتو، تہ سندس مٿو مُنجهي ويو. ۽ هميشه وارو رستو ڇڏي وچي هڪ ٻي واٽ تي چڙهي ويو. چار ئي مينهون رڻ جي ڪاري پاڻيءَ واريءَ گپ ۾ گَچِي رهيون. جيئن جيئن هن مينهن کي ڇڪي ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي، تيئن تيئن مينهون صفا لوهہ ٿي ويئون.

ڪيئن بہ ڪري هڪڙي ڪيندس، اِئين بلڪل نٿيين هٿين ڪيئن ويندس؟ ٻار تہ گهر ۾ واٽ نِهاريو ويٺا هوندا، تہ بابا اجهو ايندو، مينهون آڻيندو. من ئي من ۾ پاڻ کي چوندي، هن هڪڙي ڪڙهو جيڪا بدن ۾ هلڪي ۽ سيني ڪان ننڍي هئي، تنهن کي ڪڍڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي. آخرڪار هو هڪڙي مينهن ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ٻين ٽِنان ڪارو پاڻي وري ويو ۽ اُهي ٻُڏي مري ويئون. پوءِ وري بہ هِتان هُتان ڪري هن ٻيا بہ ٽي ڍور ڪري ورتا. پوءِ تہ مالڪ برڪت وڌي، تہ هو ٺاهوڪي ولر جو ڌڻي ٿي پيو.

هن جيڪا مينهن بچائي ورتي هئي، تنهن جي ماءُ جو نالو پٺوري هو. ان ڪري هُن هن مينهن جو نالو بہ پٺوري ئي رکيو. وقت گذرندي پٺوري جو نسل گهڻو وڌيو. پٺوريون جهڙيون هيون کير ۾ پليون، تهڙيون هيون پٽاريون منيون. کين ننڍڙو ٻار بہ ڏُهندو هو، تہ ماٺ ڪيو بيٺيون هونديون هيون. مجال آهي جو پير بہ چورين. ونگ ڏيڻ جي تہ ڪڏهن ضرورت ئي نہ پوندي هئي. کير ڏُهندي ڪڏهن نہ ڪٽندو هو. اَڌو اَڌ تہ هو وڇن پاڏن کي ڌارائي ڇڏيندو هو.

سڻي کير مکڻ جي ڪري گهر جو گذران سٺو پيو هلندو هو. ڪاڪو سخي بہ تہ هڪ ئي هو. سندس اوطاق هميشه مزمانن سان گونججندي رهندي هئي. غريب گربو، واٽهڙو اوطاق تي پهچي ويندو هو، تہ کيس مانيءَ ٽڪر ۽ لسيءَ وٽو ضرور نصيب ٿيندو هوس.

”بس يار نہ پُڇ ان ڳالهہ جِي. قدرت جا ڪري، سا ڪرِي. هل تہ هن کي بہ گهيلي هلي، ڳوٺ ڪان ٻاهر اُڇلائي اَچون. هٽ ناحق بدبوءِ ڪندي.“ هُن هڪ نوجوان کي مينهن کي گهيلڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ چيو، ۽ هُن جي اَڪين ۾ پاڻي پرجي آيو.

پونين ٻن ٽن ڏينهن ۾ هيءَ هن جي ڏهين-ٻارهين مينهن هئي، جا مُئي هئي. هن جي مينهن جي ولر ۾ ڳنڍ جو مرض اَچي پيو، جنهن جي ڪري ڪاڪي جون مينهون پڪل اَنبن جيان ڪِرڻ لڳيون هيون. ڀهرين بہ ٽي مُيون هيون، تہ ماڻهو وٽس عبادت لاءِ آيا هئا. پر پوءِ تہ ماڻهو بہ ٿڪجي پيا. جيڪو بہ ڍور مرندو هو، هو ٻن ٽن ماڻهن کي وٺي ايندو هو ۽ ڍور کي پيرن ڪان رسيون وجهي گهيلي ڳوٺ ڪان پراهون اُڇلائي ايندا هئا. ڳوٺ ۾ ٻين ماڻهن جي مال جو بہ ڪافي نقصان ٿيو هو. پر ڪاڪو ڪمون تہ صفا غريب ٿي ويو.

”اُٽ، اَمان بصران پٽ ... اُٽ ... ماني ڇٽڻي ٺاهہ، تہ هلي ڪا ڪرت ڪريون، پٽ ...“، چوندي هو ڏيڍس کي روز منڙا سڏڙا ڪري صبوح جو سويل پيو جاڳائيندو

هو. روز هو چِٽِي ماني ڪٽي مزدوريءَ لاءِ نڪري ويندا هئا.

هاڻي هڪڙي ئي سڪيلڌي مينهن وڃي بچي هئي، جنهن جي سار سنڀال بصران جي پوڙهي ماءُ، گهر ويٺي لهندي پئي هئي.

”ڪمون، هاڻي ڇڏ ضد ڪي. مينهن کي وڪڻي ڇڏ، ته ڏيءَ کي ته ڪٿي ٺاهيڪي ڪريون. ويچاري هيءَ ته وڃي پنهنجي ور گهر وٽ پهچي سُکي ٿئي. هرويرو ڇو پيو ضد ڪرين،“ سندس گهر واريءَ ٻڌندي ٻڌندي چيو.

”پوڙهي، ڇا پئي چوين، دماغ ته جاءِ تي اَٿئي؟ اَڄ ڏينهن پويان اِئين چيو اَٿئي، ته تنهنجو خير نه هوندو. کُهاڙيءَ سان مٿو ڦاڙي ڇڏيندوسانءِ، تون سمجهين ڇا ٿي؟“ اِئين چئي ڪاوڙجي گهر کان ٻاهر هليو ويو، ۽ ٻه ٽُڪ ماني نه کاڌائين.

پر ڪو وقت ڪنهن جهڙو ناهي هوندو آهي. ڏک سک ته زندگيءَ سان هميشه هاري ڏِٺن جيان سلاڙيا پيا هوندا آهن. آخر هن کي رب جي رضا تي راضي رهڻو پيو.

ننڊ نه اَچڻ جي ڪري ۽ سڄي رات روئڻ جي ڪري هن جون اَکيون ڳاڙهيون ٿي پيئون هيون. هن سوچيو، اَڳي جيان هڪ ڀيرو وري ڦِري ويندس، پر هن ڀيري ته دلال ٻه پڪو ڪم ڪري ڇڏيو هو. هو ڳوٺ جا چار چڱا مڙس پاڻ سان گڏ وٺي آيو هو ۽ پوءِ سؤدو طئه ڪيو هئائين. هاڻي وعده خلافي ڪرڻ ٻه تمام ڏکي ڳالهه آهي، هن سوچيو.

”بابا، چانهه تيار آهي،“ بصران چاتو ٿي، ته اَڄ پِٽس چانهه نه پيئندا. اُن جي باوجود، هن نيم وانگر چانهه ٺاهي ڪوپ ۾ وجهندي، ڪوپ پِٽس ڏانهن وڌائيندي، نماڻي ۽ ٿڪل آواز مان چيو هو. هُن هِن مينهن جي ڪير ۾ شايد اَڄ هيءُ آخرين ڀيرو چانهه ٺاهي هئي. هن ڪان پوءِ ته هنن جي لاءِ ڪاري چانهه پيئڻ وارا ڏينهن شروع ٿيڻا هئا. گهر ۾ ڪنهن ٻه چانهه کي هٿ نه لاتو، چانهه اِئين ئي چُلهه تي ٺري ٺڪر ٿي ويئي. سڄ ڪني ڪڍي، ته دلال ٻه ڏٽار کي وٺي اَچي سهڙيو. بصران ۽ سندس پوڙهي ماءُ آخرين بار ڪيڪار ڪري مينهن جي پنيءَ تان هٿڙا گهمايا. ٻنهي مينهن کي چميون ڏنيون. ٻنهي جون اَکيون آليون ٿي پيئون، گنديءَ سان اَکيون اُگهي، هو پونگي ۾ هليون ويئون.

”چڱو ڪاڪا، هاڻي شل سٺائي ٿئي، اَسين وڃيون ٿا پنڌ ڪي،“ چئي هو روانا ٿيا، ته ڪاڪو ڪمون ٻه هنن جي پويان پويان هلڻ لڳو.

”يار چڱا، هاڻي موٽي وڃ، آخر ڪيستائين هلندين، ڏس نه ويهارو ڪن ڪلوميٽر ته هلي چڪا آهيون.“

دلال جي ڳالهه ٻُڌي ڪاڪي ڪمونءَ ڪجهه چوڻ چاهيو، پر ڪجهه چئي نه سگهيو. هو هلندو رهيو.

ڪجهه دير هلڻ بعد هڪ ڀيرو دلال ڪاڪي کي موٽي وڃڻ لاءِ وري چيو.

”ها يار، تون چوين ته سچ پيو، پر ڇا ڪريان، مان ٻه مجبور آهيان. هيئن آخر پرائي اَمانت پويان ڪيترو هلندس؟“ اِئين چئي هن ڪيسي ۾ هٿ وِڌو ۽ رومال ۾ ٻڌل

هڪڙي هڻ ٻاهر ڪڍيائين.

”يار، وٺ هي تعويز آهي، جيڪو پٺوريءَ جي ڪنڌ ۾ ٻڌل هو. پهريون سوچيو، ته هن کي پٺوريءَ جي ياد طور پاڻ سان رکندس. پر هاڻي سوچيان ٿو، ته اها شيءِ مون لاءِ آئت جي بدلي آفت ٿي پوندي. ان ڪري پٺوريءَ سان گڏ هي به توکي پرتو. ۽ ها هڪڙي ٻي ڳالهه جي به توکي پارت آهي، هونئن ته هيءَ مينهن مٺي آهي، ڏُهندي لت-ٻت کانه هٽندي، پر پوءِ به جيڪڏهن ڏُهيندي کو کل ڪيتو ڪري ته هڪل، لعنت هن ڪاڪي ڪمونءَ کي ڏجو، پر پٺوريءَ کي اُف به نه چئجو، ۽ ها ...“ هن اَڃان به ڪجهه چوڻ چاهيو، پر هو چئي نه سگهيو.

”فڪر نه ڪجو، ڪاڪا، تنهنجي پٺوريءَ کي ڏکي نه ٿيڻ ڏيندا سين،“ چئي هو وري منزل ڏانهن هلي نڪتا.

هُن جي اَکين جي جهڪي نظر جيستائين هن کي ساٿ ڏنو، تيستائين هو پٺوريءَ کي ڏسندو رهيو، ۽ ڳوڙها ڳاڙيندو رهيو. پٺوري جيئن ئي اَکين کان اوجهل ٿي، ته ٿڪل قدمن سان هو به واپس موٽڻ لڳو.

ﷻﷻﷻ

## ’چؤواٽي تي‘ - علي بابا جي نظر ۾

پياءُ نند (جويري)، اَلله ڪري ٻچن ۽ سنڌ واسين سان سدائين جُڙيو ۽ جَڙيو هجين. تون آئين، مون پيٽ پري ڏنو به ڪونه، وئين هليو. مونکي شڪارپور تي حسد ته نه ٿي پيو آهي. پر چئجي رِيس ٿي پيئي آهي.

تنهنجو نثري نظم پڙهيم. مون ڪنهن به ڪتاب کي شايد شاهه ڪانپوءِ ايترا ڀيرا نه پڙهيو آهي جيترو ’چؤواٽي تي‘ کي پڙهيو اٿم. هيمليٽ ۾ هڪ منظر ۾ پوليس هيمليٽ کي چوي ٿو، ”واٽ آئي يو ريڊنگ مائي لارڊ؟“ ته هيمليٽ جواب ڏئيس ٿو، ”وردس ... وردس ... وردس“ ۽ شبدن جي اِها شڪتي تنهنجي شعر پڙهڻ کانپوءِ شدت سان محسوس ٿئي ٿي. بلڪ اُباڻجي ٿي اَچي.

خط لکڻ جي ڏس ۾ آئون به تو جيان آهيان. اَڳي ٦۴-٦٥ع ڌاري موهن ڪلپنا کي هڪ خط لکيو هوم، ٻيو ذاتي خط توکي لکي رهيو آهيان. تنهنجو ساهه شڪارپور ۾ آهي ۽ منهنجو ساهه وري درياهه شاهه ۾ آهي.

درياهه ڪانپوءِ ڇا آهي؟ اونداهي ڪڏ آهي.

جڏهن خط پڙهين ته سمجهجانءِ ته شڪارپور جنميل جو خط پڙهي رهيو آهين. شايد جنهن ڏينهن تو شڪارپور ڇڏي هئي آئون ڪوٽڙيءَ کان شڪارپور پهتو هئس. گئوسر باگڙجي سڀ گهميا هئم. انهن ئي ڏينهن ۾ موهن جو دڙو ڏسڻ ڪانپوءِ موهن جي دڙي تي ناول لکڻ شروع ڪيو هئم. ويهن ٻاويهن سالن جي ڄمار تائين آئون ٻئي جنم جي پيڙا جي بيماريءَ مان گذري رهيو هوس. ڪنهنکي ڪجهه ڪونه ٻڌائيندو هوس ته آئون ڇا ٿو ڏسان. سخت بيمار هوس. ڊاڪٽر يونس منهنجو علاج ڪيو هو.

اَڄ تائين شڪارپور ياد ايندي رهندي آهي. اُجڙيل ئي سهي مون شڪارپور ڏٺي. منهنجو مامو رمضان بلوچ شڪارپور ريلوي اِسٽيشن تي هيڊ ڪلارڪ هو. ويچارو گذاري ويو آهي. منهنجو وڏو نياڻو ۽ ٻار اَوهانکي سلام چئي رهيا آهن.

تنهنجو پنهنجو، خاص تنهنجو، **علي بابا**
٢٣ مارچ ٢٠٠۴

يورپي لوڪ ڪهاڻي:

# اينا ماريہ ۽ ٽي خوبصورت دٻا

✍ سوده پٽو

ڪنهن زماني ۾ هڪ غريب هاري عورت هئي، جنهن کي اينا ماريہ نالي هڪ ننڍڙي ڌي هئي. هڪ ڏينهن اينا ماريہ اسڪول ڏي وئي، جو رستي ۾ کيس هڪ فقير مانيءَ لاءِ پڇندي نظر آيو، جيئن تہ اينا ماريہ رحم دل ڇوڪري هئي، هن کي فقير تي ترس آيو، ڇو جو ٻيا سڀ کيس ڌڪاري رهيا هئا ۽ هن فقير کي سندس اسڪول جي ٽفن مان ڪجھ حصو ڪڍي ڏنو. ويندي ويندي ان فقير هن کي ٽي خوبصورت دٻا ڏنا ۽ کيس چيو تہ انهن دٻن کي هوءَ ٽن سالن تائين نہ کولي.

اينا ماريہ هن کان اهي دٻا ورتا ۽ همراهہ غائب ٿي ويو. ٽي سال پورا ٿيا تہ اينا ماريہ جي ماءُ مري چڪي هئي ۽ هاڻي هوءَ ظالم ويڳي ماءُ سان رهڻ لڳي، اهي اينا ماريہ لاءِ ڏکيا ڏينهن هئا. سندس ويڳي ماءَ هن کي ٿُڪ برداشت نہ ڪندي هئي ۽ جڏهن اينا ماريہ روئيندي هئي تہ هوءَ کيس سدائين روئيندڙ ڇوڪريءَ جو طعنو هڻندي هئي. هاڻي تہ کيس اجا بہ وڌيڪ محنت ڪرڻي پوندي هئي، اهڙي جهڙي هن زندگيءَ ۾ اڳ ڪڏهن نہ ڪئي هئي.

هڪ ڀيرو هن کي سج جيان چمڪندڙ ڪپڙو ناهڻ جو ڪم ڏنو ويو ۽ جڏهن هوءَ اهو ڪم پورو نہ ڪري سگهي تہ وري سُڏڪا ڀرڻ لڳي، اوچتو سندس ذهن تي اهي ٽي دٻا تري آيا ۽ هوءَ ڀڄندي گهر آئي ۽ انهن مان هڪ دٻو کولي ورتائين.

جيئن هن دٻي ۾ ڏٺو کيس سج جيان چمڪندڙ ڪپڙو نظر آيو، هوءَ سندس ويڳي ماءُ ڏانهن وئي ۽ کيس ڪپڙو ڏنائين، ان تي سندس ويڳي ماءَ کي ويتر ڪاوڙ آئي ۽ هڪدم کيس حڪم ڏيندي چيائين تہ هاڻي هوءَ ليلن جو پنجاهہ والن جو ڪپڙو تيار ڪري پر اهو ايترو سنهو هجي جو منڊي مان بہ پار ٿي وڃي. اينا ماريہ وري ٻئي پاسي وئي ۽ ٻيو دٻو کوليائين ۽ ان ۾ ليلن جو پنجاهہ والن وارو ڪپڙو ڪڍيائين جيڪو ايترو سنهو هو جو منڊي مان بہ پار ٿي وڃي.

خوشي خوشي هوءَ اهو ڪپڙو پڻ ويڳي ماءُ وٽ کڻي آئي، پر سندس ويڳي ماءُ ويتر هن تي مچرجي پئي، ڇو جو کيس لڳو اينا ماريہ اهو سڀ پاڻ ئي ڪيو آ. هاڻي اينا ماريہ جي ويڳي ماءُ کيس شيشي جو قلعو ناهڻ جو چيو، جيڪو اوچي جبل جي چوٽي کان بہ وڏو هجي.

اينا ماريہ وري ٽيون دبو کڻڻ آئي ۽ دبو کڻي ھوءَ ٻاھر آئي، دبو کوليائين، اک ڇنڀ ۾ دبو گم ٿي ويو ۽ ان جي جاءِ تي شيشي جو قلعو اچي ويو، جيڪو اوچي جبل جي چوٽيءَ کان بہ وڏو ھو. جڏھن سندس ويڳي ماءُ اھو ڏٺو تہ ھوءَ ڀڄندي ٻاھر آئي ۽ تڪڙ ۾ ڏاڪا چڙھڻ لڳي، پر جيئن ئي ھوءَ مٿي پھتي سندس پير ترڪي پيو ۽ ھيٺ اچي ڪري جنھن سان سندس ڪنڌ ڀڄي پيو. ھاڻي اينا ماريہ ھيڪلي رھڻ لڳي.

ڪجھ وقت کان پوءِ ھڪ شھزادي جو شيشي جي قعلي وٽان لنگھ ٿيو، ڪيس حيرت ٿي ڇو جو اتي ھن اڳ ڪڏھن بہ اھڙو شاندار قلعو نہ ڏٺو ھو، ڪيس تجسس ٿيو تہ اھڙو شاندار قلعو ڪنھن جو آھي؟ ھو گھوڙي تان لھي قلعي ۾ داخل ٿيو، ھر قدم سان سندس پير ترڪڻ لڳا، جنھن تي ڪيس خبر پئي تہ ھي سمورو قلعو شيشي جو اڏيل آھي، ھو ويتر اچرج ۾ اچي ويو ۽ سندس دل ان ڪاريگر کي ڏسڻ جي خواھش. قلعي جي مٿائين ڪمري ۾ ڪيس اينا ماريہ ملي. جنھن ڪيس سمورو قصو ٻڌايو.

شھزادي کي اينا ماريہ جي حال تي رحم آيو ۽ دل ۾ ھن لاءِ عزت بہ وڌي ويس. ھن اينا ماريہ کي شاديءَ جي آڇ ڪئي. جلدي سندن شادي بہ ٿي وئي ۽ ھاڻي اينا ماريہ آسٽريا جي مشھور راڻي آھي.

ۿۿۿ

## وائي

پريم پتافي

اَجان ڪي ڏاتار
باقي ناھن جڳ ۾!؟
تو ڇا سمجھيو وائڙا!
سچا سرجڻھار
باقي ناھن جڳ ۾!؟
پالڻھار! ٻڌاءِ تون
اَڄ بہ بک تي ٻار
باقي ناھن جڳ ۾!؟
ھوشو ۽ ھيمون جا
اَمر ڪي ڪردار
باقي ناھن جڳ ۾!؟
ڇا سي ساڳيا منگتا
ڇا سي ڏيڻھار
باقي ناھن جڳ ۾!؟

ۿۿۿ

## غزل

اسحاق سميجو

توکان ڇڄِي جيئان تہ پل ڦٽڪڻ ڏجان مونکي
اُس ۾ جلڻ ڏجان، نہ ڪڏھن وڻ ڏجان مونکي!

ڳُم سُم ڏسين تہ ڳر لڳي ڳالھيون ڪجان اَچي،
روئڻ اَچي تہ جِي ڀري روئڻ ڏجان مونکي!

ھڪدم ڇڏڻ جي ڳالھ نہ ھڪدم ٻڌائجانءِ،
رڳ رڳ ۾ ٽوڙ ڦوڙ کي سمجھڻ ڏجان مونکي!

باغ عدن کپي نٿو، جنت بہ تون سنڀال،
ٿر سان ملڻ وچان تہ پو سانوڻ ڏجان مونکي!

ٻي ڪا مھر ڀُڄِئي نہ جي ھڪ وڙ ڪجان اي عشق!
ڳوڙھن جو جھنگ، درد جو ٽي ڏڻ ڏجان مونکي!

ۿۿۿ

ريکاچٽر -

# صاحب ٻجاڻي : سپني جو دوست ـ پنهنجو دشمن

✍ **ناميو تاراچنداڻي**

هڪ دفعي صاحب ٻجاڻيءَ مونکي چيو هو - توهان لو-پروفائيل آهيو، اِنڪري گهڻا ماڻهو توهان کي ڪانه سُڃاڻن ...

مون جواب ڏنو هو - ان معاملي ۾ توهان مون کان تمام گهڻو اَڳتي آهيو! ...

ٻاهران هر طرح لو-پروفائيل لڳندڙ، اَسان مان تمام گهٽن سنڌي ليکڪن جو گهڻ گُهريو (ڪنهن حد تائين رهبر) شري صاحب سنگهه مولسنگهه ٻجاڻي (١٩٤٦) اَندران هر طرح هاءِ پروفائيل شخصيت آهي. اَلبت اها ڄاڻ هن جي پير ۾ رهڻ وارن مان بہ ڪيترن کي ڪانہ هوندي! سچ پُڇو تہ مونکي بہ ايتري ڪانہ آهي. ٢٥-٣٠ سال اَڳ پهريون دفعو ملڻ شرط حيرت ۾ وجهي ڇڏيائين. هو رام پنجواڻيءَ جي ڪهاڻيءَ بابت شروع ٿي ويو ... پوءِ سمڪ پئي، اهو ايترو لنبو نثر جو ٽڪرو منهنجي هڪ ڇپيل ليک جو حصو هو! شاعري تہ اَوس ڪجهہ ياد ڪري سگهبي آهي پر نثر ياد ڪرڻ وڏي ڳالهہ هئي! پوءِ خبر پوندي ويئي تہ هيءُ اهو ئي اَديت شخص آهي جنهن کي سنڌي ساهتيہ جي Encyclopedea چوندا آهن! توهان هن کي فون ڪري ڪنهن سنڌي ليکڪ جو جنم جو سال پُڇندا تہ گهڻو ڪري هو چالو فون ۾ ئي سال ئي نہ تاريخ ۽ شايد ڏينهن بہ ٻڌائي سگهندو. گوبند مالهيءَ جي ناولن جي لسٽ سا اَلف-ب جي آرڊر سان ٻڌائي تہ بہ عجب نہ آهي. مون تازو ئي هن کان پڇيو - ساهتيہ اَڪاديميءَ جي پروگرام لسٽ لاءِ جنم شتابديءَ لاءِ ڪو نالو آهي ڇا؟ هن چيو، هن سال چندولعل جئسنگهاڻيءَ جو شتابدي سال آهي. مون چيو ها - پر هن جا ناول تہ ... هن ترت چيو، هن جي غير جاسوسي ناولن جي لسٽ ٻڌڻ چاهيندا تہ ٻڌو ... مون چيو - نہ سائين، حال نہ. پوءِ وري فون ڪندس.

توهان هن کي عزيز بابت ڪجهہ پُڇندا تہ هن جا داستان هن جي شاعريءَ ساڻ حاضر. شاهہ، سڳن آهوجا، پرسرام ضيا اَهڙا گهڻا هن جا پيڪا مائٽ آهن، جن جي شاعري هو فون تي ڳائي بہ ٻڌائيندو! ماستر چندر، سنت ڪنوررام جا مڪمل تفصيل توهان کي هنن جي گهر وارن وٽان نہ پر هن وٽان ملندا. ان اَلائي ڪيترا گُهمرا هن اَڳيان هارائي خوش ٿيو آهيان. سنڌي ساهتيہ جو اَهڙو 'شائق' ۽ 'ڄاڻو' ٻيو ڪونہهوندو ڪٿي پيِ!

هن جي اِها خاص ذات (Special Skill) اَڄڪلهہ جي بِرين ٽِريننگ کان بہ بنهہ اَلڳ

آهي - جنهن ۾ سڄو ڪتاب پيڇ نمبر سوڊو ياد ڪرڻ يا اَڪين تي ڪاري پٽي ٻڌي نوٽن جا نمبر ڏسڻ بہ ممڪن ٿيو آهي يا وري گوگل بواءِ ڪوٽليہ پنڊت جي جاڻ بہ اَلڳ چيز آهي. پر مان هن بابت سچ پچ خاص ڪانہ ڄاڻان. آديپور جي سيمينارن ۾ اَسان وچون سال-ٻين - سو بہ ٻہ ٽي ڏينهن - اهي بہ هجون پاڻ ۾ پورا ۽ وري صاحب ٻجاڻي شادين ۾ 'ڪوتي' سنڀالي وهڻ وارن مامن جيان نيرن ڪان ڊِنر تائين لٺ کڻي وينو سمورا بندوبست ڪرائيندو رهندو! پرسان وچون تہ هڪڙي گرم آلو ٽڪي زوريءَ ڪارائي روانو ڪندو پر مامو پاڻ ڪونہ کائيندو. انتظام صاحب ٻجاڻيءَ جو ٻيو نالو آهي! هو پاڻ تمام ڏکيو هلي سگهي پر ننڍن وڏن سڀن سنڌي ليکڪن - ليکڪائن کي پنهنجي آٽو ٽراءِ سائيڪل واري خاص هوائي جهاز تي چاڙهي آديپور سئر ڪرائندو رهيو آهي ۽ مون پارن يارن کي من پسند فلودا بہ کارائي ايندو آهي ...

سنڌالاجي جي شاهي بلڊنگ يا ملير نالي بنگلن جي ڪالونيءَ جي جُھونڙي جي آرڪيٽيڪچر صاحب ٻجاڻيءَ جون اَهڙيون کي ٻيون بہ خاص قابليتون نظر ايندون رهنديون آهن. هو سڄي ڏينهن رات ۾ اَٽڪل چار ڪلاڪ سُمهندو آهي ۽ چوويهہ ڪلاڪ ڪم ڪندو آهي. هن جي ڏينهن ۾ توهان وانگر فقط چوويهہ ڪلاڪ ڪانہ هوندا آهن!

هن جون قابليتون ڪڏهن ڪمزوريون بہ بڻجي وينديون آهن. مثال - هن جي هڪ ڪمزوري آهي ڪتاب! ڪتاب هن لاءِ 'سڀ ڪجهہ' ڪان وڌيڪ آهن. هو صاف سُٿري ننڍڙي سڄايل بنگلي ۾ بلڪل اَڪيلو نہ رهندو آهي. هن سان ڪتاب رهندا آهن. دير رات يا سويل صبح ٽي.ويءَ تي گُرباڻيءَ جا سنگي ساڻ رهندا آهن. گُن گُنائيندڙ سوين سنڌي ڪلام ساڻ رهندا آهن. ٻيڻ ٽنگن ۽ سڄين گهوڙين جي سَهاري وڏي مُشڪل سان اُٿڻ هلڻ ۽ وهڻ واري پراڻي لڳندڙ - پنهنجي شرير جا ڏُک-درد بہ ساڻ رهندا آهن. سڄي ڏينهن ۾ هڪ ٽيهن روپين واري بازاري ٽِفن مان لنچ ۽ ڊنر ڪانسواءِ ڪجهہ ٻچيل روٽي ڪُٽن-ٻلن يا پکين لاءِ سنڀالي رکندڙ هيءُ شخص باقي گهربل Calories ۽ Vitamins ڪٿان چورائيندو آهي - اها خبر هن جي ٻانهہ ٻيلي ۽ شايد اَڪيلي Escort لکمي ڪلاڻيءَ کي بہ ڪانہ هئي - هن ڪان پڇڻ تي چيائين - ''اَلائي ڇا ڪندو آهي!''

هو برابر ضرورت ڪان وڌيڪ خوددار شخص آهي - ضرورت ڪان وڌيڪ خبردار شخص آهي ۽ ضرورت ڪان وڌيڪ پاڻ تي ظلم ڪرڻ ۽ پاڻ بابت ٿيندڙ ڪيترا سوڪيم ظلم سهندڙ شخص آهي - جنهن کي ''پنهنجو دشمن'' چوڻ ئي ٺيڪ ٿيندو.

اَلبت هو ٻين سيني جو 'دوست' ئي نہ پر ضرورت ڪان وڌيڪ دوست آهي.

تمام گهڻا پنهنجا پراجيڪٽ هن جي لڳاتار سالن تائين هلندڙ مدد سان پورا ڪرڻ ڪان پوءِ هن کي ذري گهٽ پلئجي وڃڻ وارا ٿورا نہ هوندا. هن جي مدد لاءِ 'ٿورا' مڃڻ

وارا بہ ’ٿورا نہ آهن - ايترو شڪر آهي.

سنڌالاجيءَ ۾ لئبرري ۽ دستاويزي وڀاڳ جو ڪم سنڀالڻ لاءِ هن جي وڏي ٽيبل پرسان هڪ لنبي لٽ سان هو پنکو ۽ ٽيوب لائيٽ چالو ڪندو - جڏهن هن سان ملڻ ڪو اَچي وِهندو. هو ڪلاڪ لاءِ آيو هوندو - اهو هن کي ٻن ڪلاڪن ڪانپوءِ بہ ياد ڪونہ پوندو. چاهي ملاقاتين ۾ ڪيترا ناليرا وڏا ماڻهو بہ ڇو نہ هجن - صاحب جي ڳالهين ۾ هڪ قسم جي ڪشش بہ هوندي آهي - توهان وٽ ڪشمڪش هوندي تہ اَهڙي گفتگو ڇڏڻ گهرجي يا نہ ۽ جي هرويرو ڇڏڻ بہ گهرجي تہ ان ڪوشش ۾ بہ ڪلاڪ لڳي ويندو! چانهہ نہ صاحب ڪڏهن پيئي نہ توهانکي ان جي ٻاڙ لڳڻ جيتري فرصت ڏئي!

ننڍڙن ڪمن ۾ بہ وڏو ڌيان ڏيڻ ڪانپوءِ بہ هو ڪافي ڇٽو اِظهار ڪندو - توهان کي ڏرم سنڪٽ ۾ ڪونہ وِجهندو. پاڻ کي هر جهنجهٽ ۾ پل اَٽڪائي رکندو. پوءِ بہ ڇوندو رهندو - ڪائي ڳالهہ ڪانهي ۽ مُسڪرائڻ هن کي اَندروني طاقت بخشيندو هوندو.

هن جو شُغل تہ هڪ-بہ نہ پر قسمين قسمين جو پيو نظر ايندو آهي. ڪڏهن شاهہ جي بيتن کي موضوعن سان ترتيب ڏيندو، ڪڏهن موهن ڪلپنا - ايشور چندر جي ڪهاڻين جا ’مڪمل‘ تفصيل پيو گڏ ڪندو رهندو - اَهڙن معاملن ۾ هن جو ‘Perfection’ ڏسي ان فلاسفر تي، من ۾ ديا ايندي جنهن جو مشهور فلسفو هت غلط ثابت ٿيندو نظر اَچڻ لڳندو ...

‘Perfection is only a state of mind ...’

هن جون بيون بہ ڪي ڪمزوريون آهن - هو سُريلو ڳائيندڙ بہ آهي. جنهن ڪري سنڌي راڳ ڪلام. هو بهتر ڪمپيئرنگ بہ ڄاڻي. اَڪثر هن جا اِسٽيج تي ناٽڪن جا پروگرام هو پاڻ پنهنجي مِٺي ۽ پيار پري زبان سان پيش ڪندو رهيو آهي. اتي بہ ڪڏهن هو ڳائي بہ وٺندو آهي جئن ڪڏهن اَسان سان ٽيليفون جي گفتگو ۾ بہ ڳائي سگهندو آهي.

هيلتائين هن ڪيترا ئي ناٽڪ پيش ڪيا آهن - خاص ڪري ٻال ناٽڪ. ڪي گهڻا تہ خود ئي ڊائريڪٽ بہ ڪيا اَٽائين. آڊيو-وِڊيو ۾ بہ تہ اِسٽيج تي بہ. ڪجهہ لکيا بہ اَٽائين. ڪيترا نوان ڪلاڪار بہ هن تيار پئي ڪيا آهن. جن مان ڪن جو مان بہ ساکشي رهيو آهيان.

اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جن مقصدن سان شروع ٿي يا هلندي رهندي آهي - ان جو اِتهاس جن شخصن سان جڙيل رهيو آهي - تن ۾ هو بہ شمار نظر ايندو رهيو آهي. ۽ هاڻ تہ نيٺ هن کي ڊائريڪٽر جون جوابداريون قبول ڪرايون ويون آهن. پر هن جي جند تہ ڪتابن سان جُڙيل رهي آهي. هڪ پيري ڪنهن ناليري ليکڪ کي ڪجهہ ڪتاب هڪ ئي وقت ڪٽي وٺڻ جي اِجازت ڪانہ ڏني. پڇڻ تي چيائين، ڪتابن جي سلامتي منهنجي جوابداري آهي.

اَجمير ۾ پهرين سنڌي ڪهاڻي طور ’حُر مڪيءَ جا‘ جي اَصل ڪاپي اتي ڪٺي وڃڻ ۽ سيني کي ڏيکارڻ لاءِ تمام لاچاريءَ سان مون کي ڏينديٰ ڇيائين - ڪنهن کي به نه ڏيڻ جي شرط سان ڪٺي وڃو. اتي موهن گيهاڻيءَ چيو - نامديو، مونکي فقط ان کي هڪ دفعو هٿ لائڻ ڏي! ... هڪ سوَ سال اَڳ جي ڇپيل هن ڪتابڙيءَ کي ڏسڻ به هڪ اِسرار هو! ڪجهه سنڌي ڪتاب هن ڏيکاريا هئا جي فقط هت ۽ بي ڪاپي برٽش لئبرريءَ ۾ آهي! پر ڪتاب سنڀالڻ به هن جو جڻ شوُق آهي.

دنياداريءَ جون ڪئين پيچيدگيون اَسان کي اَڪثر پريشان ڪنديون آهن. صاحب بجاڻي ڪو وڏو اَپواد ڪونهي. ٻُڏو آهي هن به هڪ دفعو پنهنجو بسترو ٻَڌو هو. چوندا آهن - توهان جيترا سچار ٿيندا - اوترا اَڪيلا ٿيندا. پر نيٺ هن به پاڻ سان ڪنهن طرح سماڌان ڪيو هوندو. پنهنجون حصرتون پاڻ ئي پاڻ کي پاڻ اَڳيان هارائڻ لاءِ مجبور ڪنديون آهن ۽ اَسان هن جي پنهنجو پاڻ کان هارائڻ تي خوش آهيون. خوش مزاج صاحب بجاڻي پاڻ ڪانسواءِ سيني کي خوش رکڻ جي ڪوشش ڪندو نظر ايندو آهي. هو سيني جو دوست - پنهنجو دشمن آهي.

ﮯﮯﮯ

## متفرقا

**✍ پرسرام ضيا**

- منهنجو جنون مونکي خدار ٿو ڪري
  هر روز نِت نئون ٿو تڪيان در اَلائي ڇو؟
- دل ۾ هجيم هڪ ته زبان ڳالهه ٻي ڪري
  بدتر کي ڇوڻو ٿو پوي بهتر اَلائي ڇو؟
- اَکڙيون گهڻو ئي اشڪ پکيڙين ٿيون ضيا،
  موتين جو مُلهه نٿو ٿئي ڪڏهن پر اَلائي ڇو؟
- ٿي هوا گل گل سان گستاخي ڪري،
  تن کي چُمندي ڪئن وڃي ٿي بار بار.
- غريبن بيڪسن جي آهه جو ڪهڙو اَثر ٿئي ٿو؟
  ٻڌايو سرد آهُن سان فلڪ زيرو زبر ٿئي ٿو؟
  رئن وارن ۾ رودن روڄ راڙو ڪارگر ٿئي ٿو؟
  خبر وارو اُنهن جي درد کان ڪجهه باخبر ٿئي ٿو؟
  جي ها ٿئي ٿو ته ايڏي دير جو سبب ڪهڙو؟
  اَجا خاموش ڇو وينو ضيا دنيا جو رب آهي؟

ﮯﮯﮯ

## غزل

**✍ گِريش پوپٽ ’گمان‘**

مُرڪ ٻئي جي ڏِسِي کِلي ئي نٿو،
در خوشيءَ جو اُنهن کي ليي ئي نٿو.

گوڙ ڏاڍو ڪري ٿو نندي ڳالهه تي
ڪو وڏي ڳالهه تي ڪُڇ ڪُڇي ئي نٿو.

مون ته کولڻ جي ڏاڍي آ ڪوشش ڪئي تنهنجي
دل جو ڪوئي در کُلي ئي نٿو.

آرسيءَ ۾ ڏسي پاڻ کي پئِي ٺري
اُن کي ڪوئي ٻيو ڪم سُجهي ئي نٿو.

آيو آهي هيِ تڪڙو زمانو ’گُمان‘
شانت ماڻهو ته ڪنهن کي وڻي ئي نٿو.

ﮯﮯﮯ

# ساهه سِيباڻو گوورڌن ڀارتي

**✍ هري همٿاڻي**

گوورڌن سنڌي ساهت ۽ سنسڪرتيءَ جي ڀهڳٽي شخصيت هو. سندس ناياب ناول ’سوُر جون سؤ صورتون‘ پڙهڻ سان لڳندو آهي ته هوُ ڄائي ڄم کان پاڻ سان گڏ گويا سوُرن جي سامگري کڻي آيو هو. ليڪن ڪيس کهڙي لک ته اِهي سوُر سندس اَنتهڪرڻ ۾ هڪ اَهڙي شاعر کي جنم ڏيئي رهيا هئا، جيڪو اَڳتي هلي سنڌي جاتيءَ جو سرمور شاعر ثابت ٿيندو. اُنهن سوُرن جي سوراخن مان جا سُرهاڻ پکڙبي سا پاڻڪ جي دل خواه دماغ کي معطر ڪري ڇڏيندي. ٻالپڻ ۾ سندس مِنڙي جيجل جي موٽ ڪيس نِهوڙي ڇڏيو هو. ڇهن-ستن سالن جو نينگر گِهتيءَ ۾ هڪ جيڏن سان ڪينهوُڙي راند ڪيڏي رهيو هو جو ڪنهن اَچي ٻڌايس، ’’تنهنجي ماءُ گذاري ويئي.‘‘ اَلا! آسمان ۾ ٻجليءَ جا ڪڙڪات ٿيا هئا. معصوم دل مٿان جڻ وِڄ ڪِري هئي. هوُ ڊوڙندو گهر آيو هو. ليپي پاتل پَٽ تي جيجل کي سفيد چادر ۾ ڍڪيل ڏسي سراپجي ويو هو. مساڻ ۾ ڏوُ ڏوُ ڪري ٻرندڙ چِتا جا شعلا هوُ ياعمر وساري نه سگهيو هو. هُن ’موٽ‘ عنوان تي شعر رچيو هو. شعر جو هڪ هڪ لفظ گهائيندڙ، دل دهلائيندڙ، سيسرات اُپاريندڙ هو. لفظ نه هئا پر دل جون آهون، دانهون، ڪيڪرات هئا.

گوورڌن جو پيءُ شري آسوُمل آراضي ڳوٺ جي اِسڪول جو هيڊماسٽر هو. گوورڌن جو جنم ١٣ جنوري ١٩٢٩ع ۾ ٿيو هو. تنهن زماني ۾ سندس ڏاڏي نرمل ٻائِي به هيڊ ماسترياڻي هئي. تعليم يافته ڪٽنب جا ٻار به ذهين هئا. مئٽرڪ جي اِمتحان ۾ گوورڌن سڄي سنڌ ۾ ٻيون نمبر آيو هو. سنڌ تڏهن بمبئي يونورسٽيءَ سان جُڙيل هئي.

آگسٽ ١٩٤٧ع ۾ ديش آزاد نه ٿيو پر ڀارت جا ڀاڱا ٿي ويا. سڄي سنڌ پاڪستان جو حصو بڻجي ويئي. سنڌي هندن کي وطن کان بي وطن ٿيڻو پيو. اَجمير اَچڻ تي گوورڌن کي ريلوي اَڪائونٽس آفيس ۾ نوڪري ملي هئي. جوانيءَ جي بسنت رُت ۾ هُن اَڃان پير مس ڌريو هو جو ٽِي.بِي. جهڙيءَ نگري بيماريءَ منجهس واسو ڪيو. ٽِي.بِي. ٽئين درجي يعني آخرين درجي تي پهچي چڪي هئي. هڪ وڏو عرصو مدار جي ٽي.بِي. سينيٽوريم ۾ زير عِلاج هو. اَجمير کان ٻِي. اِسٽيشن مدار آهي. قريبن ٦-٧ ڪلوميٽرن جو فاصلو. ساڳي آفيس ۾ گڏ هئڻ سبب اَسانجي دوستيءَ رنگ لاتو هو. رفته-رفته رنگ نکرندو ويو هو. اِتفاق سان ڪو آرتوار گُسندو هو، نه ته گهڻو تڻو مان وٽس سينيٽوريم ۾ ويندو هوس. اِسپتال جي ڀُنئين پاسي نندي ڀِٽ هئي، ٻرانگهه ڀري اَندر وڃي سگهبو هو. چوڪيدار مريضن جي مِتن مائٽن کان واقف ٿي ويا هئا. خاص

ڪري شام سمي ڪا جَهل پَل نہ هوندي هئي.

اَهڙي نگري بيماريءَ ۾ گووردن جي چهري تي ڪڏهن بہ غم جي ريکا نہ ڏٺي هئي. ٻهڪ ٻهڪ مرڪندڙ چهرو. تصور ۾ بہ هُن بيماريءَ کي ڪڏهن اوڏو اَچڻ نہ ڏنو هو. اُن جي پاڇي کان پاڻ کي ڏوُر ئي رکيو هئائين، جيئن پُلئي پُلائي بہ اُن جي ياد نہ اَچي. همت، حوصلي کي هُن ڪڏهن بہ جَهڪو پوڻ نہ ڏنو هو. ”سوُر جون سؤ صورتون“ ناول سينيٽوريم ۾ گهاريل گهڙين جي يادن جو اَنمول سرمايو آهي.

آپريشن دؤران گويا ڪال پنهنجا هيبتناڪ چنبا ڦهلائي، سندس آتما کي کنيي وڃڻ لاءِ لامارا پئي ڏنا پر گووردن دل نہ هاري. جيڪي ٿيڻو آهي، سو ٿيندو ئي، پوءِ غم ڇا جو؟ بيهوشيءَ جي حالت ۾ بہ لاشڪ گووردن جي چپن تي مرڪ هوندي.

هڪ ڦڦڙ ڪٽي سندس سرير کان جدا ڪيو ويو هو. سياري جي سخت ٿڌين ۾ هوُ انتهائي پيڙا ڀوڳيندو هو. پر اِن هوندي بہ ساهتڪ ۽ سانسڪرتڪ پروگرامن ۾ پاڻ کي اِن طرح جوڙي رکيو هئائين جو ڏيهہ، پرڏيهہ ۾ سندس سنگيت پارٽيءَ جو ناماچار هو. هوُ اِسٽيج تي ايندو هو تہ اِسٽيج ٻهڪي پوندي هئي. اِئين ڀاسندو هو تہ پرڪرتيءَ جا تمام رنگ سميٽي، اِسٽيج آسمان مان هيٺ ڌرتيءَ تي لهي آئي آهي. ٽهڪڙا، تازين جا ڦهڪا، عجيب قسم جي رونق، واتاورڻ ۾ گهُلجي ويندي هئي.

منجهس وڏي خوبي اِها هئي، هوُ خودثنائيءَ کان آجو هو. ڪي شخص گهمنڊ وچان پنهنجي ڇاتي نوڪيندا آهن پر هوُ ٻئي جي پُٺي ٺپوريندو هو ۽ دُعاگوُ هوندو هو تہ اَڃان بہ اَڳتي وڌين ... اَڃان بہ ...

سدا حيات نارايڻ شيام جون بہ سِٽون ياد ٿيون اَچن :

**”هجي جا ڪاڻ خوبين جي ۽ خامين کان ٻنهي آجي**

**نہ پنهنجي زندگي اَهڙي نہ پنهنجي شاعري اَهڙي!“**

مذڪوُر سِٽون اَگر گووردن سان جوڙجن تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. گووردن سڀ جو ڀلو چاهيندڙ ۽ لاطمع شخص هو.

اَجنتا پبليڪيشن جي شروعات نارايڻ شيام جي ڪتاب ’ماڪ ڦڙا رابيل‘ سان ٿي هئي. شاعريءَ جو ٻيو ڪتاب ”اُنا مينهن ملير“ گووردن پارٽيءَ جو ڇپايو هوم. اُن بعد سندس ڪهاڻين جو مجموعو ”ڀِلو چنڊ لال داغ“ ۽ هاسيہ رس جا ٻہ ڪتاب ”پيڪي هلِي وينديسانءِ“ ۽ ”ڪاٺو بہ اَگهاڻو“ سدا حيات ڀڳونتي ناواڻيءَ جي مِٺڙي ۽ من موهيندڙ آواز ۾ اُهي گيت ۽ لاڏا محفلن مَڙين خواه شادين مُرادين جي موقعن تي اَڄ بہ گهر گهر ۾ پيا گونجندا آهن. اُنهن گيتن جو نہ رنگ رس مِٽجي، نہ زنگ ئي لڳي. نئين ٽهيءَ جا ڇوڪرا، ڇوڪريون اُنهن جي لئہ تال تي جُهمر وِجهڻ کان رهي نہ سگهندا آهن.

آڪاشواڻيءَ جي سنڌي پروگرامن مان گوورڌن جو نالو اَلڳ ڪجي ته اُنهن پروگرامن مان رس جس ئي نڪري ويندو. شڪ ناهي اُنهن ۾ پنجاهه سيڪڙو گوورڌن جو يوگدان هوندو. ”شاهه جي سورمين جا ريڊيو سنگيت روُپڪ“ جڏهن به رلِي ٿيندا هئا ته ٻڌندڙ سُڌ ٻُڌ کوهي وِهندا هئا. سنڌي فلمن ۾ گوورڌن پارتيءَ ۽ سِي. اَرجن جي جوڙي اِئين هوندي هئي جيئن هندي فلمن ۾ شنڪر جئڪشن جي جوڙِي.

بمبئيءَ ۾ گيتن جي ريهرسل دؤران سِي. اَرجن کي هارٽ اَٽئڪ ٿيو. اَٽئڪ ايترو زوردار هو جو اُتي ئي پير ۾ گوورڌن جي گود ۾ سندس ڪنڌ ڍِرڪِي پيو هو. جيجل جي ديهانت کانپوءِ هيِ ٻيو صدمو هو، جنهن گوورڌن کي گهرِي چوٽ رسائي هئي. گوورڌن پوءِ اُهو گوورڌن ڪونه رهيو هو. ويتر اَدبي راجنيتيءَ جو هوُ اِن قدر شڪار بڻيو هو جو صفا سُن ٿي ويو هو.

ليڪن اِن کان پهرين هوُ آديپور ۾ ٢-٣ سال رهيو هو. شري هوندراج دُکايل جي زور ڀرڻ تي، مئتري منڊل جي اِسڪولن جي ٻارن کي هوُ سنگيت ۽ نرتيه ڪلا جِي سکيا ڏيندو هو. اُتان شانت واتاورڻ کيس ڀاءِ پئجي ويو هو، ۽ وڏي ڳالهه ته معصوم ٻارڙن جا مُرڪندڙ مُهانڊا، سنڌ جي مِٽيءَ جي مهڪ، سِڪ وَندن دوستن جي صحتمند صحبت، اَهڙي خوشگوار ماحول ۾ کيس لڳو، وقت کي جڻ پَرَ لڳي ويا هئا. صبح توڙي شام ڪنهن نِرالِي خوشبوءِ سان واسيل هوندا هئا.

گوورڌن اُتان جي مِٽيءَ ۽ ماڻهن سان ايڏو جُڙيل، ڪنهن ڪارڻ دل کٽي ٿي ته پوءِ اُتي رهڻ مان ڪهڙو سوُد؟ مَتو ميڙو ڇڏڻ ئي هُن واجب ڄاتو. اُتان سِڌو بمبئيءَ پنهنجي ننڍي ڀاءُ مُراريءَ ڏانهن هليو ويو. مُراريءَ ريلوي مان گزيٽيڊ پوسٽ تان رٽائرڊ ٿِي نالا سوپارا ۾ پنهنجو فلئٽ ورتو هو. بمبئيءَ جِي گهميل هوا گوورڌن کي راس نه آئي. اُتي سانده سال سوا رهڻ تي سندس جُهريل سرير سَٽ سهِي نه سگهيو. هوُ واپس اَجمير آيو. ليڪن اُهو گوورڌن ڪٿي هو؟ نڄاڻ ڪهڙي غم / صدمي کيس پوُري وڻ وانگر ٻٽائي ڇڏيو هو. ڪنهن کي لکا پوڻ نه ڏنائين. مان وٽس هفتي ۾ هڪ ٻه دفعو ويندو هوس، خاص طور ڇنڇر جو ڏينهن جڻ طئه ٿيل هو. ڪنهن مشغوليءَ سبب اُن ڏينهن نه وڃِي، ٻئي ڏينهن تي ويندو هوس ته چوندو هو، ڪالهه مون توکي ڏاڍو ياد ڪيو هو. ٢-٣ ڪلاڪ ته رواجي ڳالهه هئي. پر ڪنهن لڳا ته سڄو ڏينهن به گذري ويندو هو. هڪ لڳا ته سندس ڀيڻ بنسرِي شام جو پنجين ڌاري گوورڌن لاءِ چانهه کڻي آئي ته مونکي اُتي ويٺل ڏسِي، عجب مان چيائين، ”هري، تون ٻيو دفعو آيو آهين ڇا؟“ چيم، ”مونکي وڃڻ ئي ڪٿي ڏنو اَٿس. وڃڻ چاهيان ته چوي، اَڃان ٿورو ويهه ... اَڃان ٿورو ويهه.“

”ڪمال آ“ هن جي واتان نڪري ويو هو.

اَڪثر چوندي هئي، ”تون بہ اَسان وٽ اَچي رهہ. جتي گوورڌن جي شيوا ٿئي ٿي، اُتي تنهنجي بہ پيئي ٿيندي.“ ڪو عرصو مان پيڻ بنسريءَ جا اَکر وساري ڪونہ سگهيو هوس. سچ تہ پيڻ بنسري مونکي گوورڌن وانگر ئي پانئيندي هئي.

طبيعت جي ڪري گوورڌن هيٺو / جهيڻو ضرور هئو پر سندس ياداشت تي وقت جي پاڇن جو ذرو بہ اَثر نہ پيو هو. مان تعجب کائيندو هوس، جي ڳالهيون مونکي ياد ناهن، اُهي ڪيس اَکر بہ اَکر ياد آهن.

گوورڌن جيئن بمبئيءَ مان آيو هو تہ وري گهر جي چائنٽ کان ٻاهر پير ڪونہ ڪڍيو هئائين. سڄي عمر ساهتڪ ۽ سانسڪرتڪ سرگرمين ۾ سرگردان رهڻ وارو اِئين شانت ٿي ويو، سوچڻ تي بہ ڏندين آڱريون اَچي ٿيون وڃن. ڪنهن وٽان بہ خط ايندو هوس تہ ڪنهن کي بہ جواب ڪونہ ڏيندو هو. ڪرشن کٽواڻي، اَرجن حاسد، ناڪر چاولا، موتي پرڪاش، ڪيترا نالا لکي ڪيترا لکان. مونکي خط لکندا هئا، تون اَسانکي سندس صحت جو اَحوال ڏي. ڪيس چئہ، خط جو جواب تہ ڏئي. وٽانئس جواب ملندو هو، مون پاران تون ئي ڪين لکندو ڪر.

مونکي تعجب لڳو، جو پنهنجي نندي ڀاءُ مُراريءَ لاءِ چيائين، هري هُن جا ٢-٣ خط اَچي چڪا آهن، تون ڪيس خط لکج تہ گوورڌن نيڪ آهي.

هڪ لڳا چيو هئائين، ”هري، هيلتائين مونکي جيئن ٻين هلايو آهي، هليو آهيان، هاڻي جيئن مونکي وٽندو، تيئن هلندس. اِها جيون بہ تہ جي ڏسان.“

گوورڌن گهڻو ڪجهہ ڏئي ها پر سنڌي قوم جو ڏُرڀاڳ. ڪي ٻيا بہ آهن، جي زنده هوندي اَدب کان پاسيرو ٿي ويا. نالن ڪڻڻ مان ڪهڙو سُود، سڀ ڄاڻن ٿا. پر هنن ڪڏهن زبان مان ’اُف‘ نہ ڪئي. گوورڌن وانگيان ٿڪن ۾ غمن کي ٻوڙي ڇڏيائون.

اَڄ گوورڌن اَسانجي وچ ۾ ڪونهي. اِها تہ جڳ جي رِيت آهي، جيڪو هن جهان ۾ آيو آهي، تنهنکي هڪ ڏينهن اَگم ديس ڏانهن وڃڻو آهي. نالو صرف هڪ ’سُني شخص‘ جو رهندو. ڪيڏو بہ وڏو فنڪار ڇو نہ هجي، اَگر ’سُنو شخص‘ ناهي تہ سڀ ڪجهہ ڌوڙ آهي. گوورڌن اَسانجي دلين ۾ هڪ ”سني شخص“ طور سدا ياد رهندو. سندس آتما کي منهنجو نمن، بار بار نمن.

ꙮꙮꙮ

## پهاڪا

- آڱر رکڻ ڏيس تہ سڄو هٿ ڳرکائي وڃي!
- آڱريءَ نَنهُن ڄائو، لوڪ تماشي آيو!
- جا چوري پِنَ تي هِري، سا مُڙس چو کَري!
- ڏُهڻ جا ڏينهن سدائين، کُهڻ جو ڏينهن هڪڙو!
- ڪنهنجي ٻڪرِي، ڪير وِجهي ڳاهہ!
- آرسِي ڙي آرسِي مون جهڙو ٻيو ڪو!

# پدم شري جيوٽلال جئرامداس

✍ شيام سچانندا ڻي

مهاتما گانڌيءَ ديش جي آزاديءَ لاءِ ’اَهنسڪ‘ نموني هلچل هلائي. سنڌ پڻ انهيءَ هلچل ۾ اَڳري رهي. ’ڀارت ڇوڙو آندولن‘ هلندي سنڌ جي سوني نيتائن ۽ هزارين عام ماڻهن آهوتيون ڏنيون. هزارين نوجوانن سرگرم ڀاڱو ورتو ۽ جيل جون سزائون پڻ ڀوڳيون.

سنڌ ۾ جيڪب آباد ضلع ۾ ڳڙهي کيڙو جمالي ڳوٺ ۾ ٢۴ فيبروري ١٩١٩ع تي جيوٽلال جو جنم جئرامداس کيولراماڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. مئٽرڪ پاس ڪري ڀاسي واري ڳوٺ ۾ ئي هريجنن جي بستيءَ ۾ سڪول ۾ ماستر بڻيو. هوُ ڳوٺ ۾ ئي هريجنن جي بستيءَ ۾ رهندو هو ۽ هريجنن جي شيوا جا ڪاريہ شروع ڪيائين.

سنڌ بمبئيءَ راجيہ کان جدا ٿيڻ بعد آل اِنڊيا ڪانگريس جو پريزيڊنٽ جواهرلال نهرو سنڌ ۾ چونڊن جي پرچار لاءِ آيل هو. جيوٽلال رتيڊيري ۾ گانڌي آشرم ۾ نهروءَ جي سواگت جو پروگرام رکيو هو. هن آشرم جي پروگرامن جي پوري ڄاڻ ڏني ۽ نوجوانن کي آزاديءَ جي هلچل ۾ ڀاڱ وٺڻ لاءِ اُتساهت ڪيو. انهيءَ پروگرام ۾ آچاريہ ڪرپالاڻي ۽ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي بہ حاضر هئا. هنن آشا ظاهر ڪئي تہ هيءُ جوان اَڳتي هلي ديش جا گهڙا ڀريندو.

جيوٽلال آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ ٽِڪو ڀاڱو ورتو. هن کي ٽن سالن لاءِ جيل جي سزا ملي. سزا ڀوڳڻ بعد ١٩۴۵ ۾ سيواگرام آشرم ۾ اَچي رهيا ۽ مهاتما گانڌيءَ جي نظرداريءَ هيٺ سکيا وٺي واپس سنڌ ۾ آيا. هنن رتيڊيري ۾ ’گانڌي خدمت گهر‘ ۾ رهي خلق جي خدمت ڪئي. جيوٽلال ٢٠ سالن جي عمر ۾ چرخو ڪتڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجي ڪتيل سُٽ مان نهرايل ڪپڙا پائيندا هئا.

هو سچا ديش ڀڳت، هريجن اُڌار جا باني، سخن جا سچا، وچن جا پڪا ۽ آدرشوادي هئا. سنڌ ۾ هنن کي ڪانگريس اَسيمبلي چونڊن ۾ بِيهڻ لاءِ چيو ويو. هنن اها آڇ ٺڪرائي ڇڏي ۽ آزاديءَ جي هلچل ۾ سرگرم ڀاڱو وٺڻ شروع ڪيائون.

١۵ آگسٽ ١٩۴٧ع تي ڀارت آزاد ٿيو. سنڌ سڄي پاڪستان ۾ هلي ويئي.

اُنهن ڏينهن ۾ آزاديءَ جي اُپاسڪ جيوٽلال خلاف وارنٽ نڪتل هو. هو ويس بدلائي، روءِ پوش ٿي ڪٽنب سان گڏ ستياگره آشرم (گانڌي آشرم) سابرمتيءَ پهتا. ڪٽنب جي ڀاتين کي آشرم ۾ رهائي پاڻ واپس سنڌ ۾ آيا.

ديش جي نيتائن جي صلاح مڃي هوُ ١٩۴٨ع ۾ هميشهہ لاءِ اَحمدآباد اَچي رهيا. ڀارت سرڪار پاران برپا ڪيل هريجن ريهئبيليٽيشن بورڊ جا زونل آرگنائيزر بڻيا. هنن ديش جو رٿن ڪيو ۽ هريجنن، پڇتي پيل ذاتين ۽ سنڌين جي تڪليفن جي رپورٽ سرڪار کي ڏني ۽ هنن جا ڏک دور ڪرڻ لاءِ سرڪار تي دٻاءُ آندو. گجرات راجيہ ۾ هن کي اَسيمبلي چونڊن ۾ بِيهڻ لاءِ

ڳالهيون هلي رهيون هيون. هن اها آڇ ٺڪرائيندي چيو، ”مان زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ چونڊن ۾ ڪونہ بيهندس.“

هن هريجنن ۽ سنڌين کي ورسائڻ جي ڪارڻ ۾ ٽِڪو بهرو ورتو. جيوٽلال مرڪزي سرڪار جي سهڪار سان اَحمدآباد جي پسگردائيءَ ۾ سهڪاري متي جي آڌار تي ۴۴۶ گهرن جي سوسائٽي ٺهرائي. ويهن سالن لاءِ ماهوار قسط صرف ڏهہ رپيا هئي. اَڄ اها ڪالوني ٺڪر ٻاپا نگر جي نالي مشهور آهي. ڀارت سرڪار انهيءَ ڪالونيءَ کي ’بهترين ڪالوني‘ جو اوارڊ عطا ڪيو هو. اِئين ڪري چئجي ٿہ سنڌ مان لڏي آيلن کي ’اَجهو‘ ٺهرائي ڏئي هنن عملي ڪارڻ ڪيو هو. جيوٽلال تعليمي کيتر ۾ بہ لاثاني ڪارڻ ڪيو. هنن ٺڪر نگر ۾ ٺڪر ٻاپا اِءِ اِسڪول برپا ڪيو. ڪٻير نگر اَحمدآباد ۾ صرف ۱۳ (تيرهن) شاگردن سان مهاتما گانڌي هاءِ اِسڪول شروع ڪيو. اَڄ هو اِسڪول گجرات جي سنڌي ماڌيم وارن اِسڪولن ۾ پهريون نمبر ليکيو ٿو وڃي. هن اِسڪول ۾ ٻارهين درجي تائين سنڌي ماڌيم دواران پڙهائيءَ جو جوڳو بندوبست آهي. هن اِسڪول جي سائنس فئڪلٽيءَ مان ٻارهون درجو پاس ڪري شاگرد اِنجنيرنگ ۽ ميڊيڪل ڪاليجن ۾ داخلا وٺڻ ۾ اَڳرا هوندا آهن. هن اِسڪول جا سوين شاگرد ڊاڪٽر ۽ اِنجنير بڻيا آهن.

جيوٽلال سردار نگر، اَحمدآباد ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي هاءِ اِسڪول شروع ڪيو. گجرات ۾ سنڌين جو هيءُ هڪ ئي اِسڪول آهي جنهن ۾ اين.سي.سي. يونٽ آهي.

جيوٽلال ٽنهي هاءِ اِسڪولن جا شروعات ۾ سيڪريٽري ۽ چيئرمن بڻيا.

هوُ هريجن آشرم (گانڌي آشرم) جا ۱۹۵۶ کان ۱۹۶۲ تائين ٽرسٽي ٿي رهيا.

آل اِنڊيا هريجن سيوڪ سنگهہ (نيو دهلي) ۾ هو ۱۹۶۲ ۾ جنرل سيڪريٽري بڻيا ۽ ۱۱ سال انهيءَ عهدي تي رهي هريجنن جي تمام سُٺي شيوا ڪيائون. هوُ هريجنن جي اُڌار جا باني هئا. هريجنن جي دلين ۾ ڪافي عزت پاتائون.

هو گانڌي سمارڪ نِڌيءَ جا چيئرمن بڻيا. ڀارت سرڪار پاران ۱۹۷۰ ۾ جيوٽلال کي ’پدم شري‘ اَوارڊ عطا ڪرڻ ۾ آيو هو. هوُ پهريان سنڌي هئا جنهن کي پدم شري اَوارڊ سان نوازيو ويو هو.

اُن بعد هوُ اَحمدآباد ٿانئيڪا ٿيا. جيوٽلال گجرات جي سنڌين جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ گجرات سنڌي اَئسوسئيشن جي اسٿاپنا ڪئي. انهيءَ سنسٿا جي ذريعي گجرات جي سنڌين جا ڪيترا مسئلا سرڪاري سطح تي حل ڪرايا.

گجرات ۾ جيوٽلال جئرامداس، ويرومل خوشحالداس ۽ ٿانورداس خوبچنداڻيءَ جي ٽمورتي ڪافي مشهور هئي، جن گجرات جي سنڌين کي هڪ پليٽفارم تي آندو. جيوٽلال سروَ سيوا سنگهہ جا ڪاروباري ڪاميٽيءَ جا سيڪريٽري بہ ٿي رهيا هئا. هوُ گانڌي شتابدي سب ڪاميٽيءَ جا سيڪريٽري بہ بڻيا.

جيوٽلال گانڌيڌام-آديپور جي اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جا فائونڊر ٽرسٽي هئا.

گانڌيڌام ۾ سنڌو ريسيٽلمينٽ ڪارپوريشن ۾ چيئرمن جو عهدو بہ ماڻيو هئائون. اُنهيءَ عرصي ۾ هنن آديپور ۾ سنڌي ليکڪن ۽ شاعرن جي لاءِ گهر ٺهرائڻ لاءِ زمين بہ منظور ڪئي. اَڄ اُنهيءَ زمين تي 'ملير' نالي سوسائٽي ٺهيل آهي. پدم شري جيوٽلال ڪي سال ڪميونسٽ پارٽيءَ جا 'ڪارڊ هولڊر' ٿي رهيا. رشيا سرڪار جي نيند تي پنج هفتا رشيا جو دؤرو ڪري آيا.

جيوٽلال جا نهرو پريوار سان تمام گهروُ رِشتا هئا. جواهرلال نهرو، ڪملا نهرو، پنڊت وجيہ لڪشمي ۽ اِندرا گانڌيءَ جي بلڪل ويجهو هئا. هوُ چاهين ها تہ راجيہ سڀا ميمبر يا ڪنهن راجيہ جا گورنر بڻجي سگهن ها.

هوُ زندگيءَ ڀر اَنياءَ خلاف لَڙيا. اَحمدآباد جي پسگردائيءَ ۾ فِرِي راشن ڪالوني سرڪار پاران ٺهرايل هئي. اُنهيءَ ڪالونيءَ ۾ رهندڙ سنڌي قوم جي وِڏوائن کي اُتان هٽائي شهر کان پريرو ورسائڻ لاءِ سرڪار تياريون ڪري رهي هئي. وِڏوائون پريرو رهڻ لاءِ تيار ڪونہ هيون. جيوٽلال سرڪار جي فيصلي خلاف هلچل هلائي ۽ ڌرني تي ويٺا. هن کي جيل موڪليو ويو. نيٺ سرڪار کي جهڪڻو پيو ۽ سرڪار پنهنجو فيصلو رد ڪيو. اِتهاس گواهہ آهي تہ پدم شري خطاب سان سنمانت ڪنهن بہ شخص کي اَڳم جيل جي سزا ڪونہ ملي هئي.

مرارجي ڏيسائيءَ هن کي سردار نگر، ڪٻير نگر (نروڙا اَسيمبلي تڪ) مان اَسيمبليءَ ۾ بِهڻ لاءِ آڇ ڪئي هئي ليڪن هنن انڪار ڪندي اها سِيٽ سوتنترتا سئناني ويرومل خوشحالداس کي ڏياري. جيوٽلال ويرومل کي چونڊن ۾ کٽائڻ لاءِ پاڻ پرچار جي ڏور واڳ سنڀالي. ويرومل چونڊن ۾ ڪامياب ٿيو.

جيوٽلال، ويرومل کان پوءِ اُها سيٽ سوتنترتا سئناني ٽانورداس خوبچنداڻيءَ کي بہ وٺائي ڏني. اُن بعد انهيءَ تڪ مان ڪانگريس هميشه سنڌي اُميدوار بِهاريندي رهي. سالن بعد ڀاجپا پڻ انهيءَ تڪ مان سنڌي اُميدوار بهارڻ شروع ڪيو.

گذريل ٥٠ سالن کان انهيءَ تڪ مان اَسيمبليءَ تي سنڌي اُميدوار ئي چونڊجي ايندو آهي.

آل اِنڊيا سنڌي چيمبر آف ڪامرس ۽ اِنڊسٽريءَ طرفان پدم شري جيوٽلال کي خاص پروگرام ۾ 'سنڌو پوشڻ' خطاب سان نوازيو ويو هو.

هوُ پاڻ تہ زندگيءَ ڀر کاڌيءَ جا ڪپڙا پائيندا هئا ليڪن کاڌيءَ جي پرچار ۾ بہ اَڳرا رهيا. اَحمدآباد ۾ ڪستوربا کاڌي ڀنڊار جا مئنيجر ۽ ٽرسٽي ٿي رهيا.

اَحمدآباد سنڌو سماج سان بہ جُڙيل رهيا. سنڌي ماڌيم وارن هوشيار شاگردن کي اِنعام ڏيندي چوندا هئا، ''خوشي اَٿم تہ تعليم ۾ ڇوڪرن جي ڀيٽ ۾ ڇوڪريون وڌيڪ انعام کٽي رهيون آهن. وقت ايندو جو زالون آفيس جو ڪاروبار سنڀاليندون ۽ مرد رنڌڻي ۾ زالن کي ڪم ڪار ۾ مدد ڪندا.'' هن جي پٽ شيام جو جوانيءَ ۾ ديهانت ٿي ويو. هوُ بيحد دکي ٿي پيا. تنهن هوندي بہ هنن همت ڪونہ هاري ۽ پنهنجي پٽ جي ڪٽنب کي پيرن تي بِهاريو. جيوٽلال جي ڌرمپتني پڇاڙيءَ وارو عرصو ڪافي بيمار رهندي هئي ۽ بستري داخل هئي. جيوٽلال ڌرمپتنيءَ جي بيماريءَ واري عرصي ۾ هن جي ڪافي سار سنڀال لڌي. ڌرمپتنيءَ جي ديهانت

بعد هوُ بيحد مايوس رهڻ لڳا ۽ دکي نظر اَچڻ لڳا.

هن جي پُٽ پوُرن هن کي پاڻ سان گڏ پروچ هلي رهڻ لاءِ ڪافي زور پريو. هنن ايڪانت ۾ رهڻ پسند ڪيو ۽ پروچ پٽ سان گڏ رهڻ کونه ويا. جيوٽلال سوتنترتا سئناني نگر، اَحمدآباد ۾ اَڪيلا رهيا. هنن ڪم ڪار لاءِ هڪ شيواڌاري بہ رکيو. ڪن هڏ ڏوکي سماجڪ ڪاريہ ڪرتائن جي زور پرڻ تي اَحمدآباد ۾ سنڌو سيوا سماج جي استاپنا ڪئي ۽ فائونڊر پريزيڊنٽ بڻيا. انهيءَ سنستا پاران ٻن ڪروڙن جي لاڳت سان ’سنڌو ڀون‘ ٺهرائڻ جي شروعات ڪيائون.

اَڄ سنڌو ڀون، سنڌي ٻولي، تعليم، ساهتيہ ۽ ڪلا جي کيتر ۾ گجرات جي سنڌين جو مکيہ مرڪز بڻجي چڪو آهي. سنڌو ڀون ديش وديش ۾ ناليرو آهي. اِئين ڪري چئجي تہ هو پنهنجو يادگار پاڻ ٺهرائي ويا.

ويهين صديءَ جي آخر ۾ هنن سيني سنستائن جي عهدن تان استيعفا ڏني. زندگيءَ جا پڇاڙڪا ٻہ سال هنن ڪافي ساريرڪ پيڙا ڀوڳي. گهر ۾ ڏِکو کاڌائون. آپريشن ڪرايائون، ڪافي ڀوڳيائون.

جيوٽلال ساريرڪ پيڙائون سهندي ٢ نومبر ٢٠٠٢ع تي اَحمدآباد ۾ سوتنترتا سئناني نگر ۾ پنهنجي گهر ۾ ئي آخرين ساهہ کنيائون.

اَحمدآباد ۾ نوپارت وديا منڊل ۽ سنڌو سيوا سماج وارن گڏجي ڪبير نگر ۾ مهاتما گانڌي هاءِ اِسڪول واري ڪمپائونڊ ۾ ’دادا جيوٽلال جئرامداس ميموريل هال‘ ٺهرايو آهي. اَچو تہ ديش ڀڳت، سوتنترتا سئناني، هريجنن جي اُڌارڪ، سنڌين جي ساٿي، هيٺن جي همراهہ ۽ آدرشوادي جيوٽلال جي جيون مان سبق پِرايون ۽ سماج لاءِ ڪجهہ ڪرڻ جو سنڪلپ ڪريون.

(’سنڌيت جي حفاظت‘، ٢٠١١)

# منهنجو ساهہ بہ صدقي ماروُن تان ...

✍ نموش تلريجا

جن کي ٻوليءَ سان پيار آهي،
تن سنڌيت جي لڏِي سار آهي،
چو نہ تن تان مان ٻلهار وڃان
منهنجو ساهہ بہ صدقي مارون تان ...

سنڌي اِتهاس سڀ کان پُراڻو آهي،
جنهن سان دنيا ۾ ٿيو اُجالو آهي،
چو تہ اِتهاس جي واکاڻ ڪيان
منهنجو ساهہ بہ صدقي مارون تان ...

جتي بيت پٽائي کوڙ چيا،
سچل بہ ٻڌايو سچ ئي تہ آ،
سامي جي ويدن واٽين جي مٽان
منهنجو ساهہ بہ صدقي مارون تان
...

پاڻ ڪنور ملهايو رت ۾ رنگي،
هيموںءَ بہ نِڀايو سوليءَ تي چڙهي،
چو نہ انهن تان مان گهور وڃان
منهنجو ساهہ بہ صدقي مارون تان
...

# شادي :
# اِستريءَ جي آتم ترپتي، پرش جو آتم سمرپڻ

✍ ستيش روهڙا

ڪيترين استرين خاص ڪري اِستري ليکڪائن جو اهو ويچار آهي تہ شاديءَ جي روپ ۾ استريءَ کي گهڻي ئي قرباني ڪرڻي پوي ٿي ۽ هن کي گهڻائي سمجهوتا ڪرڻا پون ٿا. هن کي پنهنجو گهر، پنهنجو شهر، پنهنجا مائٽ ڇڏڻا پون ٿا. نہ رڳو ايترو پر ڪيس مائٽن جي سڄاٽپ وارو نالو بہ ڇڏڻو پوي ٿو. جڏهن ڪ پرشن کي اهڙو ڪجهہ بہ ڪرڻو ڪونہ ٿو پوي. هو جنهن گهر ۽ جنهن ماحول ۾ رهندو آهي هو ان ساڳئي گهر- ماحول ۾ جيئندو ٿو رهي.

مان سمجهان ٿو تہ ان ڳالهہ وڏي ڀي ڪا غلطفهمي تي نٽي سگهي تہ شادي ڪري استري ڪا قرباني يا ڪو سمجهوتو يا تياڳ ڪري ٿي ۽ پرشن کي ڪوبہ سمجهوتو ڪرڻو نٿو پوي. حقيقت ۾ شادي اِستري لاءِ آتم سرڪشا، آتم ترپتي ۽ پنهنجي وجود جو احساس ڪرڻ ۽ پرش لاءِ آتم سمرپڻ ڪرڻ آهي. شاديءَ دوران اِستري پنهنجي نجي وجود ۽ دائم اڪار واري محفوظ دنيا حاصل ڪري ٿي جيڪو هن جي جيون جو لڪش آهي؛ جڏهن ڪ شادي ڪري پرش پنهنجي سڀاو جي خلاف سمجهوتو ٿو ڪري يعني آتم سمرپڻ ٿو ڪري.

دنيا ڀر جا سماج شاستري ان ڳالهہ ۾ شامل راءِ آهن تہ شروع شروع ۾ انسان خانبدوشيءَ واري زندگي ڪاٽيندو هو ۽ جهنگلي ميون ۽ شڪار تي گذران ڪندو هو. انسان گهومون زندگي ڇڏي ڪيتي ڪئي ۽ دائميت واري زندگي جيئڻ لڳو، ان جو وڏو ۽ مکيہ ڪارڻ استري هئي. استريءَ کي هر مهيني ڏکين ڏينهن ۾ آرام سان رهڻ لائق جڳهہ جي ضرورت هئي ۽ ان کان سواءِ ويم وقت خواهہ پوءِ ننڍي ٻار جي پالنا لاءِ بہ ڪيس ڪنهن دائم سانتيڪي هنڌ جي ضرورت هئي. استريءَ جي ان ضرورت سبب ئي پرش خانبدوش مان هڪ هنڌ رهڻ وارو شخص بڻيو ۽ شڪار جي بدران هن ڪيتي شروع ڪئي. ڪيتيءَ لاءِ پاڻيءَ جي ضرورت هئي ان ڪري دنيا جون مڙيئي اوائلي آباديون ندين جي ڪنارن تي وسيون ۽ اُسريون. اهو ئي سبب آهي جو سڀني آڳاٽين سڀيتائن ۽ سنسڪرتين جو وڪاس ندين جي ڪناري تي ئي ٿيو آهي. انسان کي جنم ورتي اڄ هزارين سال گذري ويا آهن مگر استري پرش جي بدني بناوٽ ساڳي هئڻ سبب سندن مانسڪ پرورتيون اڃان بہ گهڻي ڀاڱي ساڳيون آهن.

اڄ ڪلهه تعليم جي وڪاس ۽ وگيان جي واڌاري سبب استريءَ جي جيون لکش ۾ فرق آيو آهي. اڄ گهٽين استرين جي مهتوڪانڪشا وڌيل آهي ۽ هو پنهنجي وجود ڏانهن وڌيڪ ساوڌان آهن پر اڄ به لڳ ڀڳ هر استريءَ جي تمنا آهي هڪ سگهارو، سدائين گڏ رهڻ وارو ساٿي، پنهنجو محفوظ گهر ۽ پنهنجا ٻار، هڪ دائم سانت واري پنهنجي محفوظ دنيا، سماج ۾ مانائتي جڳهه هئڻ. ۽ سندس اها تمنا يا اهو سپنو شادي ڪري ئي پورو ٿي سگهي ٿو ڇو ته جنهن گهر ۾ هوءَ جنم وٺي ٿي ان گهر ۾ سندس ماءُ جي روپ ۾ اڳ ۾ ئي ڪا مالڪياڻي موجود آهي. ان ڪري پنهنجو راڄ يا پنهنجي نجي اڌڪار جي دنيا حاصل ڪرڻ لاءِ هوءَ شادي ڪري ٿي. مائٽن جي سجاڻپ وارو نالو ڇڏي گهوٽ جي سجاڻپ وارو نالو اپنائڻ پٺيان به ساڳيو سماجڪ ۽ منووگيانڪ ڪارڻ موجود آهي. مائٽن جي نالي مان سندس مائٽن جي اڌڪار ڪيتر جو اظهار ٿئي ٿو. جنهن ڪان هوءَ الڳ ٿيڻ ٿي چاهي. ڪيس نئون نالو، نئين سجاڻپ گهرجي جيڪا سندس اڌڪار ڪيتر ڪي ظاهر ڪري. ڪيس خبر آهي ته سندس نجي پريوار ۾ جيڪو سرجڻ ٿيندو اهو سندس دواران ٿيندو ۽ اهو سندس هوندو يعني اهو سندس نجي مالڪيءَ جو ڪيتر هوندو جتي ڪنهن ٻئي جي مالڪي موجود نه هوندي. ان حوالي ۾ ئي استريءَ جو پنهنجيءَ سَسُ، نِڻان، يا ڏيراڻي وغيره سان ڪيل وهنوار ڪي سمجهي سگهجي ٿو. ان حوالي ۾ ئي اها ڳالهه به سمجهي سگهجي ٿي ته ڇو شاديءَ ڪان يڪدم پوءِ ڇوڪري گهوٽ ڪي مائٽن ڪان جدا رهڻ لاءِ مجبور ڪندي آهي. حقيقت ۾ ڪابه استري پنهنجي مالڪي، پنهنجي اڌڪار ڪيتر ۾ ڪنهن جي به حصيداري برداشت نه ڪندي آهي ۽ ان ڪري هوءَ ان هر ڪنهن شخص ۽ شيءِ ڪان نفرت ڪندي آهي جيڪا سندس مالڪيءَ ۾ دست اندازي ڪري؛ پوءِ اها سَسُ هجي، نِڻان هجي، گهوٽ جي ڪا ٻي مائٽياڻي يا ساهڙي يا دوست هجي، گهوٽ جا ڪتاب هجن يا گهوٽ جو پروفيشن هجي. پهاڄ يا پهاڄ جي ٻارن سان ڪيل ڪنهن استريءَ جي راڪاسي وهنوار ڪي به هن حوالي ۾ سمجهي سگهجي ٿو .

اِستريءَ ڪان نرالي بدني بناوٽ هئڻ سبب پرشن جي سياو ۾ به استريءَ ڪان علحدگي آهي. دائما سانت پري، محفوظ هڪ هنڌ واري زندگي جيئڻ پرش جي سياو ۾ نه آهي. تيزي ۽ زور پريو ٿوروقتو اڌڪار پرش جي سياو جا انگ آهن. سياو ۾ دائميت جي اڇا نه هئڻ سبب ڪنهن دائم ساٿيءَ جو هئڻ پرش لاءِ سياويڪ نه آهي. شادي ان ڪري پرش لاءِ هڪ ٻنڌن آهي. سماج جي دٻاءَ ۽ اثر هيٺ هو اهو ٻنڌن قبول

تہ ڪري وٺندو آهي پر موقعو ملندي ئي هو ان ٻنڌن کي ٽيجڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. منووگيان ۽ سماج وگيان جي ڄاڻ نہ رکندڙ شخص پرش جي ان وهنوار کي ’بي وفائي‘، ’بد اخلاقي‘، ’پرشپڻي جو اجوڳہ استعمال‘ وغيرهہ جهڙا نالا ڏيڻ لڳندا آهن. جڏهن ڪ اهو محض پرش جو پاڻ تي مڙهيل دائم ٻنڌن جي خلاف ودروهہ آهي جيڪو سماج جي ڪنهن وقت دٻاءُ گهٽ هئڻ سبب هو ڪندو آهي. ان حقيقت کي نہ سمجهڻ سبب ئي استريون پنهنجا مسئلا وڌائيندديون آهن ۽ استري ليکڪائون پرش جي ڏاڍاين تي ڪاغذ ڪارا ڪنديون آهن.

جيتوڻيڪ حقيقت اها بہ آهي تہ دنيا ۾ ٻہ ڏِڪا ڪائڻ کان پوءِ پرش جو ٺور ٺڪاڻو بہ گهر آهي. سچ تہ ’گهر‘ مطلب ڪٽنب استري خواهہ پرش جي سماجڪ هئڻ جي لازميت آهي ۽ ڪين پنهنجي نجي اڪار ۽ پنهنجي وجود جي احساس جو ساڌن آهي. پرش بہ گهر کان ٻاهر تہ ڪوُئن جي ڊوڙ جو حصو آهي. ڪي ڪوئا سندس اڳيان ۽ ڪي سندس پٺيان آهن. پر گهر ۾ هن جو نجو وجود آهي.

ﮯﮯﮯ

# روشن ڏِيئا

✍ ويڙهاڻي ڀاڳچند ’ڀاڳل‘

اَڄ اَڄ ڏياري ڀاڳن واري، تنهنجي اَچڻ جون واٽون نِهاريون ٿا،
دِل سان تنهنجو ستڪار ڪرڻ لاءِ، اَڄ ڏيئا خوشين جا ٻاريون ٿا.

سنسار سارو تنهنجي پوڄا ڪري ٿو، ڌن-ڌان، سؤمانَ جي ماتا آهين،
ڏُک هرتا، سُک ڪرتا آهين، تون ماتا ڀاڳيہ وِڌاتا آهين،
تنهنجي درشن لاءِ، من پرسن لاءِ، گُل ڦل آرتيون چاڙهيون ٿا.
اَڄ اَڄ ڏياري ڀاڳن واري، اَڄ ديپ خوشيءَ جا ٻاريون ٿا.

سُمت ڏجان ماتا نندڻ وڏن کي، شل عزت مان سان رهندا اَچن،
دک سک ۾ تين ڀاڳي ڀائي، مريادا وڏن جي رکندا اَچن،
مُنهن مِٺو ڪرائي ڀاڪر پائي، پيئون پريم جا پيالا، پيئاريون ٿا،
اَڄ اَڄ ڏياري ڀاڳن واري، اَڄ ديپ خوشين جا ٻاريون ٿا.

ڀلو ڪجان اَچِي ڏياري ماتا، ڪري عرض ٿو ڀاڳل پير ڳوڻائي،
سڀ شاد هجن، آباد هجن ۽ سُکي رهن سڀ مائي ڀائي،
ڪونج ڪوئل ڪئي گونج گگن مان، راجا رام لاءِ تخت سينگاريون ٿا،
اَڄ اَڄ ڏياري ڀاڳن واري، تنهنجي اَچڻ جون واٽون نهاريون ٿا.

ﮯﮯﮯ

# سنڌ سان عشق جو سزاوار سيد!

✍ محمد اِبراهيم جويو

سيد کي مون پنهنجو روحاني پيءُ سڏيو آهي- اڄ آئون جيئن آهيان، جو ڪجهه بنجي سگهيو آهيان، سو سنڌن پرورش ۽ سهائتا جي طفيل. حقيقت اها آهي ته ڪنهن ماڻهو جو ماڻ يا سندس سچي فضليت ان ۾ هرگز پوشيده نه آهي ته، هن پنهنجي زندگي ۾ ڇا حاصل ڪيو، بلڪ انهي ڳالهه ۾ آهي ته هن پنهنجي ديس ۽ پنهنجي هم وطنن ديس واسين کي ڇا ڏنو؟ هتي مان ڪجهه سائين جي ايم سيد ۽ جناح صاحب جي حوالي سان اوهان سان ويچار ونڊڻ چاهيان ٿو، جيڪي هن ريت آهن.

سائين جي ايم سيد شهيد الله بخش ۽ جناح صاحب کي ملايو، پر ناهه نه ٿي سگهيو. شايد ائين ڪٿي ڇئجي ته اتان کان ئي سيد ۽ جناح صاحب ۾ اختلافن جي شروعات ٿيڻ لڳي، ڇاڪاڻ جو 16 آگسٽ 1942ع تي جناح صاحب جي گهر ۾ گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ جناح صاحب) Quit India ڪئٽ انڊيا) نعراءَ جي مخالفت ڪئي، جنهن ۾ ڪانگريس پاران انگريزن کي هندستان خالي ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو. سائين جي ايم سيد جو ان مرحلي تي مؤقف هو ته ڪانگريس هندستان کي انگريزن کان آجو ڪرڻ چاهي ٿي، نه ڪي مسلمانن ڪان. اهڙي نعراءَ جي مخالفت ڪرڻ سان عالمي سامراج خلاف جدوجهد کي ڌڪ رسندو ۽ ساڳئي وقت ڪانگريس سان ناهه جا سڀ رستا به بند ٿي ويندا. جنهن تي جناح صاحب ڪاوڙجي چيو، ”آئون ڪانگريس سان ڪو ناهه ڪرڻ لاءِ تيار ناهيان.“ جي ايم سيد جي مؤقف جي راجا محمود آباد، اصفهاني ۽ نواب اسماعيل حمايت ڪئي ۽ هنن جناح صاحب کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪين به جناح صاحب نه ٻڌو، ان ڪري ان موقعي تي سائينءَ پنهنجو اختلافي نوٽ لکرايو. اهڙيءَ طرح سائين اختلافي راءِ جو ڀرپور اظهار ڪندي ان جو پورو حق استعمال ڪيو.

انهيءَ ڪانپوءِ ڀهرين جون 1942ع تي حُرن جي روحاني اڳواڻ پير صبغت الله شاهه ثانيءَ کي انگريزن خلاف تحريڪ هلائڻ ۽ ساڳئي وقت گوريلا جنگي وسيلن سان مزاحمت ڪرڻ تي سنڌ ۾ مارشل لا لاڳو ڪيو ويو ۽ پير صاحب پاڳاري تي تاج برطانيه سرڪار خلاف بغاوت جو مقدمو ۽ ٻين ڏوهن وارا ڪوڙا ڪيس حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ هلايا ويا، جن ۾ پير صاحب کي موت جي سزا ٻُڌائي وئي. ان

فيصلي خلاف سائين جي ايم سيد پنهنجن ٻين دوستن سان گڏجي چئلينج ڪرڻ جو ارادو ڏيکاريو، پر جناح صاحب ايئن ڪرڻ کان کيس سختيءَ سان منع ڪئي. سائين جي ايم سيد پير صاحب پاڳاري سان گرفتار ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي ملاقات ڪئي هئي، جنهن ۾ پير صاحب، سائين جي ايم سيد تي اهو چٽي نموني واضح ڪيو ته هو مسلم ليگ کي سنڌي مسلمانن لاءِ خطرناڪ ئي نه، پر ضررناڪ سمجهي ٿو ۽ هو سنڌ مان انگريزن جو مڪمل خاتمو ڪرڻ چاهي ٿو. مسلم ليگ جي باري ۾ اهڙي راءِ رکڻ ڪري جناح هرگز نه پئي چاهيو ته پير سائينءَ جي آزاديءَ جي لاءِ مسلم ليگ پاران ڪوششون وٺجن. انهيءَ ڳالهه به سيد ۽ جناح صاحب وچ ۾ اختلافن کي وڌايو.

سنڌ جي وزير اعظم غلام حسين سنڌ کي پنهنجي مرضيءَ سان پئي هلايو، جڏهن ته سيد، سنڌ جي علائقائي مسلم ليگ جي صدر جي حيثيت سان اهو پئي چاهيو ته صوبو سنڌ يعني سنڌي قوم جي پاليسين موجب هلي. سر غلام حسين انگريزن جي خاص ماڻهو هجڻ ڪري، سيد صاحب ۽ سندس ترقي پسند ساٿ کي لاڳيتو نظرانداز ڪندي، کين تنگ ڪندو آيو. اهڙيءَ طرح 25 جولاءِ 1944ع تي سنڌ اسيمبلي پارٽيءَ جو حڪومت مان ناراض هڪ وفد جناح سان وڃي مليو، جناح صاحب سائين جي ايم سيد کي چيو ته هو سندن شڪايت ٻڌي کيس رپورٽ ڪري. سيد شڪايتون ٻُڌي جناح صاحب کي حقيقت کان آگاهه ڪيو، جنهن تي جناح صاحب جواب ڏيندي چيو: ”سيد صاحب جنگ جو زمانو آهي ۽ ساڳئي وقت سنڌ جو وزير اعظم (غلام حسين) انگريزن وٽ پسند پيل آهي ۽ مسلم ليگ جون وزارتون به انگريزن جي مدد سان هلي رهيون آهن، ان ڪري توهان کي وزيرن جا اهي ڪارناما برداشت ڪرڻا پوندا. وزارت توهان بجاءِ مون (جناح) وٽ جوابدار آهي، ان ڪري توهان کي صوبائي صدر جي حيثيت سان حڪومتي مامرن ۾ دست اندازي نه ڪرڻ کپي. آئون هر حالت ۾ وزارت کي قائم رکڻ چاهيان ٿو!“ اها ڳالهه ٻُڌي جي ايم سيد جواب ڏيندي چيو ته ”آئون اها حيثيت هرگز قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهيان ۽ نه صوبائي مسلم ليگ جي اڪثريت ۽ مسلم ليگ جو باغيرت گروهه اها ڳالهه قبول ڪندو.“ جناح صاحب اهو ٻُڌي چيو، ”آئون اهڙي گفتگو ٻُڌڻ لاءِ تيار ناهيان.“ ان ڪانپوءِ سائين جي ايم سيد جواب ڏيندي چيو، ”سنڌ مان مسلم ليگ جو وفد ۽ آئون اوهان وٽ سنڌ جو ڪيس ان اميد تي پيش ڪرڻ آيا هئاسون ته مسلم ليگ جي وڏي ۾ وڏي جج آڏو پنهنجو نقطهءِ نگاهه پيش ڪري، انصاف حاصل ڪنداسون، پر مون کي افسوس سان

ظاهر ڪرڻو ٿو پوي.“ ان تي جناح ڪاوڙ ڪندي چيو ته ”مسلم ليگ جي صدر آڏو اهڙي گفتگوءَ لاءِ معافي وٺ.“ جنهن جو سيد صاف انڪار ڪيو، تنهن بعد جناح صاحب ڪاوڙجي ٻئي ڪمري ۾ هليو ويو. اهڙيءَ طرح سائين جي ايم سيد صورتحال ڪان وفد کي واقف ڪيو، جيڪي ناراض ٿي پارٽي ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي ويا. سائين جي ايم سيد ان مرحلي تي آدرشي سياست ڪرڻ تان نه دستبردار ۽ نه ئي نا اُميد ٿيو.

سيد کي پنهنجي سچائي، نيڪ نيتي ۽ پارٽيءَ سان وفاداريءَ سبب مسلم ليگ جي هاءِ ڪمانڊ ۾ اجا به ڪجھ اُميدون هيون ۽ بعد ۾ شملا ۾ صلاح مصلحت لاءِ پير علي محمد راشدي، يوسف هارون ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ کي پاڻ سان گڏ وٺي ويو ۽ ڪوشش ڪيائين ته ڪانگريس ۽ جناح صاحب وچ ۾ ڪو ناهه ٿي سگھي، پر جناح صاحب ڪنهن به صورت تي ناهه لاءِ تيار نه هو. اهڙيءَ طرح اتي موجود لياقت علي خان جناح صاحب کي آگاهه ڪيو ته ”جي ايم سيد ۽ راجا محمود آباد صاحب مون کي ڪانگريس سان سمجھوتي ڪرڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا.“ مٿان وري غلام حسين به ڪيس اڇي اهڙي ڪا دانهن ڏني. ان تي جناح صاحب جي ايم سيد کي چيو ته ”سيد تنهنجو رويو برداشت ڪان ٻاهر ٿي ويو آهي، بهتر آهي ته پاڻ کي جدا ٿي وڃڻ گھرجي.“ ان لاءِ سيد صاحب وراڻيو، ”جيڪڏهن اها ئي ڳالهه آهي ته آئون به تيار آهيان.“ پر جيئن ته سائين صوفيانه طبع ٿي رکي، ۽ ڳالهه کي درگذر ڪرڻ ۾ ويساهه هئن، ان گھڙيءَ لاءِ سائين جي ايم سيد لکي ٿو ته ”ساده دل ۽ ناتجربيڪار هجڻ سبب مسلم ليگ ڪان جدا ٿيڻ جو ڪو فيصلو نه ٿي سگھيو، نه ته مشڪلاتن ۾ مبتلا ٿيڻ لاءِ پاڻ کي جوابدار ٺهرائڻ جو ارمان نه ٿئيم ها.“ سائين جي ايم سيد هڪ خوددار ۽ ايماندار دل رکندڙ هو، جنهن ڪانگريس کي سنڌ جي حق ۾ پيش ڪيل هارين جو بل ۽ قرض چڪتو ٿيڻ جهڙا بل پاس نه ڪرڻ سبب ڇڏيو هو ۽ اهڙن ئي ڪمن کي مسلم ليگ ۾ شامل ٿي سنڌ جي ماڻهن جي ترقي ۽ ڀلائيءَ جي سپني کي ساڀيان ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، پر اهڙو سپنو مسلم ليگ ۾ اچڻ ڪانپوءِ پورا پورا ٿيڻ لڳو هئس.

جڏهن جنوري 1946ع ۾ صوبائي اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيڻ واريون هيون ۽ ان ڪري سنڌ ۾ صوبائي اسيمبليءَ جو پارلياماني بورڊ قائم ڪيو ويو ته اُن بورڊ ۾ جي ايم سيد، سر غلام حسين ۽ ٻين ستن ميمبرن کي ڪنيو ويو. جڏهن ٽڪيٽن ڏيڻ جو وقت آيو، تڏهن مرڪزي هاءِ ڪمانڊ صوبائي مسلم ليگ جي پارلياماني بورڊ جي

صلاح مشوري کان سواءِ سر غلام حسين جي صلاح سان پنهنجن ماڻهن ۾ ٽڪيٽون ورهايون ۽ ساڳئي وقت پارلياماني بورڊ جي ميمبرن پاران ڏنل ٽڪيٽون رد ڪيون. اهڙيءَ طرح مرڪزي مسلم ليگ جي مرڪزي هاءِ ڪمانڊ جو فيصلو نهايت غير مناسب ۽ سراسر ناانصافيءَ تي ٻڌل هو، جيڪا ڳالهه 14 آڪٽوبر 1945ع ۾ مسلم ليگ ڪائونسل جي ٺهراءُ جي خلاف ورزي به هئي. ان بعد جناح صاحب سر غلام حسين جي بنگلي تي اچي مهمان ٿيو، جتي سيد صاحب ڪيس مسلم ليگ ڪائونسل جي ٺهراءُ کان واقف ڪيو. تنهن تي جناح صاحب ڪيس ڪاوڙ ۾ اچي چيو، ”ڪائونسل جا ميمبر بي جوابدار ماڻهن جا ميڙ هئا، جن جو انهن ڳالهين سان ڪوبه واسطو ڪونه هو، ان ڪري هاڻي جدا ٿيڻ جي حد ڪي اچي پهتا آهيون.“ هاڻي اها گهڙي اچي پهتي هئي، جڏهن سيد جي سامهون هڪ پاسي جناح ۽ مسلم ليگ ۽ ٻئي پاسي سنڌ ۽ ان جي عوام جو مستقبل هو، جنهن لاءِ پڻ لکي ٿو ته ”ٻئي طرف منهنجي سنڌ ديس سان محبت هئي، جنهن ۾ ڄائو نپيو هئس، جتي منهنجي ويهن پيڙهين جو قبرستان هو.....“ سائين جي ايم سيد اهو محسوس ڪندي ته هاڻي سنڌ جي اهم مفادن جي ڪابه ڳالهه ڪانه رهي آهي، پاڻ جناح صاحب جي فيصلي ڪي مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڪيس ورندي ڏني ته ”آئون انهيءَ معاملي تي ٻن سالن کان غور ڪري رهيو آهيان، گذريل ملاقاتن کان وٺي جڏهن توهان جدا ٿيڻ جو اشارو ڏنو هو، مون انهيءَ مسئلي تي ويچاريو آهي ۽ آئون ان راءِ تي پهتو آهيان ته صوبائي ڪائونسل جي فيصلي جو انحراف نٿو ڪري سگهان. منهنجي پهرين جوابداري صوبي جي جماعت آهي ۽ ساڳئي وقت پارليامينٽ جي يڪ طرفي بورڊ جي جانبدار فيصلي کي مڃڻ مشڪل آهي.“ ان کان پوءِ جناح صاحب سائين جي ايم سيد کي آخري پيرو مرڪزي هاءِ ڪمانڊ جي چونڊيل نمائندن جي لسٽ ڏياري موڪلي، جنهن جي قبولڻ کان سيد صاحب انڪار ڪيو. ان لسٽ ۾ سائين جي ايم سيد جي ترقي پسند گروپ جي چئني ميمبرن جا اسيمبلي ٽڪيٽ مرڪزي مسلم ليگ رد ڪيا هئا ۽ رڳو سندس پنهنجي ٽڪيٽ قائم رکي هئي. پنهنجي مليل ٽڪيٽ تان هٿ ڪڻندي سائين جي ايم سيد آل انڊيا ورڪنگ ڪميٽي ۽ ڪميٽي آف ايڪشن تان استعيفيٰ ڏني ۽ اهڙو بيان 26 ڊسمبر 1945ع تي اخبارن کي جاري ڪيائون. ان وچ ۾ مسلم ليگ جي ڪيترن ئي ليڊرن ٺاهه جون ڪوششون ڪيون، پر اهي سڀ ناڪام ويون ۽ سيني ڏرين اها ڳالهه مڃي ورتي ته سيد جو ترقي پسند گروپ حق تي هو ۽ مرڪز هنن سان زيادتي ڪئي آهي. جناح صاحب بضد هو ۽ سيد سان ڪوبه شرط يا گفتگو

نٿي ڪرڻ گهريائين ۽ چاهيائين ٿي تہ ”سيد کي مرڪزي ليگ جي ضابطي ۽ فيصلي جي انحرافي ڪرڻ تي مون کان معافي وٺڻ گهرجي. تنهن ڪانپوءِ سندس بحال ڪرڻ جي سوال تي غور ڪيو ويندو.“ اهڙو اظهار هن کهڙي صاحب جي تار ملڻ ڪانپوءِ ڪيو. سائين جي ايم سيد ان وقت پنهنجي مؤقف تي اٽل رهندي، اهو فيصلو ڪيو تہ هڪ اهل حڪومت ٺاهڻ جي ڪوشش کي ڏوهہ نٿو چئي سگهي: ”منهنجي مسلم ليگ مان مون کي بدناميءَ ۽ سختيءَ جي طريقن سان هٽائي نٿو سگهجي. منهنجو ضمير صاف آهي، آئون ڪڏهن بہ سنڌ ۽ ان جي عوام جي ڀلائيءَ ۽ ان جي خدمت کان نہ گسندس....مون کي زبردستيءَ ۽ دڙڪن سان حق جي رستي تان ڦيرائي نٿو سگهجي“.

اهڙي صورتحال کان پوءِ مسلم ليگ مرڪز کان پير علي محمد راشديءَ پڻ بغاوت ڪئي ۽ بيان جاري ڪيو تہ ”منهنجو پاڪستان جي نهراءَ سان فقط هڪ حادثاتي واسطو هو. سنڌ ۾ اهو سڀ ڪجهہ موجود آهي، جيڪو اسان کي گهرجي ٿو....جناح جي پاڪستان جو نعرو سنڌ کي سندس موروثي فائدن ۽ وسيلن کان محروم ڪري ڇڏيندو.“ سائين جي ايم سيد طرفان بيهاريل مسلم ليگ جي مرڪزي آئين ساز اسيمبليءَ ۾ پير علي محمد شاهہ راشدي ۽ يوسف هارون ڪاميابي حاصل ڪئي. سائين جي ايم سيد اها ڳالهہ هاڻي چڱيءَ طرح سمجهي چڪو هو تہ پاڪستان غريب عوام لاءِ نہ بلڪ جاگيردارن، وڏيرن، پيرن ۽ ميرن لاءِ آهي ۽ چيائين تہ ”ننڍن صوبن تي وڏا صوبا پنهنجي ناپاڪ حڪومت هلائي رهيا آهن.“ يوسف هارون جنهن سائينءَ جي حمايت سان مرڪز ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي هئي، مرڪز جي بچاءُ ۾ الزام لڳائيندي چيو تہ ”جي ايم سيد هندو سرمائيدارن جو آواز بڻجي پيو آهي.“ ۽ لياقت علي خان بہ هن موقعي تي چيو تہ ”سيد سازش هيٺ مسلم ليگ کي خنجر هنيو آهي.“ اهڙيءَ طرح ڪميٽي آف ايڪشن سائين جي ايم سيد کي مسلم ليگ جي تنظيم تان قائدن ۽ قانونن جي خلاف ورزيءَ جو الزام هڻندي 4 جنوري 1946ع تي اعلان ڪندي هٽائي ڇڏيو. جڏهن تہ جي ايم سيد مسلم ليگ تان اڳ ۾ ئي استعيفيٰ ڏئي چڪو هو. هي جناح طرفان هڪ رسمي ڪارروائي هئي. هن اعلان کان پوءِ سنڌ جي مسلم ليگ جي واڳ عارضي طور محمد هاشم گذدر کي ڏني وئي.

سنڌ ۾ جي ايم سيد لاءِ هڪ الڳ ۽ نئين سياسي صورتحال هئي. 21 جنوري 1946ع ۾ اليڪشن لاءِ مرڪز طرفان نامزد ڪيل سنڌ مسلم ليگ جي اميدوارن جي مقابلي ۾ سيد صاحب 16 اميدوار مسلمان قومپرست سڄاڻپ سان بيهاريا، جنهن جو

اڳواڻ مولا بخش سومرو هو. مسلم ليگ وارن سيد گروپ جي خلاف مذهبي پروپيگنڊا شروع ڪئي ۽ غريب عوام کي مذهبي نعرن وسيلي ڀڙڪائي جذباتي ڪيو. ساڳئي وقت انگريزن جي حمايت مسلم ليگي ٽولي سان هئڻ سبب سيد جا ساٿي گهڻيون سيٽون نہ کٽي سگهيا. هن ڪان پوءِ 27 اميدوارن جي ڪامياب ٿيڻ ڪان پوءِ 8 فيبروري 1946ع تي مسلم ليگ حڪومت ٺاهي ۽ انگريزن جي منظورِ نظر ساڳئي غلام حسين کي وزيراعظم بڻايو، جيڪو سيد جو سياسي مخالف هو. سائين جي ايم سيد مسلم ليگ جي ٺهندڙ حڪومت کي ڏسندي ڪانگريس سان، جنهن جا 21 ميمبر اسيمبليءَ ۾ هئا ۽ ٻين ميمبرن کي اپيل ڪندي گڏيل پارٽي ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ غلام حسين خلاف بي اعتماديءَ جي رٿ آندائين، جيڪا هڪ ووٽ تان ناڪام ٿي ۽ ٻئي ڏينهن تي مير بنده علي مسلم ليگ جي وزارت خلاف بيان ڏنو. اهڙيءَ طرح ووٽ برابر ٿيڻ بعد ڪَتر جي رٿ ذريعي غلام حسين کي شڪست آئي ۽ سنڌ جي گورنر سر موڊيءَ جي مداخلت سبب ان وقت جي وزارت کي ڊهڻ ڪان بچائيندي، مير بنده عليءَ کي وزير بڻايو ويو. اهو ياد رهي تہ مسلم ليگ جي قاعدن ۽ قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ مير بنده عليءَ کي مسلم ليگ وزارت ڏني ۽ ٻئي پاسي اُصول پرست گروپ کي ناانصافين خلاف احتجاج ڪرڻ تي ليگ ڪان ٻاهر ڪڍيو ويو.

24 مارچ 1946ع تي برطانوي سرڪار جي ڪئبينيٽ مشن دهليءَ ۾ پهتي، سندس مقصد ”هندستان کي آزادي ڪيئن ڏجي“ هو. سيد صاحب کي سنڌ اسيمبليءَ ۾ گڏيل پارٽيءَ جي مخالف اڳواڻ جي حيثيت سان 2 اپريل 1946ع تي دهليءَ ۾ گهرايو ويو هو. جي ايم سيد ان مشن اڳيان هندستان جي هر هڪ رياست لاءِ حق خود ارادي ۽ مڪمل خود مختياريءَ جي گهُر ڪئي. ڪراچيءَ مان نڪرندڙ ان وقت جي اخبار ”سنڌ آبزرور“ موجب جي ايم سيد برطانيہ جي ڪئبينيٽ مشن کي اهو آگاهہ ڪيو تہ ”هن هڪ ”سنڌي پاڪستان“ ٺاهڻ تي گهريو، پر مسلم ليگ جي جاگيردارن، وڏيرن ۽ پيرن جي سحر مان صاف صاف نڪري اچڻ ڪانپوءِ هن پنهنجي گهُر کي بدلايو آهي. هاڻي هو ۽ سندس گروپ پاڪستان بدران آزاد سنڌ چاهي ٿو.“ ان ڳالهہ جو حوالو ڏيندي جي ايم سيد 1943ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ ۾ جيڪا قرارداد پيش ڪئي هئي، ان موجب پاڪستان آزاد قومي رياستن جي يونين طور قائم ڪيو وڃي، جنهن ۾ سنڌ بہ آزاد اڪائيءَ طور شامل هجي.

هاڻي اِتي هڪ اهم سوال پيدا ٿئي ٿو تہ صوبا بشمولِ سنڌ خود

مختياري ۽ آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ۾ ڪيئن ناڪام رهيا! حقيقت ۾ اُن وقت جي سنڌي قومپرست قيادت انگريز ۽ انهن جي مسلم ليگي چاڙتن جي ڄار ۾ پوريءَ ريت ڦاسي چڪي هئي. برطانوي سامراج ”اقتدار کي ورهايو ۽ راڄ ڪريو“ واريءَ چال کي سياست ۾ استعمال ڪيو. هندستان ۽ پاڪستان جي نالي ۾ آزاديءَ وننڊڙ ٻنهي ڌرين- ڪانگريس ۽ مسلم ليگ مشن اڳيان دعويٰ ڪئي تہ حڪومتِ برطانيہ جي سڄي ساک رهجي ايندي. ان کان پوءِ لارڊ مائونٽ بيٽن سڄو وقت صوبن ۽ ڏيهي رياستن کي فقط هندستان يا پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ڪوششون ڪندو رهيو. جيستائين سنڌ جي آزاديءَ جو سوال هو تہ انگريزن اهو هرگز نٿي چاهيو تہ بندرگاهہ وارو شهر ڪراچي، جيڪو سوئيز ڪئنال کان آسٽريليا جي وچ ۾ رابطي لاءِ نهايت ضروري منزل تي هو، اهو جي ايم سيد جهڙي انگريز دشمن ۽ زورآور شخصيت جي هٿن ۾ وڃي. اهڙيءَ ريت جي ايم سيد، ڪئبينيٽ مشن اڳيان صوبن جي حقِ خود ارادي ۽ خود مختياري ڏيڻ جي گهُر ڪري، پاڻ کي سنڌ جو سچو سپوت ثابت ڪيو.

## डॉ. माला कैलाश को सिंधी साहित्य में पी.एच्.डी. की उपाधि

हाल ही में महर्षि दयानन्द सरस्वती विश्वविद्यालय अजमेर के दीक्षांत समारोह में सिन्धी साहित्य में शोध कार्य के लिए डॉ. माला कैलाश को महामहिम राज्यपाल द्वारा डॉक्ट्रेट की उपाधि से विभूषित किया गया। इससे पूर्व डॉ. माला कैलाश ने वर्ष 2001 में राजस्थान विश्वविद्यालय से ही विधि संकाय (लॉ) में भी पी.एच्.डी. की उपाधि प्राप्त कर चुकी हैं। उन्हें लॉ के साथ सिन्धी साहित्य में पी.एच्.डी. करने वाली पहली सिन्धी महिला होने का गौरव भी प्राप्त हुआ है। ऑल इंडिया सिन्धू कल्चर सोसायटी, सिन्धू संस्कृति प्रसार संस्था, राष्ट्रीय सिन्धी भाषा विकास परिषद व सिन्धी संगीत समिती अजमेर व अन्य संस्थाओं द्वारा उन्हें समय समय पर सम्मानित किया गया। दिल–ए–सिन्ध की ओर से डॉ. माला कैलाश को हार्दिक बधाई व शुभकामनाएँ।

# ڀڳت جو تاجيِ پيٽو

✍ چينو لالواڻي

سنڌي موسيقيءَ ۾ اَسان کي ڪافيءَ جي گائڪي، نغمن-ترانن واري گائڪي، مرثيه خواني، ملتان وارين درگاهن جي گائڪي، ڀٽ شاهه جي راڳ جي اَنداز، پيرن گنانن پڙهڻ جو اَنداز، درگاهن جي سُنگ وارو اَنداز جنهن ۾ فقير هڪ ٽوليءَ جي صورت ۾ گڏجي هڪ ڪلام ڳائيندا آهن، فقيراڻو اَنداز، سماع جي گائڪي، ڀڄنن جي گائڪي، صوفي اَنداز ۽ ڀڳت واري گائڪي، ڀڳتاڻو اَنداز ملي ٿو.

ڀڳت نچ سنڌي موسيقي فن آهي. ڀڳت سنگيت، راڳ ساز، لوڪ نرتيه ۽ لوڪ ناٽڪ تتو جو مرڪب آهي. سنڌي سنگيت، راڳ، تال، نرتيه جي آڌار تي ڪنهن ڪٿا، لوڪ ڪٿا، درشتانت جي پيشڪش کي ”ڀڳت“ سڏيو وڃي ٿو. ڀڳت آڪاٽي - لوڪ ڪهاڻي ڪٿڻ جو هڪ اَنداز آهي. جنهن ۾ راڳڻين، سُرن، گيتن جي اُٽت ڪيل هوندي آهي، جيڪو ڀاواتمڪ ماحول ڪڙو ڪرڻ ۾ سازگار، مددگار ٿيندو آهي ۽ عوام جي ڪشش جو باعث بڻجي ٿو.

راڳ، تال، سر-سنگيت ۽ نرتيه جو مرڪب آهي ”ڀڳت“. ڀڳت سنڌ جو نچ، قديم سنڌي موسيقي فن آهي. سنڌي گايڪيءَ جو اَنوکو اَنداز جنهن کي ڀڳتاڻو اَنداز پڻ سڏيو وڃي ٿو، بيحد لوڪپريه گائڪي رهي آهي. ڀڳت جو هڪ سونهري زمانو رهيو آهي، جاڪاڻ ته ڀڳت ٽوليون سنڌ جي ڳوٺ-ڳوٺ، شهر-شهر وڃي عوام جو ڀرپور صحتمند منورنجن ڪنديون هيون. ڀڳت ۾ ڀڳتي پرمپرا، روحاني شڪتي راڳ روايت، صوفي انداز ڀرپور آهي پر سنڌي ڳائيندڙ ڀڳتن جو ’ڀڳتي تحرڪ‘ سان ڪو واسطو ڪونهي. ڀڳت سنڌ جي هندو ڳائيندڙ ٽولن جو نالو آهي. جيڪي ڀاون جي اِظهار، شاريرڪ ڪريائن، گيتن جي گايڪيءَ جي هڪ خاص شئلي جنهن ۾ سنڌي لوڪ گيت، لوڪ ڪٿائون، هڪ جدا ڪٿا ڪٿن ڍنگ سان ڀاوَ پردان بڻائي، گيت، سنگيت، نرتيه سان پيش ڪندا هئا ۽ عوام جي دلين کي پاڻ طرف ڇڪي، سڄيون-سڄيون راتيون منورنجن ۽ وندر ميسر ڪندا هئا. مسلمانن جي ٽولين کي ”ناچو“ سڏيو ويندو آهي. ڀڳت هڪ ستسنگ، راڳ جي محفل، ايشور اُپاسنا، روح جي راحت، ڪيرتن روپ، سنگيت سماج سُڌار وادي ذريعو، اعليٰ ترين سنڌو تهذيب جو درشن ڪرائيندڙ، سدائين باغ بهار ڪندڙ فن آهي.

سنڌ کي پنهنجو ديسي ڳائڻ آهي جنهن جي ڀرپور جهلڪ ڀڳت مان پسجي ٿي. گڏوگڏ ڀڳت سنڌ جي ڪلاسيڪي راڳن جي روايت کي پڻ پاڻ سان گڏ کڻي هلي ٿي. پر عوامي راڳ-سنگيت، رقص سان ڀڳت جي تاجي پيٽي تي نظر وراڻ ڪان اَڳ اَچو

تہ ڏسون تہ ڀڳت جيڪا نمائش جي ڪلا آهي اُها ڪهڙي قسم جي آهي؟ پيشڪش جي لحاظ کان ٻن قسمن جو ساهتيہ اَسانکي نظر اَچي ٿو. هڪ پد، ڀڄن ۽ ڪيرتن، ٻيو راس، آکيان ۽ لوڪ گاٿا گيتن کي اَسين نثري ساهتيہ روپ، نظمي ساهتيہ روپ يا ڪٿا مؤلڪ ساهتيہ سڏيون ٿا. سنگيت، تال، لئہ ۽ نرتيہ جو مرڪب نظمي روپ آهي. ڪلا مؤلڪ ساهتيہ روپ ۾ اَڪثر مرڪز ۾ ساهتيہ جي لکيت روپ پرمپرا رچنا هوندو آهي. اُن ۾ مجموعي شموليت نہ هوندي آهي. ڀڳت لوڪ پرمپرائن، لوڪ ڪٿائن، لوڪ گيتن، لوڪ چوڻين، لوڪ پاونا کي اِظهاريندڙ لکيت ڪٿا سروپ نہ پر زباني روايتن کي پاڻ سان کڻي هلندڙ آهي. يعني تہ ڀڳت لکيت روپ نہ پر زباني ۽ اُن ۾ بہ اِمپرووائيزيشن-تهہ طلبيو ٿاهي ٻڌائڻ جي ڪلا قسم آهي، جنهن ۾ ڀڳت بيهي ڪري ڪٿا، ڪهاڻي، آکاڻيءَ جي اُٽت گيتن، سنگيت نرتيہ سان ڪري پنهنجي ساريرڪ، ٻڌائڻ ڀاوَ پرڏان اَداڪاريءَ سان درشڪن کي جوڙي رکي ٿو. ڀڳت جا ٻڌندڙ ڪنهن هڪ طبقي، ذات، ڌرم جا نہ هوندا آهن پر پنج رنگي سماج هوندو آهي.

ڀڳت ٽوليءَ ۾ وڏو ڀڳت مُهندار جنهن جي نالي ٽوليءَ جي سُڃاڻپ قائم ٿيل هوندي آهي اُن بعد بہ ٽي نندا ڀڳت جنهن کي ”پيچڙ“ سڏيو ويندو آهي. گڏوگڏ سارنگي، طبلي، ڍولڪ ۽ وقتي هارمونيم وڄائيندڙ سازيندڙ ۽ اُن کان پوءِ هڪ، بہ ٻيا شخص جنهن کي ”ٻولڙيا“ سڏيو ويندو آهي شامل هوندا آهن. وقتي مسخرو پڻ گهڻا ڀڳت پاڻ سان کڻندا آهن. جيڪو عوام کي ٽوٽڪن، چرچن، مذاقيہ نقلن، لطيفن سان وندرائيندو آهي. ٻولڙيا مهندار ڀڳت کي ڪٿا، آکاڻيءَ کي اَڳتي وڌائڻ، مجموعي ڳائڻ، سُر وٺائڻ ۾ مدد ڪندا آهن. جي ڪا ’گهور‘ ملندي آهي تہ نچندا-نچندا حاصل ڪري ايندا آهن. گهور کي بتاءُ، روڪڙ رقم يا روڪڙ اُتساهت هٿ ڪندڙ، دل خوش انعام بہ سڏيو ويندو آهي. ڀڳت جا ٻيا اَهم تتو آهن: لولي، جهولي، پلئہ ڪانسواءِ ڪابہ ڀڳت اَڌوري سڏي ويندي آهي. ڀڳت لولي، مجازي لولي قسم آهي. جنهن ۾ ٻار جي وڏي آورجا، صحتمند جيون لاءِ دعا، آسيس ڪئي ويندي آهي ۽ ايشور کان ٻاجهہ گهري ويندي آهي. جهولي سخاوتي ڪمن لاءِ دان ڪنو ڪرڻ جو وسيلو آهي، پروپڪاري، اِنساني ڪلياڻڪاري ڪمن لاءِ جهولي ڪئي ويندي آهي. يا مٽڪو رکيو / گهمايو ويندو آهي. پلئہ سنڌي ثقافت جي پرمپرا آهي، دعائي روايت آهي ۽ مستقبل جي سڪدائي هجڻ جي پرپوءَ در پرارٿنا آهي. ڀڳت ۾ پلئہ جي رات جي خاص مهما ۽ اَهميت آهي. ڀڳت جو خاص مدار سازن جي ڀرپور وڄت ۽ تماشي وارو نچ انداز آهي. ڀڳت جو هڪ خاص ويس آهي. سيد سليمان شاهہ ڀڳت - ناچوءَ جي ويس وڳن، خاصيتن جو ذڪر پنهنجي ڪافيءَ ۾ هن ريت ڪيو آهي. ناچو ٿيڻ جي تصوير جو چٽ آهي :

ٺيان ناچو، پهريان پيش واز، ڍڪڙ ڍمڇر ساز آواز
ڦيررڙيون پايان، ڪي ڇيريون ڇمڪايان
ڏس ڪو ڏانءُ جنهن سان توڪي پرچايان.

پڳت ڳائڪي اَنداز جا ٽي پهلوُ آهن. پيشواز ۽ جاما پائي سازن جي وڄت تي نچڻ يعني ساز، نرتيه جي سنگت، نقل، ڪٿائون، آکاڻيون ڪٿڻ ۽ ڪافيون، ڪلام، ۽ گيت ڳائڻ. پڳت جو ڳائڻ، ’ٽولي وارو ڳائڻ‘ آهي يعني سڄي ٽولي سڄي ڪافي ڪلام-ساڳئي وقت ڪانه ڳائيندي آهي پر سازن جي وڄت سان ڪافيءَ جي شروعات ڏوهيڙن سان ڪندا، ڪجهه حصو - ٽلهه اَڳواڻ پڳت ڳائيندو آهي، وقتي ساز وڄائيندڙ به ڳائيندا آهن ۽ باقي هڪ به مصرع ناچو يا ٻيو ڪو ڳائيندو آهي ۽ بعد ۾ ٻيا راڳي ٽلهه ۾ شامل ٿيندا آهن.

پڳت لفظ جي معنيٰ ’پڄ‘ يعني پوڄا آهي. ’پڳت‘ وجهندڙ شخص کي پڳت يعني پوڄاري پڻ سڏيو ويندو آهي، پر هتي اَسانجو واسطو ’پڳت باز‘ يعني خاص اَنداز سان نقل ۽ نغما ڳائيندڙن سان آهي. سنڌي پڳت شڌ سنڌي ڪلا اَنداز آهي، جنهن کي پنهنجي علحدي سُڃاڻپ ۽ نرالپ آهي.

پڳت جا مکيه تتوَ هن ريت آهن :

**پ** : پاوَن جو اِظهار، جدا جدا شاريرڪ ڪريائن، ڇهري جي حاوَن پاوَن، مدرائن جي اِظهار دواران آنند منورنجن جي محسوسات ڪرائڻ.

**ڳ** : گيتن جي ڳايڪيءَ جي خاص شئلي، سنڌي لوڪ گيتن، لوڪ ڪٿائن کي پاوَ پرڌان بڻائڻ جو اَنداز، اُتساهه، رچناتمڪ پاوَن جي اِظهار دواران هڪ نئين آنند سرشٽي رچڻ.

**ت** : تال، جنهن ۾ لوڪ نرتيه، لوڪ سنگيت ۽ لوڪ ساز شامل آهن.

يعني ته پڳت سنڌي فن جو اعليٰ نمونو هڪ ستسنگ، راڳ جي محفل، پريوءَ جي اُپاسنا، روح جي راحت، سُڌار وادي پاونا ۽ وندر جو بهترين وسيلو آهي، جيڪا اَسانجي اعليٰ ترين تهذيب جا درشن ڪرائي ٿي ۽ اَيامان ڪان وٺي سنڌ واسين، سنڌ جي دلين کي باغ بهار بڻائيندي پئي رهي آهي.

پڳت اَڪثر ڪري ڌارمڪ ڏڻن، ورسين، اُتسوَن، آنند واڌي ۽ خوشيءَ جي موقعن تي وِڌي ويندي آهي. پڳت ڪيرتن جو روپ سنگيت آهي، جنهن ۾ جدا جدا ويس پڻ ڌارڻ ڪيا ويندا آهن، جنهن کي ’سانگ‘ سڏيو ويندو آهي.

تاريخ جي اعتبار کان اَگر ڏٺو وڃي ته سنڌ تي مسلمان حملاورن جا لڳاتار حملا ٿيندا رهيا. مسلم دور حڪومت ۾ هندن کي ڳائڻ وڄائڻ جي ڪابه آزادي نه هئي. اهي آزادانه طور تي ڪٿا ڪيرتن به نه ڪري سگهندا هئا. ان ڳالهه جي شاهدي اَسان

کي سائين جي. ايم. سيد جي ڪتاب ’پيغام لطيف‘ ۾ ملي ٿي. هن ڪتاب ۾ حاڪم ميان غلام شاه ڪلهوڙي جي هڪڙي حڪم نامي جو ذڪر آهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته ”هندن کي چوٽِي رکڻ، ڌوتي پائڻ ۽ دڪان تي اُگهاڙيون ٽنگون ڪري ويهڻ جي اِجازت ناهي. هندو هولي يا ’ڀڳت‘ ۾ سرود، شهنائي، نغارن ۽ ڍُهلن جو اِستعمال نٿا ڪري سگهن. هندن کي مندرن ۾ لڳل مورتين ۽ سنڌو نديءَ آڏو پرڻام نه ڪرڻ ڏنو وڃي. جيڪو هندو هن فرمان تي عمل نه ڪري ته ان کي ماريو وڃي يا ڪڙي سزا ڏني وڃي.“

حاڪمن جي ظلمن ۽ دٻاءَ جي ڪري ڀڳت-ڪٿا ڪيرتن فقط مندرن ۽ گردوارن تائين ئي محدود رهجي ويئي، ليڪن اَنگريزن جي دور حڪومت ۾ ’ڀڳت‘ مندرن جي چار ديوارين کان ٻاهر نڪري کليل ميدانن ۾ ٿيڻ لڳي.

سنڌي ڀڳت جي متعلق چيو وڃي ٿو ته ١٨هين صديءَ ۾ گُلابداس پنٿ سنڌ ۾ ڀڳت جي روايت کي پڪيڙيو هو. مهاراج گلابداس ايشوري ڀڳت هو. ان جو جنم سنه ١٧٢٣ع ۾ ۽ وفات ١٨٤٧ع ۾ ٿي. هو صوفي مت ۽ ويدانيت ۾ يقين رکندو هو. پاڻ ننڍپڻ کان ئي ڀڳتي جي رنگ ۾ رنڱيل هو ۽ ننڍي عمر ۾ ئي گهر ٻار ڇڏي ايشور جي ڀڳتي ۽ ڀڄن ۾ لڳي ويو هو.

هي ڪلهوڙن جي دور ۾ گهمندو ڦرندو اَچي سنڌ پهتو هو. اُتي سنڌ جي سرتاج شاعر شاه عبداللطيف سان سندس ملاقات ٿي ۽ هن ڀٽ تي ڀڳتي-گيت پيش ڪيو هو. هي سنڌ ۾ سکر ۾ ساڌو ٻيلا جي مهنت شري وڏکنڊيءَ سان به مليو هو. گلابداس سنڌ ۾ سير ڪرڻ کانپوءِ امرتسر واپس هليو ويو هو. جيترو وقت پاڻ سنڌ ۾ رهيو اوترو وقت پاڻ ۽ سندس شاگرد مذهبي ڏڻن، ميلن ۽ محفلن ۾ گيتن سان گڏ دوها، چندون، ۽ ڪٿا واريون ڪوتائون پيش ڪندا هئا. ان جون مکيه ڪوتائون ’گلاب چمن‘، ’گلاب گيت‘، ’سه حرفي‘ ۽ ’ٻاره ماسي‘ مشهور آهن. چيو وڃي ٿو ته گلابداسي پنٿ جو اهو ڳائڻ جو انداز اَڳيان هلي ’ڀڳت‘ جي شروعاتي شڪل ۾ مشهور ٿيو هو.

هڪڙو مفروضو اهو به آهي ته چارڻ، ڀٽ، مڱڻهار، ميراثي، فقير وغيره ڪٿا ڪٿن ۽ ڪٿا گيت ڳائڻ وارا وارتوُ سنڌ ۾ پراچين دور کان وٺي موجود هئا. اهي مختلف اندازن ۾ ڳائيندا، ڪٿا ڪٿن ۽ ڀڄن وغيره پيش ڪندا هئا. انهن جي ڳائڻ جي اِن انداز تمام گهڻي مشهوري ماڻي هئي. اهي ’دودو چنيسر‘، ’ليلا چنيسر‘، ’سسئي پنهون‘، ’ڍولا مارو‘، جهڙا ڪٿا گيت يڪتاري، ٿالهي ۽ دِلي تي لوڪ گيتن سان گڏي ڳائيندا هئا. ڀڳتن ان جي نقل ڪئي. ڀڳتن ۽ ناچوئن (لوڪ ناچ ڪرڻ وارن) هن اَنداز کي اَپنايو ۽ پنهنجون ننڍيون ننڍيون ٽوليون ٺاهي ڇڏيون، جنهن جو مکيه هڪڙو وڏو ڀڳت هوندو هو. ڪنهن به ڪٿا کي ڪٽي، ان کي مختلف راڳن جي شڪل ۾ ڍالي،

سنت واڻي، ڀڄنن يا ڪلام کي ان ۾ شامل ڪري، سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ پيش ڪرڻ لڳا. انهن جماعتن جا ننڍا ننڍا ٽولا ڀڳت جي نالي سان سڃاڻجڻ لڳا.

هندو ٽوليون 'ڀڳت' جي نالي سان، ۽ مسلمان ٽوليون 'ناچو' نالي سان مروج ٿيون. هڪ ڪن تي هٿ رکي ۽ ٻئي هٿ کي مٿي کڻي سُر ۾ ڳائڻ جو ڀڳتن جو انداز آسان کي سورني ۽ راجسٿاني چارڻن ۾ اَڄ بہ نظر اَچي ٿو. هي 'ڀڳت' اڳيان هلي وسيع لوڪ ثقافت جو هڪ مکيہ اَنگ بڻجي ويا. وقت سان گڏ ان ۾ مختلف تبديليون ايندي رهيون ۽ لوڪ وديا ان ۾ سمائجندي رهي. ان نموني سنگيت جي مکيہ ٽن اَنگن ڳائڻ، وڄائڻ ۽ ناچ جو جيڪو سنگم ٿيو اُها ئي هاڻوڪي 'ڀڳتِ' چورائجي ٿي.

کليل ميدان لاءِ پوشاڪن، ساز سامان يا ٿئيٽر جي ضرورت ناهي هوندي. اها تہ کليل ڪُشادي ميدان ۾ پيش ڪئي ويندي آهي. ڪنهن ننڍڙي ٿلهي تي سازندا ويهندا آهن ۽ ڀڳت بيهي 'ڀڳت' پيش ڪندا آهن. ڀڳت ۾ نوٽنڪيءَ جي سنگيت وانگر اَڄ وچ ناهي ٿيندي. ليڪن مڪالمي بازي، گيت ڳائڻ ۽ رقص ڪرڻ وغيره سڀ ماڻهن آڏو کليل ميدان جي وچ ۾ ئي ٿيندو آهي ۽ هر فنڪار پنهنجو ڪردار اَدا ڪري واپس پنهنجي جڳهہ تي هليو ويندو آهي. 'ڀڳت' ۾ زنانا ويس مرد ئي ڌاريندا آهن.

## سنڌي ڀڳت جا ساز :

بينڪي ڀڳت (ويهي ڀڳت ڪرڻ) ۾ ايڪتاري يا سارنگي، پکواڄ، دهل يا نغارا، جهانجهہ يا ڪرتال جو اِستعمال ٿيندو آهي. شروع شروع ۾ ميدانن ۾ پيش ٿيڻ واري ڀڳت ۾ سنڌي سارنگي، دهل يا پکواج، طبلي ۽ ڇير جو اِستعمال ٿيندو هو. ان ڪانپوءِ ڀڳت ۾ پيرن سان وڄائڻ وارن هارمونيم (جنهن جو استعمال پارسي ٿئيٽر ۾ گهڻو ٿئي ٿو) جو اِستعمال ڪيو وڃڻ لڳو. هاڻي جي دؤر ۾ هٿ سان وڄائڻ واري هارمونيم جي جوڙي رکي ويندي آهي. ڇير (گهنگهرو)، جيڪي ڪانجهي جا ٺهيل هوندا آهن، سي پيرن ۾ ٻڌا ويندا آهن. ان کي 'سچي ڇير' چيو ويندو آهي. اهي 'ڀڳتاڻي ڇير' بہ سڏجن ٿا، جن مان منن سُرن جي جهنڪار پيدا ٿيندي آهي.

ڀڳت ۾ سنڌي سارنگي جو رواج آهي. اها ڪلاسيڪل سارنگي کان وڏيڪ آسان ٿئي ٿي. اها لڳ ڀڳ ڏيڍ فوٽ ڊگهي تار وارو ساز آهي. ڀڳت ۾ ڪتب ايندڙ سارنگي کي 'ڏيڍ پاسراتي سارنگي' چيو ويندو آهي. ڀڳت ۾ سارنگي خاص ڪري 'مريچا' (ميراثي، راجستان، ٿر ۾ رهڻ وارا ماڻهو) وڄائيندا آهن. ان نموني جي سارنگي جو رواج اَڄ بہ راجسٿان جي باڙه مير ۽ جيسلمير ۾ آهي. جوڌپور جي نمائش ۾ اها سارنگي رکيل آهي. سائين سترامداسؒ ڀڳت ڪنوررام بہ ڀڳت ۾ سنڌي سارنگيءَ جو استعمال ڪندا هئا. پائي ڦتن سارنگي وارو ڀڳت سنگيت جو مشهور سازندو رهيو آهي.

طبلي ۾ مادي ۽ نر ٿيندا آهن. وڏي طبلي کي نر ۽ ننڍي طبلي کي مادي چيو

ويندو آهي. مادي طبلي جي ڀُڙي نندي ٿيندي آهي. سنڌي ڀڳت نر طبلي تي اَٽو لڳائيندا آهن. اَٽي لڳائڻ سان طبلي مان وڏيڪ مٺا سُر پيدا ٿيندا آهن. اَٽو لڳائڻ جي روايت تي سنڌ ۾ هڪڙو محاورو آهي، ”ڏُکڙ تي اَٽو لڳائڻ“ يعني جهيڙو ڪرڻ، ليڪن ڀڳت ۾ ان جو مطلب هوندو آهي - ڀڳت جو آغاز ڪري اَڳيان وڌائڻ. ڀڳت جو دهل ۽ طبلي کي ’ڀڳتاڻي دهلڙي - طبلي‘ چيو ويندو آهي.

ڀڳت جي تال ۾ جيڪي خالص سنڌي تال ڇوراڻجن ٿا سي آهن : تال شادمانو، تال ڇيڻون، تال جهمر، تال جهمٽ، تال تِلُ. اهي خالص سنڌي تال آهن. ان کان علاوه طبلي ۽ پکواج جا ٻيا تال بہ آهن، جن جو استعمال ڀڳت ۾ ٿيندو آهي.

## ڳائڻ :

ڀڳت گيتن کي عقيدت سان روايتي اَنداز ۾ ڳائيندا آهن. ڀڳتن جي ڳائڻ ۽ ڪٿا ٻڌڻ کي ثواب جو ڪم سمجهيو ويندو آهي. ’ڀڳت‘ جو آغاز مناجات سان ڪيو ويندو آهي، جنهن کي ’اَرداس‘ چيو ويندو آهي.

اَسان ڄاڻون ٿا تہ قديم زماني ۾ مائڪروفون ۽ لائوڊ اِسپيڪر وغيره جهڙيون سهوليتون نہ هيون، اُن ڪري ڀڳت جو بندوبست ميدان ۾ يا ڪنهن مندر جي اڱڻ، گهٽي يا چونڪ يا حاطي ۾ ڪيو ويندو هو. ڀڳت هزارن جي تعداد ۾ تماشائين جي وچ ۾ پيش ڪئي ويندي هئي. سيني کان پهرين مکيہ ڀڳت جو آواز بلند ٿيڻ تمام ضروري هوندو آهي. ان جي آواز ۾ للڪار، ميناج، ڪوملتا ۽ جذباتيت شامل هوندي آهي. ڀڳت ڳائڻ جي وقت ڏيمي آواز جي بجاءِ وچولي آواز سان ڳائڻ شروع ڪندا ۽ پوءِ سُر کي مٿي چاڙهيندا وڃي چوٽيءَ تائين پهچائيندا آهن. ڀڳت ۾ ڳائڪيءَ جي هڪڙي ٻي خاصيت اها بہ آهي تہ هر پد ڪانپوءِ يا هر اَنتري ڪانپوءِ شروعاتي يا وچ وارو سنگيت وڄايو ويندو آهي. اُن سان گڏ ڀڳتاڻي ڏُن ۽ دهل جي زوردار ٿاڪ لڳندي آهي، جنهن سان ڀڳت جو رقص بہ تيز ٿي ويندو آهي. ڀڳت جي ساٿي ڀڳتن کي ’ٻولڙيون‘ چوندا آهن. گيت جي کهڙي سِٽ ڳائڻي آهي، ورجائڻي آهي ۽ سُر کي ڪٿي اَڳيان وڌائڻو ۽ ڪٿي ڇڏڻو آهي، ان لاءِ اَڀياس ۽ تجربي جي ضرورت هوندي آهي. ڀڳت پيش ڪرڻ کان اَڳوات انهن سيني ڳالهين جي اَڳي کان ئي مشق ڪري ڇڏبي آهي.

ڀڳت راڳ-راڳڻين، لوڪ سنگيت، سُر، تال ۽ سنگيت شاستر جا ڄاڻو هوندا آهن. لوڪ ڌُن ۽ ماڻهن جي ذوق جي انهن کي وڏي ڄاڻ هوندي آهي.

سنڌي ڀڳت جو ڳائڻ آسان ۽ اَثرائتو آهي. ان ۾ خاص ڪري گُرواڻي، ڪرشڻ پد، ميرا جا پد ۽ سور پد سان گڏ ڪبير جا پد بہ ڳايا ويندا آهن. ڀڳت ۾ صوفي ڪلام ۽

ڪافين جي وڏي اَهميت آهي. ويهين صديءَ ۾ ڀڳت ۾ غزل کي به شامل ڪيو ويو. ڀڳتن ۾ ڀوت خانورام ’ڳُرواٽي‘ ۽ ’ميرا جي پدن‘ ڳائڻ جو مشهور ڀڳت رهيو آهي. ڀڳت شوپي مل، ڀڳت ۾ غزل کي شامل ڪيو. غلام حسين، جيڪو هارمونيم جو ماستر هو، سو غزل جي به وڏي ڄاڻ رکندو هو.

’ڀڳت‘ ۾ اَسان کي لوڪ گيتن جا هڙئي نمونا ڏسڻ لاءِ ملن ٿا: جهڙوڪ دوها (ڏوهيڙو)، سورٺا، چوپائي، ڇپا، سوييا، ڇند، ڪويت، ساکي، اُلاڙا، روڙا، چندراوڙا، جهولي لال وغيره. ڀڳت ۾ نثري ۽ نظمي بنهي طرزن جي مڪالمي بازي ٿيندي آهي. ڪيئي ڀڳت ’لاڏن‘ کي به ’ڀڳت‘ ۾ ڳائيندا آهن.

ڀڳت سنگيت ۾ پرڀاتي، ڪوهياري، آسا، ديس، سورٺي، آساوري، پوُرَوِي، تَوڙِي، ملهار، راڻو، سارنگ، ڀيروي ۽ ڪافين جهڙا مزيدار راڳ ۽ راڳڻيون وڏي اَنداز ۾ ڳايون وڃن ٿيون. ڀڳتن جا ’لات‘ به خاص طرح جا هوندا آهن، جنهن کي ’لهڪو‘ يا ’ڀڳت جي چال چئبو آهي. ان ۾ ڪلاسيڪل سنگيت جا جهمر، ديپچندي، ڌيمو، تِرتال، چوتال، جهمت ۽ ڪيروَو جهڙا تال ٿيندا آهن. ڀڳت ۾ وزن، بحر ۽ ٻول نج سنڌي اسٽائل جا ٿيندا آهن.

سنڌي ڀڳت ۾ شاهه جي ڪلام جا راڳ به تمام گهڻا ڳايا ويندا آهن. پوري سنڌ، ڪڇ ۽ ڀارت جي مختلف ڀاڱن ۾ شاهه جي راڳن کي ڦهلائڻ ۽ لوڪ پسند بڻائڻ ۾ صوفي سنت، فقيرن سان گڏ ڀڳتن جو به وڏو يوگدان رهيو آهي. شاهه جي رسالي ۾ شاهه جي ڪلام ۾ ۽ ان ۾ بيان ٿيل ست لوڪ ڪٿائون، شاهه جون سورميون ۽ شاهه جا سورما به ڀڳت ۾ پيش ڪيا ويندا آهن. شاهه صاحب سنڌي ’ڀڳت‘ جي لوڪ ڪٿائن سان گڏ سنڌي راڳن جي سُرن کي سمجهائڻ ۾ به سهايتا ڏني آهي. شاهه جو رسالو سنڌي راڳن جو موُل رهيو آهي. گرو نانڪ جي تصنيف ’گرو گرنٿ صاحب‘ جي مهلي نائين (٩) ۾، شلوڪن ۾ راڳ راڳڻين ۽ انهن جي قسمن جو ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ راڳ راڳڻين کي سُر ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش به ڪئي ويئي آهي.

اَهڙيءَ ريت شاهه جي ڪلام ۾ به راڳ ۽ راڳڻين جو ذڪر اَچي ٿو. ڀڳت جاڙا رام ۽ ڀڳت چتا رام، شاهه جو ڪلام وڏي مهارت سان ڳائيندا هئا.

’ڀڳت‘ رات جو ئي شروع ٿيندي آهي، ان لاءِ ڀڳت جي شروعات به راڳ ڪلياڻ مالڪونس ۾ ’تم تاڪر تم پئي اَرداس‘ گيت سان ٿيندي آهي. ان کانپوءِ ٻيا راڳ ڳايا ويندا. راڳ حسيني ڳائڻ ۾ سنت ڪنوررام ماهر هو. راڳ مارو به خصوصا سنت ڪنوررام ئي پيش ڪندو هو. انهيءَ جو هڪ گيت آهي:

**”آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه مون کي ته ماروئڙن جي**

**ماروئڙن جي، سانگيئڙن جي.“**

مِيند ۽ مُرڪ سنڌي ڳائڪيءَ جي خاصيت آهن.

## سنڌي پڳت ۽ جهولي لال :

تجارت ۽ واپار سانگي سنڌي سؤداگر سامونڊي سفر ڪندا هئا. درياه جي وڦريل چولين وچان مرد صحيح سلامت گهر واپس موٽن، ان لاءِ عورتون درياه لال جي پوڄا ڪنديون هيون ۽ ان جي ڇُلندڙ مست چولين کان پنهنجي سهاڳ، پٽن ۽ ڀائرن جي سلامتيءَ سان واپس اَچڻ لاءِ التجائون ڪنديون هيون. موڄن ۾ مست درياه کي لاڏ مان ’جهولي لال‘ چئي، پنهنجي دعا کي ڪوتا جي صورت ۾ پيش ڪنديون هيون. ان ڪري سنڌين جي اِشٽ ديو جهولي لال جي ساراه واکاڻ به ’پڳت‘ ڪرڻ وقت ڏيندي آهي ۽ ’پڳت‘ ۾ جهولي لال جا گيت لازمي ڳايا ويندا آهن.

جهولي لال جو گيت ’جهولي، جهولي، جهولي لال، زنده پير اُڏيرو لال‘ سان پڳت ماحول ۾ رنگ جمائيندا آهن. ٻڌڻ وارا سحر زده ٿي ان ماحول ۾ گُم ٿي ويندا آهن. ’پلوَ‘ جي رات جو سنڌي ’پڳت‘ ۾ مختلف دعائون گُهرندا ۽ پوري ٿيڻ تي ’پڳت‘ ۽ ’ٻهراڻو‘ - جهولي لال جي رت ياترا ڪڍڻ جي باس باسيندا آهن.

’پڳت‘ راس ليلا وانگر ئي ڀڳتي ۽ مذهب جي رنگ ۾ رچيل بسيل آهي.

**ڪٿائون :** ڪٿائن سان اَسان جي من ۾ جيڪو پهريون خيال اَچي ٿو، سو نثر جو آهي. ڪهاڻي عام طور تي نثر ۾ لکيل هوندي آهي پر جڏهن ’پڳت‘ ۾ ڪهاڻين ۽ ڪٿائن تي سوچون ٿا ته نظمي تڪبنديءَ وارين ڪهاڻين طرف ئي اَڪثر ڌيان ويندو اهي.

اَهڙن نظمي قِصن جي جڙ سنسڪرت ۾ لکيل ڪٿائن سان جُڙيل آهي. انهن تان ئي اها سنڌيءَ ۾ شامل ٿي ۽ اُسري آهي. سنسڪرت جي آڌار تي ئي ڪٿا جو سرجڻ ٿيو ۽ پوءِ ان کي لوڪ ڪٿا جي ڏاڳي ۾ پوئي ’پڳت‘ ڪٿا جي رچنا ڪئي ويئي.

’پڳت‘ ۾ اَسان کي ٻن قسمن جون ڪٿائون ٻڌڻ لاءِ ملن ٿيون : (۱) مذهبي ڪٿائون ۽ (۲) لوڪ ڪٿائون.

مذهبي تبليغ ۽ پرچار کي ڪٿا جي شڪل ڏيئي مذهب جا پوئلڳ پيدا ڪرڻ ئي مذهبي ڪٿائن جو مکيه مقصد هو. ليڪن مذهبي ڪٿا کان علاوه ماڻهن جو دنياوي ڪٿائن طرف وڌيڪ لاڙو هو. ان جو هڪ ڪارڻ اهو به آهي ته لوڪ ڪٿائن ۾ ماڻهن کي پنهنجي جيون جو عڪس نظر ايندو آهي. انهن لوڪ ڪٿائن جي هڪڙي وڏي خاصيت اها به آهي ته حقيقي زندگيءَ ۾ جيڪي ڳالهيون ممڪن ناهن، تن کي ڪلپنا ۾ رچيل ڪهاڻين وسيلي ممڪن بڻائي ڏيکاريو ويندو آهي. راڳن ۽ گيتن ۾ ڳائي، ساز وڄائي، ڪهاڻين کي بهترين اداڪاري ۽ رقص سان پيش ڪيو ويندو هو، جنهن سان ماڻهن جو دل گهڻو ريجهندو هو ۽ ’پڳت‘ لاءِ اَڃان به وڌيڪ ڪشش پيدا ٿيندي هئي.

اَگر اَدبي طور تي جائزو ورتو وڃي تہ اھا ڳالھہ واضح ٿئي ٿي تہ شاعريءَ جي جيڪا تڪميل ’ڀڳت‘ ڪئي آھي سا خالص نظمي وارتائن يا قصن ناھي ڪئي. ان لاءِ جيتري تعظيم ۽ توجھہ ’ڀڳت‘ کي ملي آھي، اوتري ٻي ڪنھن صنف کي ناھي ملي.

ھاڻي اَسان ڀڳت جي ٻين خاصيتن کي ڏسنداسين :

(١) ’ڀڳت‘ رچنا آھي. ان کي رچڻ جا مختلف مقصد آھن. ان ۾ راڳ بہ ڏنل آھن.

(٢) شروعات جي ’ڀڳت‘ ننڍي ھئي. جيئن جيئن وقت ۽ لاڙن ۾ تبديلي ايندي ويئي، تيئن تيئن ڀڳت بہ طويل ٿيندي ويئي.

(٣) ’ڀڳت‘ ۾ راس، آکيان ۽ ڀوائيءَ وانگر اِشٽ ديو جي پوڄا ۽ مناجات، موسيقيءَ جي سازن کي سامھون رکي ڪئي ويندي آھي. ’تہ ناڪر تہ پئي اَرداس‘ اُچاريندي ڀڳت جو آغاز ڪيو ويندو آھي. ديوتا جي نمسڪار کي ’اَرداس‘ چيو ويندو آھي، جنھن ۾ ڀڳت جي ٽولي جا سيئي ماڻھو ڀاڱي وٺندا آھن.

(٤) ’ڀڳت‘ ۾ شھرن جا تذڪرا، ماڻھن جا ريتيون رواج، ڪنھن خاص ھنڌ ۽ زماني جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي معلومات شامل ھوندي آھي.

(٥) ڀڳت رامائڻ، مھاڀارت وغيره پراڻ ڪٿائن تان قصا ڪھاڻيون کڻندا ھئا. اَڳيان ھلي انھن ڀڳت ۾ لوڪ ڪٿائن ۽ روايتي ڪٿائن کي بہ شامل ڪيو.

## ڀڳت جون مشھور ڪٿائون :

راجا ڀرتري، گوٽي چند، گورک ناٿ، ڪرشڻ-سُدامان، راجا ھري چندر، نل دمينتي، ستيہ وان ساوتري، ڀڳت پرھلاد وغيره مذھبي ڪٿائون آھن. دودو چنيسر، راجا دلوراءِ ۽ سورٺ راءِ ڏياچ اِتھاسي ڪٿائون آھن. گل بڪاولي ۽ ابول راڻي ڏند ڪٿائون آھن. ليلا مجنون، شيرين فرھاد، عمر مارئي، مومل راڻو، ھير رانجھو، سھڻي ميھار، سسئي پنھون، ليلا چنيسر، نوري ڄام تماچي، مورڙو مير بحر وغيره لوڪ گيت ڪٿائون آھن. اَھڙي نموني شاھ صاحب جي ڪلام ۾ بيان ڪيل لوڪ ڪٿائن سان گڏ ڀڳت سنت سورداس، ڪبير، ميرا، نامديو، نانڪ شاھ (گرو نانڪ ديو)، بابا فريد، بُلي شاھ وغيره سنتن ساڌن جي جيون کي بہ دل ڇُھندڙ اَنداز ۾ پيش ڪندا آھن.

ڪٿا جي وچ وچ ۾ موقعي جي مناسبت سان ڏوھيڙا، شلوڪ، چوپائي، ڪوتا، ڪافي ۽ گيت، غزل (پارسي ٿئيٽر ۾ پيش ٿيڻ وارا گيت، فلمي گيت) پيش ٿيندا آھن. اِھي موقعي، محل ۽ شخصيت جي مطابقت سان پيش ٿيندا آھن. جھڙوڪ : اُڏيري لال جا واقعا، پوڄا گيت ۽ شِو ڀڳتن لاءِ پاروتي پولينات جي ڪٿا پيش ٿيندي آھي. يجمان جي فرمائش بہ پوري ڪئي ويندي آھي. ماڻھن جي دلچسپي وڌائڻ لاءِ ’ڀڳت‘ ۾ مزاح

جو عنصر پيدا ڪري انهن کي لطف اندوز ڪيو ويندو آهي. ڪٿائن ۾ ڪِل ڀوڳ وارن قصن کي وڏي ڊرامائي انداز ۾ پيش ڪيو ويندو آهي؛ جنهن لاءِ 'ڀڳت' جا مسخرا وڏي جوش ۽ ولولي سان حصو وٺندا آهن.

## 'ڀڳت' جي ٻولي :

'ڀڳت' جي ٻولي آسان لوڪ ڀاشا هوندي هئي. ان ۾ اَدبي ٻولي استعمال ڪونہ ٿيندي هئي. 'ڀڳت' ۾ گيت، مڪالما، ڪٿائون سڌي سؤلي ۽ ميٺاج سان ڀرپور ٻوليءَ ۾ پيش ڪيون وينديون هيون، جن کي سمجھڻ ۾ ڪنهن کي ڪابہ مشڪل پيش ڪانہ ايندي هئي. عام مروج ٻوليءَ جو ئي استعمال ٿيندو هو. 'ڀڳت' ۾ پيش ڪيل ڀڄن بہ جهٽ ئي ماڻهن جي وات تي چڙهي ويندا هئا. ڀڳت ۾ اَدا ٿيل ڪنهن مڪالمي يا سِٽ کي يا ڪنهن ڳالھ کي ساراهڻ، حوصلي ۽ اتساه وڌائڻ لاءِ ساٿي ڀڳت واه واه، صدقي وڃان، ستنام ساکي وغيره لفظ بار بار چوندا هئا. 'ڀڳت' ۾ شريڪ ماڻهون سندن سهيوگي ٿين، ان لاءِ 'ڀڳت' جي وچ وچ ۾ واه واه جو مقابلو لڳو پيو هوندو هو. ماڻهن کي ڀڳت لاءِ واه واه ڪرڻ ۾ سات ڏيڻ جي گذارش بہ ڪئي ويندي هئي. اهي سڀيئي ڳالهيون ڀڳت جي اُتساه ۽ خوشيءَ لاءِ ڪيون وينديون هيون تہ جيئن اُهو اَجان بہ 'ڀڳت' جو رنگ وڌيڪ گهِرو جمائي. ڀڳت مشهور پهاڪن، چوڻين، ڳجهارتن جو بہ استعمال ڪندا هئا. ٽوڪ بازي ۽ مذاق مشڪري ڪئي ويندي هئي، جنهن سان 'ڀڳت' ۾ مزاح جي لهر ڊوڙي ويندي هئي.

اَسانجي سڄي سونهاري سنڌ لوڪپريہ، ماهر ڀڳتن سان ڀريل هئي. پر ڀڳتن جو سرتاج جنهن ڀڳت جي ماڌيم سان ستيہ، اهنسا، ڀائيچاري، قومي ايڪتا، پريو وندنا، اِنساني پريم، شانتي، تياڳ، الوطنيءَ جو سنديش ڏنو، اَمر شهيد سائين ڪنوررام صاحب جن هئا. سائين ڪنوررام سنڌي ثخافت، تهذيب ۽ قوم جو هڪ روشن منار هئا. ڪنور ڪنچن، ڪمل ۽ ڪمند جي خصوصيتن جو تروينڌي سنگم هو. ڀڳتي رس سان اوت پروت ٿيل، اِلاهي روح ۾ رتل روحاني رهبر، نرموهي، سچو درويش هو. ڪنوررام وڏي سر ۽ رس وارو هو. هن جو آواز روحاني ۽ ايشوري آلاپ هو. هن جي ڇيرين جو ڇمڪار، ڪوڪل ڪنٺ منڙو سر، آسمان سان ٽڪر کائيندڙ آواز اَڄ بہ سنڌ جي ڳوٺن-شهرن ۾ گونجي ٿو. هن جا گيت اَڄ بہ ڪنن ۾ ٻرن ٿا، چت ۾ چرن ٿا.

ڪنوررام محبت جي صورت، پيار جو پتلو، ڀڳتي رس سان ڀرپور، لاثاني گايڪ، نرموهي درويش، سچو عاشق، اِلاهي روح ۾ رتل روحاني رهبر، سماج سُڌارڪ ۽ مهان ڪرم يوگي هو. جنهن جي آواز ۾ ڪشش، جادو، لرزش، روحاني آواز ۽ ايشوري آلاپ هو. هوُ ڀڳتن جو ڀوتار ۽ سنگيتڪارن جو سردار، سنڌي موسيقيءَ جو سمراٽ، سنڌين جو

تانسين، سائين ڪنوررام چيو، جامو، مٿي تي پيلي پڳڙي، ڪنن ۾ ڪنڊل پهري، نرڙ تي تلڪ لڳائي وهائي رات بعد امرت ويلي ڀڄن ۾ وهندا هئا ۽ سانده ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪاڏو پيتو، ننڊ آرام، وساري پريو ڀڳتيءَ ۾ لين ٿي ويندا هئا، ٻڌندڙ به پنهنجي سڌ-ٻڌ کوهي هڪ هنڌ جم ڪائي ڪنوررام جي ڀڳت ۾ لين ٿي ويندا هئا. ڪنور جو ڪشش ڪندڙ مڌر آواز هنن جي نيڻن مان ننڊ کي ڪافور ڪري اُڏائي ڇڏيندو هو، اُڃ-بک، گرمي-سرديءَ جو هنن تي ڪوبه اَثر نه ٿيندو هو. ڪنور جي ڪلامن-ڪٿائن جو اَثر هنن مٿان تاري هوندو هو. ڀڳت ڪنور جي جتي به ڀڳت هجي معنيٰ اُتي خود به خود ڪرفيو لڳي ويندو هو. سائين ڪنور ذات ڏٺي هئا. ذات ۽ ڏانوَ ئي هنن کي سنڌ جو سرمور، سرتاج ڀڳت بڻايو. ڪنوررام صاحب سائين سترامداس جي روحاني اَمانت هو. سائين ڪنوررام هري ڀڳت هو.

سنڌين تي سِک ڌرم ۽ گُرن جي وچن-باڻيءَ جو وڏو اَثر نمايان آهي. ڪنوررام پڻ گرباڻي سچي شرڌا، پريم ۽ دل جي گهراين سان ڳائيندا هئا.

پره ڦٽيءَ جو اُتي جيڪو ايشور ڀڳتي ڪري ٿو، پريو مهما جو ڳاين ڪري ٿو اُهو سچو آنند ۽ خوشي حاصل ڪري ٿو. هن جا سڀ ڏُکڙا دور ٿين ٿا.

سائين ڪنور جي گرباڻي جيڪا اَڪثر ڀڳتن ۾ چانيل رهي هئي.

**”اَمرت ويلا سچ نام، وڏائييان ويچار.“**

آلاپ جيڪو هردي جي تهن مان نڪرندو هو ۽ دور-دور تائين فضا ۾ پيو گونجندو هو.

ڪنور اَکيون پوري ڳائيندي ڳائيندي راڳ جي مستيءَ ۾ اَچي نچندا، جهمريون هڻندا هئا، جهولندا ۽ جهومندا هئا. هنن کي سنگيت جي مستيءَ ۾ آڻيندو هو ڦتن ميراثي سارنگيو. هوُ سنڌي سارنگيءَ دواران راڳڻين جا اَهڃا ته نوان نوان سُر ۽ انهن جون نيون طرزون وڄائيندو هو جو ڪنور ساز جي آواز تي وجد ۾ اَچي آلاپ آلاپائيندو رهندو هو. اَهڙو ئي سائين ڪنور هڪ مشهور ۽ مخمور ڪندڙ گيت آهي :

**”مان جن لئه ٿي جاڳان، اهي شال ايندا،**

**مبارڪان مڙيئي ڏسڻ سان ايندا،**

**جن لئه ٿي جيءَ ۾ جايون سنواريان،**

**آڱڻ کي اَکين سان بهاريو بهاريان.“** (سر رام ڪلي)

سائين ڪن تي هٿ رکي چوندو هو :

**”ڏڏ ٿي ڏان گهريم، تون ڇڏ وڃا وڄائي**

**سڀ رات سنباها تازي تولائي**

**جو ڄاڻي نه ڳائي، تنهن سان پيلي ڏٺيءَ ٻاجھ ڪئي.“**

''آءُ ڪانگا ڪر ڳالهہ مونکي تن ماروئڙن جي،
ماروئڙن جي سانگيئڙن جيِ، آءُ ڪانگا ڪر ڳالهہ.''

''رام سمر پريات ميري من''، ''ڪئن ريجهايان توکي ڪئن پرچايان''، ''نالي اَلک جي ٻيڙو تار منهنجو'' وغيره، اَچ بہ چت کي چوري، مستيءَ ۾ ٻوڙي، هردي ۾ هُرن پيا ٿا. ڪنن ۾ ڪنڊل، مٿي تي پيلي پڳڙي، هٿ ۾ لڪڙي ڪٽي ڪري ڪرشن جو ڀڄن ''گئيان چريندا ڪان'' جڏهن ڳائيندا هئا، ڳانين کي هڪل ڏيندا هئا، تڏهن ساڪيات ڪرشن جو روپ جو درشن ٿيندو هو. ڀڄن جا ٻول آهن :

گئيان چريندا ڪان بن بن ۾
هڪل هور ها ها ها، ڪئہ ڪئہ ڪئہ
چلو گئيان چريندا ڪان، بن بن ۾
ڪان بجائي بنسي ڌُن ڌُن ۾
چلو ري گئيان گهر ڪو، گهر ڪو، گهر ڪو
دم دم ۾، گئيان چريندا ڪان ... (راڳ پهاڙي)

ڀڳوان ڪرشن جي اُستتيءَ ۾ ڳائيندا هئا :

''برنداون واري راس رچائي، متر بنسي وڄائي،
پرتهہ سمي موهن مئيا سي، هس ڪر ماکن مانگت هئہ
جهپٽ داءِ پٽ لي، ڪرل ڪر، مُک سي مُرلي بجاوت هئہ.''

يا ڳائيندا :

ڪانگا ڏجانءِ ڪرشن کي پيغام ويندي ويندي،
بک ۾ مرن ٿيون ڳانيون، گهنشام ويندي ويندي. (راڳ پرڀاتي)

سائين ڪرشن ڀڳت سان گڏ گئو ڀڳت پڻ هئا. هنن گئوشالائن جي وڪاس ۽ واڌاري لاءِ ڀڳتين ۾ اَنيڪ رقمون ڪنيون ڪري گئوشالا هلائيندڙن کي ڏنيون.

سائين ڪنورام، درياخاه جو هي ڪلام راڳ تلنگ ۾ اَڪثر ڳائيندا هئا :

''عشق جي مڪت ۾ ويهي ڪر درد جو دل ۾ درڪ،
ڪوڙيون ڪتابن جون پڙهين، هن هن آهي وڏو فرق،
اَڪرن ۾ جيڪي اڙيا، سي عشق چاڙهي نا چڙهيا،
ڪنهن جي مڃين ٿا ڪين ڪي، آهن وڏا ساڙي سڙيا،
جن کي حرف حاديءَ جو، ويڙهي ڇڏيائون سڀ ورق.''

سائين ڪنورام جي هيءَ لولي ڏسو :

''لولي ديوان لال نو، نڪي جهڙي ٻال نو،
لوليان لولي، لولي ڏيوان لال نو.''

سائين ڪنوررام ڀڳتن دوران ڀارت جي صوفين جي اَمرت واڻيءَ سان گڏ ميران، ڪبير، سورداس، تلسيداس، گرو نانڪ، شيخ فريد، بُلي شاهه، آغا، عميد علي، شاهه عبداللطيف، بهاول، سامي، سچل سرمست، بيدل، بيڪس وغيره جي ڪلامن، پڇنن، ڏوهيڙن جي گونج هر گهر ۾ گونجي. ڪنوررام ڀڳتن ۾ راجا وڪرمادتيه، راجا هرشچندر، ڀڳت ڌروُ، ڀڳت پرهلاد وغيره جون ڪٿائون، گرو گرنٿ صاحب جي ٻاڻيءَ سان گڏ ڀاڳوت ۽ ٻين ڌارمڪ گرنٿن جا اَنيڪ درشٽانت پيش ڪري ستيه، اهنسا، قومي ايڪتا، هندو-مسلم ميلاپ، اِنساني پريم، مانوتا، شانتي، وشو ڀائيچاري، نئتڪتا، اوچ جيون ماڻڻ، سادگيءَ، سيوا، پروپڪار، اِنساني ڌرم، اِنسانيت ۽ هڪجهڙائيءَ جو سنديش ڏنو.

سائين ڪنوررام راڳ راڳڻين ۾ ڀڳتين ۾ پرڀاتي، ڪوهياري، آسا، تلنگ، دين، سورٺي، ملهار، سارنگ، ڀيروي، سورٺ، لهٽي، مارو وغيره پيش ڪيا.

ڪنور ڀڳتن دوران مذهب، ذات پات، ڀيد ڀاوَ ڪي دور ڪرڻ جو سنديش ڏنو. ٻڌجي ٿو ته ڏهرڪيءَ ۾ هڪ دفعي سائين ڪنور جي همعصر ڀڳت ڀائي منگهورام جيڪو سنڌ جو ڪافي لوڪپريه ڀڳت هو، هن کي پنهنجي ڪلا تي ڪافي ناز هو، اُهو پرڀات ويلي هڪ پاسي ڀڳت وجهي رهيو هو، ٻئي پاسي سائين ڪنوررام چير، جامو پائي بينا هئا. ٻنهي جي آلاپ ۾ سوز، مڌرتا ۽ ميناج هو. غميءَ جو موقعو هو، ٻنهي درديلي سوز مان مارو ڳايو. ٻڌندڙن جي اَکين ۾ آب هو. ڀڳت منگهررام مستيءَ سان ڳائي رهيو هو. سائين ڪنوررام نمرتا ۽ نماڻائيءَ سان هٿ جوڙي، اَکيون بند ڪري ماروُ ڳائي رهيو هو. ٻئي هڪ ٻئي کان زور هئا. وقت گذرندو رهيو، ڪنور جو آواز وڌيڪ مڌر، سوز ڀريو، دل کي ڏاريندڙ ۽ بلند ٿيندو رهيو. اِئين لڳي رهيو هو ته آواز ڪنهن منش جو نه پر ديوتا جو هو. آخر ۾ ڀڳت منگهورام اُن بلند الاهي آواز اَڳيان بيهي نه سگهيو، هو ڳائي ٿڪجي پيو، پر ڪنور لڳاتار بنا روڪئي ڳائيندو رهيو.

سائين ڪنوررام جي ٽوليءَ ۾ هنن جو مکيه ٻولڙيو ڀائي رامن هو. هوُ چرچا به ڪندو هو، مسخري جو پارٽ اَدا ڪري ماڻهن کي خوب کِلائي هنن جو خون وڌائيندو هو. ڀڳت صرف وندر منورنجن جو ساڌن ڪونه هو پر سماج سڌار لاءِ پڻ هڪ بامقصد واهڻ هو. ديش ڀڳتي، هندو مسلم اتحاد، آزاديءَ جي هلچل ۾ پڻ ڪنوررام چڱو پاڻ موکيو. وڏي عمر وارن جون ننڍي عمر جي ڇوڪرين سان شادي، اَهڙين بي جوڙ شادين، ڇوت ڇات، ذات پات، پئنچايتن ۾ ايڪتا لاءِ پڻ ڪنور صاحب ڀڳتين دوران ڪافي ڪوششون ورتيون. عورتن کي ٻڌايو ته پتي آهي پرميشور، انڪري ناريءَ کي سيتا وانگر پوتر ۽ پتيورتا ٿي رهڻ گهرجي. اِنڪري ڪنور ڳايو :

”پتيءَ جي پريم ۾ هردم،
گذارڻ نار کي گهرجي.“

ꣲꣲꣲ

# سنڌي ڪهاڻين جي روح ۽ جسم جو ميلاپ

✍ شوڪت حسين شورو

جديد مختصر ڪهاڻي جي شروعات چيخوف ۽ موپاسان سان ٿئي ٿي. موپاسان 1850 ۾ فرانس ۾ ۽ چيخوف 1860 ۾ روس ۾ ڄائو هو. ٻئي جديد مختصر ڪهاڻي جا استاد ڪهاڻيڪار ليکيا وڃن ٿا. موپاسان جي لاءِ چيو ويندو آهي ته ''زندگي موپاسان جي هٿن مان نپجي نهي ڪهاڻي بڻجي ويندي آهي.'' چيخوف لاءِ وري اهو چيو ويو آهي ته ''چيخوف زندگي کان به ويجهو آهي، جو ته هو زندگي جو رس آهي.''

موپاسان سنئين سڌي ڳالهه بيان ڪندو هو: صاف، سڌي، تيز تکي انداز ۾. هن ڪهاڻيون اهڙي نموني تخليق ڪيون جيئن صفائي سان زندگي جا ٽڪرا ڪپي وڌا آهن. هن جي ڪهاڻين جي پڇاڙي ۾ ڪڏهن اوچتو موڙ اچي پڙهندڙ کي حيران ڪري ڇڏي ٿو. چيخوف ظاهري طور بي خيالي ۾ غير اهم، سڌا سادا واقعا بنا ڪنهن شعوري ترتيب جي پنهنجين ڪهاڻين ۾ پيش ڪري ڇڏيا پر انهن ۾ زندگي ايئن پرجي وئي جڻ انهن ۾ زندگي جو رس نپوڙيل هجي. هن جي ڪهاڻي جي پڇاڙي ايئن ٿيو وڃي جڻ ڪنهن وڏي حادثي کان پوءِ به زندگي روان دوان هوندي آهي. چيخوف جي ڪهاڻين ۾ هڪ مٺڙ، نشيلي فضا واسيل هوندي آهي. سندس ڪهاڻين ۾ عمل سان گڏوگڏ ڪيفيت ۽ احساس هوندا آهن .

موپاسان جي نظر زندگي ۽ انساني نفسيات کي جاچڻ ۾ بيحد تيز هئي، پر هن جي پيشڪش ۾ خارجيت، علحدگي ۽ معروضيت هئي. هڪ فنڪار جي علحدگي ۽ معروضيت چيخوف ۾ به هئي. ساڳئي وقت هن کي پنهنجن ڪردارن سان همدردي پڻ هئي. پر هن وٽ همدردي ڪڏهن رقت ۽ جذباتيت جي شڪل اختيار نه ڪئي. چيخوف ۽ موپاسان ۾ اهي ڳالهيون موجود هيون جيڪي اي. ايم.فارسٽر جي راءِ ۾ هڪ وڏي اديب ۾ گڏوگڏ هجڻ کپن، يعني جذبو، علحدگي ۽ معروضيت. زندگي کي ٻنهي ڄڻن سمجهيو هو. انساني زندگي ۽ نفسيات جي پيچيدگي، رنگارنگي ٻنهي جي نظر ۾ گهرائي سان موجود هئي. چيخوف زندگي کي وڏي ڄاڻ سان سمجهيو هو. هن ۾ انسانن کي سمجهڻ جي گهري ڄاڻ هئي. هن وٽ همدردي ۽ رحم جو جذبو هو. موپاسان کي پڙهڻ کان پوءِ انسان جي مجموعي طور اها تصوير جڙي ٿي ته انسان ۾ بدي آهي، بدصورتي آهي، غلاظت ۽ گندگي آهي، پر انسانيت وري به

خوبصورت آهي. دنيا ۾ ٿيئٽر يا ڊراما ٻن اسڪولن ۾ ورهايل آهي. شيڪسپيرين ڊراما ۽ چيخوفين ڊراما. شيڪسپيئر ۽ چيخوف ٻئي مختلف قسم جا ڊراما نگار هئا ۽ دنيا ۾ ٿيئٽر اڄ تائين انهن ٻن قسمن جي اثر مان نڪري نه سگهيو آهي. اهڙي ريت جديد مختصر ڪهاڻي پلي ڪيتري اڳتي نڪري آئي هجي، پر اها چيخوف ۽ موپاسان جي اثرن مان نڪري نه سگهي آهي. دنيا ۾ ڪو اهڙو ڪهاڻيڪار مشڪل سان ملندو جنهن ۾ هڪ ئي وقت اهي ٻئي اثر موجود هجن.موپاسان وٽ جسم آهي ۽ چيخوف وٽ روح آهي. مون کي فقط نسيم کرل ۾ اها خوبي نظر آئي آهي. هن جي ڪهاڻي جي فن ۾ جسم به آهي، ته روح به آهي. اهي ٻئي خوبيون ڪنهن هڪ ڪهاڻيڪار ۾ هجن، اهو نادر مثال آهي. نسيم کرل موپاسان وانگر ڳالهه سنئين سڌي نموني بيان ڪندڙ آهي، صاف، سڌي، تيز تکي انداز ۾. نسيم کرل ڪهاڻيون اهڙي نموني تخليق ڪيون، جيئن زندگي جا ٽڪرا ڪٽي وٺيا آهن، وري چيخوف وانگر نسيم کرل جي ڪهاڻين ۾ زندگي ايئن پريل آهي جڻ انهن ۾ زندگي جو رس نپوڙي پيش ڪيو ويو هجي، چيخوف وانگر ئي نسيم کرل وٽ پنهنجن ڪردارن سان همدردي به هئي پر هن جي همدردي ڪڏهن رقت ۽ جذباتيت جي شڪل اختيار نه ڪئي، اسان وٽ عام طور ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين جي بيانيه توڙي ڪردارن جي گفتگو ۾ جيڪا لفاظي ۽ جذباتيت پريل هوندي آهي، نسيم کرل جون ڪهاڻيون انهن کان بنهه آجيون نظر اچن ٿيون. اي. ايم .فارسٽر هڪ وڏي اديب ۾ موجود جذبي، علحدگي ۽ معروضيت واري جيڪا ڳالهه ڪئي آهي سا نسيم کرل سان به لاڳو ٿئي ٿي. سنڌيءَ جي هڪ وڏي عالم غلام محمد گرامي جي چوڻ موجب، “نسيم جي ڪهاڻين ۾ ڪٽي تلخي ۽ طنز به آهي ۽ هو سماج جي گندگين تي نشتر به هڻي ڪري ٿو، پر اهو عمل هڪ مهربان سرجن وانگر آهي ۽ نه هڪ بي رحم عطائي وانگر”.

نسيم کرل پنهنجين ڪهاڻين ۾ عام سنڌي ماڻهن سان گڏ سنڌ ۾ وڏيرڪي ذهنيت ۽ ڳوٺاڻي ماحول جي تصوير ڪشي وڏي ذهانت ۽ بيباڪي سان فطري بي ساختگي واري انداز ۾ بيان ڪئي آهي. نسيم کرل جي اک فوٽو گرافر جي ۽ ذهن هڪ آرٽسٽ جو آهي، هن جي ڪهاڻين جا اڪثر ڪردار ڳوٺاڻا ماڻهو، چور ۽ ڪاٽڪو، وڏيرا، ڪامورا، مذهبي جنوني، فرسٽريشن جا شڪار نوجوان، مٿئين وچولي طبقي جا سطحي سوچ رکندڙ فرد آهن ۽ انهن سمورن ڪردارن جي نفسيات کي نسيم کرل ڪمال ڪاريگريءَ سان چٽيو ۽ بيان ڪيو آهي. سندس ڪهاڻي

”شبنم شبنم ڪنول ڪنول“ ۾ نرس سان ٿيل زيادتي تي همدردي ڏيکاريل آهي. ”ڪافر“ ۽ ”مساوات“ ڪهاڻين ۾ تورائي واري مذهبي طبقي ڏانهن گهٽائي واري مذهبي طبقي جي رويي، مذهبي منافقت ۽ تعصب طرف هلڪو اشارو ڪيل آهي پر ان سان ڳالهه صاف ۽ چٽي نموني پڌري ٿئي ٿي. نسيم کرل جي مشهور ڪهاڻي ”چوٿيهون در“ ۾ سکر بيراج جي گيٽ ۾ قاتل لاش هڪ اهڙي نوجوان عورت جو آهي، جنهن کي ڪاري ڪري دريا ۾ اڇلايو ويو آهي، ڪارو ڪاري جي ظالماڻي رسم ڏانهن اشارو ڪرڻ سان گڏ ان ڪهاڻي ۾ پوليس جي لاپرواهي ۽ بيحسي وارو رويو آهي. ”دارالفلاح“ ڪهاڻي ۾ فلاحي ڪم ڪرڻ جي آڙ ۾ عياشي ڪندڙ سيٺ جي بهروپي ڪردار کي وائکو ڪيو ويو آهي. ”زماني جي گردش“، ”ڪچو رنگ“ ۽ ”آٿت“ ڪهاڻين ۾ وڏيرڪي ذهنيت کي عيان ڪيو ويو آهي. ”گئس“، ”ڊمي“ ۽ ”اٺالو پڍنگ“ ڪهاڻين ۾ متئين وچولي شهري طبقي جي خاندانن جي سطحي ۽ کوکلي زندگي جون جهلڪيون نظر اچن ٿيون، ماڻهو جيئن ٻاهران ڏسڻ ۾ ايندا آهن، ايئن اصل ۾ هوندا ڪونه آهن، ماڻهو جو هڪ ظاهري روپ آهي ۽ اندروني روپ آهي. نسيم کرل کي ماڻهن جي ان اندورني جهان جي ڄاڻ هئي. ’پارٽنر‘ ڪهاڻي ۾ هن ظاهري طور هڪ بدصورت شخص جي اندر جي سونهن کي پسي بيان ڪيو آهي. ’ڀرين مراد‘ سنڌي جي هڪ شاهڪار ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ سنڌ جي ڪاٽڪو ماڻهن جي زندگي جي عڪاسي ڪئي وئي آهي، هن ڪهاڻين جي ڪردار نگاري لاجواب آهي.

نسيم کرل ڳوٺاڻي ماحول تي جيتري گهرائي ۽ عمدگي سان لکيو آهي، اوترو ئي شهري ماحول تي به لکيو آهي، نسيم کرل جڏهن ڳوٺ ۾ ٿيندڙ واقعن، وارداتن ۽ روزمره جي معاشرتي مسئلن تي لکيو ته هن جو ڊڪشن ان سان ٺهڪندڙ هو. هن ڳوٺاڻي زبان ۽ ان جي محاورن کي سهڻي انداز ۾ ڪتب آندو آهي، وري هن شهري ماحول جي پس منظر ۾ جيڪي ڪهاڻيون لکيون آهن، اتي سندس ڊڪشن الڳ نظر اچي ٿو. انهن ڪهاڻين ۾ شهري لهجو ۽ تشبيهون آهن. نسيم کرل جون ڪهاڻيون فن، اسلوب ۽ ٽيڪنيڪ جي لحاظ کان ايتريون ڀرپور ۽ مضبوط آهن جو وقت ۽ حالتن جي بدلجڻ جي باوجود اهي اڄ به نيون نڪور لڳن ٿيون، سندس ڪهاڻين جي شاهڪار هجڻ واري خوبي، سگهه ۽ اهميت هر دور ۾ قائم رهندي.

سوچ جون صورتون: **سنسڪار ۽ سنسڪرتي**

✍ اَرجن چاولا

سنسڪرتي جيون جيئڻ جو هڪ طريقو آهي. جيون ۾ حاصل ڪيل سنسڪار سنسڪرتيءَ جو حصو بڻجي ٿا وڃن. ڪنهن به ديش يا قوم جي سُڃاڻپ طاقت يا رعب رتبي سان نه بلڪ سندس سنسڪرتيءَ مان ملندي آهي. سنسڪرتيءَ کي لفظن ۾ اِظهارڻ اَلبت ڏکيو آهي. سنسڪرتي ڪو گل يا ٻوٽو ناهي پر وڏو وڻ آهي - اَهڙو سهڻو وڻ جنهن تي پن به آهن، ڦل ڦول به آهن. ڏٺو وڃي ته سنسڪرتي جي پئدائش سرشتيءَ جي اُتپتيءَ سان ئي ٿي.

سُٺن سنسڪارن مان آتم ٻل جو وڪاس به ٿئي ٿو. سنسڪار دنياوي سُکن کان مٿيرو اُٿي وشواس ۽ آستا جي ذريعي ڪنهن اَلوڪڪ آنند جو اَحساس ڪرائيندا آهن. آستا سنسڪارن کي وَل وانگر وَڌڻ ۾ مدد ڪري ٿي. سنسڪارن مان سنسڪرتي نهي ٿي. سنسڪرتي جيون-درشن يعني زندگيءَ جو فلسفو آهي. اِنساني قدرن (Human Values) مان پئدا ٿيل سنسڪار ماڻهوءَ کي آدرشي، چريتروان بڻائي وجهندا آهن ۽ جڳ-مهاپرش جي پدوي پائڻ ۾ ڪيس مدد ڪن ٿا.

جيون جيئڻ لاءِ ڪجهه عالمي قدرن ۽ مُلهن (Universal Values) کي آڌار بڻائي هلڻ سان ئي جيون ملهائتو ٿي پوندو. پاڻ کي ۽ ٻين کي آنند به تڏهن ئي ملندو. زندگيءَ جو فلسفو ڪن عالمي اِخلاقي قدرن (Moral Values) تي اَڌيل آهي. سريشٽ جيون-درشن سنسڪرتيءَ جو آڌار آهي. قدر ۽ مُلهه اَهڙا آدرش آهن جن کي ڪيترن ئي سماجن ماپ تور جي ذريعي yard stick جي روپ ۾ مڃيو ۽ اَپنايو آهي. آدرش، قدرن ۽ ملهن جون پاڙون انسان جي اَنترمن ۾ پيئل هونديون آهن. سنسڪرتي هڪ Intellectual Creation ته آهي ئي پر ساڳئي وقت اِنسان جي جيئڻ جي مضبوط اِڇا جو اِظهار به آهي. انهيءَ ڪري سنسڪرتي سريشٽ مانوَ جيون جي سدا وهندڙ پراڻ-وايوُ به آهي.

سنسڪرتيءَ جو آڌار عالمي نوعيت وارو آهي. مانوَ سيوا ئي سنسڪرتيءَ جو مول درشن يعني بنيادي فلسفو آهي. سماجڪ جيون مان مراد آهي رشتن واري زندگي. رشتن کان سواءِ سماجي جيون جي ڪا قيمت ڪانهي. پريوار ۾ ۽ سماج ۾ رهندي، انساني قدرن ۽ ملهن جو وڪاس ٿئي ٿو. سنويدن شيلتا پئدا ٿئي ٿي، جنهن جي ڪري باهمي رشتا (Mutual Relations) مضبوط ٿين ٿا. هڪ ٻئي لاءِ هڏ ڪُرڪي - اهو ئي ته پريوارڪ ۽ سماجڪ رشتن جو آڌار آهي. هڪ ٻئي لاءِ هڏ ڪُرڪڻ وارو اَحساس ضروري آهي. اها پريوار جي سنسڪرتي ئي ليکبي.

سنسڪار ويڪتيِ گت به ٿيندا آهن ته پريواري ۽ سماجڪ سنسڪار به ٿيندا آهن. ويڪتي گت سنسڪار زياده اَهميت رکن ٿا. جيڪڏهن ويڪتي سنسڪاروان آهي ته سماج به سنسڪاروان

ٿي پوندو. سنسڪارن جو ٻج پريوار ۾ پوکيو وڃي ٿو، جيڪو اڳيان هلي، وياپڪ سماجڪ سنسڪار بڻجي ٿو.

اِتهاس ۾ اَهڙا مثال برابر ملن ٿا تہ سُسنسڪرت يعني مُهذب (Cultural & Civilized) تي لنباز جنگي قومن طرفان وقت بہ وقت حاوي ٿيڻ جون ڪوششون هميشه ٿينديون رهيون آهن پر تهذيب يافتہ قومن پنهنجي تهذيب ۽ حيثيت کي برقرار پئي رکيو آهي. ٻئي طرف مُهذب قومن اَڻ سُڌريل قومن تي راڄ ڪري کين تهذيب جي روشني بہ ڏيکاري آهي. بابر قومن تہ زور زبردستي واري حڪومت قائم ڪري پوئتي پيل قومن مٿان پنهنجي سنسڪرتي مڙهڻ جون ڪوششون پئي ڪيون آهن ۽ ڪامياب بہ رهيون آهن. مغل سامراجيہ ۾ هندو سماج جي تهذيب و تمدن تي ڪافي اَثر پيو. اَنگريزي حڪومت بہ هندو سنسڪرتيءَ کي خاصو متاثر ڪيو. اِتهاس جي ورقن ۾ پراچين سنسڪرتيون گم ٿيل بہ ملن ٿيون ۽ نين سنسڪرتين جو اُديہ ٿيندو بہ نظر اَچي ٿو.

سنسڪارن جي نرماڻ ۾ پريوار ۽ سماج جون ريتيون - رسمون، ڌارمڪ ويچار ڌارائون ۽ مڃتائون، مذهبي اصولن جون پابنديون ۽ شخصي پسنديون-ناپسنديون پنهنجو رول اَدا ڪن ٿيون. سنسڪار انهن سانچن ۾ ڍلجن ٿا.

سنسڪارن جي ڪارڻ ئي اِنسان ۽ جانور ۾ فرق آهي. انسان سنسڪارن جي ڪري ئي سريشٽ آهي ۽ اَشرف اَلمخلوقات چوائجي ٿو. اِنسان وٽ وويڪ ۽ ٻُڌي آهي، جنهن سان جيون جي ڪاريہ جو سنچالن ڪري ٿو پر انهيءَ جي برعڪس جانورن ۾ جنم جات سمجهہ (Inborn Instinct) آهي جيڪا کين هلائي ٿي.

ڪچي عمر ۾ پوکيل سنسڪار وڏي عمر تائين جيون جي دَشا ۽ دِشا ناهڻ يا بدلائڻ ۾ پنهنجو رول اَدا ڪندا رهن ٿا. تنهنڪري ٻالپڻ ئي سُٺن سنسڪارن جو ٻج پوکڻ جي صحيح اَوسٿا آهي.

ꕥꕥꕥ

---

بي اِنتها ڏکن سورن کي اَڪيلي سر وڏي همٿ سان منهن ڏيندي

هي پيار ونڊيندڙ سڀاجهو، وڙائتو، حوصلي مند انسان ۽ عظيم ليکڪ

## حميد سنڌي

جي روح جو پکي دنيا جي پڃري جي قيد مان ڦڙڦڙائي اُڏامي ويو.

هوُ اَسان جي گهر جو اَهم فرد هو. گذاري ويڻ کان ڪجهہ ڪلاڪ ڪن اَڳ ۾ هن

فون تي اَندر جا اَحوال اوريا. هن جو وڇوڙو اَسان لاءِ بيحد ڏک جو سبب آهي.

خدا کيس جنت ۾ جايون ڏي ۽ پونيئرن کي صبر سان هي صدمو سهڻ جي توفيق ڏي.

**- ماهتاب محبوب**

# ڪاٽو ڪهڙي پاسي ويندو؟

✍ ڪليم ٻٽ

هي هڪ اهڙي ويڙهي جي ڳالهه آهي جيڪو گول هوندي به گول نه پر بيضوي آهي، هن ويڙهي ۾ ٻن قسمن جا انڊا رهندا آهن هڪڙا اڪين جا انڊا ۽ ٻيا عقل جا انڊا، اڪثريت عقل جي انڊن جي آهي، ان ڪري انهن تي ٻيني، نابيني، ڪاٽي، لولي ۽ لنگڙي جهڙا ماڻهو حڪمراني ڪندا آهن. انهن سيني ۾ مان ڪاٽو پنهنجي هلڻي ۽ رهڻي ڪهڻي ۾ نرالو آهي.

ڪاٽو، لولي لنگڙي، ٻيني ۽ نابيني ڪان ڄمار ۾ گهڻو ئي ننڍو آهي پر پنهنجي چالاڪين جي ڪري هر فيصلي جي وچ ۾ وينل نظر ايندو آهي ۽ اڪثر سياڻي ڪانءُ جيان ٻه ٽنگو ڦاسي پوندو آهي، پوءِ نابيني کي منٿ ميڙ ڪري جان ڇڏائيندو آهي. نابيني جو ساٿ ڏيندي ڪاٽي گهڻو اڳ لولي کي ٽوٽا ڇٻايا هئا ۽ لولو ٽڪرا ٽي ويو هو. ان تي نابيني وڏي دل جو ثبوت ڏيندي پاڻ ناٽو ڏنو هو، ايڏو ناٽو ڏسي ڪاٽو اصل ترڪي پيو ۽ سوچيائين جيڪڏهن ٻن کي ويڙهائڻ مان ايترو پيسو ملي ٿو ته پوءِ هرويرو ٻيو ڪم ڪار ڇو ڪجي ۽ پوءِ اهي ڏينهن ۽ اهي شينهن. ڪاٽي ڏندو داڙي ڇڏي نابيني جي چوڻ تي لولي، لنگڙي ۽ ٻيني خلاف سازشون ڪري خوب ناٽو ڪمايو.

پر نابيني کي سندس ٻٽي چال تڏهن سمجهه ۾ آئي، جڏهن ڪاٽي گهر جو گاڏو هلائڻ لاءِ لنگڙي ڪان ڳاڙها ڏوڪڙ وٺڻ شروع ڪيا ۽ لنگڙي ٻه دل ڪولي سندس مدد ڪئي. لنگڙي جو ڪاٽي لاءِ ڪو هانءُ ڪونه ڦاٽو هو، لنگڙي جا وري پنهنجا ئي مفاد آهن، هڪ ته ڪيس هر ميدان ۾ نابيني سان مقابلو ڪرڻو آهي ٻيو سموري ويڙهي جو چڱو مڙس ٿيڻو آهي ۽ ڪيس ڪاٽي جي ضرورت آهي، لنگڙي موجب ته ڪاٽي جو گهر ويڙهي جي اهڙي ڪنڌ تي آهي جو نه چاهيندي به سندس مدد جي ضرورت پئجو وڃي. ان تي نابينو صفا مچرجي پيس، اصل ڪاٽي جا ترا ٿي ڪڍيائين، پوءِ ڪاٽي کي دابو ڏيندي چيائين ته ٽپتائي ڇڏي عقل ڪان ڪم وٺي. پر ڪاٽو هاڻي ڪٿان ٿو مڙي! ڪاٽي نابيني سان اهڙو ڏڪ ڪيو جو نابيني کي ڪيس پيسا ٻه ڏيڻا پيا ۽ وچ ۾ ويهارڻو ٻه پيو. ڪاٽي جون ته ڄڻ پنجئي آڱريون گيهه ۾. هڪ پاسي ڪان ساوا ڏوڪڙ ٿي آيس ته ٻئي پاسي ڪان ڳاڙها ڏوڪڙ. ڪاٽي لاءِ نه عيسيٰ پير، نڪو وري موسيٰ پير، سڀ ڪان وڏو پيسو پير ٿي پيو.

ڪاٽو پيسن جي چڪرن ۾ ڪڏهن پنهنجن ئي گهر ڀاتين کي ماري وجهندو آهي، ڪڏهن کين گم ڪري ڇڏيندو آهي ته ڪڏهن وري سندن پاٽي بند ڪري ڇڏيندو آهي. هڪ ڀيرو ته پيسن جي لالچ ۾ ويڙهي جي واهه جو بند ٽوڙي پنهنجو ئي گهر ٻوڙيائين ۽ نابيني کان ويندي لنگڙي ۽ ٻيني کان ويندي لولي تائين سڀني کان مال وٺي ڳڙڪايائين.... پوءِ به ڪنهن ڪاٽي کي ڪجهه نه چيو.... ڇو جو ڪاٽو ته ڪاٽو آهي.

ڪجهه ڏينهن اڳ نابيني وڏي واڪي اعلان ڪيو ته هن ٻيني جو ٻيو نمبر پٽ راڪٽ هٽي ماري وڏو آهي، هن مان ويڙهي جي امن کي خطرو هو. ان تي ٻيني پلاند ڪرڻ جو چيو آهي، ٻينو ۽ نابينو پنهنجا پنهنجا هٿيار گڏ ڪري رهيا آهن. پر ويڙهي جي سڀني عقل جي انڌن جون نظرون وري اچي ڪاٽي تي پيون آهن، هر زبان تي اهو ئي سوال آهي ته: ڪاٽو ڪهڙي پاسي ويندو؟

ڪاٽو عقل جي انڌن تي مرڪي دل ۾ سوچي رهيو آهي ته: جتان ايندو ناڻو، ان پاسي ويندو ڪاٽو.

ﻍﻍﻍ

# ڪڏهن ڪڏهن ...

✍ ٻلديو ٻڍراڻي ’ديپ‘

ڏيندو آ غم خوشيءَ کي سهارو ڪڏهن ڪڏهن،
ٿيندو آ سياري ۾، اونهارو ڪڏهن ڪڏهن.

پنهنجو ٻٽائي پاڻ تماشو جهان ۾،
ڏسندو آهيان پنهنجو نظارو ڪڏهن ڪڏهن.

ميسر هوندي به مال ۽ اِسباب زر جهجهو
ٿيندو نه آ بشر جو گذارو ڪڏهن ڪڏهن.

بهار ۾ گل سَڙِي ويا خزان ۾ وري ڦٽا،
ڏسبو آ نيم قدرت جو نيارو ڪڏهن ڪڏهن.

ڇو ٿو ٻڏين ملاح تون ڪشتيءَ جي ٻُڏڻ کان،
ملندو آ ٻُڏڻ کانپوءِ، ڪنارو ڪڏهن ڪڏهن.

جهڳڙا ڪندي ڪندي به محبت ٿي ويندي آهي،
ٿيندو آ ڪٽڪ جو اَٿو جوئارو ڪڏهن ڪڏهن.

صحن چمن ۾ ناز سان گل ٿو لڏي لمي،
ڏيندو آ گل به بلبل کي اِشارو ڪڏهن ڪڏهن.

ديوانگيءَ ۾ عشق جو تاثير آ عجيب،
لڳندو آ هاريل به، سوڀارو ڪڏهن ڪڏهن.

دل جو ۽ عشق جو آ ڪو تعلق نه حسن سان،
لڳندو آ بدشڪل به ’ديپ‘ پيارو ڪڏهن ڪڏهن.

ﻍﻍﻍ

# بزم روح رهاڻ مان موڪلاڻي

✍ رڪيل مورائي

پنهنجي دور ۾ جن شخصن کان متاثر ٿي پڻائيءَ لکيو هئو تہ :

’جان جان هئي جيئري، ورچي نہ ويني.‘

اسان پنهنجي دور ۾ جيڪي ان سٽ تي پورا لهندڙ انسان ڏٺا سنڌي ٻوليءَ جو اعليٰ ڪهاڻيڪار حميد سنڌي صاحب اهڙن ماڻهن مان هڪ هئو.

ساهتي پرڳڻي جي نوشهري فيروز شهر ۾ هڪ سُکئي خاندان ۾ جنم وٺندڙ حميد سنڌيءَ، ڪيترو نصاب پڙهيو، ڪيترو پڙهايو، ڪيتريون نوڪريون ڪيون ۽ سرڪاري عهدا ماڻيا، سياڻ جي تاريخ ۾ اهو سڀ غير اهم هوندو، سواءِ ان جي تہ اهو سڀ سندس بايو ڊيٽا طور ڪنهن نصابي ڪتاب ۾ ڏنو/ ڄاڻايو وڃي.

سياڻ جي تاريخ اهو ضرور ياد رکندي تہ هڪ شخص/ليکڪ هجڻ جي ناتي پنهنجي وطن، ان جي ماڻهن، ان جي ٻوليءَ ۽ ان ٻوليءَ جي ڌرتيءَ جي مسئلن تي ڪيترو لکيو، ان جي قومي تشخص ڪي ڪيترو مانُ مرتبو ڏنو، ان ڪسوٽيءَ ۾ فقط ڪجهہ لکڻ ئي سڀ ڪجهہ نہ آهي، ٻيو بہ گهڻو ئي ڪجهہ آهي .

سنڌ جي ليکڪن مان الڳ الڳ حوالن ۾ جن سنڌ کي گهڻو ڪجهہ ڏنو حميد سنڌي صاحب انهن ليکڪن مان هو، هو نہ فقط لکڻ تائين سنڌ کي ڏيندڙ هئو پر شايد سنڌ جي تاريخ اڳتي هلي اهو پڻ ثابت ڪري تہ هو هڪ اهم مورچو هئو سنڌ جي قومي تشخص کي بچائڻ ۽ وڌائڻ جو تہ اعتبار ڪرڻ گهرجي. سبب ڪيترائي آهن.

حميد سنڌي صاحب سنڌ جي شاگرد سياست کان وٺي ادب جي اعليٰ مورچي تائين، سڄي ڄمار جدوجهد ۾ رهيو ، جڏهن سنڌ مٿان سڄ نيزي تي لهي آيو هئو تہ حميد سنڌي، سنڌ جي شاگرد سياست ۾ هئو، جڏهن سنڌ فوجي توڙي سول آمريت جا عذاب ڀوڳي رهي هئي تڏهن حميد سنڌيءَ روح رهاڻ رسالو ڪڍي سنڌي جي سينڌ ۾ ادب جو ۽ قومي شعور جو سندور ڀريو، روح رهاڻ بند ٿيو تہ وري اهڙو رسالو ڏسڻ ۾ نہ آيو، گهڻو پوءِ ايڪڙ ٻيڪڙ رسالا نڪتا جن سنڌ جي قومي تقدس جي بچاءَ لاءِ ويڙهہ ڪئي، پر گهڻو وقت نہ.

حميد سنڌيءَ پاڻ هڪ اعليٰ ڪهاڻيڪار طور ادب جي مورچي تان ويڙهه جاري رکيون آيون، هن سنڌي ادب کي لازوال ڪهاڻيون ڏنيون، نه فقط پاڻ لکيون پر ڪيترن لکندڙن کي اتساهه ڏنو نه صرف زباني پر مالي ۽ اخلاقي طور پڻ!

هو صاحب نوڪرين جي جهنجٽ کان آجو ٿيو ته ادب جي خدمت، ساڳئي وقت ماٺ ڪري ويٺل يارن دوستن کي وري لکڻ جو اتساهه ڏيڻ لاءِ بزم روح رهاڻ شروع ڪيائين، جنهن جون گڏجاڻيون هر هفتي سلسليوار سندس گهر جي اڳڻ تي جاري رهيون، جيڪي شايد اڄ پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتيون، ڇاڪاڻ هاڻ رهاڻيون ته پيون ٿينديون پر انهن رهاڻين ۾ حميد سنڌي صاحب جو روح نه هوندو، ان ڪري اهي روح رهاڻيون شايد ٻڌجي نه سگهن ڇو ته جيڪي شخص پنهنجي روح کي زنده رکندا آهن اهي ئي روح رهاڻ ڪري سگهندا آهن، باقي ته رهجي وينديون آهن رهاڻيون بنا روح جي .

حميد سنڌي صاحب جيڪو ۽ جيترو سنڌ کي مختلف حوالن ۾ ڏنو آهي، پڪ سنڌ ايترو ئي ڪيس موٽائي ڏنو، اهو پڻ الڳ الڳ حوالن ۾ ڇاڪاڻ ته سنڌ ٻاجهاري ماءُ آهي، سندس جنهن به اولاد جيتري سندس خدمت ڪئي آهي ان کان وڌيڪ هن ڪيس ڏنو آهي .

حميد سنڌي صاحب سنڌ کي جيڪو ڏنو آهي، اڄ اهو سڀ اسان جي ميراث آهي، سنڌ جي ميراث آهي، ٻوليءَ جي ميراث آهي، جيڪا پئي پراڻي ٿيڻي نه آهي .

سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ حميد سنڌيءَ جو ڪيترو حصو آهي، اهو سياڻ جا نقاد ظاهر ڪندا، پر هڪ شخص طور هو اسان جي اڪين آڏو رهيو، سندس دوستن سان نڀاءُ، ٻوليءَ سان نڀاءُ، ادب سان نڀاءُ عمر جي آخريءَ گهڙي تائين رهيو. هن قلم ڪنيو ته ان سان آخري گهڙي تائين نڀايائين ايئن هن جي نڀائن جا اڻ ڳڻيا حوالا آهن جيڪي سڀ سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ڳڻيا ويندا .

شخص طور هڪ حسين شخص، ٻاجهارو ماڻهو، ادبي طور هڪ مسلسل سرگرم رهندڙ اديب اڄ اسان ۾ نه رهيو آهي، سيني حوالن ۾ سندس ڳڻ پيا ڳائبا، ڇاڪاڻ ته سنڌي ماڻهو ڳڻ ڳائڻ واري قوم آهن .

سنڌ جي ساهتيءَ جو سدابهار ڪهاڻيڪار، سنڌ جي علم ادب واري شهر حيدرآباد مان اڏاڻو آڪاس! پويان رهجي ويا آهن سندس ڪيئي ڪتاب، جيڪي ڇپيل آهن ۽ جيڪي ڇپجڻ جو اوسيئڙو ڪري رهيا آهن.

ادب ۾ هن ڪهاڻيون لکيون، ڪتاب ڇپايا، ايڊٽ ڪيا، ترجمو ڪيا، ترتيب ڏنا، ڪيترائي رسالا هن ايڊٽ ڪيا، ڪيترائي اعليٰ عهدا ماڻيا، اعزاز حاصل ڪيا، ڪيترائي ايوارڊ سندس نصيب ۾ آيا، اڻ ڳڻيو تعريفون ۽ تنقيدون سندس زندگيءَ ۾ آيون، پڙهندڙن وٽان ڪيترو ئي پيار سندس جهوليءَ ۾ پيو، ڪيترائي مرتبا ۽ مڃتائون سندس زندگيءَ ۾ آهن هڪ عمر ۾ انسان کي ٻيو ڇا گهرجي؟

ساڳئي وقت هن جهان مان هلي وڃڻ ڪانپوءِ ايسٽائين ڪيس ياد رکيو ويجي، جيسٽائين اها ٻولي زنده رهي سگهي، جنهن ٻوليءَ ۾ هن لکيو آهي، عمر ته هڪ ئي آهي، جيڪا گذاري وڃڻي آهي پويان رهجي وڃڻو آهي اهو ڪم جيڪو شخص پنهنجي مقرر مليل عمر ۾ ڪري ويجي ٿو.

حميد سنڌي صاحب ساهتي پرڳڻي جي مکيه شهر نوشهروفيروز ۾ ٻارهن آڪٽوبر اوڻيهه سئو اوڻيتاليهن ۾ ڄائو ۽ هوائن جي شهر حيدرآباد ۾ ٽين جنوري ٻه هزار ويهن ۾ وفات ڪيائين، سندس عمر جو عرصو ايڪاسي سال ٻيهي ٿو، هُن ايڪاسي بهارون ماڻيون ۽ ايڪاسي محرم پوڳيا، اها ئي زندگي آهي، جيڪا ڪنهن ٻه شخص جي هلئي وڃڻ کان پوءِ ٻه هلڻي آهي، اهو ڪائنات جو اصول آهي پر ڪي ڪي شخص پنهنجي عمل جي عيوضي ۾ سدائين زنده رهڻا آهن ايئن حميد سنڌي صاحب ٻه ۽ بس !

# صرف هڪ ماضي

✍ناديا مسند (اِنڊور)

تنهائي جي هِن جهنگ ۾
ورهين کانپوءِ
اُها اَلمارِي
کولي ويٺي آهيان
جنهن ۾ ڏاڍي قريني سان
ڪجهه ڳريل خط رکيا آهن
جن ۾ اَڄ ٻه اُها ساڳي
خوشبو باقي آهي!
هڪ ڪنڊ ۾
ڪجهه گهميل پل
جيڪي تنهنجي وڃڻ کانپوءِ
جهول ۾ مُنهنجي رهجي ويا هئا
پُراڻن ڪتابن هيٺان
خوابن جون ليڙون
۽ هوُ هڪ رومال
جنهن ۾ تنهنجي اَکين جا
مُقدس موتي
ڪڏهن جذب ٿيا هئا
وڇڙي توکان هِن شهر ۾
مان رهي نه سگهيس
مگر اَڄ يادُن جون دريون
کُلي ويون آهن جهٽ پٽ!
مُنهنجي اَکين ۾ بس رهجي وئي
نه رُڪندڙ هڪ برسات.
ڪٿي ڪٿي نه خيالن اُڏام پري
چنڊ تارا ٻه ويڙهي ويٺا اُداسي
ڏُکا مُنهنجي ٻه روئي ڏنو
ايترا ته غم ڪاڏا آهن مون
لذت ٻه اُنهن جي
ڪٿي گُم ٿي وئي آ
موت وٽ ڪوبه ڪم نه آهي.
صرف هڪ وحشت ڪانسواءِ
مُشڪل سان ڇَپن مان
اَدا ٿيا ڪجهه لفظ
موٽڻ لاءِ
مون وٽ ڇا آهي.
بس صرف هڪ ماضِي.

# حميد سنڌي ـ سنڌ جو اَدبي هيرو

آزاد اَنور ڪانڌڙو

سائين حميد سنڌي اڄ اسان جي وچ ۾ ناهي. هو زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين پيرسني باوجود هڪ متحرڪ انسان، ناميارو اديب، ڪهاڻيڪار، ڊراما نگار، روح رهاڻ رسالي جو باني، بزم روح رهاڻ جو روح روان هو.

دلبر هن دنيا ۾ وڃي رهندو واس!!

اسان پنهنجي وڏڙن کان ٻڌندا پيا اچون ته ماڻهو نه رهندو بس وڃي سندس يادون ۽ ڳالهيون رهنديون. سائين حميد سنڌي وٽان سنڌي ادب، سنڌي ٻولي کي اجان گهڻو ڪجهه ملڻو هو. هن روزاني ڪاوش ۾ پنهنجي ڪالمن ۽ يادن جا دفتر ته هاڻي ئي کوليا هئا. ڪهڙي خبر ته داستان محبت قصئہ مختصر صفا ايڏو مختصر ٿيندو اهو پتو ئي نه هو. بس موت تي ڪهڙي ميار.

روئڻ سان رهن ها جي سپرين
مان نيڻين نير نه روڪيان ها

سائين حميد سنڌي اسان جي سينيئر پيڙهيءَ مان اهڙو قلمڪار هو جنهن اسان کي عمر جي آخري گهڙيءَ تائين گهڻو ڪجهه ڏنو. تنوير عباسي جي لفظن ۾ :

ڪجهه ڏئي ويندا سين ڪجهه نه ڪڻي ويندا سين
ٻور آهيون ۽ ڏئي ميوو ڇڻي ويندا سين

سائين حميد سنڌي واقعي ٻه پنهنجي ڪتابن، ڪهاڻين، ڊرامن، تصنيفن، رسالن ۽ ڪالمن جي صورت ۾ گهڻو ڪجهه ڏئي ويو. 3 جنوري 2020 تي وڇڙي ويل سائين حميد سنڌي صاحب جنهن جو جنم نوشهروفيروز ۾ اڳوڻي ڊپٽي ڪمشنر محمد اسماعيل ميمڻ جي گهر ۾ 12 آڪٽوبر 1939ع ۾ ٿيو هو. محمد اسماعيل ميمڻ اهو پهريون سنڌي ڪامورو هو جنهن حضرت قلندر لعل شهباز جي ميلي تي ناميارن اديبن ضياءَ الدين ايس بلبل، محبوب علي چنا، عبدالله چنا ۽ ٻين سان گڏجي ادبي ڪانفرنس جو بنياد رکيو هو. حميد سنڌي جو اصل نالو عبدالحميد ميمڻ هو ۽ هن پنهنجي ڏيهه توڙي پرڏيهه مان تعليم ورتي ۽ مخلتف اعليٰ عهدن تي رهيو. پاڻ وليج ايڊ ڊپارٽمينٽ ۾ بحيثيت پبلسٽي آفيسر سان 1960ع ۾ نوڪري جي شروعات ڪيائين. بعد ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ايڊمنسٽريٽ آفيسر، اسسٽنٽ ڪنٽرولر ايگزامينيشن، ايڊيشنل ڊائريڪٽر سنڌالاجي، رجسٽرار ٻه رهيو ته پاڻ تعليم کاتي ۾

ڊائريڪٽر ڪاليجز حيدرآباد 1976ع، 1989ع، پبلڪ اسڪول حيدرآباد جو پرنسپال 1978ع، وائيس چانسلر سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، ڊائريڪٽر بيورو آف ڪريڪيولم اينڊ ايڪسٽينشن ونگ، چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشورو، چيئرمين سنڌي ليئنگويج اٿارٽي حيدرآباد 1997ع، ميمبر سينيٽ، سنڌ يونيورسٽي، ميمبر سنڌي ادبي بورڊ، ميمبر ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز به رهيو.

1957ع کان لکڻ جي شروعات ڪندڙ سائين حميد سنڌي صاحب جي لکيل ڪتابن ۾ ڪهاڻين جا ڪتاب سيمي، اداس واديون، ويريون، راڻا جي رجپوت، ڄاڳ به تنهنجي جيءَ سان، سوني زنجير، جپاني لوڪ ڪهاڻيون (ترجمو) سوڪي ڌرتي اردو، ٺماهي مهراڻ جون چونڊ ڪهاڻيون، سومون سپ چمار، دردونديءَ جو ديس، ڪڻ ڪڻ ريت ۾ ڪيئي ڪهاڻيون ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. سائين حميد سنڌي پنهنجي دور جو اهو منفرد ڪهاڻيڪار هو جنهن جي ڪهاڻين جا مضمون، ڪردار سنڌ جا عام مضمون ۽ ڪردار آهن ۽ ڪهاڻي لکڻ جو ڍنگ سادو ۽ دل کي ڇهندڙ آهي. سندس ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي پڙهندڙ کي ڇرڪ پرائي وجهي ٿي. سندس مطالعو وسيع هو پر هن جي لکڻين تي ڏيهي توڙي پرڏيهي ادب ۽ اديبن جي ڇاپ نه رهي. سنڌ جي نامياري ناول نگار ماهتاب محبوب جي لفظن ۾ حميد سنڌي ادبي هيرو-ولين هو. سائين حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين بابت ناميارين اديب، ڪهاڻيڪار مدد سنڌي ڪيڏو نه سچ لکيو آهي ته ”حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جو جڏهن به ذڪر ڪجي ٿو ته الاهي ڇو مون کي لڳندو آهي ته حميد سنڌيءَ کي ڪهاڻي لکڻ جو ڍنگ، ڏانءُ چڱيءَ ريت اچي ٿو هن کي پنهنجي انهيءَ ڏانءُ جي ڄاڻ آهي.“ ناميارين اديب، ناول نگار آغا سليم ”حميد جي ڪهاڻين جا ڪردار ۽ واقعا هٿ جا گهڙيل نه هوندا آهن. ائين به ٿيندو آهي جو ڪي ڪردار زندگيءَ جي ڪنهن رويي، ڪنهن نظريي، ڪنهن سوچ جي تجسيم (Personification) هوندا آهن ۽ انهن جي اوسر لاءِ ليکڪ کي خاص واقعا ۽ صورتحال گهڙيندو آهي، جن ۾ انهن ڪردارن جي اوسر ٿيندي آهي ۽ سندس اندر اجاگر ٿيندو آهي، پر حميد جا ڪردار زندگيءَ جا ڪردار آهن، جن جون ڪهاڻيون پڙهندي لڳي ٿو ته عام زندگيءَ ۾ اسين انهن ڪردارن سان ڪٿي نه ڪٿي ملي چڪا آهيون ۽ انهن جي زندگيءَ ۾ جيڪي واقعا پيش ايندا آهن. اهي اسان جي اکيان رونما ٿيندا رهيا آهن. حميد جي ڪهاڻين ۾ جنهن ڳالهه سڀ کان وڌيڪ منهنجو ڌيان ڇڪايو، اها وقت جي بي رحميءَ جو غمناڪ ۽ ڏکوئيندڙ احساس آهي.“

نامياري نقاد ۽ شاعر تنوير عباسي هڪ هنڌ لکيو آهي ته ”حميد سنڌي نه فقط پنهنجي دور جو منفرد ڪهاڻيڪار آهي، پر هن ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ڪهاڻيءَ جي نئين جنم ۾ وڏو عملي حصو ورتو آهي. روح رهاڻ سنڌي جديد افساني جي لاءِ هڪ تحريڪ جو ڪم ڪيو. حميد نه فقط روح رهاڻ ۾ پنهنجي دور جا بهترين افسانا شايع ڪيا پر روح رهاڻ جي ذريعي ڪيترا ئي نوان ڪهاڻيڪار پيدا ٿيا، جيڪي اڄڪلهه ادبي آسمان تي جڳمڳ جرڪي رهيا آهن، انهن ۾ امر جليل، عبدالقادر جوڻيجو، نسيم کرل، شوڪت شورو، غلام نبي مغل، سراج، علي بابا ۽ رشيده حجاب اچي وڃن ٿا. حميد سنڌي نه فقط هن دور جي اهم ترين سنڌي ڪهاڻيڪارن مان آهي، پر سنڌي ڪهاڻي کي سنڌي ادب ۾ رائج ڪرڻ ۽ ان کي مقبول بنائڻ ۾ سندس وڏو ڪردار آهي. راڻا جي رجپوت نه فقط حميد جي شاهڪار ڪهاڻين مان آهي، پر سنڌي ادب جي شاهڪار ڪهاڻين مان پڻ !“

سنڌ جي فڪري سرواڻ شاهه لطيف ۽ بيباڪ صوفي شاعر سچل سرمست جي فڪر ۽ فلسفي جي پرچار حميد سنڌي حضرت شاهه لطيف جي عرس وارن موقعن تي ٿيندڙ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪانفرنس ۾ مختلف اديبن جي مقالن کي سهيڙي 11 سرن سر ليلا چينسر، سر گهاتو، سر ڪاموڏ، سر مارئي، سر ڪاپائتي، سر بلاول، سر رام ڪلي، سر ڪاهوڙي، سر ڪارايل، سر بروو، سر سارنگ ۽ ٻيا 11 ڪتاب سهيڙي ترتيب ڏئي ڇپرايا. ائين هن سچل سرمست تي تحقيقي مقالن تي مشتمل ڪتاب "آري اڇين شال" به لکيو. حميد سنڌي اهڙو ناميارو اديب هو جنهن جي لکڻين، ڪتابن، ڪهاڻين کي سندس زندگيءَ ۾ به وڏي مڃتا ملي. ڪيس ڪهاڻين جي ڪتاب ويريون تي پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس پاران 1981ع ۾ شاهه لطيف اوارڊ، ساڳئي ڪتاب ويريون تي سنڌالاجي پاران 1981ع ۾ اوارڊ، پاڪستان رائٽرس گلڊ پاران 1981ع ۾ اوارڊ ۽ نيشنل بڪ فائونڊيشن پاران ڪتاب راڻا جي رجپوت تي 1995ع ۾ اوارڊ مليا. حميد سنڌي جي مڃتا اها به هئي ته ڪيس ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز پاران لطيف اوارڊ ، حڪومت پاڪستان پاران 23 مارچ 1990ع تي تمغئہ امتياز صدارتي اوارڊ، حڪومت پاڪستان پاران 28 آگسٽ 1993ع تي اعزازي فضيلت صدارتي اوارڊ به مليا.

سائين حميد سنڌي اهو سينيئر اديب هو. جنهن 1960ع ۽ 1970ع واري ڏهاڪن ۾ سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ تي آيل ڏکئي وقت ۾ پاڻ ملهايو. هن روح رهاڻ وسيلي قومي ۽ مزاحمتي ادب کي ڇپيو ۽ اڳتي وادائڻ سان گڏ قومي ۽ مزاحمتي ادب ۽

تحريڪ جي اڳواڻي ڪئي. ان دور ۾ جشن روح رهاڻ جا جلسا حقيقت ۾ سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي بچاءُ واري تحريڪ ۾ اتساهه پيدا ڪيو. حميد سنڌي نہ صرف تحريڪن جو اڳواڻ رهيو پر هو سچي زندگي سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ جو خيرخواهہ ۽ گهڻگهرو رهيو. انهي دور ۾ هن سنڌ ۾ قومي شعور ۽ جاڳرتا لاءِ وڏو پاڻ پتوڙيوءِ اينٽي ون يونٽ تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو . سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز جي قومي شاعريءَ کي سرڪاري پابنديءَ باوجود روح رهاڻ جي صفحن تي ڀرپور نموني ڇپجڻ جي جرئت بہ ساري. شروعات حميد سنڌيءَ ئي ڪئي. ان سبب روح رهاڻ تي پابندي لڳائي ويئي. 32 هزار ڏنڊ بہ وڌو ويو ۽ سائين حميد سنڌيءَ کي جيل ياترا ڪرائي ويئي. سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز هڪ هنڌ لکيو آهي تہ ”روح رهاڻ جهڙو ڪردار برصغير جي ڪنهن بہ رسالي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ورلي ادا ڪيو آهي.“ ٻرڪ اديب، ڏاهي مولانا غلام محمد گرامي هڪ هنڌ لکيو آهي تہ ”روح رهاڻ جي ايڊيٽر حميد سنڌيءَ پنهنجو ارڪو ترڪو قربان ڪري، ٽيڙ ٽاڙي وڪڻي، روح رهاڻ جي مشعل کي بلند رکڻ جي تاريخي ۽ ٻي مثال ڪوشش ڪئي. روح رهاڻ جي نالي ۾ انقلاب انگيز ۽ باطل سوز جشن ملهائي، ون يونٽ جي خلاف سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ آگ لڳائي ڇڏي، تان جو سرڪار پاران ڪيس وڌيءَ چٽيءَ ۾ ڦاسائي روح رهاڻ کي بند ڪرڻ تائين مجبور ڪيو ويو ۽ اڳتي هلي سنڌ دوستي ۽ وطن دوستيءَ جي پاداش ۾ ڪيس سينٽرل جيل جي سلاخن پٺيان قيد و بند جون هوائون ڪاٽيون پيون!“. ناميارو اديب ڊاڪٽر غلام علي الانا بہ ان دور جي شاهدي ڏيندي هڪ هنڌ لکي ٿو ”نوجواني واري عمر بلڪ شاگرديءَ واري زماني کان، سنڌي قومپرست هجڻ ۽ روح رهاڻ رسالي ذريعي سنڌي قومپرستيءَ لاءِ نہ فقط پرچار ڪرڻ پر ڪم ڪرڻ ڪري، حميد ڪيترائي قومپرست نوجوان، پنهنجا عاشق ۽ پيرو بنائي ڇڏيا، ناصر مورائي، سليم خواجہ، اشفاق قاضي، سيف ٻلوي ۽ ٻيا بہ ڪيترائي ساڻس گڏ هئا ۽ انهيءَ ڪري جيجي زينت عبدالله چنا، مرحوم خانصاب عبدالله چنا، شيخ اياز، مولانا غلام محمد گرامي، تنوير عباسي، سرائي اميد علي، ع- ق شيخ، شيخ حفيظ، نورالدين سرڪي، مقبول پٺي، غلام رباني، سوڀو گيانچنداڻي، محمد عثمان ڏيپلائي ۽ مقبول صديقي توڙي ڪيترن ئي مردن توڙي عورتن جي نظرن ۾ هو مانائتو رهيو آهي .“

سائين حميد سنڌي صاحب جي ادارت ۾ روح رهاڻ ڪانسواءِ ماهوار مارئي، هفتيوار مارئي، لطيف ڊائجسٽ، نئين زندگي ۽ ٻيا شامل آهن .

سائين حميد سنڌي سنڌي ادبي سنگت جو بہ روح روان رهيو. سنڌي ادبي سنگت کي سرگرم ۽ فعال بنائڻ ۾ سندس وڏو ڪردار هو. حيدرآباد جي سنڌي ادبي سنگت شاخ هجي يا سنڌي ادبي سنگت مرڪز جي سرگرمي سندس ڪردار کي نظرانداز نہ ٿو ڪري سگهجي هو سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري بہ رهيو. منهنجي ساڻس 25 سالن کان نياز مندي رهي اسانجي ويجهڙائپ جو سبب سنڌي ادبي سنگت ۽ مولانا غلام محمد گرامي هيا پاڻ گرامي صاحب جا ڳڻ ڳائيندو رهندو هو. منهنجي گرامي صاحب جي قلمي پورهيي جي سهيڙ واري ڪم کي ساراهيندو ۽ اتساهہ ڏياريندو هو . سنڌي ادبي سنگت لاءِ هميشا نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندو هو.

سچ تہ سائين حميد سنڌي اسان جي سينيئر اديبن ، شاعرن مان اهڙو قلمڪار هو جيڪو زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ سان پنهنجو عشق، محبت ۽ پيار سلامت رکيون آيو ۽ زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين متحرڪ رهيو. بزم روح رهاڻ جون هفتيوار گڏجاڻيون سندس سنڌي ٻولي، سنڌي ادب سان پيار ۽ محبت جو مثالي ثبوت آهن. سائين حميد سنڌي جو قلمي پورهيو ۽ سندس عملي جدوجهد ۽ سندس ڪردار سدائين ياد رهندو.

ꕥꕥꕥ

## ✍ يوڄراج اين. ڪيماڻي ’ڪِرانتيِ‘

١ - ليڪڪ جاڳو، جاڳو شاعرو،
ٻيليِ جاڳو ساهتڪارو،
ڪري ڏيکاريون ڪَرشمو سَچِڙو -
ٿِئي پاشا جو واڌارو.

٢- ڪَهڙي ڪَمَ جو قَلَمُ اَسان جو-
گَرِ پاشا کي نہَ بَچائي سگهوُن،
آسَ مان عَرضُ ڪَري ٿو ’ڪيماڻي‘
هِنَ شُڀُ ڪاريہ ۾ لَڳِي وَڃوُن.

٣- سنڌي اخبار-رسالن ۾
نِتُ پاشا جو پرچار ٿئي،
هَرِ پَرچي ۾ پاشا بابت
ليکہ، ڪَهاڻِي، گيِتُ هُجي.

٤- ايديِٽر اخبارن جا ’ڪيماڻي‘ -
اَهڙو ڪالمُ شروع ڪندا،
تہَ پاشا جو پويشيہ ٺَهندو-
۽ سِنڌيت جا ڏينهن سُنا ايِندا.

ꕥꕥꕥ

## ڪتابي سمالوچنا ’مارچ آف آرينس‘ (اَنگريزيءَ ۾)

## An Odyssey - MARCH OF THE ARYANS
## by : Bhagwan S. Gidwani

✍ رام جيٺملاڻي

پبلشر : پينگين بُڪس، اِنگلش لئنگويج، 667 پيج - سال 2012 - قيمت 599 رپيه، USD 21.95 - ISBN 978-0-143-41898-6 - ڪتابي سمالوچنا : رام جيٺملاڻي، پارليامينٽ جو ميمبر ۽ هند سرڪار جو اَڳوڻو قانون منتري، ڪونج جو پيٽرن.

اَمڙ جي هنج ۾ مون لولي سنڌي ۾ ٻُڌي. پنجويهن سالن تائين مان سنڌ ۾ گذاريا. مونکي سدائين اِئين محسوس ٿيو ته سنڌ ڌرتيءَ ۾ ضرور ڪا خاص خوشبوءِ آهي. ماڻهو سک شانتيءَ ۾، پئسو انهن لاءِ سڀ ڪجهه نه هو. چوڌاري ڌرمي-مذهبي ماحول هو، پاڻ ۾ ٻَڌيءَ ۾ هئا - جيڪا بين هنڌ ڳولهي نٿي لڀجي.

زندگيءَ جي شروعاتي دؤر ۾ تواريخ ۾ اهو سيکاريو ويو ته دنيا جي سڀيتا گريس - مِصر کان شروع ٿي. هندستان اَڻ سڌريل (اَڻ آريه) جو گهر هو. آرين يورپ کان هِت اَچي سڀيتا روشن ڪئي. مون اِئين پانيون ضرور پئي ته اهو سڀ غلط آهي پر ثابتي ڪابه ڪونه هئي ۽ اِئين موهن جو دڙو ۽ هڙاپا اَسانجي سڀيتا کي روشن ڪري ڇڏيو. سر جان مارشل ۽ ساٿس گڏ هندستانين جي کوجنا اَسان جو فخر کان ٻَات اوچو ڪري ڇڏيو ته جڏهن روم ۾ اَجان اَکر ۽ آرٽ-ڪلا، لکڻ جو ڏانءُ جي جاڻ به ڪونه هئي، ماڻهن جا گهر به ڪونه هئا ته جان مارشل ثابت ڪري ڏيکاريو ته هت سڀيتا جا گل ٻَات اوچو ڪيو بينا هئا. سر جان مارشل جي اَکرن ۾، ”اها کوجنا ظاهر ٿي ڪري ته سنڌ ممبئيءَ جي اُتر وارو علائقو ٽين ۽ چوٿين صديءَ ۾ به وسيل سڌريل شهر هو.

ڏورانهين ڏيه سميرپن ۾ به لڌل هڪجهڙائي - ٻولي - ريتيون رسمون - ڀڳوان جا ساڳيا نالا - مان اهو ظاهر ٿو ٿئي ته يورپ ۽ مِڊل ايسٽ جي سڀيتا جو مرڪز پارٽ اِنڊيا آهي. آريه هندستان ۾ ڪونه آيا پر هو هتان جا اصلوڪا رهاڪو آهن بنسبت اهو چوڻ جي ته هوُ آريه هندستان جي اُتر واري پاڱي تي ڪاهه ڪري اصلوڪن رهاڪن - دراوڙين کي ڏکڻ طرف هڪالي ڇڏيو.

هاڻي اَچون پنهنجي همراه ڀڳوان گدواڻي تي، جنهن ’ٽيپو سلطان‘ سان اَدبي آڪاڙي ۾ پختا پير کوڙيا - جنهن تي چڱي تنقيد به ٿي. پر پوءِ هن آرين جي واپسي ‘Return of Aryans’ لکي ڏکڻ هندستان جي تواريخ کي به روشن ڪيو ۽ هاڻ مارچ آف آرين سان جڻ اِنسان جي اصليت کولي ظاهر ڪئي آهي.

گدواڻي اَسان کي ٻڌائي ٿو ته ڪيئن سنڌ ۾ هندو سڀيتا قلي قولي ۽ بين گڏوگڏ - وڏي

ويجهي، خاص ڪري گنگا سپيتا ۾ ذڪر هندستان ۾ تامل. هن ڪتاب جي ڪهاڻي ’سنڌو پٽر‘ جي چوڌاري ٿنهي سپيتا جي ڪاريگريءَ سان جار اُٿي آهي، هن جي جنم جي پوري ڄاڻ ڪونه آهي پر پيڳوان گدواڻي اهو عرصو 5068 سال اڳ ٻڌايو آهي ۽ سنڌو نديءَ جي ڪناري تي لکيو آهي، جتي سنڌو اَچي عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي، اهو چوڙ وارو علائقو هاڻ پاڪستان جو حصو آهي.

’سنڌو پٽر‘ جو جنم ٻن مقصدن ڪري ٿيو. پهريون ته پارٽ ورش ۾ ٻين ذاتين ۾ هندن وچ ۾ ٻَڌِي رهي ۽ ٻيو غلامي ۽ ذِلت ڪان، جنهن اِنسان ذات کي شرمسار ٿي ڪيو، ان ڪان نجات. گهڻي نفرت جي باه ۾ مخالفت جي سنڌو پٽر پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ويو. پر ڪن پاڙيترن هن کي قتل ڪري ڇڏيو ساڳئي نموني جيئن مهاتما گانڌيءَ کي موت جي گهات پهچايو ويو.

اهو ئي سچ، اخبار نويسن، ساهتڪارن - ڪلاڪارن - منهنجي گُرن پئي ڏُهرايو آهي جنگ ۽ رومانس.

سنڌو پٽر جي ڪهاڻي ناول نه پر حقيقت آهي - حقيقي دستاويزن جي معرفت اها تمام فنائتي نموني پيش ڪئي وئي آهي. سنڌو پٽر جو موٽ-ديهانت ڪانپوءِ هن جي ڪيل ڌرمي ڪارج ماڻهن کي وڌيڪ تيار رکيو. سنڌو پٽر ور ور چيو ته هيترن پاپين جي وچ ۾ پيڳوان ڪيئن ڏئيتن وچ ۾ رهي سگهيو آهي ۽ هن پنهنجي خلقيل خلق جي ڪمن ۾ دست اندازي نه ڪئي - اِن مان پنهنجي ڪرمن مطابق پنهنجي دنيا ٺاهي ٻِگاڙي ٿو.

جلد ئي پارٽ - اِنڊيا - هنسا - جنگ جو گهر بڻجي ويو. جنهن ۾ سنڌو پٽر جا پوئلڳ خاص شڪار ٿيا. ٻچڙن ۾ ڏاڍن جو ڏيه ٿي ويو. وفادار اِنسان پنهنجي ئي گهر ۾ ڏاريا ٿي ويا. آرين کي ڏڪاريو ويو. انهن درد ۾ ان وشواس سان ته سنڌوپٽر اَڃان ٻئي ڪٿي زنده ضرور آهي، گهڻو ئي ساهتيه - شاعري هن جي ساراه ۾ لکي - ڳالهائي وئي. آريه ان ڳولها ۾ رهيا ته سنڌو پٽر ڪٿي وڃي رهيو آهي - ان جو پوتر استان ڪهڙو آهي.

۽ ان جي ڳولها ۾ آريه هڪ ٻئي پنيان ٽولن ۾ ان جي ڳولها ۾ نڪتا - دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويا. ياچوڪر - مگٽهار ۽ بنا مقصد وارا اَسان نه آهيون - ها، ياتري، تيرٿ ياتري ضرور آهيون - پيڳوان جي ڳولها - پوتر زمين آڄي جي زمين جي ڳولها - اهو ئي انهن جي زندگيءَ جو مقصد رهيو.

گدواڻي پوءِ اَسانکي آرين جي پنيان وٺي ٿو هلي. هنن جي ڪاميابي-ناڪاميابي - مينهن واچوڙي ۾ سندن اَڳيان وڌڻ ڄڻ لِڱن ۾ سياٽو وِجهيو ٿو ڇڏي - ته هو ڪيئن انهن مصيبتن جي منهن مان بچي آيا آهن.

پر سنڌو پٽر جو ڪوبه سڱه ڪونه مليو ۽ انهن کي پڪ ٿي ته اَسانجو پارٽ ورش سڀني ڪان وڌيڪ بهتر آهي. هنن جي اها ڳولها اَجائي آهي ۽ پوءِ هو واپس پنهنجي وطن وريا آهن. جتي جتي به ويا، اُنهن جي ريتين رسمن، رهڻي ڪهڻي مان ڪجهه نه ڪجهه ضرور ڪنيو ۽ سچ پچ اهو آرين جي واپسي هئي. هنن ڪٿي به ڪاه - اره زورائي ڪونه ڪئي ۽ اتي ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي ٿي ٿئي.

اها فقط انهن اِنسانن جي ڪهاڻي نه آهي جيڪا گهومو قوم رهي پر انهن جي خيالات، هندو فلاسافي - هندن جي Metaphysics - ويد - اُپنشد، ان وقت ۾ چوٽي تي هئا، هندن جي گهٽ-

وڌ نندي-وڏائيءَ واري مچيتا ۾ هو ڪونه ڦاٿا. ويدن جي واٽي قائم رکي.

گدواڻي آرين جي دنيا بابت ڪيل ڳولها وارن سوالن ۾ ڦوله وِڌي آهي. ان جا برابر تز ۽ صحيح جواب بہ ڪونہ آهن. شڪ دل ۾ رهجي وڃي ٿو.

’مارچ آف آرينس‘ ڪتاب وري وري پڙهڻ جوڳو آهي ۽ جيئن جيئن وري وري پڙهبو تہ هر پيري نئون ڪجھہ نہ ڪجھہ ملندو.

ڪتاب هرڪنهن کي ضرور پڙهڻ گهرجي.

**(آزاد ترجمو : نند ڇڳاڻي)**

## غزل

✍ **ڪنعيو شيواڻي** (ڀوپال)

وَڏي ئي نٿو اَڄ ڪو ماحول گهر جو
سُهڻ ئي نٿو اَڄ ڪو ماحول گهر جو.

جِتي گهر جا ڀاتي نہ پنهنجا لڳن ٿا،
هجي ئي نٿو اَڄ ڪو ماحول گهر جو.

ڪڏهن پِت هِتان ۽ هُتان پت ڪڄي ٿي
ٺهي ئي نٿو اَڄ ڪو ماحول گهر جو.

نہ اوطاق ڪائي، اڱڻ ڪو بچيو آ،
ليي ئي نٿو اَڄ ڪو ماحول گهر جو.

نندا ٻارڙا ٿا رهن چُپ-چُپان ۾،
کِلي ئي نٿو اَڄ ڪو ماحول گهر جو.

هِتان ڪان هُتي بس ڦِرن گهر جا ڀاتي،
ڦِري ئي نٿو اَڄ ڪو ماحول گهر جو.

ڇا ماحول آهي، جهان جي خبر ٿن،
پُڇي ئي نٿو اَڄ ڪو ماحول گهر جو.

نندن مان وڏا سڀ هتي ئي ٿياسين،
وڌي ئي نٿو اَڄ ڪو ماحول گهر جو.

لڳي ٿو اِئين جڻ سُتَلَ هِت سڀئي،
اُٿي ئي نٿو اَڄ ڪو ماحول گهر جو.

## نَمامِ سِندوُ

✍ **وجيا گوبند ٽيڪسنگهاڻي** (پُڻي - پونو)

هندستان جنهن جي ڪُڪِ مان ڄائو،
اُن سنڌوءَ کي نَمن ٿي ڪريان.

ٻاهرين مُلڪن سان سمنڊ رستي،
واپاري سنڌين کي نَمن ٿي ڪريان.

جنهن سنڌوءَ تي سِڄُ نہ لهندو هو،
لهرن جي ڳجڪار ڌرتيءَ ڪان سُرڳ تائين،
ٻُڌي ويندي هئي، اُن کي نمن ٿي ڪريان.

شهنشاهہ جيئن راڄائن جي رهبري ڪندو آهي،
تيئن ٻين ندين جي روُح روان
سنڌوءَ کي نمن ٿي ڪريان.

اَنيڪ پئدائشون، ڪاراٽيون پوکوُن،
هيرا، لال، ماڻڪ، موتي سيني ۾ سانديندڙ،
سنڌوءَ کي نمن ٿي ڪريان.

نينهن، نزاڪت، نرالپسان پريل،
سونهن، سنگيت، سنسڪرتيءَ سان سَجيل،
هر سنڌيءَ جي رَتُ ۾ رَميل، سانديل،
سنڌوءَ کي نمن ٿي ڪريان، نَمامِ سندو.

# اِندر پوڄواڻي ڪل-ڪلام

## سمپادڪ : ڊاڪٽر روشن گولاڻي

### ✍ گرنٿ بابت ويچار : ايم. وِي. پيماڻي (اونا)

شري اِندر پوڄواڻي جنم شتابديءَ جي سلسلي ۾ مرڪزي ساهتيہ اَڪاديمي دهلي ۽ سنڌي ساهتيہ اَڪاديمي گجرات راڄيہ جي گڏيل سهڪار سان ڪوٽا جي مايہ ناز شاعر سدا حيات شري اِندر پوڄواڻيءَ جي سموري شاعري (سندس ڇپيل سيني ڪتابن جي جملي جوڙ) کي هڪ ئي گرنٿ ۾ سمائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. جنهن کي سنڌيءَ جي اَديب شاعر ڊاڪٽر روشن گولاڻيءَ، عالم اَديب شري چيني لالواڻيءَ جي رهبريءَ ۾ پنهنجي سوجهہ-ٻوجهہ، گيان ۽ اَڀياس سان 'اِندر پوڄواڻي - ڪل ڪلام' جي نالي سمپادن ڪري، گجرات ساهتيہ اَڪاديميءَ جي مالي مدد سان شايع ڪيو. سنڌي ساهتيہ ۾ اَهڙو گرنٿ شايع ڪري هو پاڻ بہ اُڀريو آهي.

ڊاڪٽر روشن گولاڻيءَ پاران موڪليل اَهڙو لاثاني گرنٿ جڏهن هٿن ۾ پهتو، تڏهن اِنهيءَ گرنٿ جي فرنٽ پيج تي ڇپيل 'گرووَر اِندر پوڄواڻيءَ' جي ناياب تصوير ڏسي اَکين روئي ڏنو. اَندر ۾ اُٿل-پٿل جاڳي، ڇا هيءَ تصوير عالمي مايہ ناز سرتاج شاعر گرووَر 'اِندر پوڄواڻيءَ' جي ئي آهي؟ جنهن ساري عمر غربت ۾ گهاري. جنهن جي عمر ڀر جو لباس سادي قميص ۽ سادو پاجامو هو. ڪتاب تي فرنٽ پيج تي ڇپيل گرووَر اِندر پوڄواڻيءَ جو چهرو ديوتا جيان ٻهڪندڙ مهڪندڙ ۽ مشڪندڙ ڏسي دل بهار-بهار ٿي ويئي. آتما جو اَندر ئي اَندر اِشارو ٿيو تہ پيماڻي، جڳ جو ڏٺي پڻ اِنهيءَ جهڙو ئي تہ پاسڄندو هوندو؟ گرووَر پوڄواڻيءَ جي تصوير کي سوڀياوان بڻائڻ جو سگهڙ ۽ نيڪ ڪاريہ ڊاڪٽر روشن گولاڻيءَ پنهنجي سمپادڪيءَ ۾ ڪامپيوٽر دواران پنهنجي سوجهہ ٻوجهہ سان برثواب ڪري ڏيکاريو ۽ جس جو ڀاڳي بڻيو. تنهن لاءِ سندس ٿورا تہ مڃيان ئي ٿو ۽ گڏوگڏ سندس پُٺ پڻ ٿپٿپايان ٿو.

گرنٿ جي فرنٽ پيج جي تصوير ڏسي گرووَر اِندر پوڄواڻيءَ بابت سندس ئي شبدن ۾ چوندس،

> ''دنُيا ۾ تنهنجو حسن لاجواب آ متا،
>
> نہ ثاني آفتاب، ماهتاب آ متا.''

گرووَر اِندر پوڄواڻي جو مهرشي دڌيچيءَ جيان ڏٻرو سرير ۽ ظاهر ظعور سندس هڏائون ڀڃرو جنهن کي هن مهاڪويءَ سادگي، سچائي، پوترتا، سهن شيلتا، سوااِيمانپڻي، نمرتا، پريم ۽ ڪويپڻي جي اَعليٰ گڻن سان خوب سنواريو ۽ نکاريو. اَهڙو

مايه ناز شاعر پنهنجن اعليٰ خيالن سان نه رڳو آڪاس ۾ اُڏاميو آهي، بلڪ پاتال ۾ پهچي حقيقي سمنڊ ۾ ٽٻيون هڻي، خيالن جي ساگر جي هڪ هڪ تهه مان بي-بها خيالن سندا موتي ڪڍي عوام جي دلين کي سڪون بخشيو آهي. عوام جي دلين کي پنهنجين معاملي ڪوتائن سان سڪون بخشيندڙ شاعريءَ جو اَهڃو سرتاج اِندر پوچواڻي جنهنجي انتر مان نڪتل ڪوتا جي هر صنف نه صرف فنائتي خوبين سان ٽمٽار بڻي نڪتي آهي، بلڪ اُها سليسائي، چٽائي، جدت، طنز ۽ سوز جي ميل سان جُڙي اُڀري بيني آهي. شاعريءَ جي اَهڃي قلمڪار، جنهنجي قلم جي ڪلا، ڪوتا جي فنائتي فن سان وقت جي واريءَ تي شاعريءَ جا اَهڃا نشان ڇڏيا آهن، جي اَڄ جي دؤر ۾ پڻ زنده آهن. جنهن جو جيئرو جاڳندو مثال ۽ ثبوت 'اِندر پوچواڻي : ڪل ڪلام' آهي. جنهن کي اَهڃي ئي هڪ لائق شاعر شري روشن گولاڻي صاحب گجرات ساهتيه اَڪاديمي جي صدر شري وشڻو پنڊيا، سنڌي ساهتيه اَڪاديميءَ جي رجسٽرار شري ڊاڪٽر اَجيه سنهه چوهاڻ ۽ اَديب عالم ۽ سنڌي ساهتيه اَڪاديميءَ جي سب رجسٽرار شري جيني لالواڻيءَ جي رهبريءَ ۾ سمپادن ڪري شايع ڪري جڳت اِندر پوچواڻيءَ جي آتما کي سڪون بخشيو آهي.

شري اِندر پوچواڻيءَ جي اَهڃي مايه ناز شاعريءَ کي مهان اَديب دادا هيري شيوڪاڻي صاحبن اِنساني سماج جي بهبوديءَ واري اَحساس ۽ خاص ڪري غريب طبقي جي دکن-سکن، پيڙا ۽ سوزن جو حقيقي دستاويز سڏيو آهي.

اِندر پوچواڻيءَ جي اَهڃي عالمي شاعري ۽ بي داغ، پوتر جيون کي دادا شري جيني لالواڻيءَ بخوبي ڄاتو ۽ سُڃاتو. سائين اِندر پوچواڻيءَ جي شاعري شري جيني لالواڻي صاحب جي اَنتر آتما کي ڇُهي ويئي. شري اِندر پوچواڻي جڏهن حيات هئا ۽ اُن وقت جڏهن دادا لالواڻي سنڌي ساهتيه اَڪاديمي گجرات جي اَسسٽنٽ رجسٽرار جي عهدي تي هئا، تڏهن اِندر پوچواڻيءَ جي لياقت موجب، لالواڻي صاحبن سرڪار پاران جيترا ممڪن هئا اوترا لائق سنمان عطا ڪرايا. نه صرف ايترو پر سرڪار پاران مالي مدد جو پڻ بندوبست ڪرايائون. سائين اِندر پوچواڻيءَ جي وفات بعد، جڏهن دادا جينو لالواڻي صاحب هڪ دفعو وري سنڌي ساهتيه اَڪاديمي گجرات ۾ اَسسٽنٽ رجسٽرار جي عهدي تي آهن، تڏهن هنن گجرات ساهتيه اَڪاديميءَ جي صدر وشڻو پنڊيا ۽ سنڌي ساهتيه اَڪاديمي گجرات جي رجسٽرار ڊاڪٽر اَجيه سنهه چوهاڻ جي زير سايي ۽ پنهنجي رهبريءَ ۾ ساهتيه پريمي ۽ ڪوجنيڪ ڊاڪٽر روشن گولاڻيءَ کي تيار ڪيو. جنهن اِندر پوچواڻيءَ جي سموري شاعري (اَڳ سيني ڇپيل اِندر پوچواڻيءَ جي ڪتابن جي جوڙ) کي پنهنجي سمپادڪيپڻي 'اِندر پوچواڻي : ڪل ڪلام' گرنٿ روپ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

هونئن تہ شري اِندر پوجواڻيءَ جي شاعريءَ تي شري اُتم، شري هري دلگير، شري هريش واسواڻي، شري هيرو شيوڪاڻي، ڊاڪٽر جيتو لالواڻي، شري هولارام هنس، شري هوندراج بلواڻي، شري واسديو موهي، شري گوبند خوشحالاڻي، شري نامديو تاراچنداڻي، شري جڳديش شهدادپوري، شري ايم. وي. پيماڻي ۽ ٻين پنهنجا ويچار ظاهر ڪيا آهن. جيڪي رسالن ۾ ڇپيا پڻ آهن ۽ آڪاشواڻيءَ تان پڻ پرسارت ٿيا آهن، جيڪي مڙيئي پنهنجو مٽ پاڻ آهن. پر هِنَ گرنٿ ۾ سدا حيات اِندر پوجواڻيءَ جي شاعريءَ تي ڊاڪٽر روشن گولاڻيءَ جيڪي پنهنجا ويچار لکيا آهن، اُهي سائينءَ جي شاعريءَ کي هڪ بلنديءَ وارو مقام حاصل ڪرائين ٿا. نہ صرف ايترو بلڪ گولاڻي صاحب اِندر پوجواڻيءَ جي سموري شاعريءَ کي سنڌي ۽ ديوناگريءَ ۾ هڪ ئي گرنٿ ۾ شايع ڪرائي ڄڻڪ اِندر پوجواڻيءَ جي شاعريءَ کي گهاگهر ۾ ساگر روپي سمائي ڪيس اِتهاس ۾ هميشه لاءِ اَمر بڻائي ڇڏيو آهي. جنهن لاءِ هو صاحب ڌنيواد جو پاتر بڻيو آهي. ڪيس اَنيڪ مبارڪون ۽ شڀ ڪامنائون ڏيان ٿو. گڏوگڏ گجرات ساهتيہ اَڪاڊميءَ جي مڙني بانيڪارن جو پڻ ٿورائتو مڃيان ٿو، جنهن جي مالي مدد سان اَهڙو مُلهائتو گرنٿ شايع ٿيو آهي.

هِت هڪ ڳالهہ جو خاص ذڪر ڪرڻ ڪانسواءِ نہ رهي سگهندس تہ بيشڪ اِندر پوجواڻي جهڙي اَصلي ڪويءَ جي اُمنگن جي آبشار سان سندس مهاملهي شاعري ساهتيہ جڳت ۾ هڪ وزنداس گنگي روپ ۾ اُڀري آهي. پر اُها گجرات ساهتيہ اَڪاڊميءَ جي سمورن بانيڪارن، دادا جيٺي لالواڻي ۽ شري روشن گولاڻيءَ جي پرزور ڪوشش سان پهريون دفعو اَهڙي جادوئي ڪاغذ تي شايع ٿي آهي جو اَهڙو مهاگرنٿ جڏهن هٿن ۾ کڻجي ٿو تڏهن ڄڻڪ ريشم روپي هلڪا گل هٿن ۾ کنيا هجن، اَهڙي محسوسات ڪرائي ٿو. تنهن لاءِ هڪ دفعو وري جن بہ اَهڙو مهاگرنٿ ڇپائڻ ۾ پنهنجو يوگدان ڏنو آهي تنهن لاءِ شڀ ڪامنائون پيش ڪريان ٿو ۽ سندن شڪرگذاري پڻ مڃيان ٿو.

## پهاڪا

- مُئا آهن جيئرن جي وَسِ!
- من ۾ موتيءَ پڳو سچو نہ ٿيندو!
- اَندر اَچو نہ ڪري، ڌوئي ٿو ڌاڳا!
- ڪڏهن مُئا بہ مساڻن مان موٽيا آهن!
- چڱا سي چئجن جِن جا پويان چڱا!
- آنڌو ڪُتي ٻِليءَ کي بہ پيارو آهي!
- اَڏيندي ڏينهن لڳن، ڊاهيندي ويرَمَ نہ لڳي!
- ننگو نچي، لَڄ لِڪي!
- ڪوڏِي حرام، ٻُجڪو حلال!
- جهڙِي ڄِني تهڙِي ڄِنِي، هِنَ لاهي هُن کي ڏِني!

# سپنا پوکيندي ـ موهن گيهاڻي

✍ موهن همٿاڻي

ڪويتا لاءِ کھڙو سميہ هلي رهيو آهي، ڪويتا کي بهتر ڪويتا ئي ٻڌائي سگھي ٿي. ڪٿن سميہ آهي يا کھڙو بہ سميہ تہ ساڳيو ئي آهي. ڏکيو يا سکيو سميہ کي اِنسان ئي بڻايو آهي. ۽ اُن جي پئدا ڪيل حالتن سميہ کي پنهنجي رفتار ۽ معنيٰ بہ ڏني آهي. ڪجھ بہ آهي اِها ڳالھ وشواس سان چئي سگھجي ٿي، اَڄ جي ڀارتي ڪويتا، اُن ۾ بہ سنڌي ڪويتا دنيا / وِشوَ جي ڪويتا سان نہ فقط هٿ ۾ هٿ ملائي سميہ سان گڏ هلي رهي آهي بلڪ ڪيترن هنڌن تي وِشوَ ڪَويتا ڪان وِک وڌائي اَڳتي نڪري رهي آهي. اِها ڳالھ ايتري همٿ ۽ حوصلي جي جائز ڪارڻ تازو ئي وِشوَ ڀارتي ۾ گڏوگڏ سنڌي ڪويتا جي روبرو ٿيڻ جو موقعو ملندو رهيو آهي. هن وقت منهنجي سامهون دنيا جي بهترين ڪوتائن جو ترجمو ’ڪوتا ڪا وِشوَ رنگ‘ (پرڪاشڪ رويندرناٿ ٺاگور وِشوَ وديالیہ، ڀوپال) ۽ سنڌيءَ جا تازو ئي شايع ٿيل ڪوتائي مَجموعا / ڪليڪشن ’سپنا پوکيندي ... (مَوهن گيهاڻي، ۲۰۱۹ع) ۽ ۽ خاموشيَ کي لکندو آهيان (واسديو موهي، ۲۰۱۸ع). هِن تاثراتي تذڪري ۾، ڪوتا جي باري ۾ سوچيندي هن تاثرات لکندڙ کي جيتري بہ ڪويتا سمجھ ۾ اَچي سگھي آهي، اَسان اَڄ جي ڪويتا جا اَلڳ اَلڳ رنگ ڏسنداسين. ۽ ڪويتا کي ماڻينداسين.

ڪويتا تہ خير ڪويتا ئي آهي چو جو قلم سنڌيءَ ۾ لکي رهيو آهي تہ سنڌي ڪوتا جي ڳالھ اَول ڪرڻ ٿو چاهي. زندگيءَ جي جنهن اَک سان ڪويتا ڏسندي آهي، اُها ڪويءَ جي پنهنجي نجي اَک هوندي آهي، انڪري ئي اُن ۾ منظر جي علحدگي ۽ سُپنن سان ويجهائپ گڏ ڏسڻ ۾ ايندا آهن ۽ اِهي ٻئي گڏجي اِظهار کي خوبصورت تہ بڻائي ئي ڇڏيندا پر خاص بہ، نقاد ٽرئنڊ پوئيٽ / ڪوي موهن گيهاڻيءَ جي تازه ترين مجموعي سُپنا پوکيندي جون ڪوتائون پنهنجي اِظهار جي تازگيءَ ۽ پختگيءَ سان اِها ڳالھ ڪجھ ان انداز سان ٿيون ڪن :

”هوا جو جھوٽو / تارين مان پن ڇڻ / خاموشي، بي ترتيب / بي معنيٰ / مان اُنهن کي معنيٰ ڏيان ٿو / تڙيل پکڙيل خواب / ڏسان ٿو / رنگ روپ ڏيان ٿو / ۽ اُميد جي شاخ تي ٽنگي ٿو / ڇڏيان / ايندڙ گھڙيءَ جي اُميد سان.“ (ڪوتا ۲۸)

”تون چئين : چنڊ تہ ساڳيو ئي آهي / پر مون جو ڏٺو / اُهو چنڊ تہ / خوابن سان سينگاريل هو.“ (ڪوتا ۵۴)

”مونکي بُک لڳندي آهي / روز ڪيترائي ڀيرا / هر هر سوادي طعام کائيندو آهيان / سڀ کي بُک لڳندي هوندي؟ / هو کهڙا طعام کائيندو هوندو؟ ... / تون سڀ کي بُک خوش ڪرڻ لاءِ سڀ جي اُستتي ڪرين / هوَنُ ڪرين / ۽ قرض لاهين / اِها اُستتي ئي ڪاڄ آهي سڀ جو شايد! / هر طاقتور جي سُپاءَ جيان!“ (ڪوتا ۳۹)

”ڀڪ آهي / ڪِئلي / هڪ ڏينهن / آهستي آهستي جبل کڻي ويندي / ترت جبل تہ هنومان ئي کڻي سگھندو / پر هنومان ملندو رامائڻ جي پنن ۾ / ڪِئلي تہ هر وقت حاضر آهي ...“ (ڪوتا ۱۰۳)

سڀ جنهن درشيہ کي ڏسندا آهن، ڪوي اُن ئي درشيہ کي سپني وانگر ڪونہ

ڏسندو آهي. هوُ چاتل سُڄاتل جڳهين / هنڌن جي اَڻ چاتل - سُڄاتل ڪُنڊن کي بہ ڏسي سگهندو آهي ۽ ڏسڻ ايندڙ درشيہ / منظر جي اَڻ ڏٺل مرم کي بہ پڇاڻي وٺندو آهي. ڪوي ڇا ڇا ڪري سگهي ٿو، اهو ڪويءَ جي پنهنجي سوچ، سوچ جي سگهہ ... اُڏام ۽ پرورتيءَ تي گهڻو مدار رکي ٿو. موهن گيهاڻيءَ جي ڪوتائي سگهہ سنڌي ڪوتا کي سنڌي ڪوتا سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪرايو آهي. پنهنجي هر ڪوتائي مجموعي سان، جيترو ڪوتا جي سُڀاءَ کي سمجهي سگهيو آهيان، ڪويتا هر ڪنهن ڪوي سڏائڻ يا ڪوتا ڪرڻ واري وٽ ڪونہ هوندي آهي. ڪويتا هُن ڪويءَ وٽ ئي يا هُن سان ئي گڏ رهڻ پسند ڪندي آهي، جيڪو ڪويتا جي پرڪرتيءَ / سُڀاءَ کي چڱيءَ طرح سمجهي ٿو، خاص ڪري اَجوڪي وقت ۾ يا هر دؤر جي مؤجوده وقت ۾ ٿيندڙ ڪويتا جو سُڀاءُ جڏهن زندگيءَ جا ماڻ ماپا بدليل هوندا آهن ۽ حالتن / مسئلن تي ويچار ڪرڻ جا نظريا بہ بلڪل بدلجي ويا هوندا آهن. پنهنجي پهرئين ڪوتائن جي مجموعي پوپٽ پڪڙيندي (١٩٩٣) کان وٺي، منهنجو نگر ڪهڙو (٢٠٠١)، رڻ پٽ ۾ (٢٠١٢)، لوڻ منو ٿي پيو (٢٠١٦) ويندي سپنا پوکنيدي (٢٠١٩) تائين موهن گيهاڻيءَ جي ڪوتا جو سفر مسلسل قدم در قدم اَڳتي وڌيو آهي، ۽ هُن جو ڪويتا سان رشتو تمام ويجهڙائپ وارو ٿي پيو آهي. فطرتي نثر نويس، ٿِنڪر / ويچارڪ (intellectual) هئڻ جو فائدو ڪويتا کي موهن گيهاڻيءَ وٽان تمام گهڻو پهتو آهي. جو هُن جي ڪويتا جو فڪري پهلو تمام سگهارو ۽ ديرينو ٿي بيٺو آهي. موضوع جي لحاظ کان پڻ هڪ وئراٽتي ملي ٿي. حالانڪ فطرتي سوچ ۽ نِجپڻ واري ڪويتا جو اَثر گهڻو آهي، پر وري بہ سماجڪ سروڪار ۽ پرڪرتي پريم بہ جتي آيو آهي، سهج سڀاويڪ ڍنگ سان خوبصورت اِظهار سان آيو آهي، ۽ ڪٿي وري پرڪرتيءَ جو ميٽافر روپڪ طور اِستعمال ذريعي ڪوتا / ڀاشا جي اپوينجناتمڪ شڪتيءَ تازگيءَ ڀريو اِظهار پاتو آهي.

”رات وڏي واڪي اعلان ڪيو / هاڻي هِن ڪانپوءِ / سڄ نہ اُڀرندو / سدائين اوندهہ رهندي مُنهنجو راڄ / سدائين لاءِ قائم ٿي چڪو آهي ... / ”سڄ جي اُستتي چڏي ڪن رات جي اُستتي شروع ڪئي / ڪِن وري رات جي ساراہ ۾ / گيت رچڻ شروع ڪيا / ڪي ڪنڌ جهڪائي ٻينا رهيا / خاموشي اختيار ڪيائون / اَچانڪ / زمين جي سخت تهن کي چيري / هِڪ خُددار - باغي سرڪش گل ٽڙڻ جي همت ڪئي، هير / هوا جي پلئہ جي ڳنڍ ڇوڙي / ڀاڄوڪڙ ٻار جيان نِڪرِي وري ڊوڙڻ شروع ڪيو ...“ (ڪوتا ٣)

هتي، مؤجوده سياسي / سماجي سرشتي تي ڀاشا جو رچناتمڪ / تخليقي اِستعمال ڪري ڪيئن طنز ڪريئيت ڪئي ويندي آهي، موهن گيهاڻيءَ جي ڪويتا اَڄ جي اُڀرندڙ ڪويءَ کي سيکاري رهي آهي. ڀاشا جو اَهڙو تخليقي اِستعمال سنڌي ڪويتا کي وِشوَ ڪويتا سان وشواس سان وِهڻ جي همت ڏيئي سگهيو آهي. اَهڙو پوري ڪانفيڊنس سان چئي سگهجي ٿو. هيءَ پوري ڪوتا پڙهڻ / ماڻڻ جهڙي آهي. ڀاشا جو دلڪش اِستعمال مجموعي جي ڪويتائن ۾ گهڻوتڻو ملي ٿو. ماڻيندا هلون :

”هڪ ڳجهو ٿهڪ ا مون دل جي تحخاني اَندر ا لِڪائي رکيو آهي ...“

”ڪنهن جا چپ مُرڪن ۽ اُڏندڙ ڪتولو بڻجن ۽ چپن مان ٿهڪن جا آبشار ڦٽن ۽ خوشيءَ جون جهمريون پائن ...“

”روزمره ڪنهن نه ڪنهن جُند ۾ ڪٽڪ جي داڻي جيان پيسجڻ جو احساس.“

”بيابان روڻيءَ جيان ڪوريءَ ۾ پڇن ۽ سُڄ واڪا ڪري چوندن جي پرچاري واعدن جيان.“

سنڌي ٻوليءَ ۾ ساهت جا عالم-فاضل جنهن به صِنف ۾ قلم آزمائي ڪندا آهن، ٻولي جي خوشبوءِ هڳاءَ ماڻڻ وٽان هوندو آهي. گيهاڻي صاحب جي ٺُيٺ سنڌي لفظن جي اِستعمال سان ڪوتا کي هڪ ٻوليائي رنگ مليو آهي ۽ نئين پيڙهيءَ جي ليکڪن ۽ ڪوين کي لفظن جي ڄاڻ ۽ اُنهن جي اِستعمال ۽ پريوگ سان واقفيت به ٿئي ٿي. حالانڪ اردو لفظ به واهپي ۾ گهٽوگهٽ اچي ويا آهن :

ڪوري، ويس وڳا، رنڊڻي، هڻ - پچاڻ، اِنڌلٺ، سها، وٽري ڳڻ ڳوت، ٻوڙ ٻوڙان، جهڙالو، لانگهائو جهڙا ٺيٺ سنڌي لفظ ڪوتا ۾ سنڌيت ڀري ٿا ڇڏين جڏهن ڪِ فرد، مضمون طِلسم، غلطان، آبشار، مخمور، يعني اِهي ڪوتائون پڙهندڙ پاٺڪ جي اردو ووڪيبلري (Vocabulary) لفظي ڄاڻ ۾ اِضافو پڪ ڏيندو - ٺيٺ هندي لفظ ’اُستتي‘ جو اِستعمال به ٺهڪي آيو آهي. ٻولي گيان جي هڪ سُٺي ڪلاس به ملي وڃي ٿي. اِنهن ڪوتائن کي ماڻيندي.

ڪويءَ جو ويچارڪ ويڪتيتوَ ڪٿي ڪٿي سُٺن ويچارن کي ڪويتا جو ويس پوريءَ طرح سان نه پهرائي سگهيو آهي، اِئين محسوس ٿئي ٿو، شايد خيال اَچان پوريءَ طرح سان پچڻ چاهي ٿو ۽ ڳُهري ٿو. رچنا پرڪريا ۾ ڪويتا سان ڪڏهن ڪڏهن اِئين ٿيندو آهي. هر سنو ويچار ڪويتا لڳڻ لڳندو آهي. ۽ ڪٿي خيال جو رپيٽيشن (دُهراءُ) به ٿيندو آهي. ڪويءَ کي اِهو معلوم هوندو آهي. صرف هڪ ٻه مثال ڪافي آهن :

”رات بادل گجيا پر وسيا ڪونه ...“ (ڪوتا ۴۴) ڪٿ بت پرست.

”اَڄ بت شڪن بڻيا اِتهاس جي نئولي“ (ڪوتا ۴۵)

”دُبئيءَ ۾ عربي ٻوليءَ ۾ اِمتحان ۽ ٻار جو مسجد ٻاهران هٿ جوڙي پرارٿنا ڪرڻ ...“ (ڪوتا ۱۱۸)

”وڏن جي عزت ڪر ۽ غريب بيمارن جي شيوا ڪر ۽ آئي وئي جي مدد ڪر آدر ڪر ... هاڻي سڀ آثار قديمي جي ميوزم ۾ ڏسڻ ايندا.“ (ڪوتا ۸۲)

”منهنجون ڪوتائون ميوزم جي اڳڻ ۾ سجائي رکيل ۽ کي آثار قديمي“ (ڪوتا ۸، لوڻ منو ٿي پيو.)

فطرتي ڪوي اَڪيلو آهي، ڪويءَ کي اَڪيلائپ جو تحفو قدرت پنهنجي طرفان ڏنو آهي ۽ ڪوتا پيڙ ۾ اَڪيلي ماڻهوءَ جو مونولاگ آهي. ايڪلاپ.

اِئين ڪنتين جي لحاظ کان اِنهن ڪوتائن ۾ ڪويءَ جي لنبي جيون ياترا جو اَنيو ڪوتا جي ويچار تتو ۾ موجود آهي. سماج لاءِ فڪرمندي به آهي.

ساروڻيون ڪجهه خوشيون ڏيندڙ، ڪجهه اَندر ۾ رهجي ويل خلش کي ظاهر ڪندڙ، ڪويءَ جي پنهنجي نِج جي آس پاس ويهي مسڪرائي رهيون آهن ۽ ڪويءَ کي سمجهائي رهيون آهن. ”تون پنهنجا پوکيل سُپنا ئي نه جِي رهيو آهين ...

سپنن کي جيئندي جيئندي هاڻي، ڪجهه سُنو ڪجهه / ڪجهه سُهڻو ڪجهه / ڪجهه پيار ڪجي / پڪي بڻجي لاتيون لنوجي / گل بڻي مُسڪرائجي / جهرڻي جو گيت ٿجي ... هاڻي شاهه، اَياز ۽ شيام کي وري ياد ڪرڻ گهرجي.

ꙮꙮꙮ

## ڪونڪڻي ڪوتا جو سنڌي ترجمو

## ٻالهه ٻولهه ✍ يڳوان اٿلاڻي

سمورو وڻ ڪڏهن ڪڏهن
لهي ايندو آهي منهنجي ڪوتا ۾
ڏکهي-ويڪري آسمان کي ڇُهندي
گونگو وڻ ٻالهائڻ لڳندو آهي مون سان
۽ ڇُهي وٺندو آهي منهنجي هردي کي
ڦٽندو آهي سلو وڻ مان مکڙيءَ وانگر
مخملي نازڪ ننڍڙن پنن جو
سلي جا پيلا چپ
کُلڻ لڳندا آهن ٻالهائڻ لاءِ خاموشيءَ سان
۽ سلو پنهنجي سائي ٻاڙهائڻ سان گڏ
داخل ٿيندو آهي منهنجي جسم ۾.
وڻن جون پاڙون-
چار وانگر ڦهلجي ويندي‌يون آهن منهنجي اڱڻ ۾
۽ ٽڻولڻ لڳنديون آهن مونکي اندران ٻاهران
بيهي منهنجي جسم ۾ وڌندو رهندو آهي وڻ
چيتنا جو وسڪارو بڻجي
اَڳتي هلي مان ئي بڻجندو آهيان وڻ
ڦهلڻ لڳنديون آهن منهنجون پاڙون
گهرِي زمين ۾ ۽ مستڪ مٿي آسمان ۾
ٻالهيون ڪرڻ لڳندو آهيان مان سڀ سان
آدي-اَنادي ناتن جي منٿ ڪندي
ٿڌڙا ڪيندو آهي سڀ مونکي پنهنجي ڪڇ ۾ کڻي
مان سمجهي ويندو آهيان هن جي ٻولي
۽ ٻالهيون ڪرڻ لڳندو آهيان هن سان
پنهنجائپ سان.

ꙮꙮꙮ

مول ڪونڪڻي ڪوتا : ٻالهه ٻولهه (هانوَ اُلئتام)
مول ڪونڪڻي ڪوي : تڪارام راما شيٽ

## سنڌ جي ڏياري

## ✍ موتيرام هيراننداڻي ’موتي‘

جَڏي سنڌ گُذري، وَئي عُمر سارِي،
وِسري ڪانه ٿي، اُتان جي ڏيارِي.

١. رهندو هو سال سارو، هِنَ ڏينهن جو اِنتظار،
رکيم سُبائي شونق سان ٿي ڪپڙا نوان تيارُ.
عرصي کان کيم ٿي، هِن ڏِڻ جي تياري،
وِسري ڪانه ٿي ...

٢. چمڪيون ٿي پٽيون گهر جون، چوڻي جي چمڪ سان،
ٻهڪيون دريون دروازا، رنگن جي مهڪ سان،
ليپي لڳل پٽ جي ٿي لڳي مِٽي موچاري،
وِسري ڪانه ٿي ...

٣. مِنيوُن ٿي لڳيون گهرَ ۾ نهيل ساديوُن مِنايون،
ٿي مِنا لڳا مِٽيرا، نهيل ٻُڙ جون لايون،
هر چيز وِڌل وات ۾ لڳي ٿي پياري،
وِسري ڪانه ٿي ...

٤. ٿي چَرخيوُن ٻاريم چاهه سان، ٻاريم ڪڏهن اَنارَ،
ٿي اُجلو ڪيم اڱڻ کي، ٻاري ڏيئا هزار،
ڦرڻيءَ جيان ڦِريُس ٿي، کڻي ڦٽاڪن جي کاري،
وِسري ڪانه ٿي ...

٥. کُلفت نه ڪڏهن ڪنهن سانَ، نه من ۾ عادت،
اُلفت هئي اَندر ۾ سيني ۾ صداقت،
اُن ميلَ جي ماحول جي ڏياري هئي نياري،
وِسري ڪانه ٿي ...

٦. ٿوري ۾ هرڪو خوش هو، نه هوندا ها حوالا،
نه ڪوڙ جي ڪمائي، نه ڏيندا ها ڏيوالا،
لڇميءَ جو روپ هئي، هر گهر ۾ نارِي،
وِسري ڪانه ٿي ...

٧. چوڻي آ ”ٻُڍي ۽ ٻار ۾، نه ڪوئي فرق آ“
هِنَ ڏِڻ تي، هر عمر جي، اِنسان جو حق آ،
پوءِ ٻاريان ڇو نه ڦٽاڪو، پل ٿئي پئي خواري؟
وِسري ڪانه ٿي ...

ꙮꙮꙮ

# ڪيئن وِساريان .....!

✍ **صاحب ٻجاڻي** (سنڌالاجي، آديپور)

● **موتيرام سترامداس رامواڻي** (24.2.1910 - 2.8.1997) : **(لکيل ۽ ڇپايل ڪتاب)**

(١) رتن جوت-١ (١٩٥٨)، جيوني. (٢) رتن جوت-٢ (١٩٥٩)، جيوني. (٣) شاهاڻو شاهه (١٩٨٣)، لطيفيات. (٤) سنڌ ۽ اَسانجو ورثو-١ (١٩٨٧)، اِتهاس. (٥) لطيفي رهاڻ (١٩٨٨)، لطيفيات. (٦) سري اَمر اُڏيرو لال (هوتچند ٽيکواڻي 'هوت') (١٩٨٩)، ڪوتا. (٧) سنڌ جي هندن جي تاريخ (صرف مهاڳ) (١٩٩٠) (ڀيرومل آڏواڻي)، اِتهاس. (٨) ٻلديو گاجرا ۽ سندس چونڊ رچنائون (١٩٩٠)، جيوني ۽ ليک. (٩) وحدت سندا واڪ (اوڏوداس وشنداس 'اوڏو' (١٩٩٠)، ڪوتا. (١٠) نانڪ يوسف (ڄينمل پرسرام) (١٩٩١)، جيوني. (١١) ساهتي رهاڻ (ڄينمل پرسرام) (١٩٩١)، اَدبي ليک. (١٢) ڄينمل پرسرام ۽ سندس چونڊ لکيتون (ڄينمل ۽ موتيرام) (١٩٩١)، جيوني ۽ ليک. (١٣) تارا نکٽ ڪٽيون (١٩٩٢)، ليک. (١٤) سمنڊ سوجهيل سپون (١٩٩٣). (١٥) سنڌ ۽ اَسانجو ورثو-٢ (١٩٩٤)، اِتهاس.

● **ٻلديو تاراچند گاجرا** (9.9.1909 - 31.5.1991) : **(لکيل ۽ ڇپايل ڪتاب)**

(١) گمنام صدا (١٩٥٤)، ڪوتا. (٢) قول ۽ ترانا ۽ متفرقا گيت (١٩٥٩)، ڪوتا. (٣) گانڌي اَڀيننندن گرنٿ (١٩٧٠)، جيوني. (٤) رام پنجواڻي شخص ۽ ڪلاڪار (١٩٧٦ / ١٩٨٨)، جيوني. (٥) زندگيءَ جا ورق (١٩٨٢)، جيوني. (٦) دردي گيت (١٩٨٣)، ڪوتا. (٧) شاعر ته بيوس (١٩٨٣)، آلوچنا. (٨) گوناگون مضمون (١٩٨٤)، ليک. (٩) اَدبي تنقيد (١٩٨٤)، آلوچنا. (١٠) ٽيئونمل (١٩٨٤). (١١) آزاديءَ جي يڌ ۾ سنڌ جو يوگدان (١٩٨٥)، اِتهاس. (١٢) روحاني رهاڻ (١٩٨٥)، مضمون. (١٣) جنگي ترانا ۽ متفرقا گيت (١٩٨٦)، ڪوتا. (١٤) ٽيئونمل-١ (١٩٨٧). (١٥) ايش اُپديش (١٩٨٨). (١٦) اَدبي مضمون (١٩٨٩)، مضمون. (١٧) جواهر گاٿا (اَڀيننندن گرنٿ) (١٩٨٩). (١٨) چرتر ڪوش (١٩٩٠)، اِتهاس. (١٩) قومي ترانا (ڪوتا). (٢٠) شخصيت ۽ ڪلاڪار رام پنجواڻي (ديوناگري) (١٩٩٠)، جيوني. (٢١) Sindh's Role in the Freedom Struggle (١٩٨٦)، اِتهاس.

● **دوارڪا پرساد روچيرام شرما** (1898 - 19.5.1966) : **(لکيل ڪتاب)**

(١) هندو ڌرم جي خوبي (١٩٢٦). (٢) سنڌ جا سوروير هندو (١٩٢٦)، ناول. (٣) هندو قوم جي ڪماليت - ١ ۽ ٢ (١٩٣٦)، اِتهاس. (٤) گيتا رهسيه - ٤ ڇاپا (١٩٣٨-١٩٥٣) (لوڪمانيه تلڪ). (٥) سنڌ جو پراچين اِتهاس - ٣ ڀاڱا (١٩٤٣). (٦) گانڌي سوُتر (١٩٤٤). (٧) گانڌي جيون رهسيه (١٩٤٥)، آتم ڪٿا. (٨) سنڌ جو اَگني کانڊ (١٩٤٦)، اِتهاسڪ ڪهاڻيون. (٩) سنڌي تلوار (١٩٤٦-١٩٤٧)، ناول. (١٠) سهاڳ جي پهرين رات (١٩٥٠). (١١) شرنارٿي (١٩٥٣)، ڪهاڻيون. (١٢) سنڌو سڀيتا (١٩٥٨)، اِتهاس. (١٣) آدرش جيون عرف شنڪر پرساد (١٩٦٠)، جيوني. (١٤) شري ڀڳوت گيتا (١٩٦٢). (١٥) والميڪي رامائڻ (١٦) سنڌ جا سورما (١٧) وير ساورڪر (١٨) گيتا جي ڪُنجي (١٩) ويچار چندروديه (٢٠) چندرڪانت (ناول) (٢١) اِنقلاب زنده آباد (٢٢) هندستان آزاد (٢٣) نوڪر شاهي برباد (٢٤) راجپوت تلوار (٢٥) پراچين سنڌ جا کنڊهر.

**(ڄئپور نواسي دوارڪاپرساد شرما جا ڪجهه ڪتاب 'راجستان سنڌي اَڪاديمي ڄئپور' وارن کي وري ڇپائڻ گهرجن - سمپادڪ)**

ꙮꙮꙮ

# ماڙھو ڇا چوندا !

✍ ٻلديو تاراچند گاجرا

ننڍي هوندي جي ڳالھ آهي هڪ ٻه ٽي دوست گڏجي شڪارپور جي مشهور سنڌ واھ تي سنان ڪرڻ تي وياسين. تن ڏينهن ۾ اَڄ وانگيان ٻارن کي جام خرچي ڪانہ ملندي هئي. اَڄ ڏسون وينا تہ وچولي گهرن ۾ ٻہ ٻار بيٺي بيٺي ٻہ ٽي، ڪي چار آنا - رپيہ خرچيو وڃن. ڪُلفي وارو آيو، ڀُنڊي وارو آيو، دال چٽڻ وارو آيو، ٻار ماءُ اَڳيان هٺ جهلي ئي بيٺو هوندو، مائٽ 'نہ' تہ ڪري، ڏسو تہ ڪيئن ٿو ٻار ڪيٽو ڪري! پر پرچائڻ مصيبت، عادت چڱي هجي يا بڇڙي، سا بي ڳالھ پر گهڻا مائٽ تہ رڳو ڏانڊل جي ڏر کان مات ميٺ ۾ ٻار کي ڏيئي ڇڏيندا! گهڻي ڪنهن کان ٿي پڇي! تن ڏينهن ۾ مائٽن جو ضابطو جيان تيان وڏيڪ هو. خير!

سو ڳالھ ٿي ڪيم سنڌ جي. گهران نڪري لکي در تائين پنڌ ڪري آياسون. پوءِ اَڳتي هلڻ جو سوال اُٿيو. پنڌ هلون يا گاڏيءَ تي! مان تہ پنڌ ڪرڻ تي هِريل هوس. موڪل ڏينهن تي گهڻو تڻو روز ڏاڏي سان سنڌ واھ تي ويندو ئي هوس. اِسڪول هلندي آرتوار تي ڏاڏي جو سنڌ واھ تي وڃي هلڻ جو قاعدو مقرر هو. هڪ طرف پنڌ، ٻيو گاڏيءَ تي. يعني صبوح جو سوير ٽاڏل ۾ پنڌ ۽ موٽندي سڄ چڙهي گاڏيءَ تي چڙهنداسون پر گاڏيءَ واري کي ڏيندو رڳو ٽڪو. ٽڪي ۾ ڏاڏو بہ پوٽو بہ. پوٽو ويهندو ڏاڏي جي هنج ۾. تنهنجو پاڙو ڇو لڳي! باقي سندس ٽڪو. جي ڪنهن ويل، پاڙو ٽڪي سواريءَ کان مٿي هوندو، جو بعضي ريل گاڏيءَ جي ٽيم تي ٽيندو ئي هو چاڪاڻ تہ ٻگيون گهٽيون اِسٽيشن ڏانهن سواري ڪٽڻ هلي ويندڀون هيون، تہ پوءِ اَڌ مُنو ڪلاڪ وٽن جي ڇايا هيٺ پاٽيءَ جي مٿن واري ٽلهي تي ويهي رهنداسون، جيسين گاڏيون اَچن ۽ پاڙو گهٽجي. تنهن زماني اَڄ جي هڻ هڻ واري حياتي تہ ڪانہ هئي، جو ڇئجي تہ اَڄ منٽ دير ٿي تہ ڪنهن ميڙ ۾ ڪونہ پهچبو يا ڪنهن دوست سان ڪوڙو ٿبو. تنهن وچ ۾ سيسا بہ ڪائبي ۽ ٿڌو پاڻي بہ پيئبو. مان ڪٽوريءَ ۾، ڏاڏو لوٽيءَ ۾. تنهن سواءِ پيسي جي بوندي وٺي ڏيندو ڪائڻ لاءِ. ٽن پيسن ۾ سنڌ واھ جو سير پورو.

نہ تہ ڪو ڏاڏو ڪنجوس هو، پر سندس هلت چلت پوربي نموني جي هئي. پگهر جي پورهئي سان پيسو ڪمايو هئائين، سو خرچ بہ تمام خيال سان ڪندو هو. ٢٥ روپين مهيني سان ماستريءَ ۾ گهڙيو هو ۽ ٧٠ تي نوڪريءَ تان لٿو. برابر تن ڏينهن ۾ روپئي جو ملھ گهڻو هو تہ بہ ايتري ٿوري ڪمائيءَ ۾ ايڏا ڪارج پورا ڪرڻ سندس ڪم هو. وڏو ڪٽنب پالڻ، ست شاديون ڪرائڻ ۽ هڪ جاءِ پوين کي ڏيئي وڃڻ، جنهن جو مُلھ ڪنهن وقت لک روپيا ٿي مليو، سا ڪا ننڍڙي ڳالھ ڪانہ هئي. تنهن لاءِ صرفو تہ گهربو ئي نہ!

پر مان اَلائجي کھڙي بحرستان ۾ وجي پيس. دوستن سان سير واري ڳالهہ اِئين ئي رهجي ويئي. مائٽن سان گھمڻ گھتڻ ۾ ذرا بندش آهن. پوري آزادي ڪانهي. اهو ڏينهن ميلي جو هو. سو چيوسون تہ اَڄ رڳو سنگتي گڏجي گھمي اَچون. پاڻ ۾ دوست اَڪيلا هونداسون، موڄ ڪنداسون، اَنب ڪائينداسون، پڪي پل تان هلنداسون، ڪٻتي راند بہ ڏسنداسون. ماءُ کي منٿ ميڙ ڪري اَٺ آنا هٿ ڪيا هيم. پانيم تہ ٻين بہ ضرور آندو هوندو. سو لکي در تي پھچڻ سان وڏي ڪانفرنس هلي تہ هاڻ اَڳتي پنڌ هلون يا گاڏيءَ تي. ميلي جو ڏينهن هو، ڀاڙو هو ٻہ ٻہ آنا سواريءَ جو. هڪ چيو تہ ٻيلي پنڌ هليا هلون، ايترا پيسا ڪير ٿو خرچي مون سندس پنيرائي ڪئي. پر ٽئين دوست چيو، ”واهہ! پنڌ ٿا هلون! ماڻهو ڇا چوندا! فلاڻي جو پٽ هيئن ميلي تي پنڌ ٿي ويو!“

دوست جي ڳالهہ رکيسون. گاڏيءَ تي چڙهياسون. جڏهن منزل تي رسياسون، تڏهن سوال اُٿيو تہ پيسا ڪير ڏئي! دوستن ۾ هرويرو جنگي سولجرن وارو حصن پتين جو دستور ڪونہ هو. ڪنهن شيءِ تي ڪنهن پيسو خرچيو. ڪنهن موقعي تي ڪنهن ڏوڪڙ ڏنو. هو دوست جنهن گاڏيءَ تي چڙهڻ لاءِ ضد ڪيو هو، سو ڏهين جو نوٽ کڻي بيٺو. ڏهن روپين جي ڀڳ نہ گاڏيءَ واري وٽ، نہ سوير صبوح جو ڪنهن پڙيءَ واري وٽ سو اَسان ٻن مان هڪڙي ڀاڙو ڏنو. تنهن ڏينهن ڪان وني اهي اَکر دل تي کُھڙجي ويا آهن، ”ماڻهو ڇا چوندا!“ پيٽ ۾ بک هوندي، تہ بہ ڪنڌ ۾ آڪڙ رکي چونداسون، ”ماڻهو ڇا چوندا!“

اَڄ ڪالهہ سنيما ڏسڻ جو شوق ڪونهيم. شوق تہ ڪڏهن ڪونہ هو، پر ڪنهن زماني ۾ چڱو ئي کيل تي ويندو هوس. ڪاليج ۾ ٻہ سؤٽ ٻيا ۽ آءُ، ٽيئي گڏجي فلم ڏسڻ ويندا هئاسون. هرڪنهن آرتوار تي. پر سدائين چئين آني واري ڪلاس ۾. هڪ لڳا، ڪنهن فلمي کيل ۾ وينا هئاسون تہ مٿان اِنٽرويل ٿي. ٻنهي ٻريون تہ مونکي بہ کو کُٽيءَ کنيو، سو پنيان ڪٽي نِهاريم. پنيان تہ وڏا ڪلاس هئا : ٨ آنا، ١٤ آنا ۽ روپيہ ٻہ آنا. ڪيترائي هم ڪلاسي ۽ ڪاليجي شاگرد بہ وينا هئا. وڏي سؤٽ جھڙپ ڏيئي مون کي چيو، ”بيوقوف! پوئتي ڪيئن ٿو نهارين. وينو آهين چئين آني واري ڪلاس ۾ ۽ پنيان پيو گھوري ڏسين. توکي اَلائي سمجھہ ڏٽيءَ ڏني آهي يا نہ! ڪجھہ پتو پوئي ٿو تہ ”ماڻهو ڇا چوندا!“

هينئر ويجھڙائيءَ ۾، هڪ مائٽ جي ڌيءَ هتي بمبئيءَ ۾ گھمڻ آئي. چيم، هڪڙي ڏينهن کيس پڪچر ڏيکاري اَچان. اَڪيلو ويندو آهيان، جو ٽئي ٻنهہ ورلي، تہ ٩ آني واري ٽڪيٽ وٺان. گھر مان ڪي زالون يا ٻار هلن، تہ پورا ١٤ آني واري يا ١-٥-٠ واري. سو تنهن ڏينهن بہ اِئين ١-٥-٠ واري ٽڪيٽ ٽئي ورتم تہ ڏٺم مهمان ڪجھہ نڪ موڙيو. کيس اِئين لڳو تہ سندس پورو قدر ڪونہ ڪيم. ڪپندو اِئين هوم تہ ٢-٤-٠ واريون باڪس جون ٽڪيٽون وٺان ها، نہ تہ بہ ١-١٤-٠ واري بالڪني تہ ضرور. ان جي پنيان ڀاوُ اهو ئي تہ ”ماڻهو ڇا چوندا!“

تنهن ڏينهن هڪ ساٿيءَ ڪم ڪندڙ ڳالهہ ٻڌائي، چيائين، ”وچولي درجي واري پاڙي ۾ وينا آهيون پر آهي مصيبت. ڪو هڪڙو ٿو قدم اَڳتي ڪٽي، تہ ٻين لاءِ ڪريز

ٿيو پوي. هڪ پاڙيواري گهر نوڪرياڻي بيهاري، ته سيني جون جويون مڙسن کي چوڻ لڳيون ته اَسانکي به نوڪرياڻي بيهاري ڏيو. چو ته، نه ته ”ماڻهو ڇا چوندا!“

ڪيترا ڪم اَسين ڪندا آهيون، نه اِن خيال کان ته صحيح ڇا آهي غلط ڇا آهي، رُڳو ان خيال کان ته ”ماڻهو ڇا چوندا!“ پل، پوءِ اَهڙن ڪمن ۾ بد فضولي هجي، صحت کي جوکو هجي، پاکنڊ هجي يا ڪوڙو شان هجي. مثلا ڪو دوست آيو ته چانهه يا ٿڌو ضرور ايندو، پوءِ پل ٻنهي مان صحت کي جوکو ڪجهه وڌيڪ گهِرو هوندو يا وڏو ماڻهو هوندو ته ريسٽارنٽ يا هوٽل تي هليا ويندا سون. زمانو اَهڙو بدلجي ويو. جو خود راڄنيتيءَ ۾ به، اهي ناٽ، ڏيکه ويکه ٿي پيا آهن. نه چاهيندي به، ڪَرڻا ٿا پون. راڄنيتي مدبرن سان ڳالهيون ڪندي، مجلسون ۽ پارٽيون ڪرڻيون ٿيون پون. اَنترراشٽريه فيصلا به، ڪانفرنس جي ٽيبل تي وِهڻ کان اَڳ، کاڌي جي ٽيبل تي پيا ٿين.

ان جي اُبتڙ صحيح ڪم، جي پانيون ته ڪريون، سو وري ان ڪري نٿا ڪريون، جو رڳو ڊپ پيو ٿئي ته ”ماڻهو ڇا چوندا!“ گهر جو ڪم هاڄ صحت لاءِ مفيد آهي، سو ڄاڻندي به، اَڄ جي وچولي گهر جي زال گهر جو ڪم ڪندي ڪيٻائيندي. اَڳ وانگيان جنڊ، ليپو ۽ ٻهاري ته پري رهيو، پر بسترا پٿارڻ، صفائي ڪرڻ، ساڳ پاڄي سنوارڻ لاءِ به نوڪر ضروري ٿيو پوي. ڪن لاءِ ته روٽي ڪرڻ به مهٽو آهي ڇوَن ”ماڻهو ڇا چوندا!“

اَنگريزي شاعر برنارڊ شا جي گهر چون ٿا ته هڪ شاهي تختي لڳل هوندي هئي، جنهن تي لکيل هو :

**’ماڻهو ٿا چون! ڇا ٿا چون؟ پل پيا چون!‘**

(گوورڌن شرما ’گهايل‘ جي مهربانيءَ سان)

ڇڇڇ

## پهاڪا

- هِيريءَ سندي هيرَ، ٽنگ پڳي نه لهي!
- مزو ٿو ماري، تياڳ ٿو تاري!
- ڳلا ته-مُنهين ترار آهي!
- پَرَڻُ چوي ڏوُنگهي کي هَلُ ڙي تِه ٽُنگا!
- ٺلهو ڇَڙو وَڄي گهڻو!
- پرائيِ آسَ، ڪُني جي لاس!
- اُسري ڏيءَ، وِسري ننهن - پيڻ!
- آپ نه مَريئي، سُرڳ نه جاءِ!
- صبر جو ڦل منو ٿئي ٿو!
- غريب جي جوءِ، جڳ جي پاڄائي!
- پڳ جو پيڇ جيڏانهن وَراءِ تيڏانهن وَري!
- آهي ته به ڏُک، ناهي ته به ڏُک!
- نوڙهي به هَلي آ ڳوٺ ٻَڌڻ!
- پَرائيِ اَمانت ڏرتي به نه ڊوهي!
- کوهه جي مٽي کوهه کي!
- سياري ۾ هرڪو سَوَڙِ پاڻ ڏانهن سيري!
- اُپرندي جنهن تاءُ نه ڪيو سو لهندي ڇا تاءُ ڪندو؟
- ڪامياب ماڻهو وِرلي آرام ڪن ٿا، آرام ڪرڻ وارا وِرلي ڪامياب ٿين ٿا!
- ميڻ بتيون مهانگيون ٿيڻ جو اَنڌن کي کهڙو ملال!
- ڪوئيِ اَلمست، ڪوئي مال-مست ته ڪوئي حالَ-مست!
- ڪڏهن به گراهڪ، سرڪاري ڪامورن ۽ رَنَ زال سان جهڳڙو نه ڪجي!

# ڪتابن سان دشمني

✍ شوڪت شورو

جتي انسان ذات علم وسيلي جهالت ۽ اوندهہ مان نڪري هڪ روشن دنيا ۾ داخل ٿي ترقي جا نوان دڳ ڳولي ڪڍيا، اتي ڪجهہ قوتن جهالت جي اونداهي کي پنهنجي لاءِ خير ۽ عافيت سمجهي قائم رکڻ لاءِ طاقت جو ڀرپور زور لڳايو. قديم دور ۾ قلمي نسخا ۽ ڇپائي جي مشين ايجاد ٿيڻ کان پوءِ ڪتاب علم کي محفوظ ڪري رکڻ جي وسيلن طور ڪم ايندا رهيا آهن. وري انهن کي ڪنهن هڪ خاص هنڌ تي سنڀالي رکڻ لاءِ ڪتب خانا يا لائبريريون ٺاهيون ويون. جهالت واري ذهنيت جون طاقتون انهن لائبريرين کي نشانو بڻائيندڀون رهيون آهن. تاريخ جي مختلف دورن ۾ انهن کي باهہ ڏئي ساڙڻ جا ڪيترائي واقعا ٿيا آهن. قديم دور کان هن جديد دور تائين ڪتابن کي ساڙڻ، بندش وجهڻ، يا سينسر ڪرڻ جي پويان تنگ نظر ذهنيت، مذهبي، ثقافتي ۽ سياسي نظرين سبب پيدا ٿيل نفرت آهي.

تاريخ ۾ اهڙو پهريون وڏو واقعو چين ۾ ٿيو هو، جڏهن چن شي هوانگ بادشاهہ بڻيو. هن ننڍين رياستن ۽ حڪومتن کي ختم ڪري چين کي هڪ ملڪ جي صورت ڏني. ديوار چين ٺهرائڻ جي شروعات بہ هن ڪئي. ڪيس فلسفي، تاريخ ۽ شاعري کان نفرت هئي. چين ۾ ان وقت ڪنفيوشس ۽ ٻين جا فلسفا ۽ فڪر هلندڙ هئا. بادشاهہ سيني تي بندش وڌي. سمورن قلمي نسخن کي ساڙائي ڇڏيو . 460 چيني عالمن کي جيئري دفن ڪيو ويو. چيئرمن مائو زي تنگ کي جڏهن بادشاهہ چن شي هوانگ سان ڀيٽيو ويو تہ هن چيو، “چن شي هوانگ تہ رڳو 460 عالمن کي جيئري دفن ڪيو هو. اسان 46 هزار عالمن کي جيئري دفن ڪري ڇڏيو آهي. اوهان دانشور اسان تي چن شي هوانگ هجڻ جي ملامت ڪريو ٿا. اوهان غلط آهيو. اسان هن کان سئوڻو وڌيڪ ڪيو آهي.”اليگزينڊريا يا اسڪندريا قديم مصر ۾ علم جو تختگاهہ هو. هي نيل نديءَ جي ڊيلٽا تي ڪراچي وانگر مهاڻن جو ننڍو ڳوٺ هو. سڪندر اعظم مصر فتح ڪيو تہ اهو ڪيس گادي جي هنڌ لاءِ موزون لڳو. 330 قبل مسيح ۾ اسڪندريا مصر جي گادي جو هنڌ ۽ هڪ سهڻو شهر بڻجي ويو. اتي دنيا جي سڀ کان پهرين وڏي لائبريري ۽ ميوزيم جو بنياد وڌو ويو. اهم نالن وارا فلاسافر، رياضيدان علم جي روشني پکيڙڻ لاءِ اتي اچي گڏ ٿيا هئا. اسڪندريا لائبرري ۾ يوناني ۽ رومن ناياب قلمي نسخا رکيل هئا. جوليس سيزر 48 سال قبل مسيح ۾ گهرو لڙائي دوران اسڪندريا تي حملو ڪيو، جنهن ۾ لائبرري کي بہ نقصان پهتو هو. رومن بادشاهت جي هوندي 391 عيسوي ڌاري اسڪندريا تي عيسائيت جو غلبو ٿي چڪو هو. ان دور ۾ ٿيو نالي فلاسفر ان لائبريري جو مهتمم هو. ڪانئس پوءِ هن جي جوان ڌيءَ هائپيشيا لائبريري کي سنڀاليو. هوءَ پاڻ فلسفي، فلڪيات ۽ رياضي جي ماهر ۽ استاد هئي. ڏيهي ۽ پرڏيهي شاگردن کي نيو افلاطوني مڪتبہءِ فڪر واري اسڪول ۾ افلاطون، ارسطو ۽ ٻين جي سکيا ڏيندي هئي. شهر جي بشپ سائرل جنهن کي ٿيوفليس

آف اسڪندريا جو خطاب مليل هو، تنهن فتوا ڪڍي تہ لائبريري ۽ ميوزيم ڪافرن جو مندر آهي جتي ڪفر جي تعليم ڏني وڃي ٿي ۽ اتي رکيل قلمي نسخن ۾ لاديني ۽ ڪفر جون ڳالهيون لکيل آهن. هن هائيپيشيا تي الزام هنيو تہ هوءَ جادو، جوتش، موسيقي ۽ شيطاني علمن جي پرچار ڪندڙ ۽ سکيا ڏيندڙ آهي. 415ع ۾ عيسائي پادرين جي ڀڙڪائڻ تي ماڻهن لائبريري ۾ ٻيهر ڀاهہ ڪري باهہ ڏني. هائيپيشيا کي ڪيڙن کان آجو ڪري شهر جي رستن تي گهليو ويو، مرڻ کان پوءِ سندس جسم کي باهہ ڏني وئي .

اندلس (اسپين) جي شهر قرطبہ ۾ دارالحڪيم جي نالي سان هڪ شاهي لائبريري هئي، جنهن ۾ سائنس جا قلمي نسخا رکيل هئا. 976ع ۾ هڪ بنياد پرست عالم ۽ وزير المنصور ابن ابي عامر جو خيال هو تہ انهن مخطوطن ۾ ڪفر جون ڳالهيون لکيل آهن، ان ڪري اهي سڀ ساڙيا ويا. سلطان محمود غزنوي 1034ع ۾ اصفهان تي قبضو ڪيو. هن ابن سينا سان منسوب لائبريري کي ساڙائي ڇڏيو. لبنان جي شهر تريپولي ۾ فاطمي خلافت پاران دارالعلم (بنو عمار لائبريري) قائم ٿيل هئي. 1109ع ۾ صليبي جنگ دوران عيسائي جهادي فوج ان لائبريري کي ساڙي ڇڏيو. 1151ع ۾ وري ترڪن نيشاپور تي قبضو ڪري شهر کي باهہ ڏني جنهن ۾ لائبريري بہ سڙي وئي. 1193ع ۾ هندستان جي سلطان قطب الدين ايبڪ جي سپهہ سالار بختيار خلجي بهار ۾ نالندا جي مشهور يونيورسٽي ۽ ان ۾ قائم لائبريري کي باهہ ڏياري ڇڏي، جنهن ۾ ٻڌ ڌرم جا اهم قيمتي قلمي نسخا سڙي ويا.

ايران جي شهر تهران کان 60 ميلن تي جبلن جي هڪ اڙانگي رستي واري پهاڙي چوٽي تي اسماعيلي شيعن "الموت" جي نالي سان مضبوط قلعو اڏيو هو، جيڪو حسن بن صباح جي ناهيل جنت جي قصي سبب مشهور آهي. ان ۾ هڪ عاليشان لائبريري بہ هئي. 1256ع ۾ منگولن جو ماڪڙ وارو ڪٽڪ ان ڏکئي قلعي تائين پهچي ويو. ان قلعي کي لائبريري سميت ڊاهي، باهہ ڏئي ناس ڪري ڇڏيائون. بغداد ۾ عباسي خليفن جي قائم ڪيل لائبريري "دارالحڪمت" اسلام ۾ علم ۽ تهذيب واري سنهري دور جي عڪاس هئي. هارون الرشيد 8 صديءَ ۾ ان جو بنياد رکيو هو. بعد ۾ المامون ۽ المنصور ان کي وڌايو هو. لائبريري ۾ دنيا مان گڏ ڪيل مختلف ٻولين جا اهم موضوعن تي قلمي نسخا رکيل هئا. لائبريري ۾ ترجمي ڪرڻ جو شعبو پڻ هو، جنهن ۾ يوناني، سرياني، سنسڪرت، فارسي ٻولين جي مخطوطن جو عربي ۾ ترجمو ڪيو پئي ويو. اهو هڪ وڏو علمي مرڪز هو، جتي ناميارا عالم سکيا بہ ڏيندا هئا، تہ اهم مسئلن تي سوچ ويچار بہ ڪيو ويندو هو. ان جو زوال 9 صدي ۾ خليفي المتوڪل جي دور ۾ شروع ٿيو. هو هڪ تنگ نظر بادشاهہ هو، جنهن جي نظر ۾ يوناني فلسفي ۽ سائنس ۾ اسلام جي ابتڙ ڪفر جون ڳالهيون پريل هيون. پوءِ ان دور جي عالمن جا پاڻ ۾ جهيڙا، اجايا بحث ۽ مناظرا شروع ٿي ويا. 1258ع ۾ منگول سردار هلاڪو خان بغداد تي حملو ڪيو. سڄو هفتو شهر ۾ ڦرلٽ ۽ قتل عام هلندو رهيو. "بيت الحڪمت" جي قلمي نسخن کي دجلہ نديءَ ۾ اڇلايو ويو ، ان جو پاڻي مس جي رنگ سبب ڪيترا ڏينهن ڪارو هو.

جرمني ۾ هٽلر جي نسلي بنيادن تي فڪر جي پوئلڳ شاگردن 1926ع ۾ نيشنل سوشلسٽ

جرمن اسٽوڊنٽس ليگ ٿاهي. نازي خيالن جي پرچار ڪندڙ، بعد ۾ هٽلر حڪومت جي پروپيگنڊا واري وزير گوئبلز نازي نظريي ۽ پاليسي جي پنيرائي ڪرڻ لاءِ آرٽس ۽ ڪلچر کي خالص جرمن بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي. ان نظريي موجب اهڙن ڪتابن جي لسٽ ٺاهي وئي جن کي جرمن دشمن سمجهيو ٿي ويو. انهن ڪتابن جي ليکڪن ۾ برتولٽ بريخت، ڪارل مارڪس، ارنيسٽ هيمنگوي، ايرڪ مايا ريمار، ٿامس مئن، جئڪ لنڊن، اسٽيفن زويگ، هيلن ڪيلر، مئڪس براڊ کان سواءِ 19هين صديءَ جي عظيم جرمن شاعر هائنرخ هين جهڙا ناميارا ليکڪ ۽ مفڪر شامل هئا. هائنرخ هين جو ڏوهه يهودي هجڻ هو. هن اڳواٽ هڪ نظم ۾ لکيو هو تہ "جڏهن هو ڪتاب ساڙين ٿا، تہ پوءِ آخرڪار ماڻهن کي بہ ساڙي ماريندا." نازي شاگرد تنظيم جرمني جي يونيورسٽين ۽ شهرن ۾ 10 مئي 1937ع ۾ پنجويهہ هزار ڪتابن کي باهہ ڏني. اتفاق سان مينهن پئجي ويو تہ مهينو رکي باقي بچيل ڪتابن کي ساڙڻ جو فرض پورو ڪيو ويو.

چلي ۾ عوامي ووٽن سان چونڊيل سوشلسٽ صدر اليندي جي خلاف جنرل پنوشي فوجي بغاوت ڪئي. آمر حڪمران جي فاشسٽ حڪومت ڪابي ڊر جي اديبن شاعرن جا هزارين ڪتاب ساڙائي ڇڏيا، ان حد تائين جو آرٽ جي جديد لاڙي ڪيوبزم تي لکيل ڪتاب ان شڪ ۾ ساڙيا ويا تہ اهي ڪيوبا جي سوشلسٽ انقلاب بابت لکيل هوندا. Fahrenheit 451 .آمريڪي ناول نگار ري براڊ بري جو 1963ع ۾ ڇپيل ناول آهي. سائنس فڪشن جي ان ڪتاب ۾ 2052ع جو زمانو ڏيکاريو ويو آهي، جڏهن ڪتاب رکڻ ۽ پڙهڻ هڪ وڏو ڏوهہ آهي. فائر برگيڊ جو ڪم باهہ وسائڻ نہ پر ڪتابن کي باهہ ڏئي ساڙڻ آهي. ري براڊ بري هڪ انٽرويو ۾ ٻڌايو هو تہ سندس ان ناول لکڻ جو مقصد سينيٽر ميڪارٿي جي ڪميونسٽ دشمني ۾ روشن خيال ليکڪن جي ڪتابن کي ساڙڻ واري ڏمڪي آهي. ان ناول کي آمريڪن اڪيڊمي آف آرٽس اينڊ ليٽرس پاران 1964ع ۾ ايوارڊ ڏنو ويو هو. ان تي هالي ووڊ جون بہ فلمون ۽ بي بي سي جو ڊرامو ٺهي چڪو آهي. گذريل سال ان ساڳئي نالي تي ٺهيل فلم ڪتاب دوست ماڻهن جي ڏسڻ وٽان آهي تہ ڪتابن سان دشمني ۾ ڪهڙا ڪلور ٿين ٿا. سنڌ ۾ ڪتابن کي باهہ ڏيڻ جو هڪ واقعو 1971ع ۾ ٿيو. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، شروعاتي دور ۾ سنڌ يونيورسٽي جي اولڊ ڪئمپس حيدرآباد ۾ قائم ڪيو ويو هو. ان جي لائبريري ۾ ڪتابن کان سواءِ سنڌ سان لاڳاپيل تاريخي دستاويز ۽ قلمي نسخا رکيل هئا جن کي رات جي وقت لساني ٽولي جي ماڻهن باهہ ڏني ۽ لائبريري ۾ ڪجهہ ڪتاب سڙي ويا. سنڌ ۾ لائبريري کي ساڙڻ جي ٻي واردات 28 ڊسمبر 2007 تي ٿي هئي. ان تاريخ واري اڳئين رات جو راولپنڊي ۾ محترمہ بينظير ڀٽو کي لياقت باغ، راولپنڊي ۾ شهيد ڪيو ويو هو. سنڌ ۾ ان ڏکوئيندڙ واقعي جو نهايت سخت ردعمل ٿيو هو. خبر پوندي ئي جلوس نڪرڻ ۽ باهين ڏيڻ جا سلسلا شروع ٿي ويا هئا. سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو ڪئمپس بہ ان لپيٽ ۾ اچي ويو هو. جلوس علامہ آءِ آءِ قاضي سينٽرل لائبريري جو مک دروازو ٽوڙي اندر داخل ٿي ويو . لائبريري جي ڪمپيوٽر سيڪشن ۾ پيچ ڊاهہ ڪري باهہ ڏني وئي، پر سمجهائڻ تي ڳالهہ ڪتابن ساڙڻ تائين ڪانہ پهتي ۽ بچاءُ ٿي ويو.

ꙮꙮꙮ

# موهن جي دڙي جي نالي بابت ٺهراءُ ۽ عالمي ڪانفرنس

✍ عوامي آواز، ١٠ جنوري ٢٠٢٠ع

رپورٽون آهن ته ٽيون ڏينهن سنڌ اَسيمبليءَ ۾ ’موهن جو دڙو‘ جو سرڪاري نالو تبديل ڪري ’مُهين جو دڙو‘ رکڻ بابت پ.پ. ميمبر قاسم سراج سومر هڪ ٺهراءُ پيش ڪيو هو، جنهن کي پ.پ. اَڳواڻن ئي روڪرائي ورتو هو. پر اَسان پ.پ. ميمبر قاسم سراج سومري طرفان پيش ڪيل ان ٺهراءَ تي بيحد سرهائي جو اِظهار ڪيون ٿا، ڇاڪاڻ ته اَسان هن عظيم تهذيب جي مثالي ماڳ تي ’موهن جي دڙي‘ واري نالي کي ان جي توهين ٿا سمجهون ۽ دليل ۾ اهو سوال ٿا پڇون ته جيڪڏهن هي دڙو مئلن جو آهي ته ڇا هراپا، ڪالي بينگن، ٽيڪسلا، ڪوٽڏيجي، آمري، لاکين جو دڙو جيئرن ماڻهن جا دڙا آهن ڇا؟ پوءِ سيني قديم کنڊرن کي ’موئن جا دڙا‘ سمجهڻ گهرجن، ان مونجهاري کي سمجهائڻ لاءِ اَسان هتي موهن جي دڙي، موئن جي دڙي ۽ مُهين جي دڙي، جو مختصر طور تي پس منظر پيش ڪيون ٿا.

هن قديم کنڊهر سان سلهاڙيل هڪ ڏند ڪٿا آهي ته هتي ’’موهن‘‘ نالي بادشاه رهندو هو، جنهن جي ظلمن تي هڪ قهر ۾ هي شهر تباه ٿيو هو. اها ڏند ڪٿا ’ڪنگ پرسيٽ‘ جي مليل بوتي کي ڏسي ڪري نهيل ملي ٿي. ان سبب هن دڙي کي ’موهن‘ جي دڙي جي نالي سان پڪاريو ويو پر موهن جي دڙي جي اوسي پاسي رهندڙ ڳوٺاڻن ’موهن‘ کي پنهنجي لهجي ۾ مُهين يا مُهون ڪري سڏڻ لڳا. جيستائين ورهاڱو نه ٿيو هو تيستائين هن کنڊهر کي سرڪاري طور ’موهن جو دڙو‘ طور ڪوٺيو ۽ لکيو ويو پر جڏهن ورهاڱو ٿيو ۽ پاڪستان نالي نئون ملڪ ٺهيو ته پاڪستان جي حڪومت مسلمان ملڪ هئڻ ناتي پنهنجي سڀ کان وڏي تاريخي ماڳ کي ’موهن‘ جي نالي سان پڪارڻ يا لکڻ مناسب نه سمجهو تنهنڪري ڪنهن سياڻي کان ’موهن جي دڙو‘ سان ملندڙ جلندڙ نئون نالو لکائڻ جو ڪم سونپيو ۽ ان ’موهن‘ جي جڳهه ’موئن‘ جو نالو تجويز ڪيو. اِئين پاڪستان جي حڪومت ان تهذيبي شهر جي کنڊهر جو نالو سرڪاري طور تي ’موئن جو دڙو‘ (Moen jo Daro) رکي ڇڏيو.

جڏهن ته آرڪيالاجي جو اهو اصول آهي ته جيستائين تحقيق مان ڪنهن قديم شهر جي مستند نالي جي خبر پئي تيستائين ان قديم نشان کي اهو نالو ڏيڻ گهرجي جيڪو مقامي ماڻهن ۾ عام هجي. ان اصول تحت سر جان مارشل پنهنجي رپورٽن ۾ هن کنڊ جو نالو ‘Mohen jo Daro’ ئي لکيو آهي، Mohan نه، جيڪو هن عام ماڻهن جي واتان ٻڌو هو، سو آرڪيالاجي جي اصول تحت هن قديم کنڊهر کي مهين جو دڙو سڏڻ ۽ لکڻ گهرجي.

مُهين جي دڙي جي پرسان ڳوٺ ٻلهڙيجي ۾ پيدا ٿيل توڙي مهين جي دڙي جي کوٽائيءَ ۾ حصو وٺندڙ ناميا ري صحافي اَنور پيرزادي به ان نالي يعني مهين جي دڙي جي وڪالت ۾ سنڌي توڙي اَنگريزي پريس ۾ ڪيس وِڙهيو ۽ هو پنهنجين لکڻين ۾ ان کي مهين جو دڙو ئي لکندو هو. اَڳتي هلي جڏهن محترم سسئي پليجو ٢٠٠٨ع واري پ.پ. حڪومت ۾ سنڌ ثقافت کاتي جو صوبائي وزير ٿي ته ان سرڪاري پڌراين ۾ هن کنڊهر کي 'مُهين جو دڙو' ڪري لکيو ۽ چيو. سنڌ ثقافت کاتي جو موجوده وزير ۽ ناميارو اَديب ۽ ڪالم نگار سردار شاه به مهين جي دڙي واري نالي جو قائل آهي. سو قاسم سراج سومري صاحب کو غلط نهراءُ پيش نه ڪيو پر اَفسوس ته پ.پ. اهو اَهم نهراءُ روڪرائي پنهنجي تاريخ ناهڻ جو موقعو وڃائي ڇڏيو. پ.پ. جي سنڌ حڪومت جيڪڏهن ان نهراءَ تحت سنڌو تهذيب جي هن عظيم ماڳ کي سرڪاري طور تي مهين جو دڙو جو نالو ڏئي ها ته قديم آثارن جي اصول موجب اُها درست نالو رکڻ جو اعزاز ماڻي سگهي ها.

اِهو نهراءُ اِتفاق سان ڪالهه مهين جي دڙي جي ٽن ڏينهن واري شروع ٿيل عالمي ڪانفرنس جي موقعي تي پيش ڪيو ويو آهي جنهن کي شايد ان عالمي ڪانفرنس جي مناسبت سان پيش ڪيو ويو هو. اها عالمي ڪانفرنس سنڌ ثقافت کاتو ئي ڪرائي رهيو آهي. پر اَسيمبلي ۾ موجوده ٻين پ.پ. اَڳوانن شايد ان نهراءَ کي غير ضروري، بي وقتائتو يا اَڻ ٻڌت جي ڪنهن امڪان کي ڏسندي روڪرايو هو.

جيستائين مهين جو دڙو عالمي ڪانفرنس جو تعلق آهي ته اَسان ان اَڳڀرائي جي به آجيان ڪيون ٿا. هن عالمي ڪانفرنس جو موضوع سنڌو تهذيب جي ٻولي 'اِنڊس اِسڪرپٽ' آهي. هن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٻوليءَ جا عالمي توڙي ڏيهي ماهر سنڌوءَ جي ٻوليءَ بابت ٿيل يا ٿيندڙ تحقيق جو جائزو وٺندا. ان ڪانفرنس جو سڀ کان وڏو فائدو اهو ٿيندو ته سنڌو تهذيب جي ٻوليءَ تي جيڪا نئين تحقيق ٿي آهي تنهن بابت ڄاڻ ملندي. ٻيو ته ان ڪانفرنس سبب سڄي دنيا جو ڌيان وري هن عالمي تهذيبي ورثي توڙي ان جي مثالي نشان مُهين جي دڙي جي کنڊهر ڏانهن ويندو ۽ ان صورت ۾ ان کي بچائڻ جو به سوچيو ويندو. ان موقعي تي ممڪن آهي ته دنيا جا اسڪالر مهين جي دڙي جي ايئرپورٽ تان جهاز جي اُڏامن کي ذري گهٽ ختم ڪرڻ جو به نوٽيس وٺن ۽ اهي بحال ڪرائڻ جو مطالبو ڪن ته جيئن عالمي سياحن کي ڪراچي کان سڌو مهين جي دڙي جي کنڊهر تي اَچڻ لاءِ جهاز جي سهوليت ملي سگهي. مطلب ته موهن جي دڙي تي ٿيندڙ اِها ٽن ڏينهن جي عالمي ڪانفرنس فائدا ئي فائدا ڏيندي.

ꝺꝺꝺ

# وقت

✍ **شريمتي پريا سنپال**

وقت وڏو بادشاهه آهي، وقت جي اَڳيان نه ڪنهن جي هلي هئي، نه ڪنهن جي هلي آهي ۽ نه ئي ڪنهن جي هلندي. وقت نه ڪنهن جي لاءِ ترسيو آهي ۽ نه ئي ترسندو. وقت هميشهه پنهنجي رفتار سان هلندو رهندو. هر اِنسان کي وقت سان گڏ هلڻو پوي ٿو. جيڪو وقت سان گڏ نٿو هلي وقت ان کي پنيان ڇڏي اَڳتي وڌي وڃي ٿو. وقت کي اِنسان سان نه، انسان کي وقت سان گڏ هلڻ جي ضرورت آهي.

هٿ مان نڪري ويل وقت ڪڏهن به موٽي نه ايندو آهي هر ڪاريه وقت تي ڪرڻ سان اُن جو ڦل به اَهڙو ئي ملندو آهي. ان لاءِ چوڻي آهي ته ويل ويل هٿ نه ايندي آهي، پر جن وقت جو مهتو نه سمجهيو ۽ وقت جو سداُپيوگ نه ڪيو آهي، اُنهن سمجهيو زندگيءَ ۾ ڪجهه به حاصل نه ڪيو آهي.

وقت جي اَڳيان راجائن، مهاراجائن ۽ وڏن وڏن مهارٿين کي به سر جهڪائڻو پيو هو ۽ اَسان ته عام ماڻهون آهيون.

وقت جي ڀيٽ جيڪڏهن اِنسان جي جيون سان ڪئي وڃي ته به شايد غلط نه ٿيندو. جيئن سيڪنڊ ڦِري منٽ، منٽ ڦري ڪلاڪ، ڪلاڪ ڦري ڏينهن، ڏينهن ڦري هفتو، هفتو ڦري مهينو، تيئن ساڳئي نموني ٻار جي پئدا ٿيڻ (جمڻ) مان بدلجي ان جو ٻالپڻ، ٻالپڻ مان بدلجي جوان ۽ جوانيءَ مان بدلجو ٻڍاپي ۾ اَچي ٿو ۽ آخر ۾ اَنت يعني انسان موت جي حوالي ٿئي ٿو. مطلب جيئن اِنسان جنم وٺڻ ۽ موت جو چڪر نٿو روڪي تيئن وقت جي رفتار به نٿي بهي، اِها به اَهڙي نموني هلندي ٿي رهي. هر انسان وقت جي هٿ جي ڪنپتليِ آهي جيئن وقت جو چڪر گهمي ٿو تيئن انسان جي به قسمت جو چڪر پڻ گهمي ٿو. جنهن جو مثال اَڄ به اَسان اِتهاس ۾ پڙهندا آهيون ته ڪيئن ستيه وادي راجا هريشچندر جهڙي پراڪرمي، ستيه وادي مهان راجا کي وقت جي چڪر شمشان ۾ مُردن جلائڻ جي ڪاريه ڪندڙ جو نوڪر بڻائي ڇڏيو ۽ ان جي آگيا جو پالن ڪندو رهيو ته ڪو به مُردو بنا اُجوري وٺڻ جي نه جلايو وڃي ۽ پنهنجي پٽ کي جلائڻ جي لاءِ به هن زال کان مالڪ جي آگيا موجب اُجورو وٺي ڪم ڪرڻ جي نيتي کان واقف ڪيو. اهو ئي وقت ئي آهي جو انسان کي راجا مان غلام، غلام مان راجا بڻائي ٿو، ڪنهن کي تخت تان لاهي زمين تي ٿو آڻي ته ڪنهن کي زمين مان اُٿاري تخت تي ٿو ويهاري.

ڪيترائي ماڻهون چوندا آهن ته يار ڇا ڳالهه ٻڌايان منهنجو ته اَڄ ڪالهه وقت ئي خراب پيو هلي، ڪي وري چوندا آهن ته يار اَڄ ڪالهه وقت منهنجي مٿان تمام مهربان آهي. حالانڪ سچ اهو آهي ته وقت ڪڏهن به ڪنهن جي لاءِ به ساڳيو نه رهيو آهي ۽ نه ئي رهندو. هر اِنسان جو

وقت ضرور بدلجندو آهي. وقت هر ڪنهن ڪان غلامي ٻه ڪرائي ٿو ته راجائي ٻه ماڻائي ٿو.

چوندا آهن ته وقت وڏا وڏا گهاءَ پيري ڇڏيندو آهي. ڪي ناسور زخم پيرڻ ۾ وقت ضرور لڳائيندا آهن مگر وقت تي اُهي ٻه پيرجي ويندا آهن. اَڄ چوويهن ڪلاڪن جو پورو هڪ ڏينهن هئڻ ڪانپوءِ ٻه اَسان ٻه منٽ پرماتما جي نام سمرن لاءِ نٿا ڪڍي سگهون. خبر پوءِ پوندي آهي جڏهن وقت اَسان جي هٿن مان نڪري ويندو آهي. چوڻ جو مطلب اهو آهي ته جڏهن ڪال اَسان کي پنهنجي چنبي ۾ اَچي جڪڙي وٺندو آهي ۽ پوءِ اَسين پريوءَ کي ياد ڪندا آهيون پوءِ اها چوٽي حقيقت ۾ سامهون ايندي آهي ته اَب پڇتاءِ هوت ڪيا جب چِڙيا چُڳ گئي کيت. وقت اَسان وٽ هيو ته ٻالپڻ راند ۾ گذاريو، جواني عيش ۽ ڪئش ڪرڻ ۾ گذاري، ترشنائن کي ويا وڌائيندا سين، وياسين سنساري پوڳن ۽ ولاسن ۾ وقت گذاريندا سين، ٻڍاپي ۾ اَچي بيمارين جڪڙيو يا مايا چار مان نه نڪري سگهياسين. جنهن ڪري وقت اَسان جي هٿن مان ريتي مثل ترڪندو نڪري ويو جو ڪا سمڪ ئي نه پئي، جنهن وقت سمڪ پئي تڏهن ته ڪافي دير ٿي چڪي هئي.

ٻال ڪوتا

## مومل جو اَمان ڏانهن خط

✍ ڊاڪٽر سنڌيا چندر ڪندناڻي

او اَمڙ، منهنجي مِنڙي اَمڙ، ٻڌاءِ؟
آنءُ ڪيئن تو بِن اَڪيلي سمورو گهر سنڀاليان؟
ڏُکن جو سيلاب ڪيئن هٽايان؟
جڏهن ڪان تون ڇڏي ويئي آهين
تڏهن ڪان چڻ سڪول جو در بند ٿيو.

منهنجو ننڍي ئي رنڌڻي جي چونڪٽ تي پير رکيو
ڏس سڪول وڃان ڪن ڪتنب لاءِ
پيٽ پوڄا جي سامگري ٺاهيان؟
تو بن بابل منهنجو ٿي ويو، بلڪل ماٺ آ
منهنجو بابا شڪايت ڪنهن سان ۽ ڪهڙي ڪري؟
اَمڙ منهنجي، ڪمزور ٿيون گهر جون هڙ ئي ديوارون
ٿڙي پيون سموريون آرسيون آئيني جي هرهڪ ٽڪري ۾
بابل کي نظر اَچي ٿي تنهنجي تصوير
بابل جون اوچنگاريون رکنو وڃهن ٿيون منهنجي خوابن ۾
او اَمان منهنجي، ڪيئن ڏسان آنءُ توکي سپني ۾؟
۽ ننڍڙو ڀائڙو پنهون ٻک ۾ پاه ٿئي ٿو
پر فيڊر ور ور ڦٿو ٿو ڪري
اَمان ڪپي اَمان ڪپي اَمان ڪپي
روئي روئي ساٽو ٿي ٿو سُمهي ...
اَمان تون ٻڌاءِ، ڀائڙي جو ڀلا آنءُ ڪيئن پيٽ پريان؟
ڀائڙي ننڍڙي اَبهم کي ڪهڙو ڪوڙو آٿت ڏيان؟
هوڏانهن پنجن سالن جو ميهار ڀائڙو منهنجو
هرهڪ اَرٿيءَ جي پنيان ڊوڙي ڊوڙي
اَمان اَمان اَمان !!! چئي واڪا ڏاڍا ڏکوئيندڙ ٿو ڪري
پاڙي وارن جي دل کي ٻه ٿو لوڏي ڇڏي
اَمڙ منهنجي مِنڙي، تون مونکي پيار منجهان ور ور
پڪاريندي هئينءَ ننڍڙي ننڍڙي مول مومل مومل چئي
ٻڌاءِ مان تنهنجي ننڍڙي ننڍڙي مومل ڇا ڪريان؟
ٻڌاءِ اَمڙ منهنجي،
تنهنجي ننڍڙي ننڍڙي مومل ڪيئن ڪري؟؟؟

# ڇا ڀارت ۾ يورپين ۽ خاص ڪري اَنگريزن جو اَچڻ ضروري هئو؟

✍ سريچند گرناڻي

مٿي ڏنل وشيه تي لکڻ لاءِ اهو تمام ضروري آهي ته اِتهاس تي نظر رکڻي پوندي.

ڀارت ۾ پهرين پهرين يورپين 1498 ۾ آيا جڏهن واسڪو ڊيگاما، پورچوگيز ڀارت جي ڪئليڪٽ بندر تي پنهنجين ساٿين سان گڏ لٿو.

اُن ڪانپوءِ ڀارت ۾ ڊچ اَنگريز ۽ فرينچ آيا. پورچوگيزن گوئا، ڊمن ۽ ڊيو ورتو، ڊچ جلدي واپس ويا، فرينچن پانديچري، ماهي ۽ ڪاريڪل پنهنجي ڪالوني بڻائي. اُن ڪانپوءِ اَنگريزن باقي ڀارت کي ڪالوني بڻايو.

جڏهن يورپين ڀارت ۾ 1498 کان پوءِ آيا تڏهن ڀارت تي گهڻي ڀاڱي مغلن ۽ مسلمانن جو راڄ هئو. مغلن جي راڄ ۾ ڀارتواسين ۽ هندن جي مٿان تمام گهڻا ظلم ٿيندا رهندا هئا. هندن کي زبردستيءَ مسلمان بڻايو ويندو هئو. هندو عورتن جي بي رحميءَ سان عزت لُٽي ويندي هئي ۽ کين زبردستي مسلمان بڻايو ويندو هئو. سِکن جي گرو تيغ بهادر کي سخت بي رحميءَ سان سندس سِسي ڪٽي ويئي. گرو گوبند سنگهه جي ٻن پٽن کي ڀتين ۾ چڻايو ويو. هندن جا مندر ڊاهي ڪري مسجدون اَڏايون ويون. مطلب ته ڪَئين قهر ۽ ظلم هندن جي مٿان ڪيا ويا. ان وقت ڪوئي داد فرياد ڪونه هو.

نالندا، تڪششيلا، وڪرم شيلا جيڪي وشو ودياليه هئا جتي دنيا ڀر جا شاگرد تعليم حاصل ڪرڻ ايندا هئا، اُنهن وشو ودياليه کي مغلن نابود ڪيو. جيڪي قيمتي ڪتاب گيان جو ڀنڊار هئا اُنهن کي جلايو ويو. حقيقتون ايتريون آهن جن جي اَڄ تائين پوري ڄاڻ به نه پئجي سگهي آهي. اُن وقت تي جڏهن مغلن ۽ مسلمانن جو ظلم جو گهوڙو تيز هو، اُهي اَنگريز ئي هئا جن مغلن سان ٽڪر کاڌو ۽ آهستي آهستي مغلن کان راڄ ڦريندا ويا ۽ اها اَنگريزن جي همت ۽ لياقت هئي. آخرين مغل بادشاهه بهادر شاهه ظفر کي برما جيل ۾ نظربند رکيو هئائون. جتي بهادر شاهه ظفر جيل ۾ رهي ڪري غزل لکي رهيو هو، جهڙوڪ:

”لگتا نهين هئه دل ميرا اُجڙي دياڙ ۾.“

”نه ڪسي ڪي آنک کا نور هون!“

اَهڙي نموني ڀارت ۾ مغلن جو راڄ ختم ٿيو ۽ اَنگريزن جو راڄ شروع ٿيو.

اَسين ڀارت واسين ۾ اهو دم ڪونه هو جو اَسين مغلن کان راڄ ڦري سگهون. اهو ڪاريه اَنگريز ئي ڪري سگهيا ۽ اها اِتهاس جي حقيقت قبول ڪرڻ کپي.

جهڙي نموني مغلن جو ڌرم اِسلام هئو، اُنهن ڪيترن هندن کي مسلمان بڻايو. جيڪڏهن يورپين ۽ خاص ڪري ٿائيم تي اَنگريز پارت ۾ نہ اَچن هان تہ پارت ۾ سپيئي هندو اَڄ جي تاريخ ۾ مسلمان هجن هان. اَڄ اَسين مسلمان هجون ها، چاڪاڻ تہ جيڪڏهن اَسان جا وڏا مسلمان ٿي وڃن ها تہ اَسين بہ اُنهن جي اولاد مسلمان هجون ها، اها اِتهاسڪ حقيقت مڃڻ کپي.

مغلن کان پوءِ اَنگريزن اَسان تي راڄ ڪيو. اُن کان پوءِ پارت واسين اَهنسڪ نموني اَنگريزن کان راڄ ورتو. مغلن ۽ اَنگريزن ۾ وڏي ۾ وڏو فرق هئو - اَنگريزن جي راڄ ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن عورت سان بي حرمتي نہ ڪئي ويئي. اَنگريزن جي راڄ ۾ ڪنهن بہ مندر کي ڊاهي ڪري چرچ نہ ٺاهي ويئي. اَنگريز سمجهدار هئا ۽ پڙهيل ڳڙهيل هئا ۽ اُنهن ۾ گهٽيئي گڻ هئا. اَسان جي سنڌي تي اَٿارٽي ڪتاب اَنگريزن جا لکيل آهن. نہ صرف سنڌيءَ ۾ پر بين بہ ڪيترين ديسي پاشائن تي اَٿارٽي ڪتاب اَنگريزن جا لکيل آهن ۽ اَسان جا نہ آهن. مراٺي اِنگلش ڊڪشنري اَنگريزن جي ٺاهيل آهي. سر وليم جونس ڪلڪتا هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس هئو جنهن ڏاڍي تڪليف سان سنسڪرت سِکي. سنسڪرت جو ودوان بڻيو ۽ يورپ ۾ وڃي ڏيکاريائين تہ پارت جي سنسڪرتي ۽ سنسڪرت ڪيتريون مهان آهن.

هينئر مان سنڌ جي خبر لکان ٿو. 712 سنہ ۾ سنڌ تي سنڌي هندن جو راڄ ختم ٿيو ۽ اَڄ تائين 2020 تائين واپس هندن جو راڄ نہ آيو آهي. سنڌ جي مٿان مسلمان، ميرن ۽ ٽالپرن جو راڄ هئو. اُنهن جو سنڌي هندن جي مٿان تمام گهڻو ظلم هلندو هئو. سنڌي هندو زالون ۽ نياڻيون پڄائي ويندا هئا. جنهن ڪري سنڌي هندو پنهنجين نياڻين کي ننڍي عمر ۾ ئي شادي ڪرائي ڇڏيندا هئا.

نائونمل پوچواڻي هڪ سنڌي هئو جنهن جو ڏنڌو واپار دنيا جي گهڻن ئي ملڪن ۾ هلندو هئو. هيءُ وڏو شاهوڪار هئو. هن جي پتا کي مسلمان ميرن ۽ ٽالپرن ڏاڍيون تڪليفون ڏنيون هيون. پتا جي پيڙا ۽ سنڌي هندن مٿان ظلم ڏسي ڪري اُن اَنگريزن کي پئسن جي مدد ڪئي ۽ اَنگريزن سنڌ تي حملو ڪيو ۽ اَنگريزن سنڌ فتح ڪئي. ان ڪانپوءِ سنڌي هندن کي ڪافي آرام مليو ۽ سنڌي هندن تي مسلمانن جو ظلم گهٽيو ۽ سنڌي هندن ڊگهو ساهہ کنيو. اَنگريزن مسلمان ميرن ۽ ٽالپرن کي سوڙهہ گهٽيو. اِهي آهن اِتهاسڪ حقيقتون.

مغلن جڏهن گرو تيغ بهادر جي سسي ڪٽي هئي تہ ڇا مغلن ڪوئي قانوني ڪيس هلايو هو. مغلن گرو گوبند سنگهہ جي ٻن پٽن کي پٽ ۾ چڻايو هو تہ ڇا اُن وقت مغلن اُنهن مٿان ڪوئي قانوني ڪيس هلايو هو.

اَنگريزن جڏهن ڀڳت سنگهہ ۽ اُنهن جي ٻن ساٿين، جهڙوڪ ڀڳت سنگهہ، سکديو ۽ راجگروءَ کي ڦاسي ڏني هئي تہ اَنگريزن پهرين اُنهن تي قانوني ڪيس هلايو هو. اَنگريزن وٽ قانون هئو

پر مغلن وٽ ڪوئي بہ قانون ڪونہ هئو. اهو فرق هئو مغلن ۽ اَنگريزن ۾. ڀارت جا ڪجھہ ليڊر چاهين ها تہ ڀڳت سنگهہ ۽ سندس ساٿين کي بچائي سگهن ها.

اَنگريزن جو ڀارت جي اَندر ڪافي يوگدان رهيو آهي. ڀارت کي قانون اَنگريزن ڏنو آهي. اَنگريزن سان آزاديءَ جي لڙائي اُنهن لڙي جيڪي اَسان جا جوان اِنگلنڊ مان پڙهي آيا. مان اَنگريزن جي وڪالت نٿو ڪريان پر اِتهاسڪ حقيقت پيش ڪريان ٿو. جڏهن اَنگريزن ڀارت تي راڄ ڪيو اُنهن بہ ڀارتواسين مٿان ڪافي ظلم ڪيا، ان حقيقت کان نابري واري نٿي سگهجي. اَنگريزن ۽ يورپين جيڪي ڀارت ۾ آيا اُهي واپار ڪرڻ آيا ۽ مسلمانن کان راڄ ڦريائون. اِها تہ اِتفاق جي ڳالهہ آهي پر اها حقيقت آهي تہ مغلن کان راڄ اُنهن ئي ڦريو هو ۽ اَسان ڀارتواسين ۾ دم ڪونہ هئو. اهي حقيقتون آهن ۽ اُهو مڃڻ کپي تہ ڀارتواسين ۾ ڪيترين ئي ڪمزوريون هيون جن جي ڪري اَڄ تائي هندن پنهنجي ئي گهر ۾ مار کاڌي آهي.

اهي سڀئي اِتهاسڪ حقيقتون صاف صاف ڏيکارين ٿيون تہ يورپين خاص ڪري اَنگريزن جو ڀارت ۾ اَچڻ ضروري هئو ۽ وڏيڪ پڙهندڙ فيصلو ڪن. اَڄ ڀي دنيا ڀر جي مسلمانن جي اها نيت آهي تہ سڄي دنيا جي مسلمانن جو ۽ اِسلام جو راڄ هجي. هندن جون ڪمزوريون جنهن ڪري ڀارت غلام ٿيو. اهو بہ ياد ڪرڻ کپي تہ پهرين سنڌ غلام ٿيو پوءِ هند غلام ٿيو.

‘‘Those who forget History are condemned to repeat it.’’

**’’جيڪي اِتهاس کي وِسارين ٿا، اُنهن کي اِتهاس جي ڀُلن جو وري شڪار ٿيڻو پوندو.‘‘**

# Rajyogini Dadi Janki

## Brand Ambassador of PM's 'Swachh Bharat Mission'

Rajyogini DadiJanki, who is 103-year-old and the Chief of Brahma Kumaris World Spiritual Organisation, has been appointed as the Brand Ambassador of SWACHH Bharat Abhiyan (Clean India Mission) by the Govt. of India. She had been invited to the President House for the Clean India Mission program on 10th September, 2015. On Dadiji's behalf, Rajyogi BK Mruthyunjaya, the Executive Secretary of Brahma Kumaris Organisation, represented the High Tea Meeting and Curtain Raiser held at President's House, which was organised by Hon'ble Shri Venkaiah Naidu, the then Minister for Urban Development, Govt. of India. DadiJanki is already running cleanliness campaign in India and 140 countries around the world. Her organisation has supported Prime Ministers's Swachh Bharat Mission and had asked all the members of theorganisation to come forward for serving this noble cause whole-heartedly.

# कोढ़ु

✍ **परमानन्दु मेवारामु**

मर्ज़ जेके इन्सान खे पीड़ीनि था, तिनि मां कोढ़ु निहायति बुछिड़ो ऐं हैबत जहिड़ो आहे। मरीज़ जी पहिरियाईं ॿांहिं यां टंग सुकी पवंदी आहे। टहिकंदड़ पाणीअ में विझण सां मासु लहिसिजी वेंदो, मगरि ईज़ाउ कीन ईंदो। पोइ जीअं बीमारी वेंदी ज़ोरु पवंदी, तीअं मुंहुं, चपनि, नक, भिरुनि, कननि, पेरनि ऐं हथनि जे खेड़नि ते ॻाढ़ियूं फुरिड़ियूं निकिरंदियूं आहिनि। मुंहं जी चमिड़ी सुॼियो घुंज थियो पवे ऐं चिलिकण लॻंदी आहे। रोश वञनि बदिलिबा। भिरूं, पिंबिणियूं ऐं ॾाढ़ीअ जा वार वञनि खुसंदा, अखियूं वञनि अंदरि पिहंदियूं, ऐं मणिका सुॼंदा ऐं तारा सुसंदा। ॻाल्हाइणु घघो ऐं घुणो थियो पवे, ऐं सिंघण ऐं छुहण जा हवास मटिजो वञनि, ऐं मवादे त असुलु चटु। फुरिड़ियुनि वारा हंध पहिरियाईं ॾाढो कुराईंदा आहिनि, पर पोइ सख़्तु थियो पवनि। जीअं बीमारी वञे विॻुरंदी तीअं, फुरिड़ियूं वञनि फाटंदियूं, ऐं रफ़्ते रफ़्ते हथनि पेरनि जूं आङुरियूं या हथ या पेर रझ्यो किरियो पवनि, बल्कि नक ऐं निड़ीअ ते फट निकिरंदा आहिनि। केरु जो कोढ़िए अॻियां बीही सघे? आख़िरि बीमारी फिफिड़नि या बुकीअ या ॿिए कंहिं नाज़ुकु उज़िवे खे विचुड़ी वेई, त पोइ वेचारो मरीज़ु कष्टु भोॻे मरियो वञे।

उत्तर पैस्फ़िक समुंड में, हवाई ॿेटनि में मलूका मंझि हिकिड़ो हंधु आहे, जो अमेरीका खां ३ हज़ार मैल परे आहे जिते रहनि ई रुॻो कोढ़िया। उन्हीअ पासे जे माण्हुनि जो पाण में ॾाढो कुर्बु आहे, ऐं खाईनि, पीअनि ऐं उथनि विहनि गडु, ऐं महिमाननिवाज़ बि हिकिड़ा ई आहिनि। अॻे अॻे उते इन्हीअ मर्ज़ जो नालो निशानु ई कोन हो, पर एशिया खंड मां वरितलु को माण्हू ओॾांहु वियो। तंहिं जी ख़ातिरदारी त ॾाढी कयाऊं; पर उन मंझां उते उन्हीअ उॾंद मर्ज़ जो ॿिजु पइजी वियो। एतिरे क़दुरि बीमारी पखिड़िजी वेई, जो १८७३ ई. धारे सरिकारि ज़ोर सां कोढ़ियनि खे जहाज़नि ते चाढ़े, मलूका में अलॻि रहायो। अटिकल १२०० मरीज़ अची ॻाहटु थिया। उते नको ओही नको वाही। कुतनि जियां पिए लेथिड़ियूं पाताऊं। न बराबरि खाधो न पीतो, न कपिड़ो, न लटो, न रहण जो सुखु, न वरी को चेठींदडु। अहिड़ी निरासाई वेढ़े वियनि, जो कर्मु धर्मु विसारे हरि क़िस्म जे गुनाह में गिरफ़्तारि थियण लॻा। नको मुखी नको

चौधरी। के शराबु पी नंगा थिया पिया भुणंदा हुआ। अहिड़े बुरे हाल में ॾह ॿारहं ॼणा रोज़ु मौत जो बखु थींदा हुआ।

हाणे कंहिंखे पेई आहे जो अहिड़नि माण्हुनि जी वञी टहिल करे, ऐं खेनि सुधारे माण्हिपे में आणे? जे खणी वञे, त पंहिंजे सिर तां आओ लाहे वञे। सचु पचु अहिड़ो माण्हू हो मशहूरु फ़ादरु दर्मनि; जो यूरप जे बेलिजम ॾेह मां १८७३ ई. में मलूका वियो। उते पेरु विझण सां, हिन मुड़िस उन्हनि बेवसीलनि बीमारनि जी वञी ख़िज़िमत कई। अवाइल में घर न हुअण सबबि, घड़ी बि जेका बचंदी हुयसि, तंहिं में राति जो हिक वण हेठां आरामु कंदो हो। संदनि खाधे, पाणीअ, कपिड़नि ऐं इस्पतालुनि जो बन्दोबस्तु करायाईं ऐं पंहिंजनि हथनि सां टे सउ सुठियूं झूपिड़ियूं ठाहे ॾिनाईंनि। मरीज़नि जी मलम पटी करणु, दुख में दिलासो ॾियणु, रुअंदनि खे ॻिटियूं ॾेई खाराइणु, मरण वेले खेनि ॾढु ॾियणु, ऐं कफ़नु ॾेई कुल्हे ते खणी वञी दफ़नु करणु, सभु पंहिंजे सिरि कंदो हो। जड॒हिं कोढ़ियनि ॾिठो त हीउ असांजो मिटु न माइटु, न सही न ॻही, पंहिंजो ॾूरांहो वतनु छड॒े असां वटि अची रहियो आहे, ऐं माउ जियां असांजी टहिल थो करे, तड॒हिं हुननि जूं सख़्तु दिलियूं भिॼी कुंअर्यूं थी पेयूं।

पोइ हू जेको उपदेशु कंदो होनि, सो दिलि लाए ॿुधंदा ऐं हंडाईंदा हुआ, ऐं रफ़्ते रफ़्ते फिरी जहिड़ा इन्सान चइजनि, तहिड़ा थी पिया। संदनि दिलि वठण लाइ ॻाल्हाइण महिल चवंदो हो, ''असीं कोढ़िया''। झेड़ो झटो बि फ़ादर पाण निबेरींदो हो। नींगरनि लाइ ॿ वड॒ा मकितब खोल्या विया, ऐं ४० यतीमनि लाइ जुदा यतीमख़ानो, फ़ादर याने पाण पंहिंजनि हथनि सां ठाहींदो हो।

हेतिरीअ जाखोड़ जो नेठि नतीजो इहो थियो, जो खेसि यारहनि वरिह्यनि खांपोइ साॻिए नामुराद मर्ज़ अची वकोड़ियो। डाक्टरनि सलाह ॾिनसि त हाणे मुल्कु छड॒े वञु, त को बचाउ थिए ई। चवण लॻो त हींअर त पाण हिननि माण्हुनि सां मुंहिंजो गहिरो नातो थियो। पोइ ५ वरिह्यनि अंदरि तारीख़ १० अप्रेल १८८६ ई. में हीउ परउपकारी पुरुषु चली रहियो। हाणे ॿिया ॻचु ॼणा मर्द ऐं ज़ालूं संदसि मिसालु वठी, संदसि कमु पिया हलाईनि।

***(गुल फुल)***

ୡୡୡ

# مُحقق - ڊاڪٽر روشن گولاڻي

✍ ڊاڪٽر سنڌيا چندر ڪندناڻي

ڀارت جي سنڌي ساهتيہ جي اتهاس ۾ ٻہ ڍهاڪا ڪن پنيان جا ورق ڏسبا تہ اڳرين تي ڳڻڻ جيترا نوجوان ڏسڻ ايندا جن سنڌي ساهتڪ کيتر ۾ قدم رکندي ئي ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇهيو.

جن ۾ خاص آهي نوجوان پيڙهيءَ جو ساهتڪار , سنڌ هند جي ڄاتل سڃاتل شخصيت , ساهتيہ اڪاڊمي انعام يافت, ٻال ساهتيہ رچيندڙ , مضمون نگار , ترجمان , ڪالم نويس, شاعر محقق ۽ ٻهوگڻي شخصيت جو مالڪ ڊاڪٽر روشن گولاڻي جنهن کي هن سال مرڪزي ساهتيہ اڪاڊمي جي ٻال ساهتيہ انعام سان نوازيو ويو.

روشن گولاڻيءَ جو جنم احمداباد ۾ شري لڪميچند گولاڻي جي گهر ۾ ٿيو. ڊاڪٽر گولاڻيءَ جا ماتا پتا سنڌيت جا شيدائي , سنڌيت پريمي آهن. جن پنهنجن ٻارن ۾ سٺا سنسڪار اوتيندي سنڌي ٻولي , سڀيتا ۽ سنسڪرتي جا ٻج پوکيا. جنهن جو اثر روشن جي ٻال هرديہ تي ننڍپڻ کان ئي پيو . ننڍپڻ ۾ ماتا پتا وٽان مليل سٺن سنسڪارن جو ٻج سلو ٿي اُڀرڻ لڳو. جنهن سلي کي اسڪولي ڪاليجي اُستادن تعليمي گيان ڏيندي پاڻي ۽ ياڻ ڇٽڪائڻ جو ڪم ڪيو. جنهن ڪري هي ننڍپڻ کان پڙهڻ ۾ تيزفهم هو. روشن گولاڻي پرائمري تعليم مونسپل اسڪول مان پڙاهندي، سيڪنڊري تعليم مهاتما گانڌي هاء اسڪول مان حاصل ڪندي ,ايڇ. ڪي آر ڪاليج مان بي اي ڪئي. جڏهن تہ ايم اي پڙهڻ واسطي هن کي ممبئي يونيورسٽيءَ م داخلا وٺڻي پئي ڇو جو احمدآباد ۾ هيل تائين ڪو ڪاليج يا ڪا يورنيورسٽي نہ آهي. جتي ايم اي جي ليول تي سنڌي وشيہ پڙاهيو وڃي. ۽ اڳتي هلي ڊاڪٽر روشن گولاڻي پنهنجي همٿ محنت لڳن ۽ حوصلو بلند رکندي اڳتي اڳتي ۽ ڪاميابيءَ سان تڪڙا قدم هلائيندو رهيو. جهڙو نالو روشن اٿس اهڙا سندس گڻ روشندار اٿس.

بنيادي طور ڊاڪٽر روشن ٻال ساهتيہ جي واقفيت سان سڃاتو وڃي ٿو. پر حقيقت ۾ روشن گولاڻي اها ٻهوگڻي شخصيت آهي جو هو جيترو ساهتيہ لاء سرگرم آهي اوترو ئي احمداباد جي سنڌي سماج جو سجاڳ ڪارپوريٽر رهندي بلڪل ڦڙتائيءَ سان نہ فقط عهدو بخوبي نباهيو. پر احمدآباد جي سنڌي سماج جا اهم مدا جيڪي ڪيترن ئي سالن کان ٺپ ٿيل هئا تنهن لاء هن تمام گهڻي سنگهرش ڪندي, هرهڪ ڪم کي سرانجام ڏيندي ۽ احمدآباد جو لاڏلو ڪارپوريٽر ثابت ٿيو. حالانڪ هن وقت هي ڪارپوريٽر ڪونہ آهي . پوء بہ احمدآباد جي سنڌي قوم کي مونسپل مان پورا حق ڏيارڻ جي لاء جاکوڙ اڃا سندس جاري آهي. سياستدان ۽ سماج

سڏارڪ جي حيثيت ۾ هن جي هٿان ڪيل ڪمن جي فهرست ايتري تہ تمام وشال ۽ وسيع آهي جو هن تي ٻيو وڏو مقالو لکجي وڃي. پر هت منهنجو اهو وشيہ نہ آهي.

ڊاڪٽر روشن گولاڻي ڪيترن ئي الڳ الڳ شهرن جي سرڪاري چاهي غير سرڪاري سنستائن طرفان ڪوٺايل سيمينار سميلن ۾ ڀاڱ وٺندي پنهنجا تحقيقي مقالا پيش ڪندو رهيو آهي. جڏهن تہ ڪيس ڪيترن ئي عزتدار انعامن سان نوازيو ويو آهي. هن هيل تائين جيڪي ڪتاب لکيا آهن گهڻو ڪري ڪيس هر ڪتاب تي انعام عطا ٿيل آهي. جيڪا شاهدي سندس معياري قلم ڏئي ٿو.

روشن گولاڻي پي ايچ ڊي اجمير يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ جي رهبريءَ ۾ 2014 ۾ ڪئي. هن سنڌ هند جي سڄاتل شخصيت، سنڌ لوڪ ادب جو ڪوجنيڪ , ناٽڪ نويس , ڪهاڻي نويس, ترجمان, مضمون نگار , ڪالم نويس, اداڪار , هدايتڪار , شاعريءَ جي صنف ڇهہ اکري جو ڪوجنيڪ محقق ۽ نقاد ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي جي شخصيت تي ڪئي جنهن جو عنوان آهي "ساهتيہ ۾ ڪٽنب , سماج ۽ لوڪ ساهتيہ تي ٿيل کوجنا جي ڪم جو تنقيدي جائزو"

هڪ ڳالهہ جا خاص هت غور طلب آهي سنڌي ساهتيہ جي ڪيتر ۾ سنڌ هند ۾ پهريون پيرو ڪنهن جي ٿيسز تي تنقيدي جائزي جو ڪتاب شايع هجي ۽ جنهن ڪتاب ۾ سنڌ هند جي اعليٰ تعليمدانن, نقادن جا ٿيسز تي ليک ڇپايا هجن جنهن ۾ سنڌ جي عظيم شخصيتون ڊاڪٽر غلام علي الانا , شوڪت حسين شورو , ڊاڪٽر سليم ميمڻ , ڪمال جامڙو ۽ ڊاڪٽر غفور ميمڻ جڏهن تہ هند جون عظيم شخصيتون ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي , ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي , واسديو موهي ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي , ڊاڪٽرديال آشا , ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي تہ اهو شرف سنڌ هند جي لاڏلي فقط ڊاڪٽر روشن گولاڻيءَ کي حاصل ٿيل آهي.

جڏهن تہ ڊاڪٽر گولاڻي ساهتڪار آهي جنهن جو ڪتاب "ادبي تنقيد" 2017 ۾ سنڌ ۾ شايع ٿيو. جڏهن تہ 2019 ۾ بہ ڪتاب شايع ٿيا " اندر پوڄواڻي " ۽ "هيرو نڪر ٻهو گٽي شخصيت" جن ڪتابن جو سمپادڪ روشن گولاڻي آهي. ڊاڪٽر روشن گولاڻي مقالي جي ورهاست جملي ستن بابن ۾ ڪئي آهي.

*باب پهريون -ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي جيون ۽ شخصيت

*باب ٻيون - ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻيءَ جي لوڪ ساهتيہ تي ٿيل کوجنا جو تنقيدي جائزو

*باب ٽيون - ڪهاڻين ۾ ڪٽنب ۽ سماج جو چٽُ

*باب چوٿون- مضمونن ۾ ڪٽنب ۽ سماجڪ مسئلن جي ڇند ڇاڻ

*باب پنجون - ناٽڪن ۾ ڪٽنب ۽ سماج جو چٽُ

*باب ڇهون - ٻال ساهتيہ ۾ ڪٽنب ۽ سماج جو چٽُ

*باب ستون -ڇاڇنائون ۽ ضميما

## ''ڊاڪٽر چيتنو لالواڻي جيون ۽ شخصيت''

محقق پهرين باب ڪي ڌهن حصن ۾ ورهايو آهي هونئن ته ڊاڪٽر چيتنو لالواڻي جي شخصيت ايتري وشال ۽ وسيع آهي جو ممڪن ڪونهي 36,صفحن ۾ سمائجي وڃي پر محقق پنهنجي قلم جي جوهر سان ڊاڪٽر لالواڻيء جي جيون ۽ شخصيت جي سموري تصوير پيش ڪندي, جديد برش جو استعمال ڪندي ,گهاگهر ۾ ساگر اوتڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي آهي ۽ جنهن ۾ هو ثابت قدم به رهيو آهي.

باب جي شروعات ۾ ڊاڪٽر لالواڻيء جو جنم، ڪٽنب، سنسڪار، تعليم، نوڪري، گهرو سنسار، ساهت ڪيتر، ڪلا ڪيتر ۾ يوگدان ڏيندي، ساهتڪ سيپتڪ تعليمي ڪيتر جو نيايل جوابدارين جو اظهار لاثاني ڍنگ سان ڪندي, محقق گولاڻيء , ڊاڪٽر لالواڻيء جي خاص هن باب ڪي پرپور پيار سڪ سان اوتيو آهي ۽ سچ پچ لالواڻي جي شخصيت اُن ڪان به متاهين چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو.جڏهن ته باب جي پڇاڙيء ۾ روشن گولاڻيء جي لالواڻيء سان روبرو ملاقات مان پڻ چڱي چوکي ڄاڻ ملي ٿي جنهن ۾ سچل سرمست جا قول "مان جوئي آهيان سوئي آهيان" ۽ ڊاڪٽر لالواڻيء جي بهترين ڪوتا خاص ڌيان ڇڪائين ٿا. جنهن مان ڊاڪٽر لالواڻيء جي سچي سنڌ سپوت جو ثبوت ملي ٿو .

جيءُ ۾ آهي جيسين جان,
زنده رهندي پنهنجي زبان
سنڌي توکي ڪونه ڇڏيندس
سنڌ ڇڏسين پرواه ناهي
هند ۾ هاڻي توکي اڏيندس

## ''ڊاڪٽر چيتنو لالواڻيء جي لوڪ ساهتيه تي ٿيل کوجنا جو تنقيدي جائزو''

جئن ته بنيادي طور ڊاڪٽر لالواڻي لوڪ ساهت جو کوجنيڪ آهي، ڊاڪٽر لالواڻي ٻنيء جي علاقن تي مهنن جا مهنا سفر ڪندي اُتان جي ٽڙيل پکڙيل لوڪ ادب جي کوجنا ڪندي, تحقيق ڪندي, جيڪو تمام لاثاني ڪم ڪيو. تنهن جا چٽا عڪس هن باب ۾ ظاهر ٿي بيٺا اهن.

باب جي شروعات ۾ محقق روشن گولاڻيء لوڪ ادب جي صنف ڪي چٽو ڪندي, ڊاڪٽر لالواڻيء جي کوجناتمڪ ڪمن جو جائزو وننڌي, ٻني جا لوڪ گيت ,پروليون, لوڪ ناٽڪ, فوڪ لور, لوڪ ساهتيه تي ودوانن عالمن جي حوالن سان روشني وجهندي , ڊاڪٽر چيتنو لالواڻيء جي لوڪ ادب تي رچيل کوجناتمڪ مجموعن جي ڄاڻ ميسر ڪندي, هرهڪ ڪتاب جي چڱي

چوکي گهرائيءَ سان چند چاڻ ڪندي ڪاميابيءَ سان قلم هلايو آهي.جنهن ڪري هي خاص باب مقالي جي آتما مثل اُيري بيٺو آهي.جنهن لاءِ محقق ڪي جس هجي.

## ”ڪهاڻين ۾ ڪٽنب ۽ سماج جو چٽُ“

هن باب ۾ محقق ودوانن جي حوالن سان ڪهاڻيءَ جي وصف بيان ڪندي , مختصر ۾ ڪهاڻيءَ جي اوسر جون جهلڪيون پسائيندي , ڊاڪٽر چينو لالواڻيءَ جا شايع ٿيل 'ماضيءَ جا ڏنڌلا عڪس' , 'پوسٽ مارٽم'۽ 'ردي' ڪهاڻيءَ جي مجموعن جو بهترين ڍنگ سان چند چاڻ ڪندي ڊاڪٽر لالواڻيءَ جي ڪهاڻين ۾ ڪٽنب ۽ سماج جا چٽ چٽي نموني ظاهر ڪيا آهن تنهن لاءِ محقق ڪجھ بهترين مثال پڻ پيش ڪيا آهن جڏهن ته محقق هنن مجموعن ڪانسواءِ ڊاڪٽر لالواڻيءَ جون ميئگزن, رسالن اخبارن ۾ ٽڙيل پکڙيل ڪهاڻيون سيهڙي, چند چاڻ ڪندي,هرهڪ ڪهاڻيءَ جي الڳ الڳ تحقيق ڪندي مقالي ۾ شماريو آهي .

## ”مضمونن ۾ ڪٽنب ۽ سماجڪ مسئلن جي چندچاڻ“

هن باب ۾ محقق مضمون نويسي جي فن تي سنڌي ۽ ٻين ٻولين جي ودوانن جي حوالن سان روشني وجهندي جڏهن ته مضمون جي ورهاست لاءِ ودوانن جا الڳ الڳ حوالا پيش ڪندي, مضمونن تي ڊاڪٽر لالواڻي جا 15 شايع ٿيل ڪتابن تي تحقيقي ٽيڪا ٽپڻي ڪندي هرهڪ مضمون تي وستار سان جائزو ورتو آهي. جنهن مان اها ڳالھ ظاهر ٿي بيني ڊاڪٽر لالواڻيءَ شخصي ۽ سماج جي هرهڪ موضوع تي لاثاني ڍنگ سان ڇهيو آهي ته محقق روشن گولاڻيءَ هرهڪ مضمون جي هرهڪ پهلوءَ جي چڱي چوکي چند چاڻ ڪندي ڪاميابيءَ جي ڏاڪو طئہ ڪيو آهي.

## ”ناٽڪن ۾ ڪٽنب ۽ سماج جا چٽُ“

بنيادي طور ڊاڪٽر لالواڻي لوڪ ادب سان گڏ ناٽڪ نويس طور سنڌ هند ۾ جاتو سڃاتو ويندو آهي. هي آحمدآباد جو اُهو پهريون سنڌي آهي جنهن کي ناٽڪ ڪلا گوُرو پرسڪار سان نوازيو ويو.

محقق گولاڻيءَ هن باب ۾ روايت طور ناٽڪ جي وصف پيش ڪندي, سنڌي ناٽڪ تي روشني وجهندي ,سنڌي ناٽڪ جي دورن شروعاتي , وچون ۽ جديد تي مختصر ۾ ڄاڻ ڏيندي, ۽عالمن جي حوالن سان سٺي تحقيق ڪئي آهي.

ڊاڪٽر لالواڻيءَ جي شايع ٿيل ايڪانڪي ڇهن مجموعن جي بهترين ڍنگ سان ادبي پرک ڪندي باب جي عنوان سان واسطيدار ڪجهه ناٽڪن جا ٽڪرا ڏيندي هرهڪ ناٽڪ تي چڱي چوکي ادبي ڪٽ ڪئي آهي.جنهن ۾ هو بلڪل ڪامياب قدم رهيو آهي.

## "ٻال ساهتيه ۾ ڪٿنب ۽ سماج جو چٽُ"

چوندا آهن ''ٻار آئيندهه جا ابا'' ڊاڪٽر لالواڻي اهڙن معصومن ابهمن جي ساهتيه ڏانهن به اوترو ئي سجاڳ رهيو آهي جيترو وڏن جي ساهتيه لاءِ محقق هن باب کي ٻن حصن ۾ ورهايو آهي.پهرين حصي ۾ ٻال ساهتيه جي سمجهاڻي ڏيندي ڊاڪٽر لالواڻيءَ جا ٻال ساهتيه تي شايع ٿيل 9 ڪتابن ۽ هڪ سمپادن ٿيل سمورن مجموعن تي ساهتڪ پرک سان ثابت ڪيو آهي ته لالواڻيءَ نه فقط لوڪ ادب جو اپياسو ۽ ناٽڪ نويس آهي پر هو هر صنف تي ڪاميابيءَ سان قلم هلائيندڙ تمام مڃاهون ساهتڪار آهي.

هن حصي جي پڇاڙيءَ ۾ محقق ڏيان ڇڪائيندڙ حوالو ڏيندي لکي ٿو:-

ڊاڪٽر جيٺي لالواڻيءَ راندين کي ڪٺي ۽ گم ٿيندڙ لوڪ ڇاهي ديسي راندين تي 'ڏيهي رانديون' هڪ ٻال مضمون پڻ لکيو آهي. جيڪو راشٽريه سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد , نيو دهليءَ جي سنڌي ڀاشا سيکارڻ لاءِ هلندڙ اپياس ڪرمن جي ڊپلوما ڪورس ۾ شامل ڪيل آهي. جيڪو نوجوان سنڌي ڇاهي غير سنڌي سکڻ جو اپياس ڪن ٿا تن کي ڏيهي راندين بابت ڄاڻ ميسر ڪرائي گيان ۾ اضافو آڻي ٿو."

هن ئي باب جي ٻئي حصي جو عنوان آهي **"ترجمن ۾ ڪٽنب ۽ سماج جا چٽ"** جنهن ۾ محقق ترجمن جي اهميت سمجهاڻي ڏيندي ڊاڪٽر لالواڻيءَ جو ٻال ساهتيه ٻين ٻولين تان ترجمو خاص سنڌيءَ مان گجراتي لڳ ڀڳ 10 ڪتاب تي روشني وجهندي لاثاني ڍنگ سان چند چاڻ ڪندي محقق ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ڊاڪٽر لالواڻيءَ جو ترجمي جي ڏس ۾ پڻ زبردست يوگدان رهيو آهي ۽ اهو ثابت ڪندي محقق ڪامياب رهيو آهي.

## ''جاچنائون ۽ ضميما''

جاچنائون ۽ ضميما جوڙڻ جو ڪم محقق گولاڻيءَ جو لاثاني ۽ ٻين محققن کان نرالو آهي. جو هن باب کي بهترين ڍنگ سان پنجن حصن ۾ ورهائيندي هرهڪ حصي سان بخوبي نڀاهيو آهي ۽ پڇاڙيءَ ۾ جيڪا ببلوگرافي ڏني اٿائين تنهن مان به محقق روشن گولاڻيءَ جي محنت، جاکوڙ، جفاڪشيءَ جون ڪوڙ ڪوڙ جهلڪيون ملن ٿيون .

هي سمورو مقالو پڙهڻ بعد ڪا گنجائش ڪونه ٿي رهي ته ڪو محقق روشن گولاڻيءَ

ڊاڪٽر لالواڻيءَ جي شخصيت جو ڪو پهلو ڇڏيو آهي. ڊاڪٽر روشن گولاڻي شفاف ادبي عينڪ پائي لاثاني ڍنگ سان ڊاڪٽر ڄينو لالواڻيءَ جي شخصيت جي هرهڪ پهلو کي ڇهندي، جيڪا تحقيق ڪئي آهي سان واقعي ۾ قابلي تعريف آهي.

ڊاڪٽر روشن گولاڻيءَ جو هيءُ مقالو اسانجي سنڌي اتهاس ساهتيه ۽ سماج ۾ هڪ انموليه خزانو آهي. جهڙو نالو روشن اٿس تهڙو ئي هن مقالي کي پنهنجي رنگمئي ڪرڻ سان هرهڪ باب کي روشندار ڪرڻ ۾ ثابت قدم رهيو آهي. جنهن لاءِ ڊاڪٽر روشن گولاڻي کي شاباس هجي ڪيس ڪوڙ ڪوڙ ساريون مبارڪون. آءُ ڪيس دعا ٿي ڪريان شل ڊاڪٽر روشن جو مستقبل اجا بہ روشن ٿيندو رهي جو سنڌي ساهتيہ ۽ سنڌي قوم ۾ سدائين چمڪندو رهي.

## ڊاڪٽر روشن گولاڻيءَ کي مليل عهدا مان ۽ سنمان

سنڌو ورثو ڪتاب - سنڌي ساهتيہ اڪاڊمي گجرات طرفان انعام سال- 1995، رنگبرگي گل - سنڌي ساهتيہ اڪاڊمي گجرات طرفان انعام سال - 2008، منڙي منڙي لات - سنڌي ساهتيہ اڪاڊمي گجرات طرفان انعام سال 2009، روشن آواز - سنڌي ساهتيہ اڪاڊمي گجرات طرفان انعام سال 2002، ٻال ساهتيہ جو انعام 'يووا گورو پرسڪار' ڀارت ۾ ڀهريون انعام 2008، مرڪزي ساهتيہ اڪاڊمي - سال 2017

## ڊاڪٽر روشن گولاڻيءَ جي ساهتڪ پونجي

سنڌو ورثو - 1994، رنگبرگي گل - 2007، منڙي منڙي لات - 2008، روشن آواز -2011، روشن تارا - 2012، سنڌي ادبي اخبار نويسي - 2015، روشن ٻاراڻا ٻول - 2015، ٻال گلشن -2017، ادبي تنقيد - 2017، ٻيو ڇاپو سنڌ ۾ 2017، مور نچي ٿو - 2018

## سمپادن ٿيل ڪتاب

رنگبرنگي پوپٽ - 2014، مهاڳ - 2014، ادبي تبصرا - 2014، اندر يوجواڻي 2019، هيرو ٺڪر ڀهوڳڻي شخصيت 2019

## ترجمو ٿيل ڪتاب

سنگ درشن - 2014

ꙮꙮꙮ

# غزل

✍ اَرجن حاسد

(١)

- سنڌ منهنجي اَمان - ڪيڏو تو لءِ سِڪان
تنهنجي چائنٽ ڇُمان - مهر توکان مڱان.
- هيرَ سُرهي لڳي - جڏهن تي سنڌوُ وهي
ساز جهيڻو وڄي - تنهنجي پر ۾ هڄان.
- واءُ سڏڙا ڪري - پر مان توکان پري
ڪوڪ جي تون ٻُڌين - ڪونڄ ٻڇڙي پوان.
- ظلم جو زور جو - روز ئي زلزلو
ٿڃ تنهنجي پڇي - مان ڇو موڳو اَچان.
- ڏاڍُ ڏاڍان ڪيو - مون ڪُهاڙو ڪنيو
لڄ تنهنجي رهي - آءُ وڍجي وڃان.
- ڪيت ساوا هجن- مُڙس ڳجگوڙ ڪن
سينڌ سُهڻي لڳي - مُرڪَ مُنهن تي ڏسان.
- مينهن ڏاڍا پَون - ڳوٺ تنهنجا وَسن
اَمن قائم رهي - خير ’حاسد‘ گُهران.

(٢)

- عورت جو جسم لهر تي بيڙي هلي ٿي جڏهن
ڪا سونهن پنهنجي سُرت سنواري چڙهي ٿي جڏهن.
- پاڪُرَ بنهي جا، جڻ تہ ٿي ڳَنڙي ڇُري پُري
لئہ تال کي ستار ڪا هوريان ڇُهي ٿي جڏهن.
- ٿَڪِ ٿَڪِ هلي ٿو ونجهہُ، هوا ٿي لُڏي لَمي،
هر رات، پنهنجي چوڇَ کي ماڻٺ لڳي ٿي جڏهن.
- ڇوريءَ جي تاڪَ مرم جي سٽرن تي ڇَپ رکيا،
برپٽ ۾ بوندَ بوندَ کي واري چُمي ٿي جڏهن.
- ڏرتيءَ جي ساهہ ساهہ ۾ اِندلٺ جا ترورا،
مُکڙين جي لوڏ لوڏ اَکين کي وٺي ٿي جڏهن.
- طوفان ڪائنات سڄيءَ کي اِئين چُميو،
ممتا کي ماءُ گري ۾ پلجڻ ڏئي ٿي جڏهن.
- اُڏمن جي شانت گهوڙ، جڏهن مُرڪَ ٿيو پوي،
’حاسد‘ مڃي ٿو ٻالهہ، شرارت ڇوي ٿي جڏهن.

❦❦❦

# ڏاڍي خاموشي آهي

✍ واسديو موهي

نديءَ جي ڪَلڪَل تہ وٽ
ڏاڍي خاموشي آهي
جتي وڃين ٿو.

ڪو رشتو ڪونهي
پو بہ اِمتحان ٿو وٺين
ڪو تہ لڳاءُ هوندو
ڪِلين ٿو
ڪِل ٻُڌجي ڪانہ ٿي
ڏاڍي خاموشي آهي.

وڏي غمگين ڪهاڻي آهي
ريل گاڏي بيني آهي
جُدا ٿيندا
تڏهن ئي گاڏي هلندي
ڏاڍي خاموشي آهي.

ندي هُنن کي تڪي ٿي
عرصو ٿيو
توهان گڏجي پير نہ پُسايا آهن
ڏاڍي خاموشي آهي.

شام آهي
اَڃان روشنيءَ
ڏيئي کي جلايو ڪونهي
ڏاڍي خاموشي آهي.

وڻ ناهن
هڏاوان پڃرا آهن
ڪو پن ڪونہ ٿو وڃي
ڏاڍي خاموشي آهي.

❦❦❦

# پير (ڏارا-ڪوتائون)

✍ پريم پرڪاش

- ماڻهوءَ کي هلندو رکن پير
  بيهڻ تہ بيهجي وڃي زندگي
  ماڻهوءَ کي هلندو رکي، زنده رکن پير.

(۱)

- اُگهاڙا هارايل پٽيل ساٿا-دوست پير
  جميل بيٺل لنگڙا ضعيف - اَسانجا حصا
  چنچل چالاڪ قُرت جنوني - عزيز پير
  ڪمينا هيراڪ حرفتباز آواره ڪافر-دشمن
  ڪٽيل بدقسمت بي-نام گنهگار - اَسانجا پير
  روُحن جيان بي مُراد
  من جيان بہ-چتا
  ذهن جيان موڳا
  اَکين جيان ماتم گاه پير
  زمين جي سختيءَ سان ڦوڪيندا
  ڪنڊن سان رتو رت
  لوهي لوڙهن ڪري پاٽا پاٽا ٿيندڙ پير
  هرهڪ پير جڻ اَلڳ زندگيءَ جي پهچان
  جيترا پير اوترا ڪِردار
  لڳن اِنسان جا بُنياد پير
  هڪ جوڙو پير
  يا تہ هڪ ئي مهل ڪيترا ئي پير
  يا پيرن ۾ پير
  ٻنهي پيرن جي اَلڳ اَلڳ ڪشمڪش
  تہ هڪ پير جو هڪ طرف رُخ
  ٻئي جو مُختلف
  هڪ جوڙي پير جا ڪيترائي پير
  پنڌُ ئي پنڌُ پيڙ اَندا-ڏُنڌُ
  هڪ ٻئي کي چٽي لتاڙي ويندڙ پير
  اَنيوي، اَحساسي، ڪجھ ذهني پڻ
  ماڻهوءَ کي هلندو رکي زنده رکن پير.

(۲)

- هتي سان پيرن جو ڪو واسطو هوندو هو ڪڏهن
  دل ۽ دماغ سان بہ ڪجھ اڙ
  هوا ڪجھ اَهڙا مزاج بدليا
  هِت بہ ورهاڱا اَنيڪ.
- ڪِٿ مذهبي، ڪِٿ سرحدي ديوارون
  پيرين ڪيئن هڪ ٻئي جي گهر
  ڪٽي سِڪَ سَندا پير
- جن جو نہ هوَند سان مطلب، نہ نوابيپڻي سان پالند
  فقيريءَ جا ناٿ ونن لاطمع پير.
- سفر ۽ منزل جي ڇا ڳالھ ٿا پُڇو
  شاهي جلسي ۾ سندس نالو ئي ڪونہ ورتو ويو
  حاصلات ڏسي پنهنجي، ڪِلي ڏيندڙ پير
- ڪڏهن چُپ سان رِل مِل پيار جيان
  رکي رکي سُڏڪو پيرين
  ڪڏهن اونده جي چادر ۾ ڳُنھج وڃهن
  تہ ڪي سياه داغي ٻٽايا وڃن عمر پر لاءِ
  ڪڏهن شوئيہ جي تهن جا چيڙا پڪڙين
  تہ ڪي سج جي روشنيءَ سان ٽاپا ڪاڻين
  ڪڏهن لهي لهرن جي لرزش جو سپرش پئن
  تہ ڪي پَرَن ۾ پيري آڪاش، اُڏائن بنا پير
  ڪڏهن آڱوني سان ڪوٽين زمين پاڻ سمائڻ لاءِ
  تہ ڪي زنده دفنايل ٻاڏائين ساھ ڪڍڻ لاءِ پير
  ڪڏهن ٻار گرپ ۾ چورين پيرڙا
  تہ ڪي زماني جا قرار ڏنل لاوارث پير.
- اِنساني خوشحالي ۽ شانتيءَ لاءِ مشغول رهن
  پاڪيزه اِرادن سان ڪي اِنسانيت پرست.
  ڪڙا ٿين تن آڏو بہ مُخالفتي پير
  وري بہ پهچن ڪي منزل پنهنجيءَ تي
  پختہ اِراده ڪجھ خوشقسمت
  جڏهن بيهن اِنهن لاءِ ڪئين حفاظتي پير
- جيئڻ جو رستو خوشگوار يا هجي ويدناميہ
  طئہ ڪندي اُن کي نِستاب ٿين
  من جي مُنجهيل پاوَن کي بہ
  ڏڙڪن ۾ پڙهن پير.

(۳)

- سِڪ سنيھ جي چير چني چڏيائونس
  ڪوني جا گُهنگهروُ ٻَڌي رقص ڪندڙ پير.
- اَڳ پير گهمائڻ سان جن جي
  ساوا ٿيندا هئا سين جا گهر
  اَڄ وڌيڪ ساوا ٿين صرف سندن پير.
- هي ميهنديءَ رتا، بيخوديءَ ۾ نچندڙ پير
  تہ تنهنجا سدورا ۽ منهنجا بي گناه
  دُشمن-پير پڳل ڪاچ ڦٽا ڪن
  سچِي ڌرتيءَ تي رتورت پير.
- هن ديو ڪايا جا پنهنجا پير آهن يا نہ
  خبر خدا کي
  سندس پنيان پنيان هلندڙ ڪئين پوئلڳ پير.

- هٿ ٻَڌائي حشام هٿن کان نمسڪار ڪرائن
ڪنڌن کان سِجدو، اَکين کان عبادت
جُهڪيل سِرن جي سويڪارن غلامي ڪرشما پير.

(۴)

- هن رعيتي راڄ ۾ اَڄ بہ ٻڪندي ٻڪندي
ڏيمي گَتيِ پيرن جو شڪار ڪري
حق چِنيِ ماس جيان کائين تيز رفتاري پير.
- اَسان جي ئي گهر کي لُٽي پاتين کي ماري ويا
اَسان پُڇيو پئي ڪنهنجا پير
چوَن هِت تہ آهن صرف تنهنجا ئي پير.
- تڪڙو رنگ بدلجي ٿو باروُد سان
گلستان ۾ گُهمن جئن قبرستاني پير.
- پراوا مُلڪ اُجاڙي
پاڻيءَ ۾ پيل تيل چوُسين
هوائن ۾ اُڏامن حملاور پير.
- عبادت گاهن کي ڪنڌهر بڻائڻ لاءِ
اوچتو پهچن دهشتي پير
پنهنجيون لوهي سنگينون کوڙين
عوام جي سينن ۾، تاناشاه پير.
- پير هوائن تي رکي مُلڪَ ڏهڪائين
پير پاڻيءَ تي جمائي شهرَ ڏمڪائين
پير زمين تي کوڙي آسمان ڏارِين
پير پهاڙن تي لٽڪائي سرحدون نوسين
دشمن جي گهر وجي پير پنهنجائپ جا پائين
سيني جا علحدا علحدا پير
پيرن پيرن ۾ ڏقير.
- ڪُرسين کي پاراتي ۾ ڏين پنهنجي چينچري
زماني کان پٽڪيل پير.
- هونءَ هوُ آهن سياسيِ پير ڪٽيل سپيئي، تہ بہ
هميشهہ ڪٽڻ ۾ رڌَلِ بين جا پير.
- هِت هُت لِڪل ڪجهہ بڪترپوش آتنڪوادي پير
ٻئي پاسي مُلڪ مُلڪ جون ٻنل چنتائون
پهاڙي بجيٽون ۽ وڏو اَنداز سپاهي پير
روز ڪٽجي اُڏامن تہ بہ، ڪئين معصوم پير.
- ڪيئن ٿا پُڇو ۽ ڇا ٿا پُڇو
اَڄ جي عوام عيوضي راڄ جو
سپ کان اَندر ورلڊ نيٽ ورڪ پير پختا آهن
اَٽميي پئسي جي طاقت مهيا آهي
بي حساب هٿيارن جي اَڄ وڃ چالوُ آهي
اَهڙن اَدرشيہ مافيا پيرن اَڳيان جُهڪيل
ڪئين وڏا وڏا مُلڪي ۽ سياسي پير.

- هوُ آپبيتيِ ٻڌائي رهيو آهي اَسان کي
چپ چاپ نڪري وڃو زندگيءَ جي راهہ تان
اَکيون ڪَنَ زبان بند رکيِ
جي وحشي پيرن کي لڳو
توهان ڪجهہ بہ ڏٺو ٻڌو ڳالهايو آهي
سمجهو تہ ٻئي پل توهين ڪونہ آهيو
يا باقي زندگي
ڊوئي رهيا آهيو ڪٽي اَپاهج پير.
- ها جناب
خبرون تہ اَجا بہ جاري آهن -
اِئين تہ هر شهر ۾ اَجڪلهہ ڪَٽجن پير.
- پر عاد کان دهليءَ ۾
سپ کان سنا ڪَٽِيا وڃن پير.

(۵)

- پنهنجين پاڙُن کان اُکوڙيل چيتن سُن پير
ٻنهي جهانن کان ويل
وِساميل شمع اَڳيان محفل لڳائي ويٺل پير.
- زَمين کان پَٽي سندن پيرن کي
رستو پڪڙايو ويو
اُهو رستو خبر نہ ڪهڙن ڪهڙن رستن تي وڃي نڪتو
ڪيسا پنهنجا ڪيترا بہ پختا ڪن
گهر اَڄ بہ ڪين پنهنجو ڪونہ ملي
زمين تہ ڪابہ پنهنجي ناهي
هلن پيا ڪٽي اَجا جلاوطن پير
وڃائيندي سانسڪرتڪ سُڃاڻپ
ڊوئيندا قِرن پنهنجو وجود پير.
- هوُ هرهر پنهنجن پيرن کي ڏسن
ڪڏهن اُهي ڪونہ آهن
تہ ڏينهَن جا ڏينهن ڪونہ آهن
جڏهَن آهن تہ لڳن ڪونہ پنهنجا پير.
- هوُ پيچرن جي ٿا تلاش ڪن هر روز
سپيئي رستا ڪين چوُواٽن تي پهچائين
طئہ ڪن جيڪي سندن پير.
- ڏاري زمين جي پاڻ ئي جيئڻ بہ سِکن
رکن مٽي مٽيءَ جي پهچاڻ، پوءِ بہ
پنهنجي زمين جي ممتا-ڇُهاءَ لاءِ ترسن پير.
- ڪٽي بہ نظر ڪونہ اَچون اَسين هڪبئي کي
ڊُڪندا نظر اَچن چوُڏاري صرف پير ئي پير.
- ماٺهوءَ کي هلندو رکن پير .....

# غزل

✍ ايم. ڪمل

شهر ۾ گولي هلِي، پوءِ اَلائي ڇا ٿيو
خلق هڪ پاسي ڊُڪِي، پوءِ اَلائي ڇا ٿيو.
هڪ ڌماڪي سان سڄي روشني ميري ٿي وئي
اوچتو ڌوڙ اُڏي، پوءِ الائي ڇا ٿيو.
’تون ڇا تون ڇا‘ ڪان هلي ڳار ۽ پوءِ نِڪتا ڇُرا
تڪڙو آيس مان هلي، پوءِ اَلائي ڇا ٿيو.
رستا خوابن ۾، گهٽيون ننڊ ۾ غلطان هيون
اوچتو چيخ اُٿي، پوءِ اَلائي ڇا ٿيو.
مون پيي کو پَلُ ڏٺو رستي تي مريضن، پنهنجي
گاڏي خود ئي تي ڏِڪي، پوءِ اَلائي ڇا ٿيو.
گهر ڪان نڪتو تہ هُئس ڪيس سِڌي ڳالهہ ڇوڻ
دل تہ همت بہ ٻڌي، پوءِ اَلائي ڇا ٿيو.
ساڻ سيني کي ڪَري قافلو هڪ ٿي، وَڌجي
راءِ سيني جي هُئي، پوءِ اَلائي ڇا ٿيو.

ꙮꙮꙮ

# غزل

✍ گوپ ڪمل

- بي خوف پٿرن مٿان جيڪي هليا هئا،
 ڇا لاءِ تن جا پير گلن تي ڦٽيا هئا.
- ڪنهنجو هو ذڪر بندُ اَکين جو ٽُٽي پيو،
 منهنجي ڳِلن تان پوءِ تو ساگر ڇڪيا هئا.
- هڪڙي ڏِئي جي روشني تن لاءِ گهٽي هئي،
 پر سڄ ڪسڻ جي لاءِ سندن هٿ ڪڇيا هئا.
- ڇت جي تلاش ۾ تہ اَسان دربدر رُلون،
 مهمان ٿي جي آيا، سي مالڪ بڻيا هئا.
- پنهنجي نيت ڪڏهن بہ لڪائي نٿا سگهن،
 هن ڪان اَڳي هنن گهڻا چولا مَٽيا هئا.
- هِن جي ٻُڏڻ جو ڏوهہ ڇو طوفان کي ڏجي،
 سوراج ڪيترائي تہ اَندران ٽٽيا هئا.
- ڦُڙڪڻ ڇپن جو سمجهہ ۾ آئين ڪِٿي ڪمل،
 مون ڪيترا سَنيها هوا تي لکيا هئا.

ꙮꙮꙮ

# قطعا

✍ ڊولڻ راهي

(۱)

جن توکي درگذر ڪيو
وچ وچ تِن ڪان اَڳتي وچ
پنيان ڪندا- پيا پوئلڳي
تون تہ سين ڪان اَڳتي وچ
راهہ اَٽانگي، اَٽڇاتي
موتي مهڻياب نہ ٿيءُ
ممڪن جي حد جاڻڻ لاءِ
ناممڪن ڪان اَڳتي وچ.

(۲)

وقت وٽ ايترو تہ ناهي وقت
وقت توکي جو بار بار ڏئي
وقت کي وقت تي جي ڪم آڻين
وقت تي پو سندءِ شمار ٿئي.

(۳)

وقت هوندو هو جو چوندا هئاسين-
’وقت پنهنجو بہ ڪڏهن پڪ ايندو‘
وقت اَهڙو بہ اَڄ آهي جو چئون
’ڇا اهو وقت ڀُلائي سگهبو؟‘

(۴)

فرصتون هاڻ ڪِٿ ملڻ جون رهيون
آن لائين ملون غنيمت جاڻ
خيريت دوست جي پُڇين ڇا تو
فيس بُڪ تي سندس طبيعت جاڻ.

(۵)

دوست! تنهنجو ڪتاب ڪلهہ پهتو
مونکي فرصت ملي تہ پهچ لکان
پنهنجو رايو بہ ڏيان لکيو آ تو
تون دعا ڪر تہ شل پڙهي بہ سگهان.

ꙮꙮꙮ

# ويچار

✍ ڊاڪٽر ديال ’آشا‘

- پريوُ آهين دين ديال؛ قدم قدم تي لهين سنڀال،
  ڪيڏي ڪرپا تنهنجي آهي؛ سُڀڏي صحت ڏي جڳپال.
- گيان ۽ وئراڳ جت، موهه جو واسو نه تِت؛ رام جنهنجي آهه من ۾، ڪام جو واسو نه اُت.
- جڳت ۾ ڪندو رهه سيني سان پيار؛ وڃ دل ڀين جي، ٻڻي غم گُسار،
  وڻ دل ڀين جي ته آهي ثواب؛ دکائج نه ڪنهنکي، دکائڻ آ پاپ.
- ڏٺي تنهنجي لهندو سدائين سنڀار؛ ڪڏهن ڪين تنهنکي توُن پيارا وِسار.
- دنيا جا رنگ روپ ڏسي حيران ٿيا؛ ناٽڪ جي هن پردي تي مستان ٿيَا!
  ڪي گياني، ڌياني، وئراڳي، رشي؛ موهڻي مايا ۾ ڦٽلجي غلطان ٿيا!
- پريوءَ جي ڏني تي سدا راضي رهه تون؛ شڪر آ شڪر آ سدا پيارا چئه تون.
- رک نه توُن مونکي پرين منهنجا پري؛ برهه جي ٿي باهه سيني ۾ ٻري!
- ڪجي ڪين ڪنهنجي ڪڏهن عيبجوئي؛ نه عيبن کان آجو ’آشا‘ آهي ڪوئي.
- حياتي اَجائي نه پنهنجي وِڃاءِ؛ اُٿي جاڳ پيارا ڏٺيءَ کي ڌياءِ،
  ڏني جا اَمانت توکي ڏٺيءَ آ؛ نه ڪر تنهن ۾ خيانت سڦلي بڻاءِ!
- وڃج ويڄن وٽ ته ٻڪي ڏيني ٻاجهه جي؛ سو در موُر نه مٽ، جتان دوا دُعا جي ملي.
- بانور نه ڪر تون پيارا! هتي مهمان ڏينهڙا چار تون،
  ڪر ياد رب کي توُن سدا، سوچي ته ڪر وهنوار تون!
- سنتن جي درشن سان من ٿي باغ بهار؛ پريم جو اَوتار سي، ڏين سيني کي پيار.
- پيار آهي زندگي، پيار آهي بندگي؛ پيار ڏياري ٿو نجات، پيار آ آبحيات.
- پنهنجن سان ڪر ڪين تون پاسو؛ پيار جو پريتم پياسي آهيان؛ ڏڍ ڏي دل کي وصل دِلاسو!
- ڪين واليءَ کي وسارج تون بندا! جو وساري حيف تنهنکي آ اَدا!
- جِن لاءِ ڪرين ٿو توُن خفا؛ ’آشا‘ سي سپ اَٿئي بيوفا.
- ڪين ڪر تون ماڻ ايڏو زال تي؛ ڪين ڪر تڪرار ڌن ۽ مال تي.
- داتا آهي دين ديال؛ هڪ هڪ جي ٿو لهي سنڀال.
- ڪِن جو اَڇڻ به ڪين وٺي ٿو؛ ماڻهو مڙئي ماڻهو آهن؛ ڪِن جو وڃڻ به درد ڏئي ٿو.
- سواسن جا ٿا هيرا وِڃايون؛ ڪال اَچي ٿو جڏهن ڪنڌ تي؛ ڳوڙها ڳاڙي پوءِ پڇتايون.
- تنهنجي درد فراق ۾ جيئڻ ٿيو دشوار؛ ڪير لهي منهنجي سار! ستگر منهنجا سپرين.
- مات ۾ آهي مزو مات جو ميوو توُن کاءُ؛ مات ۾ مالڪ ملي، مات جو توُن وٽ هڳاءُ.
- وئرٿ واد وواد ۾ جيون ڪين وِڃاءِ؛ ڪم اَچي پرلوڪ جا، پونجي سچي ڪماءِ.
- سپ آهه اَڪين جو ڍءُ؛ ڏسڻ ڇُهڻ مان ڪجهه به نه ملندءِ؛ ڪجهه سائينءَ جو ڪر پئهُ.
- دوا دعا جي ٿي ڪري ته تن من شفاياب؛ چمڪي ٿو سو جهان ۾ جيئن ماهتاب.

**(’ڪاويه چنتن - من جو منٿن‘ (ڀڳتي ڪاويه)،**
**پهريون وڏو ڇاپو، ٢٠١٧ع، صفحا ٥٢٠، ييتا ٤٠٠ رپيه، ڀهورنگي جلد، اُلهاسنگر-٥)**

ꝎꝎꝎ

✍ سريچند ڪيسواڻي

## ڪويتا-١: سڏ-پڙاڏو

سڏ
هلو منهنجون ٻڪريون ...
پڙاڏو
ٻي ٻي ... ٻي ٻي ٻي سرو ٻاڪرو آواز
پٺيان پٺيان هڪ ڀيڙ آهي
اڳيان هڪ وڏو ٻئنر آهي
ٻارن جي هٿ ۾
هر پاسي هر طرف هجوم
ننڍا وڏا بي ترتيب ٽولا ۽
ٽولا اِنساني
ڀيڙ ۾ ڀٽڪندڙ لوڪشاهي ڳڻ.
وروڌ ڪي نہ نند
نہ ڪر فر اُتساه ناراض ڪنهن کي
رهہ بي فڪر بي ڊپو.
هي اَهنسڪ نعارا تہ آهن
هاڻ تہ نقاب بہ ضروري نہ آهي.
نردوش ڪي پٿر بہ ضرور لڳندو
خون جهڙو رنگ بہ ڦهلجندو
زخمي ٿي ڪرندو بہ ضرور
نعارا هٽنديـن تہ اُجورو ملندءِ
پر هي هڪ حادثو ئي هوندو.

## ڪويتا-٢: جسماني سياست

تنهنجي
نپنسڪتا هنسڪ آهي.
هر داوَ ۾ ڪا راڄنيتي
تون هر وقت اَجنبي آهين
اِها اَهنسا آهي
عمل ۽ ساهس جي.
ڪنهن ٻار، ٻڍي
اِستريءَ کان عورت تائين
منهنجي همدردي
ڪلڻ هاب بڻي.
نرپيا جي ذهنيت
دامنيءَ جي ساهس سان اِنساني لڳاوَ
منهنجو وشواس
جسماني سک تلاشيندي
پاڻ سان زيادتي ڪرڻ تي هِري ويو
مان
ڪا پرش
ناهيان
راڄنيتي سوچ - جسماني سياست
سمجهہ جي ڪمزوري پوڳيندڙ نپنسڪ آهيون
سماجڪ سماڳم ڪندي
اَئبارشن جو اَڳوات سوچي ڇڏيو آهي
پختن ويچارن جي گرپ جي
سيزيرين سوکي آهي.
جنني جو شرف حاصل ڪندڙ عورت
اَٻولي مائشالا جي سمجهي!
جنم ۽ موت تي ڪو ڀروسو ناهي!

ᴤᴤᴤ

## غزل

✍ ڊاڪٽر روشن گولاڻي

ڪئي ڪين مون غمن سان شڪايت،
تڏهن ئي خوشيءَ جي اَسان جي عنايت!

ٿو پانيان مان دشمن بہ پنهنجو ئي ساٿي،
پلي اُن جي اَکين ۾ پريل آ، عداوت!

هليو دؤر آهي دغابازي ڪو هِت -
ڏسي سو، رُنو اَڄ شرافت آ!

غريب ڪو ڪري ٿو خطا سو، گناهہ آ -
اَميري گناهہ چو، اُنهيءَ کان سلامت؟

اَکين ساڻ پرکڻ آ، **'روشن'** سِکيو هاڻ -
رهي ڪئن پوءِ دشمن جي ڳجهارت؟

ᴤᴤᴤ

# هوُ چار گهڙيون جيِ پوندو آهي

✍ موهن همٿاڻي

هو
ديوار تي ٽنگيل گَهڙيال ڏانهن
نهاريندي نهاريندي
سُين کي ڏسندي ڏسندي
خوش ٿيندو آهي
ها، وقت گذري پيو ...
ڪمري ۾ ٿيندڙ
ڏينهن ۽ رات جو فاصلو ۽ فرق
گهڙيال جي سُين جي ٽِڪ ٽِڪ ۾
سَمائجي ويو آهي
سُين کي ڏسندي ڏسندي -
در-درين-ديوارن کي ڏسندي ڏسندي
سندس ڪمري ۾ سندس ساڻ رکيل
ميز-ڪُرسي-پلنگ جي واري لنگهه مان
ايندي-ويندي-لنگهندي-
هُن کي اِئين لڳڻ لڳو آهي
هاڻي هُن جي اِها ئي لائيف آهي
اِئين ئي هلڻي آهي
سُين کي هلندي ... ڏسندي-ڏسندي ...
وقتي ڪير هن سان ملڻ-ڳالهائڻ ايندو آهي
تہ هُن جي ڪمري جون جاگيل
ديوارون-دريون چرڪ پري اُٿنديون آهن-
ڪُرسي ميز ٿورو چُرپُر ۾ ايندا آهن-
رنڌڻي ۾ رکيل ٿورا گهڻا باسڻ ٻاڻ ۾
ڇهڇٽو ڪرڻ لڳندا آهن-
پلنگ تي رکيل ٽرانزسٽر ۾ هلندڙ
گيت جا ٻول بہ
پنهنجي آواز کي هوريان ڪري
هُن جي اَڪيلين اَکين ۾
تَرِي آيل ڳوڙهن جي چمڪ ۾
کوهجي ويندا آهن-
گيت، هوريان هوريان پيو هلندو آهي
جڻ پيو چوندو آهي -
ڪير هُن سان مِلڻ-ڳالهائڻ ايندو آهي
چار گهڙيون هوُ جيِ پوندو آهي
شيام چئي ويو آهي
”زندگي جهڙي بہ آهي ...
پوءِ بہ جاءِ جيئڻ جي آهي ...“
ڪير هُن سان مِلڻ ايندو آهي
چار گهڙيون هوُ جيِ پوندو آهي ...

ꙮꙮꙮ

# غزل

✍ اَرجن چاولا

وقت جي زيادتي سَنيِ آهي
زخم سهندي پُنيِ گَنيِ آهي!

اَڄ بہ ڪوري جيان ئي ڪامي پيو،
تن تپيو جڻ تہ ڪا بَنيِ آهي!

لوءِ جي هر قدم لَپات لڳي
هِت نہ تذڪار ڪا وَنيِ آهي!

مُدتون ٿي ويون مِليا ناهيون
وچ جي ديوار پل ڏَنيِ آهي!

تو نہ مُرڪي ڪڏهن نِهاريو مگر
مُرڪ تو ڏانهن مون پَنيِ آهي!

تو بنا ڪيس ٻيو سُجهي ئي نٿو،
منهنجو من پيِ تہ چا هَنيِ آهي!

ممڪن آ ڪو لقاءُ آ ٿيڻو،
پيڙ چا لاءِ هِت ڪَنيِ آهي!

ꙮꙮꙮ

## ”اِندر پوڄواڻي - ڪل ڪلام“ سمپادڪ : ڊاڪٽر روشن گولاڻي

ڊيمي سائيز، صفحا 504 (252+252)، سنڌيءَ جي ٻنهي لپين عربي ۽ ديوناگريءَ ۾ گڏ - سال 2019 - قيمت 380 رُپيا، پڪو ڀورنگي جلد - ڇپائيندڙ : سنڌي ساهتيه اَڪادمي - گجرات راجيه، اَيپليڪاگر ڀون، سيڪٽر -17، گانڌينگر - 382017 ، فون نمبر : 23256798, 23256797 (079)، ڪتاب جو عالمي نمبر : ISBN 978-93-88197-50-2

ڪتاب ۾ سمپادڪ پاران سهڻو - ٺاهوڪو ۽ محنت ڀريو ۽ جذباتي مهاڳ ڪتاب جو مُلهه وڌائي ٿو.

✍ اِندر پوڄواڻي

# تنها

- اَلا! اَت ئي ڦهر دل جو ٽرانزسٽر رڙي!
- روي خواه ڪوي ٻرڻ ٻنهي لءِ لازمي.
- زندگيءَ جو ٽوسٽ اَڇا ته آهي اَڌ پڪل.
- ڏرتي جئن ٽئي ٽي ٻُڏي، ٽئن ٽي ٽچ وڏيس!
- گهرجن گهيرائو ڪيو، ڏاهپ ڏنو نه سات.
- دل جو ڦٽڪڻ بند، موٽ ڀيو آهي ئي ڇا؟
- هوُ ڪن گرل فرينڊ، هيِ ڏرم جي ڀيڻ ڪن.
- دلڙي تي ڪالنگه، اندر ديوي شانتي.
- جنم-دن جو جشن ورسي اَرمانن جي!
- ترقي ڪرمنڊل ڪوڊ جي سپيتا جو وڪاس.
- سوين نديون اَمرت ڏين، ساگر ته ٻه ڪارو!
- روز پونءَ جي دوار پرهه رنگولي ڇٽي!
- ٻٽي زندگي اَئمريڪن پٽن ٽئنڪ.
- ’ليڊر‘ اريسٽ، ڪمپليٽ ريسٽ.
- آدرشن کي جاءِ ڏني ڪاڳرن جيءَ ۾.
- ٻار چنيسر جا وڏيا، هي هي! سنڌ جا ڀاڳ!
- ٽانڊاٽا ٽمڪيا، تارن ڦوٽاريون اَکيون!
- ڏوليءَ ۾ رهبر سمهيل، راهي ڪنيو وڃنس.
- تون جي ٻڻجين پرت، مان پڻ تخت ٽڏي ڇڏيان.
- مشاعرو نه جمي سگهيو، ڏچر جمايو رنگ.
- مهاساگر جي ڀُنيءَ تي سنهڙو ڪک سوار!
- اُپ جي سليٽ تي يگن ڪان ساڳيو سبق!
- دهل وڳا، لائون لڏيون جانڊهه سان اِنسان.
- ڪنڌ پاونا جو ڪپيل، يوجن جيڏي يوجنا.
- دلين ۾ ته آهن صفون صليبن جون ڪُتل.

✿✿✿

# رباعيون

- ورتوسين طعامن جو مزو ڪيفن جو،
ماڻيوسين مزو ڪنهن جي ڇپن-اَکڙين جو،
ڳاڙياسين مگر لُڙڪ جي همدرديءَ جا،
سڀ ڪان وڌي ويو لطف انهن لڙڪن جو!
- مان غيرت ۽ محنت کي جيون مڃان ٿو،
پنهنجي ناڪئائي مان خود ئي ڪريان ٿو،
اهي گڻ وڃايم ته جڻ پاڻ ماريم،
ڊڄان ٿو ته بس پاڻ کان ئي ڊڄان ٿو!
- چاهيان ته مان ساگر کي سڪائي ٿو سگهان،
اي ’اِندر‘ پهاڙن کي اڏائي ٿو سگهان،
پر فخر اَتم جي ته فقط هن تي اَتم -
اَحسان جو گل ڪونه اُٺائي ٿو سگهان!
- هڪڙو ته اَباڻن جو وڇوڙو ڳاري،
ٻيو سس ٻه اُٿي ويني ٿي پالا ماري!
پنهنجن کي ڇڏي، جنهن کي ٻڌايم سرتاج -
اُف! سو ٻه خبر ناهه ڪٿي پيو گهاري!
- جي ناهي درد جو هردي ۾ تجلو،
چمڪ وارا وڳا پاتئه ته ڇا ٿيو؟
جي خوشبو گڻ جي ناهي ’اِندر‘ تو ۾،
عطر جي حوض ۾ نايئه ته ڇا ٿيو؟
- هڪ نام ٻڌي، پاپ لکين بخشي ٿو،
محنت بنا، دولت ڇتيون ڦاڙي ڏي ٿو!
پنڊت! تون ئي ڇوءِ، اَهڙو ديالو ڀڳوان،
هن لوڪ شاهي يگ سان پلا نهڪي ٿو؟
- آفريڪا جي گورن تي ٿو ڦٽڪار وجهان،
جي پيد جو ورتاءُ ٽا ڪن ڪارن سان،
هندوءَ کي ڏسان پڄندو هريجن کان جڏهن،
لک بار تڏهن پاڻ تي لعنت ٿو ڪريان!

✿✿✿

# سنڌو يوٿ سرڪل جي سنڌوُ اَدبي ڪلاس جا اَديب

✍ روچل ناگواڻي

## سهارو ۽ سهڪار

سهارو نه ڳولهه ڪنهنجو،
بڻج تون سهارو.
دنيا ۾ زنده رهندو،
صرف همت وارو.
١- هر سهارو ڪندو،
ڪمزور تنهنجي دل.
پو بنا سهاري ٿيندو،
جيئڻ تنهنجو مشڪل.
ڏيئي سهارو ٻين کي،
بڻج تون سگهارو.
٢- دنيا جو ڪوبه سهارو،
هميشه نه رهندو.
هوا جو رُخ ۽ پاڇو،
وقت اَنوسار ڦِرندو.
بهتر بنا سهاري،
ڪر تون گذارو.
٣- ڪوئي پِي سهارو،
بنا قيمت نه آهي.
جيڪو ڏئي سهارو،
سهارو خود ٿو چاهي.
سهاري ڏيڻ واري کي،
ئي ملي ٿو سهارو.
٤- بيشڪ نه ممڪن آ،
جيئڻ بنا سهاري.
پر آدمي اُهو جو،
پئي تي گهٽ پاڙي.
اُهو ئي جيون ۾ ٿيندو،
پڪ ئي سوپارو.
٥- سهاري وٺڻ کان بهتر،
وٺڻ سهڪار آهي.
سهڪار ئي جيون جو،
صحيح آڌار آهي.
سهڪار سان ئي ايندو،
جيون ۾ سُڌارو.

ꕥꕥꕥ

## اَدب ۽ اَديب

اڙِڪي اَدب جي راهه ۾،
آهي اَڪيلو هر اَديب.
هر قدم تي للڪار آ،
هر راهه ۾ آهن رقيب.

- هڪ راهه اَدب جي اونداهي،
ٻيو آواز ڇبرن جا عجيب.
وري ذهني زلزلن پي ڪيا،
زندهه دفن ڪيئي اَديب.

- ويا رهنما ڪيئي راهه ڀُلجي،
ڪنهن وِرلي تي منزل نصيب.

جِن کي هئي حق جي تلاش،
سي ويا چڙهي آخر صليب.

- اَڄ بيرُخيءَ جي باوجود،
ٿيو نه آ ساهت غريب.
ناٽڪ، نظم ۽ موسيقي،
رکيو آ زنده، اَدب ۽ اَديب.

ꕥꕥꕥ

اَلله جئن نالو، تئن موُن وَڏو آسرو؛
خالق! تنهنجي ڪاند جو، پَرو پاندُ نه ڪوءِ؛
نالو رب! سَندوءِ، رَهيو آهِ روحَ ۾.

(سُر ڏهر، **شاهه سائين**)

✍ واشو برجواڻي

# (١) سَوين سوُر دل ۾

١-سوين سوُر دل ۾ - سانڍيو رهان ٿو،
اَکيون آليون آهن - لِڪائيندو رهان ٿو.

٢-دوستن ۾ دوستي - رهي ناهي سائِي،
خفا ٿيندو تِن کي - مان اَڪثر ڏسان ٿو.

٣-ڪندا ها جي خوش ٿي - کِل، مستي، چرچا،
اُها اَڄ بَهاري - مان ڏسڻ لئہ سِڪان ٿو.

٤-هَهِڙا دوست گَهِرا - بدلجي ويا ڇو،
سبب آهي ڪهڙو - سوچيندو رهان ٿو.

٥-ڏنم هاڻي مشهوُر - ٿيا خوب آهن،
گهڻو ٻين جي سنگ ۾ - مان تِن کي ڏسان ٿو.

٦-نوان رنگ تِن جا - نوان ڍنگ تِن جا،
پُراڻن ڪان پَرتي - مان ٿيندو ڏسان ٿو.

٧-**’واشوُ‘** مانُ تِن جو - وَڏيو خوب آهي،
نالي جي نشي ۾ - مان تِن کي ڏسان ٿو.
سوين سوُر دل ۾ - سانڍيو رهان ٿو،
اَکيون آليون آهن - لِڪائيندو رهان ٿو.

ꝏꝏꝏ

# (٢) اَڄ جو اِنسان

١- ڪرم ڌرم هوُ ڪين ڏسي ٿو - فائدو پنهنجو رُڳو ڏسي ٿو،
خوب پڙهِي ڊگرِي ورتائين - ڊگريءَ ۾ پِيِ پئسو ڏسي ٿو.

٢- علم پِرائي ماسٽر بڻيو - پڙهائي پنهنجو فرض ڇڏيائين،
سڄو سڄو ڏينهن ٽِيوُشن ڏئي پو - چالوُ ڪوچنگ ڪري ڇڏيائين.

٣- ڊاڪٽر بڻيو ٽيسٽن خاطر - بيمارن کي پيو ڊوڙائي،
پئسي خاطر اينگهہ ڪري ٿو - مرض کي ڏيري ڏيري پَچائي.

٤- ٿيو آفيسر - سَتا مِليس پر - وينو پنهنجو فرض ڀُلائي،
ڏُکي اَڇن ۽ هٿ جوڙِنِ ٿا - بِنِ پئسي نا ڪم اُڪلائي.

٥- هُيس ڪمي نا ڌن دولت جي - سماج شيوڪ اَڇي بڻيو،
نالو نِڪتو، مانُ مِليُس پو - ايم.ايل.اي. (MLA) ۽ ميمبر بڻيو.

٦- جنرلسٽ بڻيو، پئسي خاطر - ليک لکڻ جي ڌمڪي ڏنائين،
گهٽ وڌ خبر وجهي پيپر ۾ - ٽوپي جهٽ پٽ لاهي ڇڏيائين.

٧- جيون جي آ راه اَٽانگي - لوڀ موهہ جي ڪيِچڙ آ،
**’واشوُ‘** ڪيِچڙ ۾ نا ڦاسِي - سَودو سچ جو ڪرڻو آ.

ꝏꝏꝏ

✍ نيتا لالواڻي

# غزل-١

منهنجي ڪنهن ڪنهن ڏُکائي دِل، ٻڌائڻ مان نٿي چاهيان.
درد جو دل ۾ آ منهنجي، جتائڻ مان نٿي چاهيان.

- ڪيان ڇو ياد مان تن کي، ڏُکائي دل ويا گُم ٿي،
مونکي هردم جي سارِن ٿا، وِسارڻ مان نٿي چاهيان.

- سُڪوُن دل کي بہ آ منهنجي، ڏُکائي دل نہ مون ڪنهن جي،
چئن آرام ڪنهن جو پيِ، ڦٽائڻ مان نٿي چاهيان.

- خيالن جي عجب دنيا، وَسائي آ جا موُن دل ۾،
سِين کي ئي ٻُڌايان ٿي، لِڪائڻ مان نٿي چاهيان.

- اَکين ۾ چاهہ بس هن جي، ڏسان ٿي راهہ بس هن جي،
اُهي ڳالهيون، اُهي يادوُن، ڀُلائڻ مان نٿي چاهيان.

- هجن حالات پَل ڪهڙا، ٿي مُرڪيِ منهن ڏيان تِن کي،
لبن تي مُرڪ جا **’نيتا‘**، وِڃائڻ مان نٿي چاهيان.

ꝏꝏꝏ

# غزل-٢

سپنو اَگر آ دنيا، سپنن ۾ پل جيئڻ ڏي،
جنهن سپني ۾ اَچين تون، سپنو نہ سو ٽُٽڻ ڏي.

- ٿئي نند جئن ئي غالب، سپنو مونکي ڏسڻ ڏي،
۽ راز-دل تون مونکي، سپني ۾ ئي سلڻ ڏي.

- سپني ۾ ئي تون مونکي، ڪنهن ڳالهہ تي رُسڻ ڏي،
ٻي پَل ئي پرچِي ليڪن، سِڪَ پيار پڻ وَندڻ ڏي.

- سپنو سو پيارو آهي، جنهن سپني ۾ تون آهين،
سپني ۾ ئي پل مونکي، تون پاڻ سان گُهمڻ ڏي.

- سپنن جي پياري دنيا، تو لئہ آ مون سجائي،
رَهي اُن ۾ گڏ تون **’نيتا‘**، سپني ۾ پَلِ جيئڻ ڏي.

ꝏꝏꝏ

✍ چندر تلريجا ’سڄڻ‘

## (١) سُهڻا

١- نِهاري ناز سان سهڻا، نشو ناحق وڌائن ٿا،
مُرڪ ڏيئي اِشاري سان، اَکڙين کي مِلائن ٿا.

٢- هجي برسات طوفاني، هوائن جو رُخ ڀي تيز،
مِلڻ جو وچن ڏيئي، هو وچن دِل سان نِڀائن ٿا.

٣- هلندو ٿو رهي سِلسِلو، اَڪثر باتين جو پَر،
هجي کهڙي بہ مشڪل، بات پنهنجي مڃائن ٿا.

٤- اِنتظار ۾ سُهڻن جي، اَکين تري اَچي ٿو آب،
خمار اَکين جي **’سڄڻ‘** جو، نشو دِل کي ستائن ٿا.

٥- نهاري ناز سان سُهڻا، نشو ناحق وڌائن ٿا،
مُرڪ ڏيئي اِشاري سان اَکڙين کي مِلائن ٿا.

❦❦❦

## (٢) گُل، گُلشن، گُلستان

١- حَسين چَهرو تنهنجو جئن گُل گلاب آ،
هٽائي پردو ڏيو گل، اَڄ بي نقاب آ.

٢- حسن تي ڇو ٿي آ اَڄ دُنيا ديواني،
اي دِل تون ئي ٻُڌاءِ ڇا حُسن شراب آ.

٣- ناز او انداز سان خدا سهڻي صورت آ بڻائي،
شرم اَکڙين ۾ ڳل تي گُل جو شباب آ.

٤- گُلشن ڪيئن رهي گُلشن جي نہ اَچي شبنم،
گُلستان ۾ شبنم جو ڇا ڪوئي حساب آ.

٥- راز اي دِل جو ڪوئي نہ سگهندو ڄاڻي،
**’سڄڻ‘** پيار دل ۾، لبن تي حجاب آ.

❦❦❦

## دِلاسو

✍ هرداس پوهوجا ’داس‘

دل سان مليو جو دلبر،
تہ رونق بهار آئي آ.
اُجڙيل چمن ۾ اَڄ،
واپس نِکار آئي آ.

زندگيءَ جي هن سفر ۾،
ڪئن اَڪيلو نہ هلان هان؟
اَڻ ڏٺل اونداهي راهہ تي،
پيو اَڪيلو رُلان هان.

پرهہ ڦٽيءَ جو اَڄ اُٿي،
ڏيان ڪيو مون يارَ جو،
گيان جو ديپڪ ٻريو،
درشن ٿيو دلدار جو.

وشواس جاڳيو، همت آئي،
سوُر سهڻ جي طاقت آئي.
وصل ٿيو جو اُن سان،
نس نس ۾ جان آئي.

’داس‘ جي دل کي دلاسو،
نام جپڻ سان آهي مليو.
اُلجهن اَندر مان وئي،
جيون هيءُ گلزار ٿيو.

❦❦❦

## غزل

✍ مينا هريش سياڳاڻي ’شمع‘

١- نيڻ ملن ٿا، نيڻ ٺرن ٿا،
نيڻ رُسن ٿا، نيڻ سرن ٿا.

٢- نيڻن جون ڪيون کهڙيون ڳالهيون،
ملندا ۽ رُسندا ئي رهن ٿا.

٣- درد آ دل جو نيڻن سان ئي،
وِڇڙن جي دليون، نيڻ وهن ٿا.

٤- در دلبر جا، نيڻ ئي آهن،
نيڻن مان گِهرِي، دل ۾ وسن ٿا.

٥- نيڻ ئي ڏين ٿا، راز اَندر جا،
جو ڪُڇي نہ زبان، نيڻ ڪُڇن ٿا.

٦- ٻوڙي نہ هلڇ، نيڻ ڪڏهن تون،
شرم حياءَ جا، اهڃاڻ ڏين ٿا.

٧- نيڻ خدا جي، سوغات **’شمع‘**،
روز نوان اَفسانا جُڙن ٿا.

❦❦❦

# ماتا جي آسيس

جيون واڌواڻي

- ڪر ماتا آسيس تون اَهڙي، جيئن نالو دُنيا ڪمايان،
ماءُ هجي سڀ کي تو جهڙي، دُنيا کي مان ٻُڌايان.

- نوَ مهنا ڪُک ۾ پالي تو، پياريو پنهنجو ست،
سار سنڀال لڌءِ تو مُنهنجي، وِڃائي پنهنجو وقت.
اَهڙا ڏِنئه ويچار مونکي تو، جيئن سيني سان رسايان.
ماءُ هجي ....

- پاڻ اَڻپڙهيل هوندي بہ، مونکي ايڏو آهي پڙهايو،
ڏينهن رات محنت ڪري، نالو دنيا ۾ وَڌايو.
جي تون هجين هان مون سان گڏ، تہ دنيا کان هان نڱايان.
ماءُ هجي ....

- نندپڻ جي شيطانين ۾ مون، ڪيڏو ڪيو هوندو پريشان،
پر سنيم رکي سدائين تو، بڻايو هڪ سُنو اِنسان.
ڏنئه هدايت مونکي سدائين، تہ ڪوڙ نہ ڪڏهن ڳالهايان.
ماءُ هجي ....

- پهرين پيٽ تو منهنجو پريو، پاڻ ڪڍيئه تو فاقا،
ڪنديءَ هُئينءَ ڪتڪتاڙي جڏهن، ڏيندو هوس نهاڪا.
جي تون وڃين هان مون کان رُسي، تہ ڪيئن هان توکي مڃايان.
ماءُ هجي ....

- پاڻ پاتئه ڪپڙا ڦاٽل، مونکي تو پارايا نوان،
مِنٿ‍ڙي آهين ماءُ 'جيون' جي، ڪيئن پنهنجي مُنهن سان چوان،
چرنن ۾ تنهنجي مان سدائين، پنهنجو شيش نِمايان.
ماءُ هجي ....

ꝏꝏꝏ

# ٻُڍاپو

اِندرا وِي. هِرداڻي

ٻُڍاپو آهي لاچاري،
نندِا سمجهن هن کي چو هڪ بيماري.

ڪنن کان جو ٿي وڃن وڏا لاچار،
نندِا ٿي وڃن بيزار.

نظر جو ٿي وڃي گهٽ،
نندِن جو دماغ ٿي وڃي چٽ.

جنهن عمر پر رکيو اَسانجو خيال،
اَڄ هر ڳالهہ کان آهن هوُ بيحال.

جنهن بيهاريو اَسان کي پنهنجن پيرن تي،
اَڄ مايوسي ڇائي آهي هنن جي چهرن تي.

ٻڍاپو ڪرڻو پوندو هرهڪ کي پارِ،
جهيليندا‌سين اَسان بہ بيوَسِيءَ جي مار.

ٽپنداسين اَسان بہ هڪ ڏينهن ٻڍا،
هڏين کان ٿي ويندا‌سين جڏا.

ٻارن جو ڪپندو سهارو،
اَسان کي بہ اَدا.

نندپڻ ۾ جنهن سنڀاليو اَسان کي،
اَڄ آهي سنڀالڻ جي اَسانجي وارِي.

ماءُ پيءُ نہ آهن هِڪَ لاچاري،
آهن اَسانجي ذميواري.

اَگر جاڳي هر دل ۾ هيءُ اَحساس،
پوڳي نہ ڪير ٻڍا آشرم جو بنواس.

... ٻڍاپو آهي لاچارِي ...

ꝏꝏꝏ

# ٻالڪپڻي جون رانديون

✍ واسديو ٽي. واڌواڻي

١ - دوستو، اَچو تہ ٻالڪپڻي جون رانديون ٿو ٻڌايان،
سيڙپ گهٽ، اَلڳہ اَلڳہ راندين جا مزا ٿو ٻڌايان.

٢ - رانديون هيون ڪوڪو، بال سان ست ڪُٽ ۽ ڪبڏي،
لنگڙي، ٽب گهوڙِي، ٻڪ ٻوڙ ۽ ونجهوٽي.

٣ - ڪانچ ڪُٽي، مانجهو ٺاهي، اُڏائيندا هئاسين لغڙ،
ڪڏهن ملي دوستن سان ڪندا هئاسين اِٽي ڏڪر.

٤ - صندلي ۽ سوٽي ڪٽي ونبو هو ڪرڪيٽ جو آنند،
هڪ بال، چار پٿر ڪٽي، راند ڪرڻ جومزو هو بيحد.

٥ - هارايل دوست جي لاٽونءَ کي، چڱهہ ڪرڻ جو آنند هو اَلڳ،
گوٽيءَ کي گوٽيءَ سان اَکہ بند ڪري نشانو مارڻ جو هو مزو اَلڳہ.

٦ - سانوڻ ۾ تاس سان راند ۾ ڪم آڻبيون هيون ڪوڏيون،
برسات بہ آليءَ مٽيءَ تي کُپائبيون هيون سيخون.

٧ - گدامڙي، خارڪن جي ڪڪڙين جا هئا ٺاهبا خزانا،
شرط لڳائي، هڪ ننڍي گول ماں، بنا چرڻ جي هئا ڪڍبا.

٨ - هئاسين، ٻار الهڙ، بيسمجهہ ۽ ڪجهہ نادان،
ٻڪون پائي، رڙيون ڪري، ڪندا هئاسين پاڙيسرين کي پريشان.

٩ - ٻار گڏجِي، ٺاهيندا هئاسين ننڍا ٽولا،
گوالاڻيءَ جي گهر لنگهي چوندا هئاسين گولا.

١٠ - چيلاڻيءَ جي گهر کان لنگهي چوندا هئاسين چيلا،
تولاڻيءَ جي گهر کان ٻڪ پائي چوندا هئاسين تولا.

١١ - پٽ پٽاڻي، سرمي داڻي، تنهنجو نگر ڪيستائين جا مزا،
هن سڄي زندگيءَ ۾ نہ ڏسبا ۽ نہ وساربا.

# جيئڻ جو هنر

✍ اَيڊووڪيٽ موهن روهڙا

١ - جيڪو آهي اُن کي ماڻڻ ۾ مزو آ،
اَڻ هوند جو غم ڪرڻ سان نہ ڪجھ ٿيڻو آ.
٢ - سڀ ڪجھ نہ ڪڏهن هرڪنهن کي ملندو آ،
ملندو بس اُهو آ جو مقدر ۾ لکيل آ.
٣ - وقت تہ ڪنهن لاءِ نہ رَڪندو آ،
تون کِل يا روءِ اُهو توتي مدار آ.
٤ - سُپاءَ تہ هرڪنهن جو اَلڳ هوندو آ،
هرڪنهن جي سُپاءَ کي بس سمجهي هلڻو آ.
٥ - خوش رهڻ لاءِ هر شيءِ کي پنهنجو سمجهڻو آ،
مرڻ کانپوءِ تہ سڀ پراڻو ٿي ويندو آ.
٦ - '**موهن**' گيتا جي گيان کي سمجهڻو آ،
غم ۽ خوشيءَ ۾ سمان رهڻ ئي جيئڻ جو هنر آ.

**ڪوي رابندرناٿ ٽئگور جي مشهور گيت**
**'ايڪلا چلو' جو سنڌي اَنواد**

# هَلُ اَڪيلو

✍ خوشي متائي

تُنهنجي آواز تي جي ڪوئي نٿو اَچي،
تہ هل اَڪيلو، هَل اَڪيلو ڙي.
١ - جي توسان ڪوئي نٿو ڳالهائي، او اَڀاڳا ڙي،
منهن موڙي چڙيو آهي، او اَڀاڳا ڙي،
تہ پوءِ دل جي ڳالھ، وڏي واڪي چئي ڏي ڙي ...
تنهنجي آواز تي ...
٢ - جي سَڀيئي هليا وڃن ٿا، او اَڀاڳا ڙي،
مُڙي ڪين ڏسن ٿا ... او اَڀاڳا ڙي،
ڏسي گهور اَنڌيرو، تون پُٺيان ڪين مُڙجانءِ،
ڪنڊن تي پير رَتجن، تہ بہ ڪُڇ نہ ڪُڇجانءِ ڙي ...
تنهنجي آواز تي .....
٣ - رات اَنڌاري هجي، او اَڀاڳا ڙي،
دري ڪوئي نٿو پٽي ... او اَڀاڳا ڙي،
روشني نٿي سُجھي، مٿان طوفان ٿو اَچي،
پنهنجي رَڳن کي ٻاري، جڳ روشن ڪجانءِ ڙي.
تُنهنجي آواز تي جي ڪوئي نٿو اَچي،
تہ هل اَڪيلو، هَل اَڪيلو ڙي ...

آزاد نظم :

# ضروري تہ ناهي

✍ ساڌوُ متائي

١ - ڀل چو نہ مَجموعو لکيو هجيئي، پر
هر شعر-او-نظم تي دادُ مليئي، ضروري تہ ناهي.
٢ - سَوَ سُنايون تو ۾ سَهي، پر،
اوت جي موت مِليئي، ضروري تہ ناهي.
٣ - چوطرف سُهڻيون صوُرتون، پر
ڪنهن تي تُنهنجي دِل اَچي، ضروري تہ ناهي.
٤ - چو نہ چڱيرو شاعر هجين، پر
سِکو توکي مچي، ضروري تہ ناهي.
٥ - مزو گهڻو ئي آ مات ۾، پر
سڀ ڪجھ ٻُڏين ۽ سهين، ضروري تہ ناهي.
٦ - گُهرجين ٿو چو نہ هرهنڌ، پر
جِت ڪِٿ وڃين، ضروري نہ ناهي.

# آزاد نظم

✍ ڪشن آڏواڻي 'من فقيرو'

اُميد چو رکيہ جو دُکي ٿين ٿو؟
اُميد چو ڪين رکيئہ جو دکي ٿين ٿو؟

ياءُ ڏنوان آهي، مددگار ٿيندو،
پر جو پاڻ سدائين طلبگار،
سو ڪيئن مددگار ٿيندو.

پٽ وڏو ٿي، ٻڍاپي جو سهارو بڻجندو،
جيئري ئي ڪئيس ملڪيت سندس نالي،
موڪليو اَٽائين جي ٻڍا آشرم ۾،
تہ چو دکي ٿين ٿو.

پيار، سڪ، حب، قرب، لعاز، اَدب، وشواس،
جو اَڄ آهي بلاتڪار، اِهو سمجهي چو ڪين،
خوش رهين ٿو.

نہ رکج ڪابہ اُميد، قسم کهڙي جي بہ،
ڪنهن مان -
دُکي ڪين ٿيندين.

هري چوئٿاڻي

# غزل-١

- پَسان تنهنجو مُکڙو، يا چنڊ ڏي نِهاريان؟
عجب آهي اُلجهن، مان ڪنهن سارهايان.

- ڪِڙيل چنڊ آ سامهون مٿي آسمان ۾،
اَلائجي چو پوءِ پيِ، تو لاءِ واجهايان.

- پيو گهٽجي وڏي ءُ مِلي جو نه ڏينهن جو،
پلا ڪيئن قلم پنهنجو اُن تي هلايان؟

- ملين ٿي مگر مُرڪي جڏهن تون مون سان،
چاهي دل ٿي هردم پيو توکي پڏايان.

- نشو اَهڙو آهي ڪو نظرن ۾ تنهنجي،
ملن جئن ٿيون نظرون پيو مدهوش پانيان.

- شرارت پري مُرڪ تنهنجي لبن جي،
ٿي سُرڪي پيئي دل، چپن سان چورايان.

- چڏيو من آ موهي تو اَهڙو **'هريءَ'** جو،
آ ممڪن نه مون لاءِ، مان توکي وساريان.

# غزل-٣

- سهنج سيپئي، سُک وٺڻ لاءِ، وقت ئِي آهي ڪٿي؟
نِنڊ نيٽن ۾ سُمهڻ لاءِ، وقت ئِي آهي ڪٿي؟

- پيار پنهنجائپ پريل آهي ڪيڏي رِشتن اَندر،
جوڙي پر تِن کي رکڻ لاءِ، وقت ئِي آهي ڪٿي؟

- ڊوڙ پئسن لئه لڳل آ، هر طرف هَر موڙ تي،
سَهِڪوُن پيا ساهِي پٽڻ لاءِ، وقت ئِي آهي ڪٿي؟

- زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾ هرڪوئِي حيران آ،
سوچي ڪوئي حل ڪڍڻ لاءِ، وقت ئِي آهي ڪٿي؟

- جنهن پريوءَ اِنسان کي اَديٽت اُتم ديهِي ڏِني،
ياد ڪُجهه اُن کي ڪرڻ لاءِ وقت ئِي آهي ڪٿي؟

- ٿِي وڃي گُذرِي حياتي ئي **'هَرِي'** پَلُ پَلُ ڪري،
ڪي لمحا خود سان جيئڻ لاءِ وقت ئِي آهي ڪٿي؟

# غزل-٢

- درد-اي-دل کي نه لڪائي ٿو سگهان،
حال دل جو نه جتائي ٿو سگهان.

- تپش محبت جي هيءَ آهي اَهڙي،
چاهيندي پيِ نه بچائي ٿو سگهان.

- لوچ اَهڙِي آ دل جي چاهت جي،
پاند پنهنجو نه ڇڏائي ٿو سگهان.

- ڪريان ڪوشش ڀُلائڻ جي پل ئي،
ياد تنهن جي نه مِٽائي ٿو سگهان.

- سيني ۾ سِڪ تنهنجي سانڍي پيو هلان،
وقت جو توسان گذاريو نه ڀُلائي ٿو سگهان.

- ڪيو مجبور جو **'هري'** محبت،
بيان اُن جو نه ٻڌائي ٿو سگهان.

# ڏِسُ مُسڪرائي

- گهڙِي اَڌُ سِين ڪان نگاهون چورائي،
تون ڏِسُ آئيني ۾ ذرا مُسڪرائي.
پَيو ڀهڪندو تنهنجو مُکڙو سدائي،
نه ايندو وري غم تو ڏانهن منهن ورائي.

- پنهنجو پاڻ تي تنهنجو وشواس وڌندو،
خوشين جو نئون دل ۾ اَحساس ورندو.
سمي ساڻ اَرمان ويندا سمٽجي،
اَنوکو آنند وارو آپاس ملندو.
اُمنگ دل جا رنگين ڇڏيندين ٻٽائي ...
تون ڏس آئيني ۾ ...

- ڇجِي ڏار ٽيڻ ڏي سُڪِي وِيل پنن کي،
ڏِسِي ڪين گهبراءِ ويران چمن کي.
خزان جئن ئي ويندي ايندئون بس بهاروُن،
اَچي پيار سان چُمندا پوپٽ گُلن کي،
خيالن کي پنهنجي ڇڏيندين ڦيرائي ...
تون ڏس آئيني ۾ ....

- وري وسندو ساوڻ اَچي وَڏَ ڦڙين سان،
ڇُهي جهونڪا مستِي ڪندا پنکڙين سان.
ملي منڙيون لاتيون پکيئڙا پڻ لنوندا،
حياتي پيئي ڇهڪندي ٽهڪڙن سان،
يقين پنهنجي دل کي ڇڏيندين ڪرائي ...
تون ڏس آئيني ۾ ...

# پنچتنتر جون آکاڻيون

✍ چونڊ : رميش موٽواڻي

## (١) ٽيٽيھر ۽ سمنڊ جي آکاڻي

ڪنھن ھنڌ سمنڊ جي ڪناري تي ٽيٽيھر پکيءَ جو جوڙو رھندو ھو. وقت پائي مادي پيرين ڀارِي ٿي. ويم جو وقت ويجھو ڏسي ھن پنھنجي مڙس کي چيو تہ ”ھي پيارا، منھنجي ويم جو وقت ويجھو اَچي رھيو آھي تنھن ڪري اَھڙو ڪو ٻي جوکائتو ھنڌ ڳولھہ جتي مان آنا لاھي سگھان.“ ٽيٽيھر چيو تہ ”ھي سمنڊ جو ھنڌ ڏاڍو سندر آھي. ھتي ئي تون آنا لاھج.“ ماديءَ چيو تہ ’پورڻماسيءَ ڏينھن ھتي اَھڙي تہ وير چڙھندي آھي جا وڏن وڏن ھاٿين کي بہ گِھلي ويندي آھي. تنھنڪري ھتان پريرو ڪو ماڳ ڳولھي اَچ.“ اِھو ٻُڌِي ٽيٽيھر کِلِي چيو تہ ”تون جيڪي چئين ٿي سو ٺيڪ نہ آھي. سمنڊ کي ڪھڙي مجال آھي جو منھنجن ٻچن کي نقصان پھچائي. چو جو چيل آھي تہ :-

”پکين جي رستي کي روڪڻ واريءَ خوفناڪ باھہ جنھن ۾ دونھون ڪونہ آھي اُن ۾ ڪھڙو مورکہ پنھنجي خوشيءَ ٽپو ڏيندو؟

”متوالن ھاٿين جون لوٺدڙيون ڦاڙي ٽڪ پيچڻ لاءِ سمھندڙ يمراج وانگيان ڏيکاري ڏيندڙ شينھن کي اُھو ئي جاڳائيندو جنھن کي يم لوڪ ۾ وڃڻ جي مرضي ھوندي.

”اَھڙو ڪھڙو بي خوف ماڻھو آھي جو يمراج وٽ وڃي ڪيس چوي تہ ’تو ۾ مڙسي ھجي تہ منھنجي حياتي تہ وٺي ڏيکار!‘

”سياري جي منڊ ۾ ڪوھيڙي سان گڏ تمام ٿڌي ھوا لڳندي ھجي، اُن وقت نقصان ۽ فائدي کي ڄاڻندڙ ڪھڙو ماڻھو ٿڌي پاڻيءَ سان پاڻ کي ٿڌ کان بچائيندو؟“

اِنھيءَ ڪري بنا ڪنھن شڪ جي تون پنھنجا آنا ھتي لاھہ. چو جو :-

”جيڪو آدمي ھار قبول ڪري پنھنجي رھڻ جي جاءِ ڇڏي ٿو ڏي، اُن جي ماءُ کي بہ پُٽن واري چئجي تہ وانجھہ ڪنھن کي سڏبو؟“

اِھو ٻُڌي سمنڊ دل ۾ خيال ڪرڻ لڳو تہ ھن جيتامڙي پکيءَ کي ڪيترو نہ اَھنڪار آھي؟ اِئين ٺيڪ چيل آھي تہ:- ”آسمان جي ڪِرِي پوڻ جي ڊپ کان ٽيٽيھر پنھنجون ٽنگون مٿي ڪري سمھندو آھي. پنھنجي دل ۾ سوچيل خيالِي گھمنڊ ڪنھن کي نہ ٿيندو آھي؟

تنھن ڪري تماشي ڏسڻ جي خيال وچان ئي ھن جي طاقت جي آزمائش وٺجي. جيڪڏھن ھن جا آنا وھڪري ۾ ڪٽي وڃان تہ ھي ڇا ڪري سگھندو؟“ سمنڊ من ۾ اِئين ويچار ڪرڻ لڳو. آنن لاھڻ ڪانپوءِ ٻئِي پکي نر ۽ ماد چوڳو چڳڻ لاءِ ٻاھر نڪتا تہ

سمنڊ هڪ ئي چوليءَ سان آنا پاڻ ڏانهن ڇِڪي ورتا. ٽيٽيهرِي موٽي اَچي پنهنجي آنن واري جاءِ خالي ڏسي ٽيٽيهر کي روئندي چيو ته ”اَڙي مورک، مون توکي ڀريائين چيو ته سمنڊ جي وير ۾ اَسان جا آنا ڇِڪجِي ويندا. تنهنڪري ڪٿي پرڀرو هلي ديرو دمايون. پر بيوقوفيءَ جي خمار ۾ تو منهنجي ڳالهه ٻُڌي اَڻٻُڌي ڪري ڇڏي. چو جو چيل آهي ته :-

”هن دنيا ۾ ڀلائي چاهيندڙ مترن جي ڳالهه جيڪو نه مڃيندو آهي اُهو اِئين ناس ٿي ويندو آهي، جئن ڪانيءَ تي چڙهيل ڪڇئون.

**”مصيبت اَچڻ کان اڳم اُپاءُ سوچيندڙ ۽ مصيبت اَچڻ وقت موقعي موجب اُپاءُ ڪرڻ وارو اِنهن ٻنهي قسمن جي ماڻهن کي سُک ملندو آهي پر جيڪو ڀاڳ تي ڀروسو رکي ويهندو آهي، اُن جو ناس ٿيندو آهي.“**

## (٢) چور ۽ براهمڻ جي آکاڻي :

ڪنهن شهر ۾ هڪ وڏو ودوان براهمڻ رهندو هو جنهن کي اَڳئين جنم جي سنجوڳ ڪري چوريءَ جي عادت پئجي ويئي هئي. اُنهيءَ شهر ۾ ٻئي ملڪ مان چار براهمڻ آيا ۽ اَچي جهجهو ئي مال وڪڻڻ لڳا. اُنهن کي اِئين ڪندو ڏسي هن دل ۾ سوچيو ته ”ڪهڙيءَ تجويز سان مان هنن جو ڌن ٺڳيان؟“ اِهو ويچار ڪري هنن وٽ اَچي کين شاسترن جا سلوڪ ۽ ڪيتريون منيون منيون ڳالهيون ٻڌائي، هنن جي من ۾ وشواس پيدا ڪري هوُ وٽن رهي سندن شيوا ڪرڻ لڳو. چو جو :-

”جيڪا زال پنهنجي پير تي نه هوندي آهي اُها ڏاڍي بناوٽي لڄ ڪندي آهي، کارو پاڻي ٿڌو ٿيندو آهي، پاکنڊي ماڻهو ڏاڍو چالباز ٿيندو آهي ۽ ٺڳ ڏاڍو مِٺو ڳالهائيندو آهي.“

اَهڙيءَ طرح هوُ جڏهن سندن نوڪري ڪري رهيو هو تڏهن اُنهن براهمڻن پنهنجو سمورو مال وڪڻي قيمتي هيرا جواهر خريد ڪيا. اُنهيءَ براهمڻ جي روبرو اُنهن چئني واپاري براهمڻن اُهي هيرا ۽ جواهر پنهنجِي سٿر چيري منجهس وجهي مٿان زخم کي ملم لڳائي ڦٽ ميڙي ڇڏيائون. پوءِ پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽڻ جي تياري ڪرڻ لڳا. اِن تي اُهو ٺڳ براهمڻ هنن کي پنهنجي ملڪ وڃڻ جي تياري ڪندو ڏسي ڏاڍو بيقرار ٿي سوچڻ لڳو ته ”اَڙي، هنن جي ڌن مان ته مونکي ڪجهه به هٿ نه لڳو تنهنڪري ساڻن گڏجي ٿو وڃان. رستي تي کين زهر ڏيئي اِهي سڀيئي هيرا جواهر هٿ ڪندس.“ اِهو ويچار ڪري هنن جي اَڳيان روئِي ڪري چور براهمڻ کين ليلائڻ لڳو ته ”هي مترو، توهان مونکي اَڪيلو ڇڏي وڃڻ لاءِ تيار ٿيا آهيو، پر منهنجو من توهان جي پريم جي ڏوريءَ ۾ اَهڙو ته ٻڌجي ويو آهي جو توهان جي وڇوڙي جو خيال ڪندي

ئي منهنجو ڏيرج ٽُٽي ٿو پوي. تنهنڪري توهان سڀيئي ڪرپا ڪري مونکي پنهنجو ساٿي ڪري وٺي هلو.“ هن جي اِها ڳالهه ٻڌي براهمڻن کي ديا اَچي ويئي ۽ کيس پاڻ سان گڏ وٺي هليا.

رستي تي هوُ پنجَ ئي ڄڻا ڀيلن جي ڪنهن ڳوٺ مان لنگهيا ته ڪانوَن ڪان ڪان ڪندي چيو ته ”اَڙي ڀيل سردارو، ڊوڙو ڊوڙو، سوا لک جون آساميون ٿيون وڃن. اُنهن کي ختم ڪري مال هٿ ڪيو.“ ڪانوَن جي اِها ڳالهه ٻُڌي ڀيلن اُتي جلد اَچي ڏنڊن سان براهمڻن جي پوڄا (مرمت) ڪري سندن ڪپڙا لاهي سندن تلاشي ورتائون پر کين ته ڪجهه ڏسڻ ۾ ئي نه آيو. اِن تي ڀيلن چيو ته ”هي مسافرو، اَڳ ڪڏهن به ڪانوَن جي ڳالهه ڪوُڙي نه نڪتي آهي. تنهنڪري توهان وٽ جيڪو به ڌن هجي سو ڪڍي ٻاهر ڪريو نه ته توهان جي چمڙي لاهي توهان جي سڀني عضون جي تلاشي وٺبي.“ هنن جي اِها ڳالهه ٻُڌي چور براهمڻ من ۾ خيال ڪيو ته ”هي ڀيل براهمڻن کي ماري سندن عضون جي تلاشي وٺي هيرا جواهر هٿ ڪندا ۽ اُن سان گڏ مونکي به ماريندا. تنهنڪري ڀريائين مان پنهنجي سرير جي آڇ ڪري پاڻ کي رتنن ڪانسواءِ ثابت ڪري هنن سڀني کي سندن مال سميت بچايان. چو جو چيل آهي ته:-

”هي نادان، تون موت کان ڇو ٿو ڊڄين؟ ڊڄڻ سان موت ڇڏي نه ڏيندو. اَڄ يا سؤ ورهين کانپوءِ موُت ته اَوس اَچڻو ئي آهي.“

”گئو ۽ براهمڻ جي لاءِ جيڪو پنهنجي جان قربان ڪندو آهي، اُهو سورج منڊل کي ٽاڪي پرم گتي پراپت ڪندو آهي.“

اِهو پڪو اِرادو ڪري چور براهمڻ ڀيلن کي چيو ته ”اَڙي ڀيلو، جيڪڏهن اِها ڳالهه آهي ته پهريائين مونکي ماري منهنجي تلاشي وٺو.“ ڌاڙيلن هن جي ڳالهه مڃي پهريائين سندس چمڙي لاهي هڪ هڪ عضوو ڪري ڏٺو پر جڏهن کين ڪجهه به حاصل نه ٿيو ته ٻين چئن براهمڻن کي به ڇڏي ڏنائون.

## (٣) ٽن ٺڳن ۽ براهمڻ جي آکاڻي :

ڪنهن شهر ۾ مترشرما نالي براهمڻ رهندو هو، جنهن جو اَگني هوتر (هوَن) ڪرڻ جو روز جو نيم هو. هڪ ڀيري مانگهه مهيني ۾ جڏهن ٿڌي هير لڳي رهي هئي، آسمان بادلن سان ڇانيل هو، ميگهه ديوتا ڦوهاري وانگيان سنهيون بوندون وسائي رهيو هو تڏهن ٻئي ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃي پنهنجي ڪنهن ججمان کان ٻل چاڙهڻ لاءِ هڪ جانور گهريائين. کيس چيائين ته ”ايندڙ اُماس تي مونکي وڏو يگيه ڪرڻو آهي. اُن ۾ ديوتا کي پسوءَ جي ٻلِي ڏيڻي آهي تنهنڪري ڪو سنو متارو جانور ڏي.“ سندس ججمان به کيس هڪ ٿلهو ڇيلو ڏنو. ڇيلو ڪيڏانهن ڀڄي نه وڃي تنهن لاءِ براهمڻ کيس

پنهنجي ڪُلهي تي چاڙهي ڪٽي پنهنجي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو. وات تي ٽن ٺڳن کيس چيلو ڪٽي ويندو ڏٺو ته سندن وات پاڻي پاڻي ٿيڻ لڳو. پاڻ ۾ چوڻ لڳا ته ”جي اِهو ٻڪر هٿ اَچي وڃي ته اَجوڪيءَ ٿڌ ۾ خاصو شئل ٿي پوندو. پيٽ به ڀربو ته ٿڌ جو اَثر به گھٽبو. تنهنڪري اَچو ته ٻانيڻ کي ڀنيلائي ڪانئس اِهو چيلو ڦريون.“ هنن مان هڪڙو رستي کي وَٽ ڏيئي سندس اَڳ وڃي جھلي بيٺو. کيس ٺڳ چيو ته ”اَڙي چريا ٻانيڻ، هيءَ ڪِل جھڙو ڪم ڪئن ٿو ڪرين؟ هيءَ اَپوتر ڪتو ڪُلهي تي چو ٿو کڻي وڃين؟ چو جو چيل آهي ته :- ”ڪتي، ڪڪڙ ۽ چنڊال خاص ڪري اُن ۽ گڏهه کي ڇُهڻ ڪري هڪ جھڙي ڇوت لڳندي آهي. تنهن ڪري اِنهن کي ڪڏهن به ڇُهجي نه.“

اِنهيءَ تي ڪاوڙ مان براهمڻ کيس چيو ته ”ڇا تون اَنڌو آهين جو ڇيلي کي ڪتو ٿو چئين؟“ ٺڳ تنهن تي وراڻي ڏنس ته ”مهاراج ديوتا، ڪاوڙ ڇو ٿو ڪرين؟ پنهنجو رستو وٺ، جئن وڻيئي تئن ڪر.“

اَجان ٿورو اَڳتي وڌيو ته ٻئي ٺڳ سامهون اَچي کيس چيو ته ”اَڙي مهاراج، هيءَ مئل وڇڙو جيڪڏهن توکي اَهڙو پيارو به آهي ته به کيس هئن ڪُلهي تي کڻي هلڻ توکي نه جُڳائي. چو جو چيل آهي ته:- ”جيڪو مورکه مئل ماڻهوءَ، جانور يا پکيءَ کي هٿ سان ڇُهندو آهي اُهو تڏهن پوتر ٿي سگھندو جڏهن چندرائڻ ورت رکندو يا پنج گويه (کير، ڏڌ، مکڻ، ڳونت ۽ ڳانءِ جي ڇيڻي جي رس) جو گڏيل اِستعمال ڪندو.“

اِنهيءَ تي ٻانيڻ کيس ڪاوڙمان جواب ڏنو ته ”اَڙي، تون اَنڌو آهين ڇا جو جيئري جاڳندي ٻڪر کي مئل وڇڙو ٿو سڏين؟“ ٺڳ تنهن تي جواب ڏنس ته ”مهاراج ديوتا، مون ڀُل ڪئي جو توهان سان ڳالهايم. ڪاوڙ نه ڪريو، جئن توهان جي مرضي هجي تئن ڪريو.“ اَجا ٿورو اَڳتي هليو ته ٽيون ٺڳ کيس گڏيو. اُن چيس ته ”اَڙي مهاراج، هيءَ ته ٺيڪ نه آهي جو گڏهه کي ڪنڌ تي کنيو پيو وڃين! هڪدم ڦٽو ڪرينس. چو جو چيل آهي ته:- ”جيڪو ماڻهو ڄاڻي واڻي يا بي خبريءَ وچان گڏهه کي ڇُهندو آهي اُن کي پوتر ٿيڻ لاءِ ڪپڙن سوڌو سنان ڪرڻ کپي.“

ٻيو ڪو ڏسي وٺي تنهن کان اَڳ ئي هيءُ ڪلنڪ پاڻ تان هٽائي ڇڏ.“ براهمڻ سمجھيو ته هيءَ ڪو روپ بدليندڙ جِن ڀوت آهي جنهن کي آءُ ڪُلهي تي چاڙهي هليو آهيان. اِئين من ۾ سوچي هن ڇيلي کي اُتي ئي ڇڏي ڏنو ۽ ٺنهي ٺڳن ملي ڪري ڇيلي جو جھاتڪو پاتو ۽ موَج ڪرڻ لڳا.

ஐஐஐ

## پهاڪا

- ڇُڪ ڪري ڇوتيءَ واري، نِڪرُ ڀڄي نوڙهيءَ تي!
- آڏيلو نه ڏِئي، پر آڏي ڏي!
- جاڏي وَڃي واڳھو، تاڏي پاڻي تانگھو!
- پيءُ پيالو صبر جو، ساٿي نه ڪوئِي قبر جو!
- ڳجڻ وارا نه وَسن!
- ڏيڻ ۽ ڏيهه ڇڏڻ ڏُکيو آ!

# اَتياچار جي خلاف جَتايوُ وانگر ساهسي ـ همٿ وارا بڻجو!

✍ نانڪرام منگلاڻي ’سنڌو سپوت‘

هڪڙي هفتيوار اخبار ۾ ٻال ڪٿا پڙهڻ جي لاءِ ملي. هڪ شڪاريءَ پکين کي پڪڙڻ جي لاءِ جار وڇايو ته پکين ملي ڪري، يونين ٺاهي ۽ سيني ملي ڪري سنگهٺن ڪڙو ڪيو ۽ پوري طاقت سان جار کڻي اُڏامي ويا. شڪاريءَ جڏهن پکين کي جار کڻي اُڏامندو ڏٺو ته انهن جي پنيان ڊوڙڻ لڳو. ڪنهن اُن کي روڪيو، اَڙي ڀائي، هيءَ ڪهڙي مورکتا ڪري رهيو آهين؟ هاڻي ته پکي جار کڻي ڀڄي ويا. تنهنجي هٿ ۾ ڪونه اَچڻا آهن.

شڪاريءَ ڪيس جواب ۾ چيو، جيڪڏهن ڪوئي هڪڙو پکي هجي هان ته هٿ ۾ نه اَچي هان! اُهو جار کڻي تمام دور دور اُڏامي وڃي هان. پر هتي گهڻا ئي پکي آهن، جيکي ڀلي ئي ٿوري وقت جي لاءِ هڪ ٿي ويا به هوندا، پر اَڳتي هلي اُهي ڪنهن هڪ ڳالهه تي يڪمشت نه رهندا، تڏهن انهن کي جار سميت هيٺ اَچڻو ئي پوندو. ٿيو به اِئين ئي، جيئن شڪاريءَ چيو هو. ڪجهه وقت ۾ ئي سڀ پکي جار کي پنهنجي پنهنجي طرف ڏانهن ڇڪڻ لڳا ۽ سڀ جار سميت هيٺ اَچي ڪِريا.

اَسانجو حال انهن پکين وانگر آهي. اَتياچار جي خلاف مقابلو ڪرڻ جو فيصلو سڀ ملي ڪريون ٿا، پر ٻئي طرف جتي به ڪنهن کي پنهنجو سوارٿ سامهون اَچي ٿو، ته ماڻهو ان طرف مُڙي وڃن ٿا. مطلب ته اَتياچار جو وروڌ ڪرڻ جي لاءِ سنگهٺن سورپ کٽي. کٽي ۾ بدلجي وڃي ٿو، مطلب ته اُن شڪاريءَ وانگر آخر ۾ اَتياچارين جي وجهه تي ويندي آهي. هيءَ هڪ ڳالهه آهي ته سوارٿ ڪارڻ پڪڙجڻ وارن ماڻهن جو وناش ٿيندو آهي. اُهي سڀ اُن اَتياچاريءَ جي اَنياءَ جو شڪار ٿي ويندا آهن، چاهي اُهو اَنياءُ جان جي قيمت چڪائڻ جو هجي يا ٻي ڪنهن طرح جي ظلم جي روپ ۾ هجي، سوايمان جي قيمت تي سهن ڪرڻو پوندو آهي. سوارٿ ڪارڻ گهڻا ئي هوندي به سرڪار ٺاهڻ ۾ رنڊڪون، مثال اَسانجي سامهون آهي.

اَسانجي ديش جي اها به ڪمزوري آهي ته گونڊا، بدمعاش يا ڏوهاري ورتي وارن ۾ ايڪتا رهندي آهي، سنگهٺت رهندا آهن ۽ سُڄاڻ ورتي وارا ماڻهون اَڪيلا ئي پڪڙيل رهندا آهن. انهيءَ ڪارڻ جي ڪري گونڊن ۽ اَسماجڪ تتون جو ئي راڄ هلندو آهي. هڪڙي ڪويءَ پنهنجي ڪويتا ۾، ”اهنسا جي نالي تي اَنياءُ سهن ڪري ونو ٿا، اَرجن وانگر ٻاڻ جيڪڏهن ڌنش تي چاڙهيو ته جيڪر ....!“

راماڻ ۾ به اَنياءَ جو مقابلو ڪرڻ وارو هڪڙو زبردست پر ننڍو ڪردار آهي ’جتايو

پڪيءَ‘ جو. راوڻ جنهن وقت سيتا کي ڪٽي آڪاش ۾ اُڏامندو وڃي رهيو هو ته جٽايو ڏسي ورتو ته هڪ اَبلا اِستريءَ سان اَنياءُ ۽ اَتياچار ٿي رهيو آهي. جٽايوءَ کي اها به خبر هئي ته راوڻ اُن کان وڌيڪ شڪتيشالي هو ۽ راوڻ وٽ هٿيار به هئا ۽ هن وٽ ڪجهه به ڪين هو. هن کي اهو به معلوم هو ته راوڻ سان جنگ ڪرڻ جو مطلب سندس جو موت پڪو هو.

تڏهن به سڀ ڄاڻندي به ستياگرهي جٽايو راوڻ سان آخرين دم تائين جنگ جوٽي ۽ اَنياءَ جو مقابلو ڪندي شهيد ٿي ويو. اَهڙي اَنياءَ جي خلاف لڙائيءَ ڪارڻ اُن جي آتم بليدان جي ڳجهه جهڙي لڙاڪو پکي هوندي به رامائڻ ۾ ڀڳوان رام هن جي اَهڙي آدرش ۽ تياڳ ڪارڻ پرم پڳت پد پردان ڪيو. آدمي چاهي ڪهڙو به هجي سنو، بُرو هجي يا ننڍو هجي يا وڏو، پر ڪهڙي مقصد سان هو لڙي ٿو، ڪهڙي مقصد ڪارڻ جان جي بازي لڳائي ٿو، اِنهيءَ ڪارڻ ئي اُن کي مهانتا ملي ٿي ويندي آهي. آزاديءَ جي لڙائيءَ مان اَهڙا اَنيڪ ڪردار جيڪي ڪڏهن پنهنجي جيون ۾ اَسماجڪ به رهيا هئا، پر آزاديءَ جي جَنَ آندولن ۾ اُنهن جي ڏنل قربانيءَ انهن کي شهيديءَ جي سنمان وارو درجو ڏيئي ڇڏيو. اَڄ اَسان ڇئون ٿا ته سرڪار ڪجهه به ڪونه ٿي ڪري، پوليس ويايه ۾ وڏي خرابي ۽ گندگي پريل آهي، ڀوڏاري پرشٽاچار، هنسا، قوم واد، سمپردايواد وغيره جيڪا وڏي رهي آهي، جڳهه جڳهه تي اَنياءُ، اَتياچار جو بول بالا آهي.

اِنهيءَ لاءِ پهريون سوال ته اَسان مان ڪوئي تيار آهي جٽايوُ يا اَرجن بڻجڻ جي لاءِ؟ اَگر هن جو جواب ’ها‘ آهي ته ڀڳوان اَسان سان گڏ آهي. غلط ۽ بُرن ڪمن جي لاءِ ماڻهون يڪمشت ٿي سگهن ٿا، پر سُنن ڪمن جي لاءِ سُنن مقصدن جي خاطر، سنا ماڻهون يڪمشت نٿا ٿي سگهن. اهو ئي اَڄ جي هنن تمام بُراين، بدمعاشين، اَتياچارن جو جواب آهي.

ڳالهه چاهي سرڪاري ويايه جي هجي، سماجڪ جيون جي هجي، ڏنڌي وهنوار جي هجي، سُنن ڪمن ۽ سُنن مقصدن جي لاءِ ماڻهن کي تيار ڪرڻ ۾ پريشاني ٿيندي آهي جڏهن ڪ بُرائيءَ ۽ بدي سِکڻ جي لاءِ يا گندي گُٽ بازيءَ، غلط ڪارستانيءَ وغيره ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن جي به سکيا، اُتساهه ۽ مارگ درشن جي ضرورت ڪونه پوندي آهي. ماڻهون پنهنجو پاڻ ڪوڙ ڳالهائڻ، پاڪيٽ مارڻ، ملاوت خوري ڪرڻ، چوري، لوٽ-پاٽ ڪرڻ وغيره سِکي ويندا آهن. پر اَنياءَ ۽ غلط هلت جي خلاف لڙڻ جي لاءِ خود ئي جٽايو بڻجي همت ڪرڻ وارو ڪوئي ڪونه ٿو تيار ٿئي.

ஐஐஐ

# سنڌو يوُٿ سرڪل جو اِتهاس

✍ سُندر ڊنگواڻي

چيِف ايگزيڪيوٽوِ ٽرسٽي - سيڪريٽري

١٩٦٢ مئي مهني جيِ ڳالھ آهي. گرمي زبردست هئي. اَسين سڀ دوست ٢١-٢٢ سيڪشن، اُلهاسنگر-٣ جي ٻئرڪن ۾ رهندا هئاسين. سڀ ذري گهٽ شاگرد هئاسين ۽ ڪو خاص ڪم ڪار هوندو نہ هئو، انڪري رات جو دير دير تائين اَچايا گپ شپ هٽي، هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪري وقت وڃائيندا هئاسين. هڪ رات اِئين اَنن ڏهن دوستن جو ٽولو، جنهن ۾ مان نندي ۾ نندو هيس ۽ پڙهندو هيس، ٻئرڪ جي ڪنڊ ۾ چوُواٽي تي هڪ گهر جي سامهون پاڻ ۾ زور زور سان بحث ڪري رهيا هئاسين ۽ رات جا ١٢ ٿيڻ تي هئا. اوچتو هڪ مائي نڪري چلائي چيو، نڊڙڪو، توهان کي تہ ڪو ڪم ڪار آهي ڪونہ، گهر ٻار اَتوَ ڪونہ، چو اَجايو اَسانجي دير دير رات تائين ننڊ ڦٽائي رهيا آهيو. سپاڻي اَسانکي ڪم تي وڃڻو آهي. مائيءَ ڏاڍو گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ ڏاڍو شرمايو. اَسانکي محسوس ٿيو، مائي تہ برابر ٿي چوي. چو نہ اَسان ڪا جڳهہ ڳولهيون ۽ اُتي مِلِي بحث ڪيون، پاڻُ وندرايون ۽ ڪجهہ ڪريون. بس، سينئي جي دماغ تي جڳهہ ڳولهڻ ۽ پاڻ کي سنگهنت ڪرڻ ۽ سنسٿا ٺاهڻ جو ڀوت سوار ٿيو. ٻہ چار ميٽنگون ٿيون. ڪافي سُجهاوَ آيا ۽ نالو گهٽي بحث ڪانپوءِ رٿيو ويو ”سنڌو يوٿ سرڪل“. ٻيا ٻہ نوجوان دوست ڪٺا ٿي ويا پر سڀ بي روزگار، ڪاليج يا اِسڪول جا وديارٿي ۽ روزگار ڳولهيندڙ. پئسا اَچن ڪٿان ۽ جڳهہ ملي ڪٿي. اُن زماني ۾ ڪافي پلاٽ خالي تہ نہ هئا پر بيڪار جڳهيون پاسيريون، واڙن جي، گٽرن جي ۽ ٻنيءَ جي پاسن ۾ هيون. اَسان ٻہ واڙن گٽرن جي وچم ٻنيءَ جي پرسان واري ٽُڪر تي دابو ڪيو ۽ لڪڙيون لڳايون ۽ ڪٺا ٿي ويهڻ چالو ڪيو. بس، ٻنهي پاسي جي واڙي وارن جام داداگيري ڏيکاري، اَڪيون ڦوٽاريون، ڀڄائڻ جي ڪوشش ڪئي پر سندن نوجوانن اَڳيان دال نہ ڳري ۽ اِئين اَسان اَڄ جنهن ٽُڪر تي آهيون، اُن جي اَڌ حصي تي، اُن وقت قبضو ١٩٦٢ ۾ ڪيو ۽ چار لڪڙا لڳائي اِئين رات ۽ ڏينهن اَچي ويهندا هئاسين. اَسان نوجوانن جو حوصلو ڏسي هڪ سڄڻ شخص تمام سنو ماڻهو سلامتراءِ واڙي وارو مشهور ۽ سنئي شيوا ڪندڙ نوجوانن کي همٿائيندڙ اَسانکي ٢٥٠ رپيا ڊونيشن اِن شرط تي ڏنا تہ مون سان رستن ۽ نالين جي شرمدان ۾ ساٿ ڏيندا. مرتا ڪيا نہ ڪرتا. سڀ جي ها. اِئين پاڻ ٻہ پنهنجي اَٺ آنا، رُپيو خرچي ڏيئي ڇهہ ست سوَ جمع ڪيا. ڪمل پارواڻي اَسان جو سردار - دانو چانڊواڻي - رام ايسراڻي اَسانجو جو پاماشاه ۽ سيڪريٽري - گربخش لالواڻي - آسن للا - گرڌاري جئسنگهاڻي، هڪ ٻہ ٻيو، نالو نٿو ياد پوي ۽ مان سڀ کان نندو نائين درجي جو شاگرد - اِئين سنڌو يوٿ سرڪل جو پايو وِڌو.

پئسا ڪٿان اَچن جو جڳهہ ٺاهيون. رام ايسراڻي شاهوڪار هئو ۽ اُن جو ڏاڏو گهنشامداس ڪافي شاهوڪار هئا. اِنڪري لڳي وياسين رام ۽ اُن جي ڏاڏي جي چمچاگيريءَ ۾. رام، تون سيڪريٽري، تنهنجو ڏاڏو پريزيڊنٽ، يار ڪيئن ٻہ ڏاڏي کان ٥٠٠ وٺائي ڏي تہ جڳهہ ٺهرايون. ڪاڪو پڪو هئو پر هيڏو نوجوانن جو ٽولو سندس خدمت ۾ ۽ واه واه ڪرڻ ۾ ڪنهن کي ٻہ هرڪائي ۽ روئي رڙي ٣٠٠ ڏنائين ۽ اِئين ١٠٠٠ جمع ٿيو. بس، ٣٠٠ جون لڪڙيون، ڪوڪا اَچي ويا ۽ پاڻ هٿ سان ١٩٦٣ جي جنوري ڏاري جهوپڙو

ٿاهڻ جي ڪوشش ڪئيسين. ۽ ياد آهي تہ گربخش لالواڻيءَ ڪي رات جو پير ۾ بہ اِنچ ڪوڪو اَندر ڳُهسي ويو. رات جو لالٽين لڳائي ويهندا هئاسين. اَهڙو جُنوُن ڏسڻ لائق هو ۽ اَج اُهو لکڻ ۾ جيڪا خوشي ملي رهي آهي، اُها بي اَنت آهي. ڪيترو نہ دوستن ۾ پيار هو، ڪيترو نہ اَسين سک دک ۾ ويجهو هئاسين. ڪيتري نہ هڪ ٻئي لاءِ جانِ ڏيندا هئاسين ۽ هڪ ٻئي ڪانسواءِ رهي نہ سگهندا هئاسين، جيستائين مِلوُن نہ. اَج سڀ ڪجهہ تہ آهي، ڪاريون، موٽريون، هرڪو عيش ۽ آرام، وڏيون جڳهيون، وندر جا سڀ سامان، ساز، سيڏو ۽ سامان ۽ بيشمار دولت ۽ ناڻو - بئنڪ بئلنس، پر مونکي محسوس ٿو ٿئي - نہ اُها لڳن، نہ پيار، نہ ڪجهہ ڪرڻ جي دِل ۽ نہ موَج مستي، دل وندرائڻ - هڪ ٻئي جي غم وندڻ جي توفيق رهي آهي. بس، پِڄ، پِڄ، ٽائيم نهين!! وقت نهين!!! ڇڱو يار باءِ باءِ.

اَسان جي لڳن، ايڪو، ٻَڌِي ۽ ڪجهہ ڪري ڏيکارڻ جي تمنا، سماج شيوا ۽ سنڌيت لاءِ ڪجهہ ڪرڻ جي جُنوُن ڪي پرڪيو سيٺ هيرانند پنجواڻيءَ جيڪي اَسان جي ٢٢ سيڪشن ۾ رهندا هئا ۽ فلمن جي ڪم ۾ نوان نوان ڳِهڙيا هئا. اُن اَچي چيو تہ هِن لڪڙين جي جهوپڙي ڪي ڇڏيو، مان توهانکي پڪي جڳهہ ٿو سِرن سان نهرائي ڏياريان. بس، اُن جي اَچڻ سان اَسان جو اُتساه آسمان ڇُهڻ لڳو ۽ قرض وٺي پهلومل ٻني وٽان سِروُن آيون ۽ رهيل ست-اَٺ سوَ ديوارن ۽ درن تي خرچ ٿي ويا ۽ پوءِ هڪ سال ١٩٦٤ تائين بنا ڇت ۽ بنا فرش جي جڳهہ ۾ چيٽن سان ليپا پائي، ڪڏهن اُس هن پاسي اَچي، تہ هُن پاسي ويهندا هئاسين. وڏا وڏا اَتسنا، نهراءَ پاس ڪندا هئاسين - ڪسرت، گانا بجانا، ڪتاب لئبرري ٺاهي، ماڻهن لاءِ شرمدان ڪرڻ، نالا، ناليون هٿ سان، ڪوڏر سان درست ڪرڻ سان سماج شيوا چالو ڪئيسين ۽ سنڌي نوجوانن جو هڪ مضبوط ٽولو ٺاهيوسين، جو ١٩٦٥ ڌاري ڏاڍو مشهور هئو ۽ هيرانند ڪي پريزيڊنٽ بڻائي پير مضبوط ڪياسين.

بس، پوءِ تہ هلي پيئي. پرسي سڪيجا، آسن للّا، مدن برجواڻي جهڙا مضبوط جُنوُن رڪندڙ سيڪريٽري ٿيا، جن سرڪل ڪي سني ليڊرشپ ڏني ۽ اُن ڪان وڌيڪ ڪمل پارواڻي جنهن ڪڏهن عهدو نہ ڪنيو پر سيني سيڪريٽرين جي همت افزائي ڪرڻ، مدد ڪرڻ، ميمبرن ڪي سمجهائڻ ۽ پنهنجي چرچائي سُڀاوَ ۽ دانشمندي ۽ عقل سان ڪير ڪنڊ ڪرائڻ ۽ رسوخي سُڀاوَ رکڻ سبب ۽ ڪنهنکي بہ چاڙهي ڪم وٺڻ ۽ هر سني ڪم ڪندڙ ڪي همٿائڻ جي ڏانوَ سبب سرڪل جا ساليانا ٽاڪيز ۾ چيٽرٽي شو ٿيا ۽ اِئين پئسا ڪني ڪرڻ جو ٻج پيو. اِئين چوڻ ۾ وڌاءُ نہ ٿيندو جي مون سان ٤٠ سال ڪنهن وڌ ۾ وڌ نِڀايو ۽ هن سرڪل ڪي وڌائڻ ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو ۽ منهنجي جُنون ڪي هوا ڏني تہ اُهو ڪمل هئو. هميشه ١٩٧٧ ڪان وٺي اَج تائين مان آهيان تہ ڪمل چيئرمن ٿي ڊال وانگر ڪم ڪيو. جڏهن بہ ميمبرن جي ٽِڪن تيرن ڪي نہ سهي سگهندو هئس تہ هوُ بچاءُ بہ ڏيندو هو ۽ ڪمال جي ڪيس طرز هئي جو سيني ڪي شانت ڪري سگهندو هو. اِنڪري منهنجي ۽ ڪمل جي جوڙي خوب رهي ۽ اَج جي وڪاس ۾ مون سان ڪمل جو ٽڪراءُ نہ ٿيو.

جڏهن ڪان سرڪل ٺهي، مونکي هميشه چانهہ وٺي اَچ، هن ڪي سڏي اَچ، هِت لڪڙين جي سنڀال ڪر، چيٽي سان ليپو پاءِ، ٻُهاري پاءِ، پاڻي ڀري اَچ جهڙا ڪم ميمبر چوندا هئا. نندي ۾ نندو بہ هُئس. اُن وقت هڪ سال ۾ ٻئي سيڪريٽري بدلي ٿي ويندو هو ۽ ڪنهنکي ٽِڪڻ نہ مِلندو هو. منهنجي لڳن، ڪم جي لڳن ۽ آگياڪاري هئڻ سبب مدن لال برجواڻيءَ مونکي ١٩٦٩ ۾ جڏهن اَجا ٢٣ سالن جو مس هُيس تہ چانس ڏنو

۽ پاڻ چيئرمن ٿيا. اُن هڪ سال جي مُدي ۾ مون سرڪل جو وِڌان نهاريو، سرڪل کي پبلڪ ٽرسٽ ۽ سوسائٽي اَيڪٽ ۾ رجسٽرڊ ڪرايو ۽ ڪامياب ليڊر پڪچر جو پئراماڻونٽ ٽاڪيز ۾ فنڊس لاءِ چئرٽي شو ڪرايو ۽ پهريون ساوينر نڪتو. جيئن ته مان ننڍو هُئس ۽ اَنگريزي ايڏي سُٺي نه ايندي هئي، اِنڪري ڊرافٽ جو ڪم مدن لال برجواڻي ڪندو هو ۽ اُن ئي وِڌان ناهڻ ۾ پوري ڪوشش ڪئي ۽ آسن لُلا اِنڪم ٽئڪس ۾ هئس سبب وڏ ۾ وڏ فنڊس آڻڻ، پڪچر وٺائي ڏيڻ، ڊرافٽنگ ۽ ٻين ڪافي ڳالهين ۾ مدد ڪندو هو. جيئن ته مدن ۽ آسن جي نه پوندي هئي، اِنڪري ٻنهي جو مون مٿان زور بار هلندو هو ۽ جيئن هلائين، مان هلندو هوس. ناسڪ ۾ نند ڇڳاڻي ساڻ هلي ڪري رات رهي ڪري سرڪل کي رجسٽرڊ ڪرائي آياسين. جڏهن سنسٿا کي رجسٽرڊ ڪرايو، اُن وقت Statement ۾ ’22’ x 16 جو هٽ (Hut) ۽ بئنڪ ۾ 412 رپيه ۽ هٽ ۾ ڪئش 5 رپيه ۽ ڪليل وٺن جي باڻونڊري سان پلاٽ ظاهر ڪيوسين. ۽ اَڄ اُن سنسٿا جو بئنڪ بئلنس 70 لک تي آهي، خرچ لڳ ڀڳ 25 لک ساليانو ۽ اُپت 30 لک هاڻ جي آهي. پلاٽ ڏري گهٽ ڊبل (ڪجهه پئسن تي ورتو ويو، اُهي پئسا دادا مورجمل ڏنا) پڪي باڻونڊريءَ سان هڪ شاهي ته ماڙ بلڊنگ سان، اَنيڪ مشغولين سان 20 هزار اسڪوائر فوٽ بِلٽ اَپ ايريا سان آهي ۽ ڪروڙن جي پراپرٽي سان آهي.

توهان اَندازو لڳايو ته هن سرڪل کي هن مقام تي پهچائڻ ۾ مِڊل ڪلاس، نوڪري ڪندڙ نوجوانن ڪيتري نه جفاڪشي ڪئي هوندي. سچ پچ مان سرڪل جي سڀني ساٿين کي سلام ٿو ڪريان، جِن پنهنجو پوشيه، پئسو ۽ سڀ ڪجهه ڏيئي هن سنسٿا کي سنڌين جي سڀ کان بهترين ڪلچرل سنسٿا بڻائڻ ۾ يوگدان ڏنو آهي. وري سيڪريٽري ١٩٧٤ ۾ ٿيس ۽ وري ١٩٧٧ ۾، اُن ڪانپوءِ بس، اَڄ ڏينهن تائين هلان پيو.

١٩٧٧ ۾ جنرل سيڪريٽري ٿيون پيرو ٿيو هيم. سرڪل ۾ ڪوبه سيڪريٽري ٽِڪندو نه هو. جهيڙا، جهڳڙا، ٽڪراءَ، طنز ۽ نقطچيني ايڏي ٿيندي هئي جو ڪوبه ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿيندو هو ۽ هڪ سال کان اَڳ ئي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندو هو. مونکي جُنوُن هو، حوصلو هو ۽ ليڊر ٿيڻ جو جذبو هو. موقعو مليو. تِن ڏينهن ۾ سنڌي ڊراما ڏسڻ جو شوق ڏاڍو هو. شو هائوس فُل ويندا هئا. پوءِ رميش ڇاڇاڻي هجي يا ايس. پِي. مينگهاڻي يا جسونت ڪمار يا ٻيا گروپس. هندواسي جو آخرين پيج سنڌي ڪلا، آرٽ، ڊراما ۽ فلم لاءِ هو ۽ اُن جو بانيڪار، لکندڙ هو رام ڪرشن آڏواڻي ’راهي‘. جنهن جي لکڻين مون تي گهرو اَثر ڇڏيو ۽ وري مان هيس ڪولابا ۾ ٽاٽا اِنسٽيٽيوٽ آف فنڊامينٽل ۾ ۽ بس آڏواڻي جي آفيس نزديڪ. ١٢ بجي هلي ويندس ۽ ٢ بجي تائين اوپاريون لهواريون ۽ سنڌي ڊراما، ٻولي، سنڌيت تي خوب بحث. ٻيا به پيارا رام جوهراڻي، نند ڇڳاڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، هري موٽواڻي ۽ ڪافي ڪلاڪار، شاعر ان وٽ ايندا رهندا هئا.

مونکي راهيءَ پوت وِڌو ته سندر، تو ۾ جُنوُن آهي ۽ تون سنڌو پوَن نهراءِ. مان چيو، سائين، مونکي ايڏي طاقت ناهي. سرڪل جي ميمبرن سان ڳالهه ڪِڍي. سڀ کِلڻ لڳا. چوَن، يار، آسمان مان تارا لاهڻ جي ڪوشش نه ڪر. اَسان ۾ ايتري طاقت آهي ئي نه. سڀني جي نه. پر منهنجو جُنوُن قائم. مان چيو، مان ڪندس. سڀني ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي ميمبرن چيو، چڱو، وڃي ڪر. ٿيڻ واري ته ڳالهه آهي ڪانه. چوڻ ۾ ڇا ٿو وڃي. ڪمل پارواڻي اُن وقت صابڻ ڪارخاني جو واپاري هئو. اُن چيو، يار، تون لکن رُپين جون

ڳالهيون ٿو ڪرين. هِت نهي پائيِ بہ نہ. گهڻا ڏيندين؟ جيترا تون ڏيندين، اوترا مون پاران، ڪر شروعات دم اَٿيئي تہ. چئلينج مونکي جوش ڏياريو. چيم، ٥٠٠٠ رپيہ. جيڪا اُن وقت منهنجي ٦ مهنن جي پگهار هئي ۽ مان ڏاڍو غريب بہ. ڪمل چيو، چڱو Done، مان بہ پنج هزار. اِئين چئلينج سان ٿي ”سنڌو يون“ اوپن ايئر آڊيٽوريم جي شروعات، جنهن کي چالو ڪرڻ ۽ پوري ڪرڻ ۾ چار سال لڳا ۽ ١٩٨٢ ۾ نهي تيار ٿيو ۽ اُن وقت لڳہ ڀڳہ بہ لک رپيا خرچ آيو ۽ اِهو پهريون آڊيٽوريم هئو، جيڪو ٺاڻا کان وٺي پوني تائين مشهور رهيو ۽ جنهن جو مهورت سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ڪئي ۽ صدارت پروفيسر رام پنجواڻيءَ. اِن سنڌو يون سنڌو يوٿ سرڪل جو نالو نہ صرف هندستان ۾ پر پرڏيہ ۾ بہ سرڪل کي مشهور ڪري ڇڏيو ۽ هن جي نهڻ ۾ بين بن شخصن خاص محنت ڪئي، اُهي هئا اَسان جا پريزيڊنٽ ڀائو گوپ ڀهراڻي ۽ دادا مورج منگهناڻي. دادا مورج منگهناڻي (16.02.1927 - 04.06.2019)، جِن دبئي مان سنڌو يون لاءِ دان جي اَپيل پڙهي، جا مدد ڪئي آهي، اُن لاءِ ٻيا ڏهہ پيہ اَڳہ لڳا پوندا. مورجمل، سنڌو يون جي آخرين پڙاوَ ۾ جيڪا مدد ڪئي ۽ رهنمائي ڪئي، اُن جي لاءِ جيترو لکان اُهو گهٽ آهي. اِئين چوان، اِن مدد مونکي سندس مريد بڻائي ڇڏيو ۽ اُن جي سرڪل ۾ اُٿان کان اِنٽري ٿي ۽ هوُاَسان جا ١٩٨٣ کان چيف پيٽرن ٿيا.

سنڌو يون نهڻ سان اُلهاسنگر کي ڊراما ڪرڻ جو هڪ استان مليو ۽ هن ماڊرن آڊيٽوريم نہ صرف سنڌي ڪلچرل مشغولين کي، جنهن ۾ اَدبي - لِٽرري - ٻولي - پنگتي، سوشل ۽ ڪلچرل ڳالهين ۾ ٻوڙ آندي، پر هن آڊيٽوريم ۾ هندي، مراٺي، مدراسي ۽ اِنگلش ڪاريہ ڪرم پڻ سوَن ۾ ٿيا آهن. اُن وقت اُلهاسنگر جو شانُ هو ۽ هاڻ تہ ڪافي آڊيٽوريم گذريل ١٥ سالن ۾ نهيا آهن ۽ اَسان کان بهتر بہ آهن، پر گورنمينٽ خرچ تي ۽ اَسان گورنمينٽ جي مدد جي ڪوشش نہ ڪئي آهي. اَپنا هاٿ جڳنناٿ ۽ مدد لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪرڻو ٿو پوي، جو اَسان نٽا ڪري سگهون يا willing ناهيون.

جيئن مون مٿي چيو تہ آڊيٽوريم جي نهڻ سان چئرٽي شو جي پهرئين ’سنڌو‘ اَدبي مخزن جو پڻ پروفيسر پنجواڻيءَ هٿان مهورت ٿيو. لڳاتار ١٩٨٣ کان ٢٠١٨ تائين سنڌوءَ جا شاندار پرچا ساليانا نڪتا آهن، جنهن جو نند چڳاڻي ايڊيٽر رهيو آهي ۽ ڪونج ڪانپوءِ جي ڪنهن مخزن سنڌي اَدب جي شيوا ڪئي آهي تہ اُها آهي ’سنڌو‘. سنڌو نہ صرف ڀارت ۾ پر دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي ٿي. ’سنڌو‘ صرف اَدبي مخزن نہ آهي پر هوءَ سنڌو يوٿ سرڪل جي مشغولين جي فوٽن سان جاڻ ۽ سرڪل پنهنجي ساليانی ڪاريہ جو پوتاميل ٿي رکي ۽ اِشتهار وجهي دان بہ ٿي حاصل ڪري ۽ ڪوَر ڊزائين ڏيئي سنڌي شاعر، سنڌي ناٽڪ، سنڌي ڏڻ وار، سنڌيت جي هر براچن جو ۽ سنڌي سماج جي سياسي ۽ سماجڪ پُرشن کي ڪوَريج فوٽو سان ۽ ديش جي وشين ۽ سرگريمن ۽ قومي ايڪتا کي اُجاگر پڻ ٿي ڪري. ’سنڌو‘ جا ڪوَر پيج ڏاڍا معنيٰ ڀريا ۽ ڏاڍا مشهور آهن.

سنڌو يون جو نهڻ هڪ تواريخي قدم هو، جنهن نہ صرف سرڪل جو نالو اُن وقت مشهور ڪيو پر اُلهاسنگر جو نالو بہ نہ صرف هندستان ۾ پر پرڏيہ ۾ پڻ مشهور ٿيو ۽ اُن سان گڏوگڏ سنڌي ڪلاڪارن ۾، سنڌي اَدب ۾ ۽ سنڌي لٽريچر لکندڙن کي هڪ اِستان ملي ويو ۽ اُنهن جي سرگرمين جو مرڪز بڻجي ويو ۽ اَسان جون سڀ مشغوليون وڌڻ لڳيون. سنڌو يون سبب ليکراج عزيز لئبرري سنڌونگر ۾ ٽيڪچند مست جي ڪوشش سان ۽ نند چڳاڻيءَ جي محنت سان آئي ۽ اُن جو مهورت شان مان سان ١٩٨٧ ڌاري پروفيسر رام

پنجواڻي ۽ پوپٽي هيرانندڻيءَ جي شپ هٿن سان ٿيو ۽ جيئن گنگا گنگوتري مان ڏارا ٿي وهندي هيٺ آئي ۽ تيئن ٻيون ڪافي ڌارائون مليون هردوار ۾ هڪ وڪرال صورت پورڻ ۽ وڏي ۾ وڏي ديش جي ندي بڻي، تيئن اَسان جي ليکراج عزيز لئبرري ٻه اَنيڪ شاعرن، ليکڪن جي مرڻ کانپوءِ، يا هاڻ نٽا سنيلڄن ڪتاب سرڪل کي ڏيئي ٥٠٠ ڪتابن واري لئبرري ٣٣ هزار ڪتابن واري سڄي دنيا ۾ وڏي ۾ وڏي سنڌي ڪتابن جي لئبرري بڻي آهي. شاباس آهي نند کي، ڳوٺيون پرائي پرائي پاڻ وڃي ڪتاب ليکڪن جي گهرن مان ڪٺائي وري سرڪل ۾ ڻاهي سنواري، اُنهن جي فهرست نهرائي پڪو رڪارڊ آهي ۽ اَڄ هڪ رفرنس لئبرري، ريسرچ لئبرري، Ph.D. ڪرڻ لاءِ لئبرري - سنڌيت جي کوجنا ڪرڻ لاءِ عالمن لئبرريءَ جو اِستعمال ڪن ٿا. رميش موٽواڻيءَ جهڙي ساٿيءَ پڻ نند کي پورو سات ڏنو آهي ۽ اَڄ لئبرري سنڌيت جا گهڙا پيئي پري. جي اَڄ نند جو نالو ڪٿي ٻه نڪرندو يا عزيز لئبرريءَ جو نالو ڪٿي ٻه نڪرندو ته، ٻئي هڪ سڪي جا ٻه پاسا رهندا. اِن ڳالهه ۾ سرڪل دل سان مدد ڪئي آهي ۽ اَسان جو ڳاٽ اوچو آهي.

مٿي پوتاميل سرڪل جي سِلوَر جبلي تائين محدود آهي، يعني پروگريس 1962 to 1987. سنڌو يون سرڪل جي ٢٥ سالن جي ترقيءَ جو پهريون ڦيز (phase) رهيو. هاڻ دادا مورجمل منگهناڻي سرڪل سان پوري طرح جُڙجي ويا ۽ هر سال دبئي مان سنڌو ۽ سرڪل جي مشغولين لاءِ ڪافي پئسو دان ۾ اَچڻ لڳو ۽ سرڪل ۾ هڪ جان اَچي ويئي. سُپتر چندر منگهناڻي پڻ چاه ورتو، جيڪو اَڄ ٢٠١٠ کان پريزيڊنٽ آهي ۽ ڪافي ڪجهه سرڪل لاءِ ڪري رهيو آهي. سنڌو يون نهيو ته نوجوانن جي دل هئي اَجا وڪاس ڪيون ۽ ڦيز ٻئين ۾ يوجنا ٿي ته اِسپورٽس ڪلب ڻاهي وڃي. نقشا تيار ٿيا ۽ ٩٢-١٩٩١ ڌاري اِسپورٽس ڪلب نهي ويئي، جنهن ۾ ٽيبل ٽينس، چيس، ٻئڊمنٽن، ڪئرم ۽ والي بال راند جي شروعات ٿي ۽ اِها ٻه اُلهاسنگر ۾ پهرين اِسپورٽس ڪلب هئي ۽ ڌاڍي مشهور ٿي ۽ ٽي پيرا ٽاٽا ڊسٽرڪٽ ليول تي ٽِي-ٽِي، ڪئرم ۽ شطرنج راندين جون چٽاپيٽيون ٻه ٿيون. جوڊو ڪراٽي ڪلاسز ٻه چالو ٿيا ته يوگا ڪلاسز - شري اَمبيڪا يوگ ڪٽير جيڪا پوري ممبئي ايريا ۾ مشهور سنسٿا آهي، اُن جي پاران ته مهنا سرٽيفڪيٽ ڪورس پُرشن ۽ مهلائن لاءِ ٿيا ۽ هزارن ۾ ساڌڪن يوگا هِتان سِکي جيون سکي ڪيو ۽ کي ته سنا پروفيشنل ٽيچر ٻه ٿيا ۽ اَڄ اُلهاسنگر ۾ جيڪي ڪافي يوگا وَڌيا آهن، ته ڪافي سڄڻن جي شروعات سنڌو يوٿ سرڪل مان ٿيل آهي. اَهڙي نموني جوڊو ڪراٽي جي وديارٿين نه صرف ديش ۾ پر پرڏيه ۾ پڻ ڪامپٽيشن ۾ ڀاڱ وٺي اِنعام ۽ سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيا آهن ۽ نيپال مان ته اَسان جي ٽيم فرسٽ نمبر شيلڊ پڻ ١٩٩٥ ڌاري کٽي آئي.

سنڌو يون جي نهڻ کانپوءِ ١٨ اِنٽر ڪاليجئيٽ سنڌي ڊراما چٽاپيٽيون ٿيون آهن ۽ رمڻ راجپال اُن جو اَڳوان رهيو ۽ اَڄ جا ڪافي نوان ڪلاڪار هن سرڪل جي دين آهن. هُنن هِتان پنهنجي شروعات ڪئي آهي. ڪافي ٻين سنسٿائن کي ٻه سرڪل پنهنجون سهوليتون مفت ۾ ڏنيون آهن ۽ اَجا تائين پيئي ڏئي. پوءِ ممبئيءَ جون سڀ گروپس هجن يا سنڌونگر جون. هيءُ هڪ سنڌن گهر آهي ۽ سڄو ڏينهن هِتي ڪڇهريون ڪري پرئڪٽس ڪري سڄي ديش ۾ پروگرام ڏين پيا. جولي تيجواڻي، ديپڪ واٽواڻي، مرحوم رميش چاچاڻي، ايس. پي. مينگهاڻي، جسونت ڪمار ۽ اَسان جا ڪمار ڪلواڻي، جئه ڪمار، چندر هرداسي ۽ ٻين ڪافي هن سرڪل ۾ سنڌو يون منچ کي سينگاريو آهي، ڪم آندو آهي، پر پنهنجا پروگرام ٻه ڏنا آهن ۽ اَجا ڏين پيا. هن آڊيٽوريم ۾ ٿي سنڌي فلمن جي تياريون ٿيون آهن، هليون آهن ۽ فيسٽيول ٿيا آهن ۽ ٿيندا رهندا.

ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي هميشه چوندا هئا -سندر، پرٿوي ٿئيٽر وانگر سرڪل کي بڻاءِ، گرديو ٽئگور جي طرز تي سرڪل کي ٺاهه. هن کي سنڌيت جو مرڪز بڻاءِ. گُهرائي ڪلاڪن جا ڪلاڪ صلاحون ڏيندو ۽ مان صبر سان ٻڌندڙ. مون کي بہ جنون هئو ۽ گوپ ڀهراڻيءَ جهڙو مضبوط پريزيڊنٽ (1973 - 2008 till death) مِليو هو. ياماشاه دادا مورج جي رهنمائي ۽ دل مليل هئي ۽ ڪمل جهڙي چئرمن - هري چوئٿاڻي - موهن جيسواڻي، پرمانند لالواڻي ۽ گوبند ايسراڻي جهڙا ٻيا بہ ڪافي ساٿي مضبوطيءَ سان کُلهي ۾ کُلهو ملائي بيٺل هئا. هوڏانهن وري مورج منگهناڻي، دادا ديال هرجاڻي جهڙي پنهنجي دلبر دوست سان ملاقاتون ڪرايون ۽ منهنجي سوچ، منهنجو جنون، منهنجن سرڪل کي ٺاهڻ جي سپنن کي سپني دوستن، ميمبرن دل سان مدد ڪئي ۽ اِئين سنڌيت ڪلچرل سينٽر جو خاڪو سال ٢٠٠٠ ۾ تيار ٿيو. اَڳيان وڏي ويو آهيان تڪڙو، ٿورو پُٺيان ٿو وڃان، اِسپورٽس ڪلب ڏانهن، جيڪا ١٩٩٣ ڌاري چالو ٿي. سنڌين کي راندين جو شونق گهٽ اِنڪري فيصلو بينو تہ هاڻ جو ٽريند آهي جمخانا ۽ اِئين دادا مورجمل منگهناڻي نالي سان ٣ اَپريل ١٩٩٨ ۾ رام نوميءَ ڏينهن ناري گرسهاڻي جي هٿان دادا مورجمل ۽ پدم ڀوشڻ ڊاڪٽر هيرانندااڻيءَ جي اَڳواني ۽ صدارت دادا ٽيڪچند ميرپوري ۽ شهر جي ڪافي مشهور هستين جي حاضريءَ ۾ شان مان سان اُدگهاٽن ٿيو ۽ ’تبسم هِٽ پريڊ‘ فلم اَداڪارن جي پروگرام سان چئرٽي شو ٿيو ۽ سنڌو جو وموچن بہ بئريسٽر اَشوڪ آڏواڻيءَ هٿان ۽ سڀني معزز مهمانن جي حاضريءَ ۾ خوب سنو جشن ٿيو ۽ اِئين سرڪل ۾ نوجوانن جو ڀهريون وڏو جِم اُلهاسنگر ۾ نهيو، جنهن ۾ اُن وقت ماڊرن مشينيون ۽ هڪ نئين سوغات شهر لاءِ هئي.

هيءَ اِسٽيج رهي جتان اَنيلا سندر جون بئلي ٿيون. جئرام جي ’اَمان جو پينگهو‘، سونو چوڌري جون ڊانس ۽ اَنيڪ ڪلاڪارن جا اَنيڪ پروگرام. هاڻ وَڌان ٿو ٢٠٠٠ ۾. سپنو هو تہ اَهڙو سينٽر ٺهي، جنهن ۾ ڪلاڪارن جي رهڻ جي جڳهہ ۽، ميڪ-اَپ رومس، ڪئنٽين - وندر جون سهوليتون - ڪسرتون - رانديون، سنڌي ڪلا جا ڪلاس - ورڪشاپ، ميوزڪ ٽيچرس ۽ ميوزم. بس، سال ٢٠٠٠ ۾ خاڪو تيار ٿيو ۽ اِئين سنڌيت ڪلچرل سينٽر لاءِ پئسا ڪنا ڪندي ٢٠٠٤ ۾ جنوري ٢٦، پرجاتنتر ڏِوَس تي ڪاريہ جي شروعات ٿي. ٢٦ جنوري ٢٠٠٢ ۾ ديال هرجاڻيءَ پيڙه جو پٿر (Foundation stone) وِڌو - ٣ نومبر ٢٠٠٣ ۾ آمدار پپو ڪالاڻيءَ پومي پوجا ڪرائي ۽ ڪافي مشڪلاتن، سورن ۽ تڪليفن سهي ڪري آخر منزل کي ٻن سالن ۾ پاتو. جيڪا نہ ٿيڻ جهڙي ڳالهہ هئي، اُن کي اَسان سڀ گڏجي ڪري سگهياسين، جنهن تي اَسان خود کي بہ وشواس نٿو اَچي تہ ڪيئن پار پياسين.

چوندا آهن اِرادا پڪا هجن، سٺا ۽ صحيح هجن ۽ عوام جي لاءِ هجن، اُهي ڪير روڪي نہ سگهندو آهي. ايشور، سائين جهولڻ پاڻ ڪرائيندو آهي. پپو ڪالاڻيءَ جو اُن وقت آمدار (اَسيمبلي ميمبر) هئا، اُن جو پورو ساٿ رهيو.

سنڌيت ڪلچرل سينٽر جو اُدگهاٽن اَسان جي مربي دادا مورجمل جي هٿان ١٦ اَپريل ٢٠٠٦ ۾ تمام وڏي ڌام ڌوم سان ٿيو ۽ سڄي نگر ۾ چڙيو، پر پرڏيه ۾ ڏاڍي واه واه ٿي ويئي ۽ ڪافي V.I.P. شخص ديش وديش مان اَچي هن سنڌيت جي تيرٿ آستان ۾ پير گُهمايا. پوءِ ڊاڪٽر رام بخشاڻي هجي، پڳوان شولاڻي، وڪيومل شراف، آشا چاند، نانڪ روپاڻي، شنڪر لالواڻي، جئرام روپاڻي، لڪمي ڪلاڻي، رام جوهراڻي، مايا شهاڻي، پرهلاد آڏواڻي، جهمٽمل واڌواڻي، سمن ۽ رميش تلسياڻي، سائين نارائڻ بابا، سائين

چانڊورام، سوامي ديو پرڪاش، پرم پوڄنيه سُڌانشو مهراڄ، سائين آتمارام، سائين پرمانند صاحب، سائين ڪاليرام، .M.P منسٽرس ۽ ڪافي ٻيون برک هستيون.

ذري گهٽ سنڌين جي سيني برک هستين هن سنسٿا ۾ پير گهمايا آهن. پر سنڌ جي ليکڪن، ڪلاڪارن پڻ سرڪل ۾ اچي ڪچهريون ڪيون آهن ۽ سنڌي قوم کي سنڌ سان جوڙي رکڻ جي چاهنا رکن ٿا.

سرڪل ۲۰۱۲ ۾ گولڊن جُبلي ملهائي ۽ اُن وقت اسان جون ۱۲ مشغوليون هلندڙ هيون، جي اڄ وڌي ۱۶ ٿيون آهن. هاڻ هن کي وال آف هئپينيس - خوشين جي ديوار آهي ته مهلا وياڳه زبردست سڪريه آهي. اِسٽوڊنٽ ونگ به آهي ۽ ميوزم ڪم آرٽ گئلري به آهي ۽ هڪ .A.C ڪانفرنس هال به آهي ته ميوزڪ پروگرام (راڄو هرگناڻي جي رهنمائيءَ ۾) آهن ۽ ٻئنڪون (هري چوئٿاڻي) به ته ’جن تي اسان کي ناز آهي‘ جا بهترين پروگرام به آهن ته ٻارن کي پڙهائي لاءِ اِسڪول ۽ ڪاليج جي ڪتابن جي سڄي مهاراشٽرا ۾ وڏي ۾ وڏي مدد ڪندڙ بوڪ-بئنڪ آهي - ته غريب ٻارن کي في جي مدد - وڌوائن کي ماهياني راشن جي مدد تي رهي آهي. ڪميونٽي سرٽيفڪيٽ هزارن ۾ ڏيون پيا ڪاليجن ۾ داخلا لاءِ.

سرڪل پهرين سنسٿا آهي جنهن گذريل سال کان سنڌيءَ ۾ IAS جي ڪلاسز جي شروعات ڪئي آهي. سنڌي پڪچرس کي سرڪل ۾ ڏيکارڻ جي تياري به ڪئي ويئي آهي ۽ هن لڪڻ تائين ٻئي مهني کان شروعات ٿي ويندي.

سرڪل جي شاهي بلڊنگ - ۲۰ هزار اسڪوائر فوٽ ۳ ماڙ بلڊنگ سنڌيت ڪلچرل سينٽر سنڌين جو تيرٿ آستان آهي. سنڌين جو ڪلچرل - پنگتي - سوشل - آرٽ، ڪلا - ميوزڪ، مدد جو گهر، صحت گهر ۽ گهڻو ڪجهه آهي. سرڪل کي ۽ سرڪل جي ڪم ڪندڙن کي ڪافي انعام اڪرام مليا آهن. اِئين چوڻ ۾ مونکي فخر ٿو ٿئي ته هن سنسٿا سان نه صرف سنڌونگر پر ديش وديش جا شخص جُڙيل آهن ۽ يوگدان به ڏين پيا. هو سرڪل کي پنهنجو سمجهن ٿا ۽ اُنهن جي اُميدن جو مرڪز آهي. سرڪل سنڌي دانويرن سان ۽ ميمبرن جي اَٽڪ محنت سان ٿي هلي.

۵۶ سالن جو سرڪل کي اِتهاس آهي، ڇا بيان ڪري ڇا بيان ڪيان. سرڪل جو هڪ هڪ ساٿي پنهنجي ليکي هڪ سنسٿا آهي ۽ اُنهن کي سنڌي سماج ۾ بيحد عزت آهي. ڪابه سنسٿا تڏهن ترقي ڪندي آهي، جت پاڻ ۾ ايڪو ۽ هڪ ٻئي کي سمجهڻ جي قوت هوندي آهي. جيئن ٻه ٻاسڻ گهر ۾ کڙڪندا آهن، تيئن هِت به کڙ کڙ ٿيندي آهي. پر رهڻو گڏ آهي ته هڪ ٻئي کي پرچائڻو به آهي. ڪوبه ساٿي اَجا وِڇڙيو ناهي، پر هلي ويو آهي روزگار لاءِ يا فئملي مجبورين سبب پر دل اَڃان تائين سرڪل لاءِ ڌڙڪي ٿي. جيڪڏهن هڪ هڪ ميمبر جي شيوائن جو ذڪر ڪندس ته ۱۰۰ پيجن جو ڪتاب به گهٽ ٿيندو ۽ مان ڪير جو سنڌن قابليت کي ماپي سگهان. سرڪل کي مضبوط وڏان آهي ۽ اِنڪري اَسان هلي سگهيا آهيون جو سيني کي وڏان جي دائري ۾ ڪم ڪرڻو آهي. جيئن ته مُنڍ کان جُڙيل آهيان ۽ سرڪل جو ٻيو پاسو آهيان، اِنڪري گهڻو ڪجهه چئي سگهان ٿو ۽ حق به اَٿم. پريزيڊنٽ کان وٺي ڪاروباري اِنچارج ۽ سرڪل جي نوڪرن تائين مون کي ساٿ مليو آهي. ۴۴ سالن کان چونڊ جي مون کي لائق بڻايو اَٿائون، سيوا جو موقعو، وجهه ۽ سپنن کي ساڪار ڪرڻ جو، پنهنجن اُڌمن کي ظاهر ڪرڻ جو بهترين ساٿ ڏنو آهي. ساٿين جو ساٿ، ميمبرن جي وشواس ۽ عام جو ڀروسو مون ۾ ڪم جي قوت ڀري آهي. جيڪي اَڄ سينئر

بورڊ ميمبر آهن، اُنهن وڏ ۾ وڏ سرڪل کي رت ست ڏنو آهي.

گذريل ڏهاڪو سالن ۾ سنڌيت ڪلچرل سينٽر ڪانپوءِ ڪافي نون ڇهرن پڻ سرڪل ۾ پنهنجو چاهه ڏيکاريو آهي ۽ تمام سٺو رول اَدا ڪيو آهي ۽ بهترين يوگدان ڏين پيا - خاص ڪري وائيس پريزيڊنٽس ۽ بيا اِنچارج. سرڪل ۾ ڪم ڪندڙن جي عزت آهي ۽ چٽاپيٽي بہ ۽ انڪري شايد سرڪل اوچاين تي پهچي رهي آهي. جن کي چئلينج سويڪار هجي، وڏان سان هلڻو هجي، ڪجهہ ڪري ڏيکارڻ جو جُنوُن هجي، اُهڙن شخصن لاءِ سرڪل جا دروازا کليل آهن.

هاڻ جيڪي ڪاميٽيءَ تي آهن ۽ اِنچارج آهن، اُنهن جي ڪري سرڪل هلي ٿي. سرڪل کي گهٽ ۾ گهٽ ٣٠ جو اَنوٽ ساٿ آهي ۽ باقي فوڄ خال پرڻ لاءِ تتپر آهي. انڪري سرڪل اَڄ ڪنچن جنگا تائين پهتي آهي. اَڃا مائونٽ ايوريسٽ تي پهچڻو آهي. اَسان نہ پهتاسين تہ ڇا ٿيو، پنيان ٽيم ويني آهي.

شڪرگذار آهيان ڪونج ۽ نند ڇٻاڻيءَ جو جنهن هي سڀ لکڻ جو موقعو ميسر ڪري ڏنو آهي. ڀُل چُڪ معاف ۽ بس.

**(ڪونج، سيپٽمبر-آڪٽبور-٢٠١٨، سنڌو يوٿ سرڪل خاص اَنڪ)**

ꕥꕥꕥ

- هِتي سنڌو اَدبي ڪلاس پورو ٿيو -

# سنڌيت جو سرسوتي محل ـ سنڌو يوٿ سرڪل

✍ **جئرام روپاڻي**

سُندر ڊنگواڻي پل ڪڏهن ڪڏهن جذبات وهيڻو تي اَکيون آليون ڪري، پر هرڪو اَڄ بہ چوي ٿو ۽ سُپاڻي بہ چوندو : ”سنڌو يوٿ سرڪل“ ورهاڱي ڪانپوءِ هند ۾ سنڌين جو پهريون ڪلچرل ڪيندر آهي جِت سنڌيت جي سُرهاڻ آهي.

ڪوتا لکڻ ڪونہ ايندي اَٿم پر سُندر! نقل ٿي سهي منهنجي نماڻي نظم اَسان ٻنهي لاءِ :

١- پَر ٽُٽل آهن تہ ڇا ٿيو،
پرواز اَڃان باقي آ،
هر ٽُٽل خواب ۾،
آواز اَڃان باقي آ.

٢- ڪني ڪري توري ئي همٿ،
۽ توري ئي حيثيت
تون ڏُن هڪ نئين ئي ڇيڙ ڇو تہ
ساز اَڃان باقي آ.

٣- سفر ٿيو ناهي ختم،
اوچي اُڏام اَڃان باقي آ،
اهو تہ پهريون قدم آهي،
آغاز اَڃان باقي آ.

٤- هيءَ اَنت ڪونهي خوابن جو،
هڪ نئين شروعات آ،
هڪ ويو تہ ڇا ٿيو،
اَنداز نئون اَڃان باقي آ.

ꕥꕥꕥ

کھاڻي- **جواب**

**✍ موهن ڪلپنا**

وات تي ننڍي پڦيءَ چيو، ”ڪيئن پائي مليئه ڪا نوڪري؟“

”نہ.“

”ڪوشش ڪندو آهين؟“

”ڪندو آهيان.“

”پوءِ بہ نوڪري نٿي مليئي؟“

”نٿي ملي.“

”توکان پوءِ جن ميٽرڪ پاس ڪئي آهي تن کي تہ ملن پيون، توکي ڇو نہ؟“

..... مان چپ.

”تون سچيءَ دل سان ڪوشش نہ ڪندو آهين!“

..... چپ.

”توکي تہ وات ۾ گرهہ کپي!“

..... چپ.

ٻئي ڏينهن ڏاڏيءَ چيو : ”رات رڪمڻيءَ ٿي ڳالهہ ڪئي تہ تنهنجو منهن لٿو پيو هو!“

”ڪالهہ ساڱس چرچا ڪونہ ڪيا هئم.“

”پلا، اَڄ تنهنجي شڪل روئڻ جهڙي ڇو آهي؟“

”منهنجي شڪل ئي اَهڙي آهي.“

”ماني کائيندو آهين؟“

”ڪالهہ هڪ دفعو کاڌي هيم.“

”توکي ڏسي روئڻ ٿو اَچيم!“

..... چپ.

ڪجهہ ڏينهن پوءِ، وڏي پڦيءَ چيو : ”نرمل!“

”هون.“

”ٻڌائيندين تہ توکي نوڪري ڇو نٿي ملي؟“

”توهين ٻڌايو.“

”انڪري، جو تون اَهو نٿو ڪرين جيڪو هڪ ميٽرڪ پاس ڪيل کي ڪرڻ کپي.“

”دادي!“

”چئہ.“

”ڪالهہ رڪمڻيءَ ٿي چيو تہ مون کان پوءِ جن ميٽرڪ پاس ڪئي آهي، تن کي تہ نوڪريون ملن پيون.“

”صحيح آهي.“

”ءِ جن مون کان اَڳ پاس ڪئي آهي؟“

”تن کي بہ ملن پيون.“

”ءِ جن مون سان گڏ ڪئي آهي؟“

”تن کي بہ.“

”گهٽائيءَ کي يا ٿورائيءَ کي؟“

هوءَ چپ ......

”توهين ٿورائيءَ کي ڏسو ٿا!“

.... چپ.

”جيڪو جبل چڙهي وڃي ٿو، ان کي ڏسو ٿا!“

..... چپ.

’جيڪي ڪِرن ٿا، تن کي نٿا ڏسو!“

..... چپ.

”توهين ٿورائيءَ کي ڏسو ٿا، ءِ گهٽائيءَ کي نظراَنداز ڪيو ٿا!“

..... چپ.

”توهين ٿورائيءَ کي ڏسو ٿا اها سٺي ڳالهہ آهي.“

”مگر مڪمل طور سٺي نہ.“

”ڪيئن؟“

”توهين انهن ٿورن کي وساري ٿا ڇڏيو، جيڪي نوڪريءَ نہ ملڻ ڪري آپگهات ڪن ٿا!“

..... چپ.

”جن مون کان اَڳ ميٽرڪ پاس ڪئي آهي، تن مان ڪيترن ئي آپگهات ڪيو آهي.“

..... چپ.

”جن مون سان گڏ ڪئي، تن مان بہ.“

..... چپ.

”جن مون کان پوءِ ڪئي، تن مان بہ.“

..... چپ.

”توهان جي ماروت پارپتيءَ پنهنجي پٽ جي

ماني بند ڪئي، ڇو ته هو ميٽرڪ پاس هوندي به بيروزگار هو. ياد اٿوَ ته ٽرين جي پٽن تي سمهي آپگهات ڪرڻ ڪان اَڳ لکيل چٺيءَ ۾ هن اها ڳالهه صاف لکي هئي!''

.... چپ.

''سڀ ٽوڪيندا هئس.''

..... چپ.

''مون کي به ٽوڪيو ٿا!''

''نرمل .....!''

''مون کي وات ۾ گرهه کپي!''

''نرمل!''

''ڇاڪاڻ جو سچيءَ دل سان ڪوشش نٿو ڪريان!''

''نرمل، چپ ڪر!''

''ڇو ته گهر ۾ سيني کي بک مرندي ڏسي ڪِلان ٿو!''

''بس، نرمل!''

''ڇو ته روئي نٿو سگهان!''

''نرمل، تون ڇريو ٿي پيو آهين!''

''نوڪري نٿي ملي!''

.... چپ.

''دادي!''

''ڇئه.''

''نوڪري نه ملندي.''

''ڇو؟''

''اَڄ هندستان ۾ ڇريا (بيروزگار) وڌي ويا آهن!''

''تنهنجو مطلب؟''

''هندستان ۾ ڇرين جون اسپتالون ٿوريون؟''

''تون سچ پچ ڇريو آهين!''

''اسپتال ۾ جڳهه ڇو نٿي ملي!''

.... چپ.

('خودڪشي')

# اَملهه ماڻڪ

## ✍ مرزا قليچ بيگ

- وارن جي وئي ڪارنهن، هشيار ٿيڻ گهرجي، ٿيو صبح اَڇي روشن، بيدار ٿيڻ گهرجي.
- ڇڱو ساز ۽ ڇڱو آواز هرهڪ ڏار موهي دل، جڏهن بئي گڏ ٿين، ڪم شوق وارن جو ٿئي مشڪل.
- بچين دوزخ ڪان، ٿي جڀ جو نِگهبان، جو هن جڳ ۾ زبان آهي وڏو زيان.
- زباني حرف روڪيان شرم ڪان آءٌ، ڪريان ڪيئن منع منهن جي گفتگوءَ کي.
- ميه پرستن جا آهيون دوست اَسين، دشمن آهيون ته خود پرستن جا.
- اَدني مان نقص پهچي ڪو اَعليٰ جي شان کي، دونهي مان داغ ڪين لڳي آسمان کي.
- عورت، جي مرد کي نه هجي ها نوشت ۾، آدم به بيقرار هجي ها بهشت ۾.
- پسند آهي مونکي آرسيءَ جي هوشياري، اَڇي سان آهي اَڇي اوءَ ۽ ڪاري سان ڪاري.

# منوهر نِهالاڻي

## ✍ هري دلگير

شرميلو، مُک تي مُرڪ، سنو دوست ۽ هڪ شريف اِنسان، اهي ڪجهه پهلوُ آهن منوهر نِهالاڻيءَ جي شخصيت جا پر هوُ اَديب به اَهڙو جهڙو ناهي، هوُ جيڪي ڪجهه لکي، سو پاڻ پلٽي لکندو آهي. سندس ويچار سيني سڄاڳ پاڪن جو ڏيان ڇڪائيندا آهن ۽ سوچڻ لاءِ مجبور ڪندا آهن. سندس ڪتاب 'سنڌي ساهت جا ستارا'، جنهن ۾ هُن مرڪزي ساهتيه اَڪادميءَ جي انعام ڪٽندڙن سرهن ساهتيڪارن جي رچنائن جي چند چاڻ ڪئي آهي ۽ پڻ سندن شخصي جيون تي روشني وِڌي آهي، هڪ اَهڙو ڪتاب آهي، جيڪو ڪاليجن جي لائبررين ۾ ريفرنس ڪتاب طور ڪتب ايندو آهي ۽ هُن جو نالو مشهور ڪري ڇڏيو آهي. ويهارو سالن ڪان وني، منوهر پاڻ کي قلم جو سپاهي بڻائي، ٻارهن ڪتاب لکي ڇڪو آهي، اَدبي ميدان ۾ سدائين اَڳتي وڌندو رهيو آهي. هن ڪيترين ايڪانڪيون لکيون آهن ۽ برجستو ڪهاڻيڪار به آهي. کيس ڪيترا اِنعام ملي ڇڪا آهن جن ۾ ڀارت سرڪار جي تعليمي کاتي جو انعام به شامل آهي.

كهاڻي -

# نوٽ بڪ / ڊائريءَ منجهان

ماڻڪ

بي معنيٰ زندگي ... هڪ چرئي جو خواب، خواب ڏٺو هو تہ ... سڀ ڪجھ بڪواس ... بڪواس ... بيڪار.

سمجھ ۾ نٿو اَچي تہ ڇا ڪيان؟ منهنجي وس ۾ جو ڪجھ آهي ڪيان ٿو. نہ چاهيندي بہ ڪيان ٿو، اِنٽرويو. وڏيرن وٽ. آفيس ۾ جُتي انتهائي ذليل ٿيڻو پوي ٿو، وڃان ٿو ... پوءِ بہ ...

پاڙي ۾ رات هڪ پوڙهو مري ويو. ٻڌندي اوچتو پيانڪ خيال آيم : بابا مري و .....

وڏي پٽ جي حيثيت سان ... گھر جو بار، سڄو جسم ڪانڊارجي ويم ۽ پنهنجو وجود (مناسب لفظ ذهن تي نٿا اَچن، جيڪي انهيءَ گھڙي اَحساس جو اِظهار ڪن.) دل چيو : جيڪر چريو ٿي وڃان. چرئي ٿيڻ ۾ زبردست ڇوٽڪارو آهي. نجات آهي ... ڪاش! چريو ٿي وڃان.

نوٽ بڪ نہ هو هڪ پراڻي، وقت گذريل (Out of Date) ڊائري هئي، جنهن ۾ ضابطي ۽ قاعدي پٽاندڙ، جيئن روزاني ڊائري لکبي آهي، لکيل نہ هئي. بس، ڪڏهن ڪڏهن جا تاثر، رد عمل يا ٻيو ڪجھ ... جن مان ڪن تي تاريخون لکيل هيون ۽ ڪن تي ڪجھ بہ نہ.

سمجھ ۾ نٿو اَچي تہ مان زندھ ڇو آهيان.

ڊاڻ. ليڪا. ٻہ نندا نهيل ۽ ڪنڊائتو لکيل : ڪيڏو نہ بي چين، بي سکو آهيان. ڪاش! اها جاءِ ملي جتي اوچنگارون ڏئي روئي سگھان.

بابا گھٽ وڌ ڳالهايو.

سوچيم : اَڳي ڪجھ ٿورو ڇوندو هو تہ ورجائيندو هومانس ۽ هاڻي! اِئين خاموش، چپ، بي حسو ڇو ٿو رهان! ڇون ٿا نڪ ڪونهيس. واقعي اِئين آهي؟ مونکي ڪجھ ڇو نٿو ٿئي!

منهنجو اَندر، اَحساس، زندگيءَ جو جوهر ۽ وجود جو اَحساس ۽ ’مان‘ ... سڀ ڪجھ مري ويا آهن. مروڙجي ويا آهن.

سڄو ڏينهن هلي هلي، بابا جي لفظن ۾، رلي پني ٿڪجي آيس. سوچيم : جيڪڏهن اَڄ بابا ڪجھ چيو تہ سامهون ٿيندومانس. پر هن ڪجھ بہ نہ چيو. موڊ ۾ هو. ماني کانہ کاڌم. سڄو ڏينهن کانہ کاڌي هيم. ڪاوڙ يا تيسي جي ڪري نہ، سڄ پچ بک کانہ لڳي. بک مري وئي آهي. پيار ۽ همدردي منجهان سمجهايائين : ”پٽ، وڏيرن جي حڪومت آهي، اَسان غريبن کي ذليل ٿيڻو ئي پوي ٿو. نااُميد نہ ٿيءُ ...“ مونکي شرم محسوس ٿيڻ لڳو. جڻ ڳرو ڏوھ ڪيو هجيم. دل چيو : بابا اهو همدردي ۽ پيار وارو ورتاءُ ڇڏي، دڙڪا، گاريون ڏئي، ٺڪون هڻي، بجا ڏئي، لتون ....

وڏيري ... وٽ درخواست کڻي ويس، هو پيپلز پارٽيءَ جو اَهم عهديدار آهي. وينو رهيس. لوسي ڪتي وانگر، لوسي بڻيو ... پاڻ کي ڪيڏو ذليل، ڪِريل ۽ گندي نالي جو ڪيڙو، بي غيرت، بڪاري محسوس ڪيم.

يا خودڪشي ڪرڻ گهرجي يا بغاوت ... خيال ... خيال ... هيءَ بہ ڪا زندگي آهي؟

ڇا نوڪري ڪرڻ ضروري آهي؟

نيٺ ڇو؟

جيئڻ لاءِ!

پر ڏاڙيل بڻجي بہ جي سگھجي ٿو. چور، ٺڳ بڻجي بہ جي سگھجي ٿو.

..... ..... .....

..... ..... .....

گھر ۾ ماتم، روڄ، راڙو، پاڙي ۾ اَفسوس ۽ ڏک.

ڪيڏو شريف ۽ پيارو هو.

خاموش نيڪ طبع. سلڇڻو.

زندگيءَ ۾ ويچاري ڇا ڏٺو، نوجوانيءَ ۾ ئي.

هڙا سدورا، سڀاجهرا وري ڪٿي ڄمن.

(’خودڪشي‘)

✍ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي

# (۱) نالندا جو وشو ودياليہ (يونيورسٽي)

هندستان ۾ اُتر اُڀرندي طرف گنگا نديءَ واريءَ ماٿر ۾ بهار نالي ديس آهي، تنهنجي پاٽنا ضلعي ۾ راجڳڙھ جهونو شهر آهي. انهيءَ شهر جي اُتر پاسي، اٽڪل ڇئن ڪوهن جي پنڌ تي، بارگانءُ جو ننڍڙو ڳوٺ آهي، اُتي آڳاٽي سمي ۾ ٻُڌ ڌرم وارن جوهڪ ناليرو وشو ودياليہ هوندو هو، جنهنکي ’نالندا‘ ڪري سڏيندا هئا. گوتم ٻڌ جي پرلوڪ پڌارڻ کان ٿورو وقت اَڳي سندس ششن مان پنج سؤ کن واپارين پاڻ ۾ ڦوڙي ڪري، اهو باغ ڳنهي، پنهنجي سواميءَ کي ڀيٽا ڪري ڏنو. چون ٿا تہ گوتم ٻڌ اها ڀيٽا قبول ڪئي؛ ۽ ٻہ-ٽي مهنا انهيءَ آستان تي رهي، وڻجارن کي اُپديش ڪيو. بس، انهيءَ وقت کان وٺي انهيءَ آستان جي اوڄجا ڏينهن آيا. گوتم ٻڌ پاڻ تہ گُذاري ويو، پر سندس پوئلڳ پنجن راجائن پيڙهيءَ بہ پيڙهيءَ انهيءَ پوتر آستان تي عاليشان عمارتون اَڏايون، مڙهيون ۽ مندر جوڙايا، ۽ ٻاوَن ۽ ٻکشن جي آجيوڪا لاءِ لاڳيتون جايون ۽ جاگيرون اَرپڻ ڪيون. اَهڙيءَ ريت هو آستان ويو اوج کي رسندو، تان جو عيسوي ستين صديءَ ڌاري هڪ وڏو ڀارو وشو ودياليہ ٻڻجي پيو؛ ۽ ٻڌ ڌرم ۽ سڀيتا جو دنيا ۾ مکيہ مرڪز ليکجڻ لڳو. هتان دنيا جي جدا جدا ڀاڱن ۾، خصوصا چين ۽ تبيت ڏي، ٻڌ ڌرم جي ڦهلاءَ لاءِ نام-ڪنيا اُپديشڪ موڪليا ويندا هئا، ۽ ڪٿان ڪٿان جا ياترِي هن وشو ودياليہ ۾ ٻڌ متانتر جي اَڀياس لاءِ وڏي تعداد ۾ ايندا هئا.

ياترين مان هڪ چيني ياترِي هيان شانگ ٻڌ ڌرم جي اَڀياس ڪرڻ لاءِ اُتي آيو هو. سفر ۾ پريا ست ورهيہ لڳي ويس. واٽ تي ڏک ڏاڪڙا بہ گهڻيئي ڏٺائين. چوي ٿو تہ جڏهن نالندا ۾ اَچي پهتس، تڏهن درد دل تان دور ٿي ويم، ۽ اِئين پئي ڄاتم تہ ڪنهن شانتي نڪيتن ۾ اَچي پهتو آهيان. هتي مونکي وڏي آجيان ملي. شهر جي عاليشان عمارتن ۽ ڪاريگريءَ جي ڪمن جو نهايت عمدو بيان ڏنو اَٿس. پنهنجي سفرنامي ۾ لکي ٿو تہ اولهہ پاسي کان هڪ مکيہ لنگهہ آهي، تنهنجيمٿان هڪ ايڏو اونچو نلهہ نهيل آهي جوان جي چوٽيءَ ڏي نهارجي تہ مٿو ئي ڦِريو وڃي. حاطي اَندر بيشمار مڙهيون ۽ مندر آهن، جن مان ڪن جي چوڌاري ڀانت ڀانت جي وڻن جا جهڳٽا لڳا پيا آهن. ڪن جي آسپاس اها گلڪاري گلزار آهي، جنهن جي ڏٺي دل بهار بهار ٿيو وڃي. ڪي مڙهيون ۽ مندر آئيني جهڙي اوجل پاڻيءَ جي چشمن ڀرسان اَڏيل آهن. چشمن ۾ نيلوفر ۽ سون ورنا گل اها جهڳمڳہ لايو بيٺا آهن، جو اُنهن جي ڏٺي دل پاٽمرادو کينچجيو وڃي.

جنهن اَصلوڪي اَنب جي وڻ هيٺ ويهي، گوتم ٻڌ وڻجارن کي اُپديش ڪندو هو، تنهن هنڌ هڪ ڀارو آهي، جنهنجي چوٽي آسمان سان پيئي لڳي. ڀاري جي ڀر ۾ گوتم ٻڌ جو هڪ ٽامي جو شاهي پتلو اسٽاپن ٿيل آهي، جو لنبائيءَ ۾ اَسِي فوٽ ٿيندو. انهيءَ پتلي جي مٿان وري ڇهہ ماڙ اَڏيل آهي! ٿورو پريرو اَٺ صُفا آهن، سي بہ ايڏا وڏا جو هرهڪ ۾ ٽي سؤ ماڻهو آسانيءَ سان سمائجي سگهن! انهن صُفن ۾ رواجي روزمره جي پوڄا پشٽا ٿيندي آهي. ٻاوَن ۽ ٻکشن لاءِ هڪ سؤ ودياگهر بہ آهن؛ تن کانسواءِ ڪتب خانا، توشا خانا، رنڌڻا ۽ وٿاڻ وغيره آهن. آچارين، ششن ۽ مهمانن جي رهڻ لاءِ جدا جدا ڪمرا آهن، جي ڏھ هزار کن ٿيندا!

